# سنڌي ٻوليءَ لپيءَ جو علمي اڀياس

مرتب

ڊاڪٽر محمد علي مانجهي

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

# سنڌي ٻوليءَ ۽ لپيءَ جو علمي اڀياس

مرتب

ڊاڪٽر محمد علي مانجهي

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

حيدرآباد، سنڌ

2022ع

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| ناشر پاران | | 5 |
| مقدمو | | 7 |
| 1. سنڌي ٻولي ۽ اکر | چوهڙمل هندوجا | 15 |
| 2. عربي سنڌي لپيءَ جو مسئلو | تيرٿ وسنت | 22 |
| 3. سنڌي ٻوليءَ جي لپي ڪهڙي | ٽي. بي واڌواڻي | 32 |
| 4. عربي سنڌي لپي ڇو ضروري آهي | سنڌي ٻولي ۽ لپيءَ ڪاميٽي | 67 |
| 5. لپيءَ جو سوال اٿاريندڙ سنڌي جاتيءَ جا دشمن | آنند ڪيماڻي | 86 |
| 6. سنڌي ٻوليءَ جا مٽ گهرا | ارجن سڪايل | 93 |
| 7. اسين آخر ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيون | سلامت راءِ گراماڻي | 95 |
| 8. ڀن ڀن ويچار | مذڪوره آس | 101 |
| 9. سنڌي ساهتيہ جي ڪماليت ۽ زواليت | ڪمل ”پياسي“ | 108 |
| 10. سنڌي ٻوليءَ کان سواءِ سنڌي سماج اوندهہ ۾ | ليڇمڻ خوشحالاڻي ”شڪاري“ | 112 |
| 11. سنڌي ٻوليءَ جو آئيندو | هريش واسواڻي | 115 |
| 12. سنڌي جاتيءَ جو سنڌي لپيءَ لاءِ ووٽ | پوپٽي هيراننداڻي | 135 |
| 13. راڄڌانيءَ ۾ آل انڊيا سنڌي ٻولي ڪنوينشن | ليڇمڻ خوبچنداڻي | 141 |
| 14. اکل ڀارت سنڌي ٻولي ڪنوينشن | | 148 |
| 15. سنڌي ٻوليءَ کي تسليم ڪرڻ لاءِ ڪي ڪوششون | پروفيسر ڪي. اين واسواڻي | 168 |
| 16. سنڌي جاتي زنده ڪيئن ٿي رهي سگهي؟ | لکمي کلاڻي | 178 |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 17. | سنڌي ٻوليءَ جي عربي لپي | منو تولارام گدواڻي | 199 |
| 18. | عربي سنڌي لپي | موتيرام ايس رامواڻي | 208 |
| 19. | سنڌي ٻوليءَ جي پنهنجي اصلوڪي لپيءَ کي بحال ڪرڻ گهرجي | پريم تنواڻي | 212 |
| 20. | واڻيڪي: هڪ وسريل سنڌي لپي | راڪيش لکاڻي | 216 |
| 21. | سنڌي ٻوليءَ جي لپيءَ جو اتهاس | قيمتمل هريسنگهاڻي | 223 |
| 22. | سنڌي ٻوليءَ جي عربي آئيوٽا | چيتن ماڙيوالا | 233 |
| 23. | هندن جون لپيون | مورمل چينداس 'ٻيوطن' | 239 |
| 24. | سنڌي زبان ۽ ادب تي سرسري نظر | ڪلياڻ آڏواڻي | 242 |
| 25. | ڀارت ۾ سنڌي ٻولي | ڊاڪٽر ڄيٺو لالواڻي | 251 |
| 26. | سنڌو ماتريءَ جي لپي عرف سنڌي لپي | سيتل لاورما | 257 |
| 27. | Forgotten Sindhi Script-Waranki | Rakesh Lakhani | 262 |

# ناشر پاران

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي قيام کان وٺي مختلف وقتن تي هن اداري جيڪي ڪم ڪيا آهن، انهن ۾ ٻوليءَ جي حوالي سان تمام اهم ڪم ٿيا آهن. خاص طور سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان مختلف موضوعن تي ٻن درجنن جيترا ڪتاب ڇپرائي پڌرا ڪيا ويا. جن ۾ مختلف لهجن، لسانيات، ٻوليءَ جي تاريخ، صوتيات ۽ لنگئافون جا ڪتاب شامل آهن ۽ گڏو گڏ سنڌي ٻوليءَ جي سکيا لاءِ بہ ڪتاب آندا ويا.

هڪ پاسو سنڌي ٻوليءَ جي لکت يعني ’سنڌو لکت‘ جو هو، جنهن تي اڌ درجن کن ڪتاب آندا ويا آهن تہ جيئن مهين جي دڙي کان بہ اڳ پنهنجي سنڌي ٻوليءَ جا پيرا کڻي، ڪڙي ڪڙيءَ سان ملائجي تہ جيئن سنڌي ٻوليءَ جي قدامت ۽ ماهيت جو رڪارڊ محفوظ ڪري سگهجي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا بہ معلوم ٿي سگهي. تازو عطا محمد ڀنڀري جو ترجمو ڪيل ڪتاب ’سنڌو لکت جي پاڄ ۾ روسي ماهرن جا مقالا‘ بہ ڇپائي پڌرو ڪيو ويو آهي.

ٻيو پاسو انهن مضمونن ۽ مقالن سهيڙڻ جو آهي، جنهن هيٺ بہ هڪ درجن کن ڪتاب تيار ڪري ڇپرايا ويا آهن تہ جيئن سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان تحقيق ڪندڙن کي هڪ هنڌ اهو سمورو مواد مهيا ڪري ڏجي، جيڪو مختلف رسالن ۽ تحقيقي جرنلن ۾ ڇڙوڇڙ هو. هيءُ ڪتاب بہ انهيءَ سلسلي ۾ هڪ واڌارو آهي، جنهن ۾ تقريباً اهي مضمون آندا ويا آهن،

جيڪي مشڪل سان سنڌ ۾ ڪنهن ٻئي هنڌ ڇپيل هجن. هن سهيڙ جو مقصد سنڌي ٻوليءَ جي محققن لاءِ حوالاجاتي مواد مهيا ڪري ڏيڻ آهي. هيءُ مضمون هندستان جي پس منظر ۾ لکيل آهن، جتي سنڌي ٻوليءَ جي سماجي ڪارج، بقا ۽ لپيءَ جي مستقبل لاءِ ان وقت بحث مباحثا هلندڙ هئا. جڏهن وڏي تعداد ۾ سنڌ جي شهرن مان سنڌي هندو لڏي هندستان ويا ۽ پنهنجي وجود جي بقا ۽ بچاءِ ڪان سواءِ ڪين پنهنجي ٻوليءَ جي مستقبل جو بہ اونو ٿيو.

هيءُ ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي اڳوڻي چيئرمئن ڊاڪٽر محمد علي مانجهيءَ ترتيب ڏنو آهي. ڊاڪٽر محمد علي مانجهي هڪ نامور عالم ۽ سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جو گهڻ طرفو اڀياس رکندڙ آهي. سندس سهيڙيل هي مضمون سنڌي ٻوليءَ جي ڪيترن ئي اهم پاسن تي روشني وجهن ٿا. اميد تہ سنڌي ٻوليءَ سان چاهہ رکندڙ سنڌ ۔ هند ۾ سنڌي ٻوليءَ سان لاڳاپيل اهم معاملن کي بحث هيٺ آڻيندڙ هن ڪتاب ۾ موجود مضمونن مان لاڀ حاصل ڪندا.

21 ڊسمبر، 2022 — ڊاڪٽر اسحاق سميجو

حيدرآباد سنڌ — چيئرمئن

# مقدمو

سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان سنڌ توڙي هند ۾ مختلف حوالن سان بحث ٿيندا رهيا آهن. هيءُ ڪتاب ’سنڌي ٻولي ۽ لپيءَ جو علمي اڀياس‘ جنهن ۾ شامل مضمونن ۾ لکڻين جو مک نڪتو هند ۾ سنڌي ٻوليءَ جي سرڪاري حيثيت تسليم ڪرائڻ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي نئين لپيءَ جو فيصلو ڪرڻ آهي. سنڌ مان سنڌي هندو جڏهن هندستان هليا ويا، تڏهن انيڪ سماجي ۽ معاشي مسئلن سان گڏوگڏ وڏو مسئلو ٻوليءَ جي بقا جو به محسوس ڪيو ويو ۽ خاص ڪري هتان جيڪي مختلف اسڪولن ۾ پڙهندڙ ٻار اتي ويا، انهن لاءِ هيڪاري مونجهه پيدا ٿي ته، جيڪو ٻار سنڌ ۾، فرض ڪريو ته پنجين درجي جي ڪلاس ۾ سنڌي ٻولي ذريعي تعليم حاصل ڪري رهيو هو ان لاءِ ۽ اهڙن ٻين هزارين مختلف درجن جي شاگردن لاءِ ڪهڙي ٻوليءَ ۾ تعليم جاري رکجي؟ جنهن جنهن پرڳڻي ۽ شهر ۾ ڳچ تعداد ۾ سنڌي وڃي وسيا، تن لاءِ ڪي قدر آسان هو جو انهن لاءِ هڪ هنڌ سنڌي اسڪول قائم ڪرڻ ۽ استادن جو بندوبست ڪرڻ سولو ٿي پيو. پر جن جن پرڳڻن ۾ ٿوري تعداد ۾ سنڌي وسايا ويا، اتي جي ماڻهن لاءِ وڏو مسئلو هو ته سندن ٻار پنهنجي مادري ٻولي سنڌيءَ ۾ ڪيئن تعليم حاصل ڪن؟ جيئن ته ان وقت تائين اتي جي آئين ۾ سنڌي ٻوليءَ کي ورنيڪيولر ٻولين جي فهرست ۾ اجا نه آندو ويو هو. تنهنڪري سرڪار طرفان به سنڌي ٻوليءَ ۾ تعليمي سرگرمين لاءِ فنڊ مهيا ڪرڻ ممڪن نه هو.

شروع ۾ سنڌي ماڻهن پنهنجي سر سنڌيءَ جا نوان درسي ڪتاب ڇپرايا، پر اسڪول جون عمارتون ۽ استادن جي پگهارن لاءِ وري به سرڪاري سرپرستي گهربل هئي، جيڪا پڻ وقتي طور هنن پاڻ تي کنئي. مرڪزي هند سرڪار آئين ۾ جن مختلف پرڳڻن جي 14 ٻولين کي ورنيڪيولر ٻوليون تسليم ڪندي، انهن ٻولين جي ترويج ۽ تعليم جي ذريعي طور انهن جي استعمال، درسي ڪتاب، استاد ۽ اسڪول وغيره جي

حق کي تسليم ڪيو هو. انهن ٻولين ۾ سنڌي ٻولي ويهن سالن کان پوءِ شامل ٿي سگهي هئي.

ٻوليءَ جي حوالي سان هن ۾ رهندڙ سنڌيءَ ماڻهو هڪ ئي وقت ٻن مسئلن کي منهن ڏئي رهيا هئا. هڪ آئيني حق نہ ملڻ جو مسئلو ۽ ٻيو اهم مسئلو جيڪو اتي وڃڻ کان پوءِ پيدا ٿيو سو ٻوليءَ جي لکت يعني آئيوِنا جو هو. جيئن تہ هندستان جون سموريون ٻوليون سواءِ اردو ۽ ڪشميريءَ جي سڀ جون سڀ ديوناگريءَ ۾ لکيون ٿي ويون ۽ ڪن سنڌين جو اهو ويچار بہ هو تہ هندستان جي سنڌين کي پنهنجي سنڌي ٻولي ديوناگري لپيءَ ۾ لکڻ گهرجي. سنڌي جاتي انهن ٻنهي مسئلن کي هڪ ئي وقت منهن پئي ڏنو. مختلف سميلن، ليک ۽ تقريرون هڪٻئي کي مڃائڻ ۽ سرڪار کي سمجهائڻ ۾ ڪافي وقت لڳو. لڳ ڀڳ ويهن سالن ۾ جيڪي مضمون ڇپيا، اهي پڙهڻ جهڙا آهن. 1 ڊسمبر 1957ع تي ’جاڳرتي‘ رسالي ۾ پروفيسر ڪي. اين. واسواڻيءَ جو هڪ ليک ’سنڌي رهندا ۽ سنڌي رهندي‘ عنوان سان ڇپيو. جيڪو انهيءَ سڄي ماحول جي عڪاسي ڪري ٿو. هو لکي ٿو تہ:
”سنڌي ٻوليءَ جو ڀارت جي وڌان (آئين) ۾ نالو نشان ڪونهي. ڇو ته اها ٻولي ڪو نہ وِڌي ويئي آهي. جو ڀارت ۾ ڪو بہ (زمين جو) ٽڪرو ڪونهي. جنهن جا رهندڙ اِها ٻولي ڳالهائيندا هجن. سنڌي 15 لک آهن. پر ڪشمير کان ڪنيا ڪماريءَ تائين، بمبئي کان بنگال تائين هر پرانت (صوبي)، هر شهر ۾ دُور دُور پکڙيل آهن. ان لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي ٻل (قرباني) چاڙهي وئي“.
يعني سنڌين کي ڪا آس اميد ڏهن سالن کان پوءِ بہ نظر نہ پئي آئي تہ ڪو سنڌي ٻوليءَ کي آئين ۾ تسليمي ملندي. پر جي تسليمي ملي بہ تہ ڪهڙي لپيءَ واري سنڌيءَ کي؟ ۽ هند جي مرڪزي سرڪار بہ چاهيو پئي تہ سنڌي ٻوليءَ لاءِ ديوناگري خط ئي تسليم ڪيو وڃي ۽ ٿيو بہ ائين جو جڏهن سنڌي ٻوليءَ کي آئين ۾ 15 ٻوليءَ طور ورنيڪيولر ٻولين جي فهرست ۾ شامل ڪيو ويو تہ ان ۾ واضع لکيو ويو تہ سنڌي ٻولي (ديوناگري) کي ورنيڪيولر ٻولي

تسليم ڪيو وڃي ٿو. جيئن ذڪر ٿيو تہ لپيءَ جي مسئلي تي ويچار ۽ ويچا وڌندا ويا، پاڻ ۾ اختلاف چوٽ چڙهيل هئا. سنڌي ٻوليءَ جي رواجي لکت يعني عربي سنڌي لپيءَ جي حامي تيرٿ وسنت ”آل انڊيا سنڌي ٻولي ڪنوينشن“ دهلي ۾ پنهنجو هڪ ڀرپور مقالو پڙهيو هو اهو سنڌي ٻوليءَ جي عربي لپيءَ جي حمايت ۾ هو. جيڪو سڄي جو سڄو هن ڪتاب ۾ شامل ڪيل آهي. هن ان انومان کي رد ڪيو آهي تہ موجوده سنڌيءَ جي لپيءَ جي شروعات ڪا مخدوم ابوالحسن کان ٿي. هو پنهنجي مقالي ۾ لکي ٿو تہ: ”سنڌي ٻوليءَ جي عربي لپيءَ ۾ لکڻ لاءِ جو چيو وڃي ٿو تہ 1700ع ۾ مولوي ابوالحسن ٺٽوي شروعات ڪئي، تنهن راءِ کي بہ وزن نہ آهي. اسان وٽ تيرهين کان سترهين صديءَ تائين سنڌين جا پارسيءَ ۾ دستخط موجود آهن، چاڪاڻ تہ ان وقت پارسي درٻار جي ٻولي هئي. ڇا ائين آهي تہ اهي چار صديون سنڌي پارسيءَ جا ڄاڻو هوندي بہ اهڙا ڳُنڊ فهم هئا، جو پنهنجي ٻوليءَ جي هڪ سٽ بہ انهيءَ لپيءَ ۾ لکي نٿي سگهيا“. ظاهر آهي تہ ائين نہ هوندو، فطري طور بہ ائين ممڪن نہ آهي تہ ان وقت جي عالمن فارسي ۽ عربيءَ ۾ تہ ڪتاب لکيا هجن، پر پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڪا سٽ نہ سرجي هجي.

هن ڪتاب ۾ ڏنل مضمونن ۾ اهڙا بہ ٻيا ڪيترائي دليل ڏنل آهن، جنهن سان خالص ٻوليءَ جهڙي مسئلي ۾ ڪنهن ڌرمي يا مذهبي سوچ سان سلهاڙيل هئڻ جي جهلڪ بہ جهلڪي ٿي، پر مطالعي مان معلوم ٿيندو تہ ڪن ساهتڪارن اهڙي سوچ کان ٻاهر نڪري، صرف علمي بنيادن تي سنڌي لپيءَ تي بحث ڪيا آهن. هنن مضمونن ۾ لڇمڻ خوشحالاڻي ’شڪاري‘ جو مضمون ’سنڌي ٻوليءَ کانسواءِ سنڌي سماج اوندهہ ۾‘ شامل آهي، جنهن ۾ هن عام پر وزنائتا دليل ڏنا آهن تہ سنڌي لپيءَ کي صرف سنڌي لپي ئي چيو وڃي، ان کي عربي لپي چئي نيڪالي نٿي ڏئي سگهجي. هو لکي ٿو تہ: ”هينئرڪي اهڙا خود مطلبي بزرگ ۽ ليڊر پنهنجي سنڌي

لپيءَ جي برخلاف وجي رهيا آهن ۽ ديوناگريءَ جو پاسو وٺي رهيا آهن، اهڙا سنڌي، سنڌي جاتيءَ جا ڪٽر دشمن آهن، جي پنهنجي مِٽي لپيءَ جي پٺيءَ ۾ کهاڙو هڻي رهيا آهن... ڏُک جي ڳالهہ آهي تہ پنهنجي مطلب خاطر سنڌي لپيءَ جي خلاف ڳالهائي رهيا آهن ۽ ٻين کي گمراهہ ڪري رهيا آهن“.

هندستان ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بقا لاءِ اهي فيصلائتا ڏينهن هئا، جن جي بنياد تي اتي سنڌي ٻوليءَ کي اڳتي هلڻو هو. لپي تہ پوءِ بہ ٻئي نمبر تي بحث هيٺ هئي، لڇمڻ جي انهيءَ مضمون ۽ ڪن ٻين مضمونن مان اِها ڄاڻ بہ ملي ٿي تہ ان وقت سنڌين ۾ ڪو هڪ گروهہ اهڙو بہ اڀريو هو، جنهن جو خيال هو تہ هاڻ سنڌي ٻوليءَ کي ئي ڇڏي ڏجي ۽ ان جي جاءِ تي ’هندي‘ کي پنهنجو ڪجي. اهڙي جهلڪ ڏيکاريندي لڇمڻ لکي ٿو تہ ”ڏُک جي ڳالهہ آهي جو هندستان ۾ اڄڻ کان پوءِ ڪن سنڌين جي خيالات ۾ اُها ئي رٽ وينل آهي تہ سنڌ ڇڏيسين، سو هاڻي سنڌيءَ جي ڪهڙي ضرورت آهي ۽ سنڌي ڪهڙي ڪم ايندي؟“ ڪجهہ اهڙا ويچار لکمي ڪلاڻي بہ پنهنجي مضمون ’جاتي زندهہ ڪيئن ٿي رهي سگهي؟‘ ۾ ظاهر ڪيا آهن، هندستان جي امير سنڌي طبقي جي پنهنجي ٻولي ۽ ثقافت کان ٻي رخي تي ڳوڙها ڳاڙيندي هو مڊل ڪلاس يعني وچين طبقي جي ماڻهن جي ٻولي ۽ ثقافت ڏانهن چاهنا جو ذڪر ڪندي لکي ٿو تہ: ”وچولي درجي وارا ڪئمپن، ڪالونين ۽ ننڍن شهرن ۾ رهندڙ سنڌي بہ وڏن شهرن ۾ جلد شاهوڪار ٿي ويل سنڌين سان ريس پچائي، ڏينهن رات پئسو ڪمائڻ لاءِ ڳهجي رهيا آهن، ٿورو پئسو ايندي ئي سڀ کان اول پنهنجي ٻارن کي سنڌي اسڪولن مان ڪڍي، انگريزي اسڪولن ۾ داخل ڪن ٿا... پنهنجو نالو بہ شهر جي شاهوڪار ’ماڊرن‘ سنڌين جي فهرست ۾ درج ڪرائين ٿا. انهن ’ماڊرن سنڌين‘ کي پوءِ هر ان شيءِ کان نفرت آهي، جنهن تي ’سنڌي‘ ليبل لڳل آهي.“ هي لڳ ڀڳ اُها ئي صورتحال آهي، جنهن کي سنڌي جاتي هن وقت

سنڌ ۾ منهن ڏئي رهي آهي.

هنن مضمونن ۾ اهڙا مضمون بہ شامل ڪيا ويا آهن، جيڪي سنڌي ٻولي کي ديوناگري خط ۾ لکڻ جي حمايت ۾ لکيل آهن. هن ڏس ۾ موتيرام ايس. راسواڻي جو مضمون ’عربي سنڌي لپي غير سياويڪ ۽ غير وگيانڪ‘ پڙهڻ جهڙو آهي، جنهن ۾ هن ديوناگريءَ جي ڀرپور پٺڀرائي ڪئي آهي ۽ ڪن عالمن جا حوالا بہ آندا اٿس. ڀيرو مل مهرچند آڏواڻي جي حوالي سان لکي ٿو تہ ”لپي يا آئيوڻا ناهڻ لاءِ ڀرين ۽ مکيہ ڳالهہ هي آهي، ورڻ ملا (آئيوڻا) جا سڀ اکر پوريءَ ترتيب سان بيهارجن. مثال لاءِ ديوناگري آئيوڻا ڏسو جنهن ۾ ڀريان ڪنٺ ۽ نڙيءَ جي اُچار وارا، پوءِ تارونءَ جي اُچار وارا، پوءِ جڀ، ڏندن ۽ چپن جي اُچار وارا اکر آهن. اِنسان، جيڪي اکر وات مان ڪڍي ٿو، تن جا اُچار اُهي ئي واٽون وٺي، ٻاهر نڪرن ٿا. تنهنڪري چئبو تہ ديوناگري آئيوڻا بلڪل ’سائنٽيفڪ‘ يا وگيانڪ ريت ٺهيل آهي.“

موتيرام ايس. واسواڻيءَ جي برعڪس راڪيش لڪاڻي سنڌي عربي آئيوڻا جي مخالفت تہ ڪري ٿو پر هو ديوناگري بجاءِ واڻڪي يعني خداوادي کي نج سنڌي لپي ڪوٺي ٿو ۽ ان بابت دليل ڏيندي پنهنجي مضمون ’واڻڪي: هڪ وسري ويل سنڌي لپي‘ ۾ انهي لپيءَ جي وڪالت ڪري ٿو. هو پنهنجي مضمون ۾ لکي ٿو تہ ”جيڪر اسين سنڌي واڻڪي اپنايون ها، تہ شايد هندو سنڌين لاءِ گهٽ ۾گهٽ اهي لپيءَ جا وڳوڙ هميشہ لاءِ نبري وڃن ها. اسين چئي سگهون ها تہ واڻڪي ئي اصلوڪي سنڌي لپي آهي، پر افسوس اهو ممڪن ٿي ڪين سگهيو.“

راڪيش جي راءِ سان ڪنهن حد تائين پريم تنواڻي بہ سهمت آهي، پر هو لپيءَ جي حوالي سان بہ ٻڌي ۽ ايڪتا جو قائل آهي تہ جيئن سنڌي ٻولي گهٽ ۾ گهٽ ورڇجي نہ وڃي. هو ٻوليءَ جي حوالي سان

هاڪاري راءِ ڏيندي، پنهنجي مضمون ’سنڌي ٻوليءَ جي پنهنجي اصلوڪي لپيءَ کي بحال ٿيڻ گهرجي‘ ۾ لکي ٿو تہ: ”سنڌي (ٻولي) ختم ٿيڻ بدران هڪ عام ٻولي ٿيڻ وڃي رهي آهي، عربي ۽ فارسيءَ جا لفظ، سنڌيءَ پنهنجا ڪري ڇڏيا آهن ۽ اهي مختلف شڪليون مٿائي استعمال ۾ آهن، جيڪي هاڻ نڪرندا بہ ڏکيءَ ريت، نہ نڪرن تہ بهتر آهي، باقي سنڌيءَ جي ڪاٻي پاسي واري لکت، سو بہ جيڪڏهن سڀ سنڌي ان تي متفق هجن تہ واپس ورائي وڃي“ پريم تنواڻي پنهنجي آس ۽ اميد ان حد تائين ڪڍي ويو آهي، جو لکي ٿو تہ ”.... 1852ع کان پهريان سنڌي بہ کاٻي پاسي کان ديوناگري لپيءَ ۾ لکي ويندي هئي، جنهن کي هاڻ ٻيهر ورائي آڻجي تہ جيئن سنڌي ٻوليءَ جي پنهنجي عالمي نرالي سڃاڻپ بحال ٿي سگهي ۽ گڏوگڏ اِها گڏيل قومن جي پنجن سرڪاري ٻولين ۾ ڇهين سرڪاري ٻوليءَ طور پڻ شامل ٿي سگهي.“

موضوع جي مناسبت سان هن ڪتاب ۾ انگريزيءَ ۾ لکيل ڪجهہ مضمون پڻ شامل ڪيا ويا آهن. ڪوشش اِها ڪئي وئي آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي مختلف پهلوئن تي جيڪي بہ بحث ٿيل آهن، اهي محققن لاءِ حوالاجاتي مواد طور ۽ پيٽ لاءِ سيهڙي هتي پيش ڪجن.

عجيب اتفاق اهو آهي تہ سٺ سترِ سال اڳ هندستان ۾ سنڌي ٻوليءَ لاءِ جيڪي خدشا ظاهر ڪيا پئي ويا، هن وقت واپس سنڌ ۾ اهي ساڳيا مسئلا سنڌي ٻولي آڏو اُڀري آيا آهن. توڙي جو سنڌي ٻولي انهيءَ اڌ صدي کان بہ مٿي واري عرصي ۾، وڌو پنڌ ڪيو آهي، پر پوءِ بہ هيٺيان نڪتا حل طلب آهن:

- وفاقي سطح تي سنڌي ٻوليءَ جي تسليمي.
- سنڌي ٻوليءَ جي لپيءَ تي سنڌ ۾ نون بحثن جي شروعات يعني هڪ ٻيو ڦيٽاڙو.

- شهري سنڌي ماڻهن جو سنڌي ٻوليءَ ڏانهن رويو.
- سنڌ سطح تي سنڌي ٻوليءَ جي دفتري استعمال لاءِ سرڪاري سرپرستي.
- سنڌي ٻوليءَ جو تعليمي استعمال.

اهي چند نڪتا آهن، جيڪي هينئر هڪ لکار جي حيثيت ۾ سامهون آيا آهن. ٻوليءَ جا سماجي پهلو هجن يا ان جا فني موضوع، پر ڪي هاڪاري انگ اکر نظر نه پيا اچن. جيئن 60 سال اڳي هندستان جي سنڌي ماڻهن مان ڪن پاڻ کي سنڌي سڏائڻ ۽ سنڌي ٻولي استعمال ڪرڻ ۾ هٻڪايو ٿي، ساڳي نموني سنڌ جو شهري سنڌي طبقو اڪثريت ۾ اڄ سنڌي بجاءِ گهرن ۾ اردو يا انگريزيءَ جو رواج چاهي ٿو. جيئن هندستان جي اوچي سنڌي طبقي ان وقت پنهنجن ٻارن کي سنڌي اسڪولن مان ڪڍي انگريزي ڪانوينٽ اسڪولن ۽ هندي اسڪولن ۾ وڌو. اڄ ساڳيو عمل سنڌ جا شهري سنڌي ورجائين پيا ۽ پنهنجن ٻارن کي انگريزي ۽ اردو اسڪولن ۾ داخل ڪرائي ان عمل کي ترقيءَ جي ضمانت سمجهن ٿا.مارڪيٽ ۾ سنڌي ڳالهائڻ، بدران ٻي ڌاري ٻولي ڳالهائڻ تي فخر محسوس ڪيو پيو وڃي. هو پرائي هوشيءَ ۾ خوش آهن.

انهيءَ سڄي پس منظر ۾ هن ڪتاب ۾ شامل مضمون سنڌي ٻولي ۾ لکت سان دلچسپي رکندڙ ۽ محققن خاص ڪري ايم فل ۽ پي. ايڇ. ڊي ڪندڙ شاگردن لاءِ اهم حوالاجاتي مواد آهن، جن تي وڌيڪ تحقيق ڪري ٻوليءَ جي حوالي سان مستقبل جا دڳ سڌا ڪري سگهجن ٿا.

ڊاڪٽر محمد علي مانجهي

# سنڌي ٻوليءَ ۾ اکر

چوهڙمل - هندوجا

ٻوليءَ ۾ اکرن جو ناتو آتما ۽ سرير جي ناتي مثل آهي، ٻولي يعني ڪي آواز يا اشارا، جي ماڻهو پنهنجي ويچارن ۽ ڀاوَن ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪري ٿو.

ٻولي ان سان ئي هلي ٿي يعني هڪڙو ڳالهائيندڙ ۽ ٻيو انهيءَ ڳالهه کي سمجهندڙ يعني اها سموهه سان ئي پيدا ٿئي ٿي. ساڳي ٻولي ٻوليندڙن کي هڪ جاتي ڪري ليکبو يا سڏبو آهي. ٻولي اروپ آهي، يعني جيڪي لفظ وات مان ڪڍجن ٿا، تن کي ڪا شڪل صورت ڪانهي. اُهي نوآڪار آهن، انهيءَ ٻوليءَ کي آڪار يا شڪل صورت ڏين ٿا. اکر، اهي اکر ٻوليءَ جي اچارن آهر ئي ٺهن ٿا، هر ڪنهن ٻوليءَ کي پنهنجا اُچار ٿين ٿا، مثال لاءِ وٺو انگريزي، انگريزيءَ ۾ د – ت –ک جا اُچار آهن ئي ڪو نه. جيڪڏهن ڪنهن انگريز کي چئبو ته چئه دادو ته هو دادو ڪو نه چوندو، چوندو ڊاڊو، ٺوٺ جي بدران چوندو ٿوٿ، کوکي کي چوندو ڪوڪو. عربيءَ ۾ به ڪيترا اچار آهن ئي ڪو نه. مثال لاءِ عربيءَ ۾ ٽ ۽ ٺ جا اچار آهن ئي ڪو نه. ڪنهن عرب کي جيڪڏهن چئبو ته چئه ”ٽٽو“ ته هو چوندو ”ططو“. اهي اُچار شايد ڪن قدرتي اثرن ڪري ئي ٺهيا آهن. انهن کي ڪو عيب به ڪري ڪو نه ٿو ليکي.

ٻولي جاتيءَ جي جان آهي، جاتيءَ جو ساهه آهي. هر ڪا جاتي ٻوليءَ ذريعي پاڻ کي ظاهر ڪري ٿي. هر ڪنهن ٻوليءَ کي پنهنجا اچار ٿين ٿا، پنهنجا اکر ٿين ٿا. اکر ٻوليءَ جو ٻاهريون روپ آهن. جيئن ماڻهوءَ کي مهانديءَ مان سڃاڻبو آهي، تيئن جاتيءَ جي سڃاڻ اکرن مان پوندي آهي. اکر جاتيءَ جو نشان آهن. قومي جهنڊي کان به وڌيڪ جڳري نشان، چو ته انهن جو لاڳاپو جاتيءَ جي جان يعني ٻوليءَ سان آهي. جهنڊو ته قوم جو ٻاهريون نشان ٿئي ٿو. ڪا به قوم پنهنجي جهنڊي جي بي عزتي برداشت نٿي ڪري سگهي، سا قوم انهيءَ کان به وڌيڪ جڳري نشاني اکرن جي بي عزتي ڪيئن

قبول ڪري سگهندي. زندهہ قومون پنهنجي اکرن لاءِ تہ مري مٽجن ٿيون. اوڀر بينگال جي جوانن جي شهيدي [شهادت] تازو مثال آهي.

## اکرن بدلائڻ سان جاتي بدلجي ٿي

ڪنهن بہ ٻوليءَ جي اکرن بدلائڻ جي معنيٰ آهي، ٻوليءَ جي شڪل ڦيرڻ يا جاتيءَ يا قوم جي قوميت بدلائڻ. ڪن بہ نون اکرن ملڻ ڪري ٻوليءَ تي ڀهريون اثر اهو ٿو ٿئي، جو اها ٻولي، جي اوسيتائين ڪن ٻين ٻولين سان گڏيل آهي تہ انهن کان ڇڄي ٿي وڃي. ڪيس اوسيتائين جنهن سروور [ڍنڍ] مان پاڻي پئي مليو آهي، جتان ڪيس ويچار ڌارا پئي ملي آهي، اتان ان کي ٻنجو ڏنو ٿو وڃي. اکرن ساڳين هئڻ ڪري جن ٻولين سان سندس ناتو پئي رهيو آهي، سو ٽٽي ٿو وڃي. اها ٻولي، ٻولين جي انهيءَ وهندڙ سير مان نڪري پاڻيءَ جو دٻو يا ڍنڍ بڻجي ٿي وڃي يا پاڙ کان ڪٽجي ٿي وڃي.

ٻوليءَ تي اکرن بدلائڻ ڪري ٻيو اثر اهو ٿو ٿئي، جو جيڪڏهن اهي اکر ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ کان اڌارا ورتل آهن تہ پوءِ ان ٻوليءَ ۾ انهيءَ نئين ٻوليءَ جي لفظن جي درياءَ مان لفظن جو پاڻي اچڻ شروع ٿئي ٿو جنهن جا اکر ڪيس اڌارا وٺي ڏنا ويا آهن، اهي آهستي آهستي ٿي ڌارين لفظن سان پرجڻ شروع ٿئي ٿي.

سنڌي ٻوليءَ سان اها ئي ڪار ٿيل ڏسجي ٿي. سنڌي ٻوليءَ جا اصل اکر شاستري يا هندي آهن، جن کي 'ديوناگري' بہ ٿو چئجي، اهڙا اکر اصل نهيل آهن 'برهمي لپيءَ' (لپي معنيٰ آئيوڻا يا اکر) مان، جن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ اهي اصل برهما ناهيا هئا، اهي اصل برهمي اکر نهيا ئي سنڌ ۾، هندو سنڌي يا سنڌي هٽائي اکر اهي ئي اصلوڪا برهمي اکر آهن، جي صدين کان اجا تائين هلندا اچن. سنڌ ۾ ئي انهن اکرن کي سڌاريو ويو. ڪين سڌيو ويو سنسڪرت اکر. انهن اکرن ۾ ئي ويد شاستر لکيا ويا، تنهنڪري اسين سنڌي انهن کي سڏيندا ئي آهيون 'شاستري اکر'. (ڏسو مشهور اتهاس ڪار راءِ بهادر گوري شنڪر هيرالال اوجها جو اکرن تي ڪتاب 'ڀارتي لپي مالا' ۽ ڊاڪٽر هينت ڪمار چٽرجيءَ جو 'ڀارتيہ آريہ ڀاشا اور هندي' صفحو 171_172)

انگريزن سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ سن 1853ع ۾ سنڌي ٻوليءَ جا اهي اصلوڪا اکر بدلائي هٽوڪا عربي اکر ڏنا. انهن جو اثر پڌرو آهي. انهيءَ کان پوءِ

سنڌ ۾ وڏي انداز ۾ عربي ۽ پارسي لفظ اچڻ شروع ٿيا. ڊاڪٽر هينت ڪمار چٽرجي، ايران، ترڪي، مصر ۽ آفريڪن قومن جي ٻولين تي عربي اکرن جي اثر جو ذڪر ڪندي چوي ٿو: "آئيويٽا جي پنيان پنيان پاشا ۾ ان سان لاڳاپو رکندڙ لفظ خود بخود اندر پيهي ٿا اچن." پارسيءَ بابت لکي ٿو "ستين صديءَ جي پارسي، عربن جي فتح بعد عربيءَ جي اثر هيٺ اچي وئي ۽ هن جو پاڻ تي آڌار رکڻ جا گڻ غائب ٿيڻ لڳا. هوءَ آهستي آهستي پراولمبي (ٻئي جي آڌار تي جيئندڙ) پاشا بڻجي ويئي ۽ عربيءَ جي پنيان پنيان هلڻ لڳي. (ساڳيو ڪتاب صفحو 233).

اکرن بدلائڻ جو اثر سنڌيءَ کان بہ اڙدوءَ تي وڌيڪ چٽو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اڙدو سولي هنديءَ تان شروع ٿي ۽ هاڻي وچي عربي پارسيءَ جي هڪدم ويجهو پهتي آهي.

ڪنهن بہ ٻوليءَ جي اکرن بدلائڻ سان نہ رڳو انهن اکرن واري ٻوليءَ جا لفظ ٿا اچن، پر ان ٻوليءَ جا اصطلاح، پهاڪا، تشبيهون وغيره بہ اچن ٿيون ۽ ان سان گڏ انهن اکرن واري قوم جي ويچار ڌارا، ريتون، رسمون، سنسڪرتي ۽ سيتا بہ سرڪنديون اچن ٿيون. ايتري قدر جو نيٺ ان جاتيءَ جو روپ ئي بدلجي ٿو وڃي ۽ هوءَ ڦري انهيءَ جاتيءَ جو روپ وٺي ٿي بيهي، جنهن کان اکر اڌارا ورتا اٿس. تنهن کان سواءِ چو تہ اها جاتي اجا نوبل ٿي ٿئي ۽ سندس ٻولي بہ ڪچي ٿي ٿئي، تنهنڪري سياويڪ هن ۾ انهيءَ قوم کان گهٽ هجڻ جو احساس پيدا ٿئي ٿو ۽ هوءَ انهيءَ قوم کي وڏو ڪري ٿي سمجهي، جنهن ڪري هن جي رعب هيٺ رهي ٿي ۽ غلامن جهڙي زندگي گهاري ٿي.

اکرن بدلائڻ جو بلڪل پورو ۽ چٽو اثر، ترڪي، مصري ۽ ٻين آفريڪن جاتين ۾ ڏسي سگهجي ٿو تہ عربن سوين ڪري انهن ملڪن مٿان پنهنجا اکر مڙهيا. نتيجو اهو نڪتو جو اڄ ڪالهہ اهي ملڪ سڏجن ئي عرب نئشن، عرب قومون يا عرب ملڪ ٿا. انهن مان ڪجهہ وقت ٿيو جو ترڪي سجاڳ ٿي عربي اکرن ۽ لفظن کي نيڪالي ڏئي عربي قومن جي چڪر کان نڪري وئي. آفريڪن قومون بہ آهستي آهستي اکر بدلائينديون وڃن ٿيون.

سنڌي وچولي حد تي ڏسجن ٿا، هڪڙا جيڪي اڳ ئي اسلام ۾ داخل ٿيا هئا، سي هاڻي پنهنجي ٻوليءَ ۾ عربي اکر ملائيندا، تڪڙو تڪڙو عربستان ڏي ڊوڙڻ لڳا آهن. ٻين ۾ هينيان اهڃاڻ ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

سنڌي ٻولي سنسڪرت مان نڪتي آهي. سڪيا ۾ دستور آهي تہ ٻار جيئن وڏندو ويجي، تيئن ڪيس پنهنجي ٻوليءَ جي وڌيڪ گهري ڄاڻ ڏجي. ان دستور موجب سنڌي ٻارن ۾ درجي بہ درجي ٻوليءَ جي بنياد سنسڪرت جو اڀياس وڌڻ گهرجي پر سنڌي ٻار اڪرن جي اثر ڪري الٽو هلن ٿا. سنڌي ٻار مٿين درجن ۾ سنسڪرت کي ڇڏيو وڃن. پارسي پڙهن، وڏن ۾ صوفي سماگمن جو پرچار زور وٺندو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اهو بہ اڪرن جو ئي اثر آهي. اهو پرچار اڪثر انهن سنڌين ۾ وڌيڪ ٿو ڏسجي، جي رڳو عربي، پارسي ۽ انگريزي ڄاڻن يا رڳو عربي، پارسي ڄاڻن. ان جو سبب اهو ٿو ڏسجي، جو انهن اڪرن ۾ سندن اوچ ڌرمي پستڪن جي کمي آهي.

ڊاڪٽر هينت ڪمار چٽرجي چوي ٿو: ”سوويت روس جي ترڪي ڪتنب جي ڀاشائن عربي اکر ڇڏي روسي اکر اختيار ڪيا آهن“. ايران لاءِ چوي ٿو ”ايرانين اسلام نہ ڇڏيو آهي، پر هو بہ پنهنجي ڀاشا کي عربي غلاميءَ مان ڪڍڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. هونءَ جو پارسيءَ ۾ عربيءَ جو الله لفظ عام جام ڪم ايندو هو. تنهنجي بدلي هنن پنهنجو اڳيون لفظ ”ايزد“ (ايشور) وري جياريو آهي ۽ هاڻي هو پنهنجي سنستائن توڙي ڪتابن جا نالا عربي نہ رکي پنهنجي پراڻي ٻولي ”اوستا“ ۾ رکي رهيا آهن. ..... وشو وديالہ جو نالو عربي ”دارالعلوم“ نہ رکي، آريہ پارسڪ ”دانش گاهہ“ (سنسڪرت، گيان شٽو گات يا جان شٽو گاهہ) رکيو اٿن (ڏسو ڀارتي آريہ ڀاشا اور هندي، صفحو 239)

اکر بدلائڻ ڪري قوميت ڪا جلد ڪين ٿي بدلجي، ادب بدلجڻ ۾ صديون لڳن ٿيون. جيئن عربيءَ جي اثر هيٺ آيل مصر ۽ آفريڪا جي ٻين قومن مان ظاهر آهي، جي عرب قومن جي دفعي ۾ اچي ويون آهن.

اڄ جي، ڪو بي طرفدار ڌاريو آڻجي ۽ ڪيس عربي سنڌي ڪتاب هٿ ۾ ڏيئي پڇجي تہ هي اکر ڪهڙا آهن تہ هو بي ڌڙڪ چئي ڏيندو تہ هي عربي اکر آهن.

سمجهو تہ هو هڪ تواريخ نويس آهي تہ هو سنڌين جا هيءُ عربي اکر ڏسي انهيءَ کان سواءِ ڇا لکندو تہ هنن اکرن واري جاتي يا تہ عربن جي ڪا شاخ آهي يا ڪو اهڙو فرقو آهي، جنهن عربي قوميت قبول ڪئي آهي.

حاصل مطلب اهو ئي آهي تہ ڌاريا اکر جاتيءَ تي يا قوميت تي اثر وجهن ٿا ۽ ان کي بدلائين ٿا. اکرن تي نالو ٻوليءَ تان ڪو نہ ٿو پوي، پر پاڻ ٻوليءَ تي ئي اکرن تان نالو پوي ٿو.

ڊاڪٽر هينت ڪمار اجهو هيئن ٿو چوي:

”ٻوليءَ ۾ اکرن مان ڪير وڏيڪ اهميت وارو آهي، تن جي باري ۾ ٻه ڪيترا ماڻهو اجا فيصلي تي نہ پهتا آهن. پر گهڻن جو رايو اهو ئي آهي تہ اکر ئي ٻولي آهن. (ڏسو پارتيا پاشا او ر هندي (صفحو 230) انهيءَ موجب سنڌيءَ جو نالو عربي ٿيڻ گهرجي يا سنڌي؟“

## ڪجھ شاھ بابت

مان ڪجھ ”شاھ“ بابت بہ چوڻ چاهيان ٿو.

### شاھ جون آکاڻيون يا سنڌي لوڪ ڪٿائون؟

شاھ 18 صديءَ ۾ ٿيو. سورٺ ۽ راءِ ڏياچ، مومل ۽ مينڌرو 8 صديءَ جون آکاڻيون آهن.

ليلا چنيسر ۽ عمر مارئي، سومرن جي زماني جون 13 صدي. نوري ۽ ڄام تماچي، سمن جو وقت 14 صدي. سسئي پنهون، سومرن کان بہ اڳ جي، 9 صديءَ کان اڳ. يعني شاھ جي رسالي ۾ جن ڪهاڻين جا حوالا آهن، سي شاھ کان ڪي سال نہ، بلڪ ڪي صديون اڳ جون آهن. ويجهي ۾ ويجهيون آکاڻيون بہ شاھ کان چار صديون اڳ جون آهن. دوريءَ واريون آکاڻيون برابر 9 صديون ۽ ان کان بہ اڳ جون آهن.

1. سوال آهي تہ اهي آکاڻيون ايترين صدين جو سفر ڪري شاھ تائين پهتيون ڪيئن؟

2. شاھ تائين پهچڻ وقت سندن روپ ڪهڙو هو، سنڌ جي ساهتيڪن يا ودوانن انهن آکاڻين جي اصلوڪن روپن ڳولهڻ جي ڪوشش ڪئي؟

3. ڇا شاھ کان اڳ شاھ عنات ۽ ٻين شاعرن جي شاعريءَ مان انهن آکاڻين جو ڪو اهڃاڻ ملي ٿو؟

تنهن هوندي بہ هنن آکاڻين کي ’شاھ جون آکاڻيون‘ ڇو نهرايو ويو؟

ائين آهي ڇا تہ شاھ رڳو ڪي اتهاسڪ نالا ٻڌا ۽ انهن جي آڌار تي من گهڙت آکاڻيون تيار ڪري ورتائين، جنهن ڪري انهن آکاڻين کي شاھ جون آکاڻيون نهرائي سگهجي.

اها حقيقت آهي يا نہ. تہ اڳيون جيڪو بہ ساهت ملي ٿو سو شعر جي ئي روپ ۾ آهي؟

پوءِ ڪهڙو عجب آهي جو اهي آکاڻيون بہ شعر جي ئي روپ ۾ شاهہ تائين پهتيون هجن؟

(سنڌ ۾ لکڻ جو رواج 2 صديءَ کان موجود هو. ڏسو راءِ بهادر گوري شنڪر هيراچند اوجها جو ڀارتي لپي مالا پستڪ)

اهو تہ صاف آهي تہ شاهہ تائين پهچڻ وقت اهي آکاڻيون اهڙيون تہ رسيليون، اهڙيون تہ وڻندڙ چيندڙ لوڪ پريہ هيون، جن شاهہ جي من کي بہ موهي وڌو. ايتري قدر جو شاهہ انهن کي ڪڻڻ لاءِ مجبور ٿيو.

ڇا اهو انومان نٿو ڪري سگهجي تہ مثال طور حوالي طور جيڪي ڪٿبو آهي، سو چوندي ڪٿبو آهي ۽ لوڪ پريہ هنڌ تان ئي ڪٿبو آهي؟ اهي شاهہ جون آکاڻيون آهن. يا سنڌي لوڪ ڪهاڻيون؟ اهو بہ تہ ڏسڻو پوندو تہ شاهہ انهن کي ڪيترو قدر وارو بڻايو يا بگاڙيو. مان رڳو اشارو ٿو ڪريان. مثال لاءِ ونو ٿورو:

**عمر مارئي:** اهو تہ صفا ثابت ٿي چڪو آهي تہ مارئي هڪ هندو استري هئي، پوءِ شاهہ انهيءَ کي ڪهڙي روپ ۾ پيش ڪيو آهي؟

اها حقيقت آهي يا نہ. تہ سنڌي ساهتيڪن ۾ ان تي ڪيترو بحث ٿيندو رهيو ايستائين، جيستائين ٻاهران هن جي هندو هجڻ جي ثابتي ملي؟

**سسئي پنهون:** سسئي پنهونءَ جي آکاڻي ڪيئن آهي؟ شاهہ کي لفظ ڪم آڻي ٿو جن مان ڪجهہ روشني ملي ٿي. آري = آريہ ۽ آرياڻي. ڪهڙي مسلم استري پنهنجي پريتم لاءِ اهڙا لفظ ڪم آڻي سگهي ٿي؟ اهو قبول ڪيو ويو آهي تہ شاهہ وقت بہ وقت گيت پيو ڳائيندو هو سي سندس مريد لکندا ويا. اهو بہ ظاهر آهي تہ شاهہ رڳو پنهنجا ئي ناهيل ڪو نہ ڳائيندو هو بلڪ ٻين جا بہ.

آءُ ائين ڪين ٿو چوان تہ شاهہ شاعر ڪين آهي، منهنجي چوڻ جو مطلب آهي تہ اصل ڪتاب جيڪو لکيل صورت ۾ مليو آهي، سو شاهہ جي

رسالي ڪان لوڪ گيتن سان وڏيڪ ملندڙ آهي. لوڪ گيتن لاءِ جيڪي خاصيتون ڏيکاريل آهن، سي هن ۾ گهڻي ڀاڱي موجود آهن ۽ وري وري دهرائڻ لوڪ گيتن جي هڪ مکيہ خاصيت آهي، جا هن گيتن ۾ بلڪل بهتر نموني ملي ٿي. شاعرن جي شعر ۾ جي اهو گڻ ڏسجي تہ اها بہ چال جي پيروي سمجهي سگهجي ٿي.

بهتر اهو ڪين آهي تہ رسالو پنهنجي اصل صورت ۾ ڇپايو وڃي. ان حالت ۾ اها بہ خبر پوندي تہ ڇپائيندڙن جيڪي رد ڪيو آهي، سو ڪهڙي آڌار تي هنن سند ڪهڙي ٺهرائي آهي يا هر ڪو پاڻ ودوان بڻيو آهي. اهو بہ تہ جيڪو شعر رد ڪيو ويو آهي، سڄو عوام اڳيان اچي.

# عربي سنڌي لپيءَ جو مسئلو

تير وسنت

عربي سنڌي لپيءَ جا مخالف اڪثر انهيءَ ڳالهہ تي زور ڏين ٿا تہ انهيءَ لپيءَ ۾ سنڌي ٻولي لکڻ جي شروعات انگريزن ڪئي. شايد سندن مراد آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن ڪاريہ جو آرنڀ (ابتدا) انگريزن ڪيو تہ اهو نندڻ ۽ ريٽڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ انگريز ڌاريا هئا ۽ سندن ڪارناما اسان کي پنهنجي قومي غلاميءَ جي يادگيري ٿا ڏيارين. ارمان تہ اهي شخص جڏهن ڪي بہ حوالا پيش ڪن ٿا تہ اهي انگريزن جي لکيل ڪتابن تان ئي ورتل آهن ۽ اڌ درجن گرامر ۽ لغتون جي سند طور پيش ڪيون وڃن ٿيون، سي پڻ انهن ڌارين جي محنت جو ئي نتيجو آهن. مطلب تہ هو هڪ طرف انهيءَ سنڌي لپيءَ جي انهيءَ ڪري مخالفت ڪن ٿا، جو اها انگريزن ايجاد ڪئي آهي، تہ ٻئي طرف 'ناگريءَ' کي انهيءَ ڪري اڳرائي ڏين ٿا، جو انهيءَ لپيءَ ۾ انگريزن اڌ درجن ڪوش (لغتون) ۽ وياڪرڻ (گرامر) لکيا آهن. توهين ڄاڻو ٿا تہ ويچار جي انهن وروڌي وهڪرن کي هڪ ئي بند ۾ ٻڌڻ هڪ قسم جي منطقي ڪلابازي آهي، جنهن کي علم ۽ عقل جي حدن اندر داخل ڪرڻ لاءِ ڪو نئون لوڪ شاستر کپي.

درحقيقت ائين چوڻ تہ سنڌي ٻولي عربي لپيءَ ۾ لکڻ جي شروعات انگريزن ڪئي، تنهن ۾ ڪو ڇڊو ڀاڙو صحت جو جزو آهي. انهيءَ گوهر افشانيءَ کي رد ڪرڻ لاءِ انگريزن کان اڳ جي شاعرن جون تصنيفون ئي ڪافي ثبوت آهن تہ سنڌي ٻولي خط نسخ ۾ لکي ويندي هئي ۽ سنڌين جا ناگريءَ ۾ لکيل دست خط هڪ اهڙو وهم آهي، جهڙا سهي جا سڱ. هندو سنڌي اڪر ماترائن سان يا بنا ماترائن، جي علمي اهميت نٿا رکن. لڏ پلاڻ کان اڳ ناگري لپيءَ جي پرچار ۽ ان وقت جي شايع ٿيل هندن خواه مسلمانن جي ڪتابن تي بہ اپٽار ڪرڻ واجب نہ ٿيندي. اهو سنڌين جي اتهاس جي هڪ اڻ وٽندڙ باب جي شروعات آهي. باقي انگريزن فقط نج سنڌي آوازن

لاءِ عربي لپيءَ جي لفظن کي ٻڙيون ڏنيون. جئن ڙ ج، ڄ، ڇ، ڌ. ڏ. ٻ، ٻ وغيره. ائين تہ هن وقت بہ جي سنڌي ٻولي ناگريءَ ۾ لکن ٿا، سي پڻ انهيءَ لپيءَ جي اکرن کي ٻڙيون يا هيٺ مٿي ليڪون ڏيئي پورائو ڪن ٿا. انهيءَ ڪارڻ ائين چئبو ڇا تہ اها ناگري لپي ئي ناهي؟ اگر انهيءَ جزوي ڀراءَ پڄاڻان بہ اها لپي ناگري آهي، تہ اڳين سنڌي صورتخطي پڻ ساڳي عربي سنڌي لپيءَ ۾ ئي چئبي.

[1]انهن شلا ليکن مان هڪ ۾ شرڌالن جي ڪيرتن پارٽي آهي جا جهانجهہ ۽ ڍولڪ وڄائي هڪ ديوتا جي پوڄا ڪري رهي آهي. انهيءَ چتر مٿان جي بہ اکر اڪريل آهن. سي چون ٿا ’و ۽ گ‘ آهن، جو ٿيو وَڳہ. زند اوستا ۾ ”وَڳہ“ هڪ پوڄنيہ ديوتا آهي. رگہ ويد ۽ اٿرويد ۾ ”وڳہ“ عيوض ”ڀڳہ“. ديوتا جو نالو آهي، جو گهوڙن، ڳابن، رڍن، ٻڪرين جو شرومڻي شماريو ويو آهي. اٿر ويد ۾ هن کي جوتي ڪنڊ جو سوامي ۽ منش هردي جي ڪامنائن کي سڌ ڪندڙ ديوتا ليکيو اٿن. هو ڪنوارين ڇوڪرين کي دل گهريا گهوٽ وٺي ڏيندو آهي ۽ سهڻي سنتان (اولاد) پڻ. انهيءَ ديوتا جو رنگ ڪارو آهي ۽ رات سندس استري آهي ۽ گهوڙن جي رٿ تي سواري ڪندو ۽ سئو جهاڙ ۾ رهندو آهي. ويدن ۾ جن بہ ديوتائن جو ذڪر اچي ٿو تن ۾ هن ديوتا کي سرو سريشٽ ۽ آدرشي ويڪتي شماريو اٿن. ڏسو Cosmology of Rig Veda by Willis اهو ڀڳہ ديوتا اسان جي ٻوليءَ ۾ ”ڀاڳہ“ ۽ ”ڀڳوان“ تي پيو آهي. ڀڳوان آهي اهو جو سنو ڀاڳ ڏئي ٿو. سنڌي لفظ ”واڳ“ پڻ اتان ئي نڪتو آهي.

”واڳ ڌڻيءَ جي وس – آءٌ ڪا پاڻ وهيڻي“

انهيءَ دڙي جي آخرين زماني واري کنڊهر تي جو مندر آهي، تنهن جي پلستر تي کروشتي لپي آهي، جا پڻ ساڄي کان ڏائي طرف لکبي آهي.

---

[1]ڪن ڌڪي بازي ڪئي آهي تہ عربي–سنڌي لپيءَ کان اڳ ضرور ناگري لپي ڪتب ايندي هوندي. حقيقت ڇا هي؟ موهن جي دڙي جي آڳاٽي حصي مان جي شلا ليک مليا آهن، تن ۾ هڪ قسم جي تصويري لپي ڪم آندل آهي، جا ساڄي کان ڏائي طرف لکيل آهي. جئن عربي لپي.

موهن جي دڙي مان جي هٿيار لڌا آهن. تن واري لپي پڻ ساڃي کان ڏاڍي طرف آهي. ازانسواءِ عيسوي سن کان 516 سال اڳ ايران جي بادشاهہ گستسپ جي پٽ داربوش (دارا) سنڌ فتح ڪئي ۽ انهيءَ گهراڻي جو سنڌ تي ضابطو (قبضو) 330 ق.ع تائين هليو تان جو سڪندر اربيلا جي جنگ ۾ ايرانين کي شڪست ڏني. انهيءَ زماني ۾ سنڌ تہ ڇا، پر مرڪزي ايشيا ۾ بہ کروشتي لپي چالو هئي. انهيءَ جي ثابتي ڪنشڪ، هوشڪ، جشڪ جي ڪڙي ڪيل يادگارن مان ملي ٿي. اهي سمراٽ ترڪن (ترشڪ) جي ڪوشان گهراڻي مان هئا. سڪندر جي زماني کان پوءِ موريہ گهراڻي جي چندر گپت، بندوسار ۽ اشوڪ جي راڄ ۾ پڻ کروشتي ۽ برهمي (ناگري) ٻئي چالو هيون، جنهن جي ثابتي خود سنڌ جي کنڊهرن مان ملي ٿي. ودوانن جو رايو آهي تہ سنڌ جا واپاري ليکو چوکو کروشتي لپيءَ ۾ رکندا هئا. عربن 712ع ۾ سنڌ تي ڪاهہ ڪئي. انهيءَ ڪارڻ برهمڻ آباد جي کنڊهرن مان جي مهرون ۽ سڪا لڌا آهن، تن مان ڪن تي عربي اکر اڪريل آهن. جي عربي لپي سنڌ ۾ هئي ئي ڪا نہ، تہ ماڻهو انهن سڪن جو ملهہ ڏڪي تي ڪٿيندا هئا ڇا، جڏهن اسان جا ڪي ليکڪ عربي لپيءَ جي باري ۾ ٿپ ٿا هڻن. حقيقت اها آهي تہ ڪنشڪ ۽ اشوڪ جن ٻوڌي مت جي ڦهلاءَ لاءِ سرتوڙ ڪوشش ڪئي، تن جي رهڻي ڪرڻي ۽ درباري تجمل عين ايراني شاهن جهڙو هو ۽ هنن کي کروشتي لپي ڪم آڻڻ کان ڪو عار نہ هو. هونئن بہ تل- ال- امرنا، بوگهاز ڪوئي، ڪيش، تل اسمار جي کنڊهرن مان جي شلا ليک مليا آهن، تن مان پڌرو آهي تہ سنڌ جو سمير، اسيريا، بابل، ايلم وغيره سان گهرو تعلق هو.[1]

---

[1]هندن جي اٿر ويد ۾ مريضن جي بت مان ڀوت ڪڍڻ جي باري ۾ جي منتر آهن، تن جي بابل جي شلا ليکن سان يگانگي ڏسجي ٿي، پر ليا جو ورتانت بہ ساڳيو ئي آهي. بابل ۾ سن ۽ اٿرويد ۾ سناولي چندرما سان لاڳاپو رکن ٿا. آسوري نانگا "نيامت" جنهن کي مردڪ ماريو سو اٿرويد جو "نئيماتا" نانگ آهي. وراگ ۽ ورگلا، انگي ۽ پروگي، نبرو ۽ سريک ۽ مروڪا مردڪ دئيت جي اٿرويد ۾ ڏنل آهي، سي سنسڪرت ڀاشا جا ناهن. هند توڙِ بابل ۾ اگنيءَ کي ماڻهن ۽ ديوتائن وچ ۾ پيغام پهچائيندڙ ليکيو اٿن. ارمان تہ هندستان ۾ اهڙو مرڪز تي ڪونهي جتي ارميني آسوري بابلي مصري پراچين متن ۽ ٻولين جو بالترتيب ابياس ڪري سگهجي.

برک ودوانن جو رايو آهي تہ برهمي لپي خالص هندستان جي پيدائش ناهي. هندن آوازن جي ترتيب ڪئي ۽ پڻ انگ ٺاهيا ۽ ٻڙي ايجاد ڪرڻ سان لکن ڪروڙن جو ڳاٽاپو آسان ڪيائون. مگر لپي هندن جي ايجاد ناهي. ارمان تہ ملڪ ۾ ايڏي تنگ دلي گهر ڪري وئي آهي، جو ناگري لپيءَ جي انگن عيوض رومن انگن ڪم آڻڻ تي وڏان سپا ۾ بغافو مچي ويو. گرچ رومن انگ خود ناگري لپيءَ تان ورتل آهن. هن قسم جي خسيس معاملن تي جهڳڙا اسان جي راشتريہ شڪتي گهٽائن ٿا ۽ پڻ نئين زماني جي رفتار ۽ ترقيءَ جي راهہ ۾ رڪاوٽ آهن.

جيڪڏهن اسين هن مسئلي کي خالص علمي، عقلي بلڪ قومي نگاهہ سان ڏسنداسون تہ مجڻو پوندو تہ ناگريءَ جا اُپا اکر ۽ ساڄي کان ڏائي ۽ ڏائي کان ساڄي ور ونگ ۽ هيٺ مٿي لڙبون ۽ پيچ خواهہ پيٽ ۾ ٻيڻ ٽيڻ جون چپرون لکڻ ۾ وڏيڪ وقت ٿيون گهرن. جيڪڏهن اها لپي بدلائڻ سان اسين ڪلاڪ ۾ اٺ ڏهہ منٽ بچائي سگهون تہ قوم جا هر روز ڪروڙين ڪلاڪ بچي پوندا. لوڪمانيا تلڪ جو رايو هو تہ سڄي هندستان لاءِ هڪ نئين لپي ايجاد ڪجي، جا ناگريءَ جي نقصن ۽ ڪچاين کان آجي هجي ۽ سيئي پاشائون انهيءَ لپيءَ ۾ لکيون وڃن.

باقي سنڌي ٻوليءَ جي عربي لپيءَ ۾ لکڻ لاءِ جو چيو ٿو وڃي تہ 1700ع ۾ مولوي ابوالحسن ٺٽويءَ شروعات ڪئي، تنهن راءِ کي بہ وزن ناهي. اسان وٽ تيرهين کان سترهين صديءَ تائين سنڌين جا پارسيءَ ۾ دست خط موجود آهن. ڇاڪاڻ تہ ان وقت پارسي درباري ٻولي هئي. ائين آهي ڇا تہ اهي چار صديون سنڌي پارسيءَ جا ڄاڻو هوندي بہ اهڙا ڪند فهم هئا، جو پنهنجي ٻوليءَ جي هڪ سٽ بہ انهيءَ لپيءَ ۾ لکي نٿي سگهيا. اها ڳالهہ قياس ۾ اچي نٿي سگهي. در حقيت سنڌي ٻوليءَ جو خالص عربي لپيءَ ۾ لکڻ جو سڀ کان آڳاٽو مثال "روفت العقلا" مان ملي ٿو. اهو ڪتاب 187 هجريءَ جو لکيل آهي، جنهن ۾ هڪ سنڌي شاعر جو نج سنڌي ٻوليءَ ۾

چيل ۾ خط نسخ ۾ لکيل قصيدو آهي، جو عباسي خليفن جي مشهور وزير يحيٰ بن خالد بر مڪي اڳيان سنڌي شاعر پڙهيو ۽ ان لاءِ هڪ هزار درهم انعام مليس. تنهنجي معنيٰ تہ ٻي صدي هجريءَ کان بہ اڳ سنڌي ٻولي عربي لپيءَ ۾ لکجڻ لڳي ۽ اڄ تائين لکجي پئي. هن وقت دنيا اندر ٻي ڪا اهڙي ٻولي ڪانهي، جا عربيءَ کان سواءِ خط نسخ ۾ لکندا هجن. خود پارسيءَ ۽ اڙدو بہ انهيءَ نوع ۾ نہ لکبي آهي. در حقيقت عربن انين عيسوي صديءَ ۾ سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ هندن جي طب، جوتش، رياضي، نجوميت، سنگيت ۽ شلپ ڪلا سکڻ لاءِ هند مان پنڊت گهرايا ۽ عرب عالمن هٿان برهسپتي سڌانت، نڌان، چرڪ، ششروت، آريہ ڀٽ وغيره جو ترجمو ڪرايو. انهيءَ زماني ۾ هنن هڪ سنڌيءَ جو لکيل مهاڀارت جو پڻ ترجمو ڪرايو جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ اصلي مهاڀارت کان ڪي قدر نرالو آهي. عربن ڪا سنڌين سان پائي ڪا نہ ڪنئين، مگر دوستي ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪئي، جا سندن لکيتن مان ئي پڌري آهي.

مون ڪمال صداقت سان ڪوشش ڪئي آهي تہ سنڌي ٻوليءَ کي ناگريءَ ۾ لکڻ لاءِ ڪي دليل ڳولي لهان، جي عقل مڃي، چاڪاڻ تہ آءٌ پنهنجي سر قومي ايڪتا جو حامي آهيان ۽ چاهيان ٿو تہ ملڪ جو ننڍو وڏو هندي سکي. اهو ڪم هڪ ڪچي ۽ ناقص لپي ۾ جڙتو زبان مڙهڻ سان ٿي نہ سگهندو. نڪي ماڻهن جي ماتري ڀاشا کي نگهوسار ڪرڻ سان ئي قوميت جو ٻيڙو پار پوندو. هن وقت جو ڪي ڪئميرا کي تصوير جهٽڻي، نيڪ ٽاءِ کي ڪنٺ لنگوٽ، ڪورٽ کي سچيواليہ ۽ تندرستيءَ کي سوسٿيہ وغيره بنائڻ جي خفقان ۾ مبتلا آهن. سي نٿا ڄاڻن تہ ٻولي هڪ زندهہ هستي آهي ۽ اُن جي اوسر خواهہ مقبوليت جا بہ ڪي فطري نيم آهن، جي اورانگهي نٿا سگهجن. باقي رهي لپي، سو ناگري لپيءَ جي بناوت عربي علامتن کان بهتر ناهي. انهن جي لکڻ ۾ وڌيڪ وقت ٿو لڳي ۽ سنڌي آوازن سان نهڪائڻ لاءِ منجهن گهڻين تبديلين جي ضرورت آهي. جيئن عربي پارسيءَ ۾ نج سنڌي آواز عدم پيدا آهن، تيئن ناگريءَ ۾ پڻ عربي پارسي

سنڌي آوازن لاءِ ٽيڪا ۽ ليڪون ڏئي پورائو ڪرڻو پوي ٿو. تازو جيڪا ناگريءَ ۾ آئيوٽا ڏني اٿن، تنهن ۾ ٽيونجاهه اکر آهن. جيڪڏهن ٽامو واري ’ٽ‘ ۽ ڊوڙ واري ’ڊ‘ به جدا لکجي ته ماترائن سميت پنجونجاهه اکر ٿيندا. مگر ماترائون ته هونئن به سنڌي عربي لپيءَ ۾ آسان ۽ مڪمل آهن. ناگريءَ ۾ ڪيتريون ماترائون عربي لپيءَ تان ئي نقل ڪيون اٿن ۽ اجا به اُڏاريون وٺن پيا. البت سنڌيءَ جي سڀني لفظن تي ماترائون نه ڏبيون آهن، جنهن ڪري اڌ پڙهيل انهن لفظن جا اُچار اٽپورا ڪن ٿا. ناگريءَ ۾ به جي ماترائون نه ڏبيون ته ساڳي حالت ٿيندي. انهيءَ جو علاج آهي ته گهٽ لفظن تي زيرون زبرون ڏجن، جيئن ٿورو پڙهيل به صحيح پڙهي سگهن. باقي انهيءَ ڪارڻ هڪ مڪمل لپي بدلائي، ڪسي ۽ عيبدار لپي اختيار ڪرڻ هڪ قسم جي هوڙهيائي ٿيندي. از انسواءِ اجا ته خود ناگري پرچارڪ انهيءَ ڪسيءَ لپيءَ جي ڪن اهم سوالن تي متفق ناهن ۽ ڪن اکرن جي آخرين صورت اجا طيءِ نه ڪري سگهيا آهن. ڌرم جو به انهيءَ لپيءَ سان تعلق ناهي. جيڪڏهن تيليگو ۽ تامل، بنگالي ۽ آسامي نرالين لپين ۾ لکڻ سان ڌرم کي هاڃي نٿي رسي ته عربي لپي ڪم آڻڻ سان اسين ڪو شيخ ڪو نه ٿا ٿيون. اهو دليل به ورنائٽو ناهي ته ناگريءَ ۾ لکڻ سان غير سنڌي اسان جي ٻولي پڙهي ۽ سمجهي سگهندا. ٻولي سمجهڻ لاءِ ٻولي سکڻي پوي ٿي، مگر ڪا به لپي هفتي ٻن اندر آسانيءَ سان سکي سگهجي ٿي.

هي انقلاب، آواز دنيا ۾ سياسي ۽ سماجڪ زلزلا ۽ تغيرات، هجرتون ۽ لڏپلاڻون رڳو اسان جي ڄمار ۾ ڪين ٿيون آهن، پر دنيا جي تاريخ انساني حماقت سبب اهڙن زخمن سان گهايل آهي. هي سنسار ايامن کان انيڪ مرضن ۾ مبتلا آهي ۽ ڪو اهڙو ملڪ ئي ڪونهي، جنهن جي جسم تي مهامريءَ ۽ مرگهيءَ جا داغ نه هجن. هن ملڪ جا باشندا به ڪي فرشتا ناهن، جو پوتي پاڪ ليکجن. البت قبيح ڪارناما ڪراهت ۽ حقارت پيدا ڪن ٿا ۽ ڪجهه وقت لاءِ انساني دماغ جو توازن لوڏي ڇڏين ٿا. اهو سياويڪ آهي ته اسان کي گذريل واقعن تي رنج آهي اهو غصو ۽ رنج بلڪل طبعي آهي. اسين ڪي ديوتائون ناهيون، نه ڪي هيءَ دنيا

ديوتائن جي رهڻ لائق مڪان آهي. تنهن هوندي بہ آءٌ صدين جا تهذيبي ۽ اخلاقي ۽ روحاني تعلقات ٽوڙڻ لاءِ تيار نہ آهيان. نڪي قدرت طرفان عطا ٿيل جنم جنمانتر جي ورثي ۾ ڏنل موڪري ميدان کي گهٽائي، تهذيبي اثر جو دائرو سوڙهو ڪرڻ ۾ ڪا سياڻپ ٿو ڏسان. اهو ٿيندو موڪرا ڪپڙا لاهي، پاڻ کي تنجڻ ۾ بڌي چڏڻ. روشن دماغ قومون پنهنجو ڪلچرل ۽ ادبي دائرو وڌائڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن. هو حقن لاءِ جدوجهد ڪندا آهن ۽ آزاديءَ لاءِ لڙندا آهن، پر پنهنجي فڪر ۽ خيال، تمدن ۽ تهذيب، ساهتيہ ۽ سندر ڪلا جي هڙان وڙان ڏيئي بہ ڦهلاءُ ڪندا آهن. مگر اسين جي پاڻ کي عاقل سمجهي ويٺا آهيون، سي سنڌي ٻولي ناگريءَ ۾ لکڻ سان قدرتي ورثي ۾ مليل ميدان کي ننڍو ڪري، پنهنجو اثر ۽ رسوخ گهٽائڻ ۾ ئي پنهنجي بهتري ۽ بهبودي ڏسون ٿا. مون کي دنيا اندر اهڙي جاتي ڪا نہ سجهي، جا جاڻي واڻي پنهنجي پهچ ۽ پيمائيءَ ۾ ايڏي ڪتر آڻي. هن وقت اسين سٺ لک ماڻهن تائين پنهنجا ويچار پهچائي سگهون ٿا. امڪان آهي تہ سمي پڇاڙان جڏهن تتل هيانءُ جا پڄرندڙ ڪورا نري ويندا ۽ جذباتي طوفان جهڪو ٿيندو، تڏهن گپت شڪتين (لڪل طاقتن) جي آدرشٽ اڻ تڻ، جا اونها زخم ميٽي جسم ۾ سگهہ، صحت، تازگي آڻي آدميءَ کي آدميءَ سان هم آغوش ڪري ٿي، سا اسان جا ڏک سور ميٽي ڇڏيندي ۽ اسان جا پويان انهيءَ اباڻي ارٿ ۽ موڪري ميدان لاءِ شڪر گذاريءَ جو ياءُ محسوس ڪندا. مون کي خاطري آهي ضرور ڪو وقت ايندو جڏهن اسان سڀني کي هندو مومن بزرگن، ساڌن، سنتن، اديبن ۽ عالمن جي روحاني ۽ اخلاقي، ادبي ۽ علمي خدمتن تي فخر ايندو ۽ هند-پاڪ جي خصومت ۽ دشمني هڪ ڀيانڪ خواب جيان ڪافور ٿي ويندي.

هن وقت هر ڪو دنيا اندر خيانت ڦهلائڻ جي ڪوشش ۾ آهي ۽ لکين روپيا خرچي ٻين کي پنهنجي اثر هيٺ آڻڻ لاءِ پاڻ پتوڙي ٿو پر قدرت اسان کي اڳيئي اثرائتو اوزار ڏنو آهي، جا نڪي لڏپلاڻ، نڪي سياسي حريفن جي چالبازي، نڪي مذهبي جنون اسان کان کسي سگهي ٿو ۽ اهو اوزار آهي. اسان جي ٻولي. سياويڪ آهي تہ هر ٻوليءَ جو انهيءَ ٻوليءَ جي

ڳالهائيندڙن تي گهٽي ۾ گهٽو اثر پوي ٿو. انهيءَ ۾ نہ دنيا جا عالم متفق آهن نہ مادري زبان وارن تي ويچار ۾ پاو. گيان ۾ وگيان جو بهترين نموني پرڪاش ڪري سگهجي ٿو. باقي رهي لپي، جيڪڏهن اُها ٿا بدلايون تہ هڪ ئي ڌڪ سان پنجهتر سيڪڙو سنڌي ڳالهائيندڙن کي پنهنجي ذهني، ادبي تهذيبي دائري کان خارج ڪري ٿا ڇڏيون. ان مان اسان کي ذرو بہ لاڀ نٿو ملي، ڇاڪاڻ تہ ايترا هندي راتو واهہ سنڌيءَ جا ڄاڻو ڪو نہ ٿي پوندا، جو انهن جي جاءِ ڀرين. مان سمجهان ٿو تہ اهڙي ڪم عقليءَ ۾ ڪوتاهہ انديشيءَ سان اسين پاڻ کي خواهہ پنهنجي پوين کي وڏي ڇيهي رسائڻ جي ذميواري ٿا کڻون، جنهن لاءِ تاريخ اسان تي اخلاقي ملامت ڪرڻ لاءِ حق بجانب رهندي.

هن مسئلي تي عملي ريت غور ڪرڻ سان پڻ ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ هن وڏي ملڪ ۾ ڪٿو ڪٿو ٿيل ڏهاڪو لک سنڌين ۾ ايڏي سمرٿي ناهي، جو اعليٰ درجي جو علمي ادبي ڪم هٿ ۾ ڪٽي سگهن. اهڙو امڪان بہ گهٽ آهي، جو هتي جي ڪا سرڪار اسان جي گرنٿن(ڪتابن) لاءِ ڪا موچاري رقم ڪڍي ڏئي. اسان جي ڪنهن راجيہ (رياست)۾ گهٽائي ناهي. هر جاءِ اتي ۾ لوڻ آهيون. تنهنڪري ڀيا اسان جي ساهتيڪ ڪاريہ (ادبي ڪم)۾ سهايتا نہ ڪندا. هن وقت دان وٺي ڪي ڏرمي گرنٿ ٿا ڇپائن. پر دان تي ڪيترو ٽڳي سگهبو؟ ڪنهن بہ ديس جو ساهتيہ ڪن جزوي ڏنائن(انڏيرن) ۽ دانين (سختين) جي خيرات تي اُسري نہ سگهندو. هينئر بہ ٿورين اصلي لکيتن کانسواءِ جيڪي ترجما ٿا ٿين، سي هرو ڀرو ساهتيڪ ناهن، نوي سيڪڙو ڪتابن جي عبارت ئي اهڙي آهي، جا هنن تي ساهتيہ ۾ جڳهہ ملڻ کان خارج ڪري ٿي ڇڏي. اڪثر ڪتاب تہ معلوماتي آهن. مثلاً صحت ۽ ورزش تي لکيل پستڪ يا ويدانت ۽ يوگا تي لکيل گرنٿ. ناٽو ڪيئن ڪمائجي ۽ دوست ڪيئن وڌائجن. گرامر جون سمجهاڻيون يا شاگردن لاءِ ڪوين جي ڪوتا جون شرحون ڪو اعليٰ ادب ناهي، باقي ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ ڪتاب ليندو. جو دل ۽ دماغ کي جهنجهوڙي، نئون شعور آڻي يا فرحت ۽ فيض بخشي، جنهن ڪتاب ۾ اهي وصفون ناهن يا جو ادب روح

پرور ۽ جان فدا (Literature of power) ناهي، سو صحيح معنيٰ ۾ ادب نہ ليکبو. ادب جي معنيٰ تعارف ۽ تواضح ناهي، پڪي وعظ ۽ نصيحت، پر اعليٰ خواهہ ادنا زندگيءَ جي اثرائتي عڪس ۽ انساني دل جي گهراين ۽ فڪري اوچاين جي سهڻي مؤثر عبارت ۾ جهلڪ کي ئي سندر ساهتيہ جو رتبو عطا ٿيل آهي. اهڙي قسم جو ادب تڏهن ميسر ٿي سگهندو، جڏهن ان جون پاڙون پاتال ۾هونديون ۽ ليکڪ خواهہ پاٺڪ پنهنجي جيون جوالا جي تاب تپش سان هڪٻئي کي متاثر ڪري سگهندا.

آخر ۾ آءٌ عرض ڪندس تہ هي اهڙو معاملو ناهي، جنهن لاءِ اشتهار بازي ۽ نعره زني، سياسي ڌڙابندي ۽ رسوخ ڪارگر ٿي سگهي. اسان جي ٻوليءَ ۽ لپيءَ جي باري ۾ وڏن ليڊرن جي راين کي بہ ڪا خاص اهميت ناهي. هنن اسان جي ڀاشا جو ڳوڙهو اڀياس نہ ڪيو آهي ۽ فقط ٻڌي ٻڌائي يا ظاهري زباني هڪ جهڙين جي مٿاڇري سمڪ جي اوٽ تي پنهنجي راءِ قائم ڪئي اٿن. سندن مراد نيڪ آهي، مگر اسان کي پنهنجي ٻوليءَ ۽ لپي، ڪلچر ۽ آئيندي جو فيصلو خود ڪرڻو آهي. اهو ڪنهن ٻي مٿان اڇلي نٿو سگهجي، نڪي جوش ۽ ضد، جاتي ڀاو ۽ سياسي غرض، اڻ پوري ڄاڻ ۽ تنگ دليءَ سان انهن اهم معاملن جو نبيرو ٿيڻ گهرجي. هيل تائين ناگري پرچارڪن لڳاتار سڏو اڻ سڏو پرچار پئي ڪيو آهي ۽ چوپڙين خواهہ ليکن ۽ اعلانن دوران پنهنجي راءِ کي ترجيح ڏني آهي ۽ مخالفن جا ٻوٿ ٻنڌڻ لاءِ مٿن ملامت وڌي آهي. مگر گذريل ڏهن سالن اندر آڱرين تي ڳڻڻ جيترا پستڪ ناگريءَ ۾ نڪتا آهن ۽ اُهي بہ شاگردن مٿان مڙهيا ويا آهن. ڄاڻ ناهي تہ سنڌي ساهتہ جا سوين سهڻا ڪارگر ڪتاب ناگريءَ ۾ آڻڻ لاءِ گهڻيون صديون لڳنديون. علم رڳو درسي ڪتابن ۾ ناهي، نڪي درسي ڪتاب ئي ڪو اعليٰ علم جو ذخيرو هوندا آهن. جي ٻيا ڪتاب ناگريءَ ۾ هوندا ئي ڪو نہ، تہ شاگرد پنهنجي علم ۾ اضافو ڪيئن آڻيندا؟ مون کي خاطري آهي تہ سنڌي ڪتابن جي عدم موجودگيءَ سبب هو پنهنجي شاندار سڀيتا ۽ ساهتيہ کان اڻواقف رهجي ويندا ۽ ڌارين جي ٽڪر تي پلجي روحاني ريت بيگانا بڻجي پوندا. هن وقت بہ اسان جا سمورا ڪتاب،

مخزنون، اخبارون عربي سنڌي لپيءَ ۾ ڇپجن ٿيون ۽ جيڪي ناگريءَ جو پرچار ڪن ٿا، سي خود انهي لپيءَ ۾ ئي ڪتاب ڇپائن ٿا. اها بہ هڪ عجيب ذهنيت آهي، جو ٻين کي چئجي ناگريءَ ۾ لکو ۽ پڙهو پر خود نڪي ناگريءَ ۾ لکجي، نڪي ڇپائجي، مون کي ڄاڻ آهي تہ ڪي اهڙا شخص بہ آهن، جي سنڌي ٻولي ناگريءَ ۾ لکي نہ ڄاڻن، پر يڪ طرفي پرچار هيٺ اچي ناگريءَ جي حمايت ڪن ٿا. بهتر تہ اهي سڄڻ سنڌي ٻولي ناگريءَ ۾ لکي ڏسن تہ آسان ڪم آهي يا مشڪل. هينئر تہ حالت اها بڻي آهي، جو پيءُ پٽ سان ماءُ ڌيءُ سان لکپڙهہ ڪري نٿي سگهي. لاشڪ اِها درگتي ڇئبي، جو هڪ سڌريل ۽ برک جاتي علمي ريت اهڙي ڪڙيءَ تي پهتي آهي. اسان جي ٻالڪن سان تہ صفا انرٿ (ظالم) ٿيو آهي، جو هينئر ماڳهين سنڌي ئي پوري لکي نٿا سگهن. بهتر آهي تہ هن معاملي جو ترت فيصلو ٿئي ۽ ان جو هر پهلوءَ کان ويچار ڪري ڪنهن قطعي فيصلي تي اچجي، انهيءَ کان جو وديار ٿين (شاگردن) جي امولڪ جيون سان راند ڪري، هنن کي ڇيهو پهچائجي. اُميد تہ سنڌي جاتي ۽ سنڌي ساهتہ ۽ سيپتا جا گهڻگهرا، هن اهم مسئلي تي جوڳو ڌيان ڏيندا.

# سنڌي ٻوليءَ جي لپي ڪهڙي؟

ي. ي وا واڻي

1. سنڌ کي الوداع ڪئي، اڄ اسان کي 10 سالن کان مٿي عرصو اچي ٿيو آهي. ان عرصي ۾ اسان لاءِ ڪيترائي مسئلا ۽ ڪٺنايون پئي پيدا ٿيون آهن، پر اسين پنهنجي همٿ، صبر ۽ ساهس سان انهن کي رفتہ رفتہ منهن ڏئي پئي پاڻ وسائيندا رهيا آهيون. آرٿڪ (اقتصادي) پئرولس جي درشٽيءَ کان جيتوڻيڪ پاڻ ڪيتري قدر وسايو اٿئون، پر تڏهن بہ اسان جو اهو مسئلو ايڏو تہ وشال آهي، جو اڃا گهڻو ڪم ڪرڻو اٿئون، جيئن اسين اڳي وانگر وري ٿانيڪا ۽ سکي سمجهون.

2. هتي اچڻ کان ڪجھ سالن بعد اسان مان ڪن پائين جو خيال اسان جي ٻوليءَ جي وڪاس(ترقي)، ان جي تسليميءَ ۽ ان جي لپيءَ طرف بہ ويو. اهو هڪ سياويڪ خيال هو جو نہ نيٺ بہ ڪنهن بہ جاتيءَ يا قوم جو سڌارو ۽ واڌارو ڪو رڳو سندس آرٿڪ انتيءَ (اقتصادي ترقي)تي منحصر نہ آهي. ٻوليءَ، ريتن، رسمن ۽ سڀيتا وغيره جي اوسر بہ ضروري آهي. اسان جي ٻولي وڏي ويجهي ۽ اها تسليم ٿئي، ان تي ڪهڙو سنڌي ارهو ٿيندو؟ پر نهايت ڏک جي ڳالھ آهي جو ان ڏس ۾ اسان جي انتيءَ اڳيان هڪ وڏي اڏ پيدا ٿي آهي. اها هيءَ آهي تہ لپيءَ جي سوال تي اسان ۾ بہ رايا ٿي پيا آهن. هڪڙا چون تہ چالو لپي قائم رکجي، پر ٻيا چون ٿا تہ هتي اچڻ بعد ڪيترائي سبب ٿي پيا آهن، جنهنڪري اسان کي پنهنجي ٻوليءَ جي هاڻوڪي لپيءَ بدران ديوناگري لپي اختيار ڪرڻ گهرجي. اهي بہ رايا يا راين ۾ متڀيد اڃا بہ هليو اچي.

3. بدليل حالتن ۾ سنڌي ٻولي ڪئن زندھ رهي سگهندي ۽ قلي ڦولي سگهندي. اهو سوال اسان سيني اڳيان آهي. ڇا ان سوال جو لپيءَ سان ڪو لاڳاپو آهي؟ ۽ جي آهي تہ پوءِ ڇا چالو لپي جاري رکڻ سان اهو حل ٿيندو، ڪين ديوناگري لپي اپنائڻ سان؟ اهي بہ بلڪل علحدا علحدا خيال آهن.

جن اسان جو ڪافي ويچار لهڻو. اسين سنڌي اڳ ۾ ئي 12_15 لک مس ۽ سي بہ ٽڙيل پکڙيل. انهن ۾ بہ جي ٻوليءَ ۽ لپيءَ جهڙي بنيادي سوال تي يڪمشتي نہ رهي تہ باقي رهندو ڇا؟ ان سوال تي اسين جيڪڏهن هڪ راءِ هجون ها تہ هن وقت تائين اسان جي ٻولي ڪيترو نہ واڌارو ڪري ها. شايد اُها هيل تائين وڏان (آئين) ۾ بہ داخل ٿي وڃي ها. اسان جو ساهت پڙهڻ وارا اڳي ئي ٿورا، ويتر ٻين لپين جي جهنجهٽ ڪري تہ پاڻ اسان جي ڪتابن ۽ اخبارن جو وڪرو وڃي گهٽ ٻيڻو آهي. اهڙي طرح وڏا لپين جي متڀيد ۾ ئي پورا آهن تہ هيئنان ٻيو ساهتيہ جو ترو نڪري ۽ ٻئي طرف ٻارن جي تعليم جو خانو خراب ٿئي (نيٺ بہ وڏن جي ٻن راين ڪري ويچارن ٻارن جي تعليم ۾ آئيندي ڪهڙو ڏوهہ ڪيو؟) اسان جي ٻولي اسان جي سنڌيت جو مکيہ انگ آهي، خاص ڪري هن وقت جڏهن اسان جو پنهنجو ڪو زمين ٽڪر نہ آهي، تڏهن تہ سنڌي جاتيءَ کي زندهہ رکڻ لاءِ اسان جي ٻوليءَ تي اسان جو آسرو آهي. جي اسان جي ٻولي زندهہ رهي تہ پوءِ اسان جي جاتي بہ سلامت رهندي، ڇو تہ ٻولي نيٺ بہ هڪ اها چيز آهي، جنهن وسيلي اسين سولائيءَ سان پاڻ ظاهر ڪري، ڳالهائي، ڪلي، روئي، ويچار ڪري سگهون ٿا. ان ڪري هڪ دفعو جيڪڏهن اسان جي ٻوليءَ تي لپيءَ يا ٻئي ڪنهن سبب ڪري خطرو ٿيو معنيٰ اسان جي سنڌيت يا هستيءَ کي خطرو ٿيو. لپيءَ جو ٻوليءَ سان گهرو تعلق آهي (جهڙو چمڙيءَ جو بدن سان). ان ڪري ان ۾ شڪ نہ آهي تہ لپيءَ جو سوال هڪ اهم سوال آهي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي هر هڪ گهڻگهري جو فرض آهي تہ هن سوال ۾ دلچسپي وٺي ۽ ٻئي جي مت تي نہ لڳي، پاڻ ئي ويچاري تہ نيٺ بہ اسان کي پنهنجي مٺي مادري ٻوليءَ جي لپي ڦيرائڻ گهرجي ڇا؟ سنسڪرت ۾ پڻ چيل آهي:

युक्तियुवतं वचो ग्राह्यं बालादपि शुकादपि।
युक्तिहीन: वचस्त्याज्यं वृद्धादपि शुकादपि।

يعني جنهن ڳالهہ جي بنياد ۾ ترڪ (Sound reasoning) هجي سا اپنائڻ گهرجي، پوءِ ڇو نہ اها ڳالهہ ڪنهن ٻار يا پلي ڪنهن طوطي ئي چئي هجي،

پر ڇا ڳالهہ ترڪ رهت هجي، ان کي بلڪل قبول نہ ڪجي، پوءِ ڇو نہ اها ڳالهہ ڪنهن بزرگ يا خود ڪٽي رشيءَ جي مڪاروند منهن مان نڪتل هجي.

هيءُ سوال ڪو راڄنيتي، پارٽي بازيءَ يا ڪنهن گروهہ بنديءَ جو سوال نہ آهي. پر محض ٻوليءَ جو سوال آهي، جو هر هڪ سنڌيءَ سان واسطو رکي ٿو. ان سوال جو فيصلو ان ڪري عام سنڌين کي ئي ڪرڻو آهي. ٻئي ڪنهن کي اهو فيصلو ڪرڻ جو ڪو بہ حق نہ آهي.

4. اها هڪ دک جي ڳالهہ آهي تہ لپيءَ جي سوال تي ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ ڇڪتاڻ پئي ٿي آهي ۽ رس نہ رهيو آهي. اها هڪ غلطي ۽ دکدائڪ ڳالهہ چئبي. لپي ڪهڙي هئڻ گهرجي؟ اهو اسان جي راءِ تي منحصر آهي ۽ پنهنجو رايو ظاهر ڪرڻ هر هڪ انسان جو جنم جو حق آهي (پر اهو ٻين مٿان مڙهڻ جو ڪنهن کي بہ حق نہ آهي). اسين صرف هڪٻئي کي پنهنجن دليلن ڪان واقف ڪري هڪٻئي کي مڃائي سگهون ٿا، پر نہ ڪا بہ زوري ڪري ، راين ۾ متڀيد تہ پيا ٿين ئي. ڀائرن جا ۽ پيءُ پٽ جا پاڻ ۾ متڀيد ٿين پيا، انڪري ڇا هو پاڻ ۾ ڇني ڦاڙي وهن؟ ڪٿي تہ خود زال مڙس بہ پاڻ ۾ نہ پيا ٺهن، تنهنڪري هو هڪٻئي کي ڀائڻ ڇڏي ڏين؟ ڪڏهن ڪڏهن زبان کي ڏندن جو چڪ پوندو آهي، ان ڪري ڪو ڏند ڀڃي ڦٽا تہ ڪين ڪبا آهن. متڀيد ٿين پيا ۽ ضرور ٿيندا رهندا، انڪري انهن سياويڪ سهج سڪ ۽ پريت جو ناتو ٽوڙي هڪٻئي لاءِ دل ۾ ڪوڙاڻ يا بغض ڌاريون، اها ناداني چئبي.

5. منهنجي ويچار ۾ اسان سنڌين لاءِ بدليل حالتن هيٺ بہ اهڙو ڪو ضرور نہ پيو آهي، جو ويهي پنهنجي ٻوليءَ جي لپي بدلايون، يا ائين بہ نہ آهي تہ چالو لپيءَ ۾ اسان جو آئيندو روشن نہ آهي. لپي بدلائڻ مان ڪو فائدو نہ آهي، پر ان مان سراسر خطرو آهي. خود ٻوليءَ جي هستيءَ کي خطرو، ڇو تہ لپيءَ جي تبديل ڪري نہ رڳو ٻوليءَ تي التو اثر پوندو، پر ماڻهو جي گهڻي ڀاڱي اڳ ۾ ئي ٻين ضروري مسئلن ۾ مشغول آهن، ان وڏيڪ جهنجهٽ ۽ مغز ماريءَ کان بيزار ٿي مورڳو ئي سنڌي ٻوليءَ جي پڇر ڇڏي، مڪاني ٻولين ڏانهن

مائل ٿيندا. عام ماڻهو سهوليت ۾ سولائيءَ کي ئي ڏسن ٿا ۽ ان ڪري اسان کي هي سوال انهن جي ويچار کان ئي ڏسڻ گهرجي. ۽ نه رڳو دماغي يا علم يافته طبقي جي ماڻهن جي خيال کان. ائين نه آهي ته ديوناگري لپيءَ خلاف کنهن کي ڪا شڪايت آهي، پر سنڌي ٻوليءَ لاءِ ديوناگري لپي اختيار ڪرڻ خلاف اعتراض آهي، ڇو ته ان ٻوليءَ لاءِ هوءَ هڪ اڻ ٺهڪندڙ ۽ نامفيد لپي آهي. اسان جا ديوناگري دوست ان کي اسان جي ٻوليءَ لاءِ ڀلي نيڪ سمجهندا هجن، پر پنهنجي ويچار ۾ ان ۾ هو ديوناگري لپي لاءِ حد کان مٿي جذبو ڏيکاري رهيا آهن. ان ۾ شڪ نه آهي ته سنڌي ٻوليءَ لاءِ ديوناگري اپنائڻ ۾ سندن نيت يا ڀاونا بلڪل سٺي آهي (جنهنجو آءٌ قدر ڪريان ٿو) پر دنيا ۾ نيڪ نيت يا سٺي آدرشواد ته رڳو ڪامياب نه ٿيندا آهن. حقيقتن ۽ حالتن کي به ته ڪا اهميت ٿيندي آهي. هتي هڪ مثال ڏيڻ بي جاءِ نه ٿيندو. هڪڙو ڌرماتما سيٺ هوندو هو. ڏاڍا دان پُن ڪندو هو. هڪ ڏينهن ٻاهران آءٌ ۽ ڪجهه فقيرن جو ڌنبلو سندس ناماچار ٻڌي اچي سندس در تي سين هئين. چي: اسين ڪيترن ڏينهن کان بکايل آهيون، اسان کي ڪجهه کائڻ لاءِ ڏيو. سيٺ جنهن جي رڳ رڳ ۾ دان سمايل هو، تنهنجي دل پگهرجي ويئي.، نوڪرن کي حڪم تي ويو ۽ پوءِ سيٺ سڀني فقيرن کي پنهنجي گهر جي هڪ ڪمري ۾ ويهاري، کين ڏاڍا عمدا ڀوڄن ڪارايا. کيرٽيون، پوريون، سيرا، سيئون، لڏون، پيڙا وغيره وغيره. ڪهڙي ڳالهه ڪجي! فقير پيٽ ڀري، سيٺ کي آسيسائون ڪندا رمندا رهيا، پر به هو ڪيتري تائين هلي ٿي سگهيا؟ ڀلا جن ڪيترن ڏينهن کان ڪاڏو ڪو نه هو ۽ آنڊا ڪمزور هئن سي اهڙو ڳرو ڪاڏو ڪئان ٿا هضم ڪري سگهن؟ واٽ تي اچي دست ٿين ۽ هو سيٺ کي پٽيندا الاجي ڇا جو ڇا چوڻ لڳا. مطلب ته جذبي وهيڙو ٿي حد کان مٿي دان تان ٻلهار ويندڙ سيٺ جيئان اسان جا دوست به ديوناگريءَ جو نالو ٻڌي ايترو ته اُمنگ ۽ ترنگ ۾ اچي ٿا وڃن جو اڳتي کين ڪجهه ڏسڻ ۾ ئي ڪو نه ٿو اچي ۽ اُن ڏن ۾ هو ٻئي ڪنهن جي ٻڌڻ جي پرواهه ئي ڪو نه ٿا ڪن. اسان جا هي دوست شايد انهيءَ ئي خيال

هيٺ ٿا رهن تہ دنيا ۾ ديوناگري  لپي  ئي هڪ سرو سريشٽ ۽ ڪامل لپي آهي، ٻيون مڙيو ئي انڊيون منديون يا اڌو گابريون لپيون آهن. هنن ليکي ديوناگري لپي ئي رڳو ديون جي نگر  مان آئي آهي، ٻيون سڀ دئيتن جي ملڪن جي پيدائش آهن. هنن جي ويچار ۾ ديوناگري لپي ئي سچي نجي امرت مثل آهي. باقي ٻيون سڀ ٽُٽو ڀاڙي آهن! ڀلا من جي وهم جو ڪهڙو علاج؟ هونئن بہ ڪن ڪن ماڻهن جي اها عادت ٿيندي آهي تہ پنهنجو جيڪي هجي، ان کي گهڻ سمجهندا وتن، پر ٻين ۾ جيڪي ڏسن ان جي ساراهہ جون سرڪيون ڀيا ڀرين، پوءِ ڀلي حقيقت ۾ ان ۾ ڪهڙا بہ نقص  چو نہ هجن. گهر ڪي مرغي دال برابر، انهيءَ کي ئي چئبو آهي. سچ پچ تہ جيئن جوش ۾ هوش وبندو رهندو آهي، تيئن جذبي ۾ بہ انسان ترڪ (reason) کوهيو وهي پوءِ اهو جذبو چاهي ڪيترو بہ سٺي ڀاونا سان ڀر ڇو نہ هجي. اسان جا ديوناگري  ڀائر بہ پنهنجي موَ ۾ حالتن ۽ حقيقتن  جو پورو احساس نٿا رکن. نتيجو اهو نڪتو آهي جو سندن اويچار واري قدم ڪري سنڌي ٻوليءَ جي اصليت ۽ عبارت وغيره اُلٽ پلٽ ٿي رهيا آهن. ان جو سڄي جاتيءَ تي تمام برو ۽ خطرناڪ اثر پئجي رهيو آهي. (ان صاف گوئيءَ لاءِ ڪي ڀائر شايد مون تي  ڏمرجن، پر مان معافي طلب آهيان.)

## ديوناگري حمايتي دوستن جا دليل ۽ انهن جا جواب

اڇو تہ پهرين  ٻنهين لپين جو ڪجهہ ضروري ابياس ڪريون. ائين ڪرڻ سان اڳتي هلي سهوليت ٿيندي.

### (الف) سنڌي لپيءَ جي ورڻمالا

ا ب ٻ پ ڀ ت ٿ ٽ ٺ ث ڪ گ ڳ ڱ گهہ ف ق ر ز ڙ ڊ ذ ڌ ڏ ڍ س ش و ل م ڪ ق ن ڻ ح ج ڄ ڃ چ ڇ خ هہ جهہ ص ض ع غ ط ظ ي ء.

هن لپيءَ مان ڏسڻ ۾ ايندو تہ انسان جيڪي بہ زبان اچار ڪري سگهي ٿي، سي سڀ گهڻو ڪري ان ۾ اچي وڃن ٿا. اکرن جي نمبروار بيهڪ بہ ڪا بري ڪا نہ آهي، ڇو تہ هڪجهڙا اکر جهڙوڪ ب ٻ پ، ک گ ڳ، د ذ ڌ وغيره لڳو لڳ آيل آهن. جنهنڪري انهن جي ياد ڪرڻ ۾ تڪليف نٿي

ٽئي. البت ڪن ڪن ساڳين اچارن لاءِ ٻه يا وڌيڪ اکر آهن. جهڙوڪ ا ع ء، ت ط، ث س ص، ذ ز ض ظ، ح ھ ۽ ڪ ق.

### ب) ديوناگري لپيءَ جي ورڻمالا

क ख ग घ ङ, च छ ज झ ञ, ट ठ ड ढ ण,
त थ द ध न, प फ ब भ म, य र ल व, श ष स ह,
अ आ इ ई उ ऊ ए ऐ ओ औ अं अः

هن لپيءَ مان ڏسڻ ۾ ايندو ته هن لپيءَ جي خاص خوبي اها آهي ته آواز موجب آهي، پوريءَ ريت جوڙي وکيل آهن. پهريان پنج اکر نڙيءَ مان نڪرن ٿا (Gutturals)، ٻيا پنج اکر زبان تارونءَ ۽ ڏندن جي وچ کي لڳائڻ سان نڪرن ٿا (Palatals)، ٽيان اکر زبان تارونءَ کي لڳائڻ سان نڪرن ٿا (Linguals)، چوٿان پنج اکر زبان ڏندن کي لڳائڻ سان نڪرن ٿا (Dentals)۽ پنجان پنج اکر چپن لڳائڻ سان نڪرن ٿا (Libials). هن لپيءَ ۾ سڀ اچار نٿا اچي وڃن.

(ب) مٿئين ٻن لپين جي ڀيٽ ڪرڻ سان ظاهر آهي ته اهڙا نوَ ڏهه اچار آهن، جن لاءِ ديوناگري لپيءَ ۾ اکر ڪونهن، پر سنڌي لپيءَ ۾ آهن. انڪري انهن اُچارن جو پورائو ڪرڻ لاءِ ديوناگريءَ جي ڪن اکرن کي هيٺان ليڪون يا ٻڙيون ڏنيون ويون آهن.

7. دليل: هندي اسان جي راشٽر ڀاشا (ملڪي ٻولي) آهن. اها اسان کي ضرور سکڻي پوي ٿي ۽ انڪري ديوناگري لپي ٻه. پوءِ ڇو نه اها لپي سنڌي ٻوليءَ لاءِ ٻه اپنائي سنڌين تان چالو لپيءَ جو بوجو هلڪو ڪريون؟

جواب: (1) چڱي ڳالهه چئبي! عام طور اسين ٽي ٻوليون ضرور سکون ٿا. سنڌي، هندي ۽ انگريزي هر هڪ جي لپي جدا جدا آهي، پر ڇاڪاڻ ته اسان کي هندي ضرور سکڻي پوي ٿي، انڪري اسين پنهنجي لپيءَ کي صدقي جي ٻڪري بنايون. اها ڪٿي جي فراخدلي آهي؟ ائين ته ڀلا انگريزي انتر راشٽري ڀاشا (عالمي ٻولي) هئڻ ڪري سکڻي ته ضرور اٿئون. پوءِ ڇو نه اڳو پوءِ ٻئي سنڌي ۽ هندي رومن لپيءَ ۾ لکون ۽ وڌيڪ بار گهٽايون. يا ته ڪهڙو هرويرو ضرور پيو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي ٺي بوجي ڪٽڻ جوا اچو ته سڀيئي

هندي سڪون!! مٿيون دليل اهڙو آهي، جهڙو چئجي تہ سنج لڏا اٿئون، تنهنڪري گهوڙو بہ ضرور ونڻ گهرجي، نہ تہ سنج اجايا ويندا.
(ب) اسان جي لپي ڪا نڪمي يا گهر ڪان واندي لپي آهي ڇا، جو ان کي اسين ڇڏي ڇڏيون؟ ڪيترن سالن جي آزمودي ۽ تجربي بعد هوءَ هاڻوڪي روپ ۾ آيل آهي ۽ ديوناگري لپيءَ جي ڀيٽ ۾ منجهس ڪي وڌيڪ خاصيتون بہ آهن. تنهن ڪان سواءِ ائين آهي ڇا تہ، جڏهن اسان کي ديوناگري ۽ رومن لپيون اچن ٿيون، تڏهن ٻيءَ ڪنهن لپيءَ جو گيان هئڻ اڪيارٿو (بي مقصد) آهي؟ ماڻهو وڌيڪ ۽ وڌيڪ علم ٻيا سکن. پر اسين سالن ڪان جاڻندڙ لپي بہ مٽائي وساري ڇڏيون، اها ڪهڙي سياڻپ چئبي؟ چالو لپي جاڻڻ ڪري اسان کي اردو، پارسي ۽ عربي سکڻ ۾ سهوليت ٿي سگهي ٿي. اسين سنڌي تہ پاڻ گهڻي ڀاڱي واپاري طبقي جا ماڻهو آهيون ۽ واپار ڪندي اسان مان ڪيترن کي چالو لپي جاڻڻ ڪري پاڻ گهڻي سهوليت ٿئي ٿي، ان ڪري بہ پنهنجي لپيءَ تان اسين ڇو هٿ ڪڍون؟
(ڀ) اسان جن ڪن اسڪولن ۾، هينين ڪجهہ درجن ۾ هڪ مڪاني ڀاشا (ٻولي) پڙهڻ سيڪاري وڃي ٿي، ننڍين ٻارن تي هڪ وڌيڪ ٻولي سکڻ جو بوجو وجهڻ نہ صرف بيسود آهي، پر ساڻن نسورو انياءُ پڻ ڪرڻو آهي، ديوناگريءَ وارا جي پنهنجي مادري ٻوليءَ جي لپيءَ کي هڪ بار يا بوجو ڪري ٿا سمجهن، سي سڄي ساري هڪ ٻي ٻوليءَ جو ٻارن مٿان بوجي پوڻ مهل ڇا ٿا ڪن؟ هڪ طرف جڏهن ٻارن تي هڪ وڌيڪ ٻولي سکڻ جو بار ٿو پوي، تڏهن دانهن بہ نٿي نڪري ۽ ٻئي طرف هڪ لپي جنهن سان اسان جو سالن ڪان سنبنڌ پئي رهيو آهي، ان کي بار سمجهي ان کي ڪيڻ لاءِ هائيدوس ٿي مچائجي. اهو ٿيو هڪ طرف اڍائي مٽي ڳوڻ ڪٽي وڃڻ، پر ٻئي طرف هڪ خالي ڳوڻ ڪٽڻ ڪان بہ ڇرڪڻ! سچ چيو اٿن ”واٽيو سٺو نہ ساري سوائي ساري“، مُور پلي وڃي تہ وڃي، پر وياج نہ وڃي. ٻوليءَ جو ترو نڪري تہ پلي پيو نڪري، پر لباس ضرور ديوناگري پهري! هر اِنسان کي بيهڻ لاءِ پنهنجون ٽنگون ٿين ٿيون. ٻئي جون ٽنگون بهتر هجن، انڪري ڇا پنهنجون ڪٽي

ٻين جي ٽنگن جو استعمال ڪري سگهبو؟ لپي ٻوليءَ جي ٽنگن مثل آهي، پر اسان جا دوست اسان جي ٻوليءَ جون ٽنگون ڪٽي ڦٽي ڪرڻ لاءِ اچي آماده ٿيا آهن.چي: هندي ٻوليءَ جون ٽنگون وڏيڪ سنيون آهن. اُهي وڏيڪ سهٽيون ٿيون لڳن. اهي ديو پريادڳ جي بن مان اٽيل سچي اچي پڪي چندن جي ڪاٺ مان ٺهيل آهن، انڪري ٽنگون صرف اهڙيون ئي هئڻ گهرجن!

8. دليل: چالو لپي عربي لپيءَ مان نڪتل آهي، انڪري هوءَ هڪ وديشي (پرڏيهي) لپي آهي. ان جو آزاديءَ بعد هتي آئيندو روشن نہ آهي. هند سرڪار بہ ديوناگري کي ٿي همٿائي، انڪري اسان کي بہ اها اپنائڻ گهرجي.

جواب: (1) اها هڪ تاريخي حقيقت آهي تہ انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ بعد ئي سنڌي ٻوليءَ لاءِ هاٽوڪي لپي باقاعدي ٺاهي ۽ مقرر ڪئي وئي جنهن بعد هوءَ هلندي پيئي اچي. ان کان اڳ سنڌي ٻوليءَ جي لپي ڪهڙي هئي اُن ۾ وڃڻ جو هتي ڪو ضرور نہ آهي. ان ريت اها حقيقت پڌري آهي تہ اسان پنهنجي ٻوليءَ لاءِ هاٽوڪي لپيءَ کي 100 ورهين کان بہ وڌيڪ اپنايو آهي. ڇا ان حقيقت يا ان جي نتيجن تي اسين هاڻي اکيون ٻوٽي سگهون ٿا؟ ۽ 100 ورهين بعد بہ اسين چئي سگهون ٿا تہ هوءَ اسان لاءِ هڪ وديشي لپي آهي؟ هيترا سال اسان تڪليف محسوس نہ ڪئي ۽ چالو لپيءَ پليءَ پٽ سنڌي ٻوليءَ کي وڌائڻ ويجهائڻ جو مطلب سڌ ڪيو ۽ اسان بہ ان کان پورو ڪم ورتو. پر هاڻي اوچتو ئي اسين چئون ٿا تہ هوءَ وديشي آهي ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪارائتي نہ آهي. عجيب شڪر گذاري ڇئبي! هتي هڪ پرسنگهہ (لطيفو) بي جاءِ نہ ٿيندو. هڪڙا ٽي پاڙيسري هئا، هڪ سنڌي، ٻيو يوپيءَ جو مهاشيہ ۽ ٽيون انگريز. ٽيئي ڏاڍا ڀلا مانس (ماڻهو) هئا ۽ پاڻ ۾ ڏاڍي سک پريت سان رهندا هئا. ٽنهين جون زالون بہ ڏاڍيون سنيون ۽ سلڇڻيون هيون ۽ اهي بہ هڪٻئي سان ڏاڍي قرب سان هلنديون هيون. هڪ دفعي ٽنهي دوستن صلاح ڪئي تہ گڏجي ڪو سير سفر ڪرڻ هلجي، اها راءِ پڪي بيٺي ۽ ٽيئي سفر جون تياريون ڪرڻ لڳا. اوچتو سنڌيءَ کي ڪنهن

ريڇڪ اڇي ڪنيو ۽ ويو يوپيءَ واري دوست وٽ. چيائينس: دوست ڳالهہ تہ ٻڌ، مان تہ هلڻ لاءِ بلڪل تيار آهيان، پر مان پنهنجي شريمتيءَ کي ڪنهن سبب ڪري ساڻ نٿو وٺي هلڻ چاهيان، پر سفر لنبو آهي، واٽ تي تڪليفون ٿين پيون، مون کي جيڪڏهن واٽ تي ڪا تڪليف ٿئي تہ ڇا تنهنجي زال منهنجي شيوا ڪندي؟ دوست و راٺيو: اها بہ ڪا پڇڻ جي ڳالهہ آهي؟ اڙي هوءَ تہ تنهنجي ڀاڀي آهي، ۽ سو بہ هھڙي شيواڌارڻ ۽ ڌرمشٽ، تو کي تڪليف ۾ ڏسي هوءَ تو کي ڪيئن ڇڏي ڏيندي؟ تون ڪو بہ اُلڪو نہ ڪر، بي فڪرو ٿي جلدي سفر جو سانباهو ڪر. پوءِ تہ سنڌيءَ جي بيگهي مڇي ويئي ۽ لڪڻ هٿ ۾ کڻي اڇي زال جي مٿان پيو ۽ چوڻ لڳس: هاٺي ٻڌ ڙي، تون نڪر منهنجي گهر مان ٻاهر، مان تو کي هاٺي پاڻ سان وڏيڪ گڏ رهائڻ نٿو چاهيان، او وديشڻ! او ڏارئي رت واري، مون کي خبر آهي تہ تنهنجي ڏاڏي جي ڏاڏي هڪ ايرانڻ سان شادي ڪئي هئي ۽ ان نسل مان هئڻ سبب تو ۾ بہ ڏاريو رت آهي. بس ان ڪري مان تو سان هاٺي ناتو توڙڻ ٿو چاهيان، ڇا ڪريان تون آهين تہ بيشڪ سهڻي، سلڇڻي ۽ وٹندڙ پر تو ۾ جو ڏاريو رت آهي ۽ روش بہ ڪجهہ ڏاريا پيا ڏسجن، سو مان اصل برداشت نٿو ڪري سگهان. تو سان مان هينئر وڏيڪ رهڻ بلڪل نٿو چاهيان، بس نڪري وڃ. ڇيم هتان هلي وڃ. جلدي ڪر، او ايراني اولاد... سنڌڻ ويچاري سراپجي ويئي ۽ دکي ٿي چوڻ لڳي: سوامي، هي اڄ توهان کي ٿي ڇا ويو آهي؟ مان تہ اڄ توهان جو هي رنگ ڏسي ڏاڍي تپرس ۾ پئجي ويئي آهيان. ڇا توهان تي ڪنهن جادو وڌو آهي يا ٽوٽو ڦيٽو ڪيو آهي؟ يا ڇا ڪنهن توهان کي گمراهہ ڪيو آهي؟ هيڏا سال پاڻ ۾ گڏ رهياسين ۽ خوشيءَ مزي ۾ گذارياسين ۽ اڄ اوچتو هي توهين پنهنجي مک مان چئو ڇا پيا؟ ڪنهن جي توهان تي ڇايا تہ نہ پئجي ويئي آهي؟... اسين عام طور جيڪي ٿي ٻوليون سکون ٿا، سي آهن ٿي دوست ۽ لپيون آهن، سنڌن زالون ۽ اسان جا ديوناگري دوست چئبا. سنڌيءَ مثل (شل ڏٺي سمت ڏئين) ڪن کي شايد هيءَ اپما (تمشيل) سهڻي نہ لڳي، پر اهو تہ گهڻا قبوليندا تہ لپيءَ

جي پيٽ زال سان بلڪل ٺيڪ ڪيل آهي ،ڇو تہ ڪنهن بہ ٻوليءَ جو پنهنجي لپيءَ سان اهڙو ئي سنبنڌ ڇٽبو جهڙو مرد جو پنهنجي استريءَ سان، تنهن ڪانسواءِ هر مرد لاءِ صرف پنهنجي زال ئي اهو هڪ انسان آهي، جنهن سان هو تمام سولائيءَ ۽ بي حجابيءَ سان هلي سگهي ٿو. ساڳيءَ طرح سان پنهنجي ٻولي (۽ لپي) بہ اهڙو ئي هڪ واهڻ يا ذريعو آهي، جنهن سان هو هن دنيا ۾ پاڻ کي سولو سمجهي ٿو ۽ ان دواران هو هر طرح پاڻ کي چڱيءَ طرح ظاهر ڪري سگهي ٿو.

(ب) چالو لپي مسلمانڪي آهي يا عربيءَ مان نڪتل اِهو هڪ تعصب يا ڪٽرپڻو آهي. ديوناگريءَ وارن کي ان ڪري سنڌي لپيءَ مان ڇڙڪ هڪ بدبوءِ پئي اچي، ڪين ان لپيءَ مان وديشيپڻي جي ٻوت جو وهم ڀاسي رهيو آهي. جيتوڻيڪ ان ٻوليءَ ۽ لپيءَ ۾ ٻين ڪيترين ڀارتي ٻولين جي پيٽ ۾ گهڻائي سنسڪرت ۽ هنديءَ جا لفظ آهن. حقيقت ۾ ڪا بہ ٻولي يا لپي پنهنجي ليکي خراب نہ آهي. هوءَ تہ نرمل جل جيان آهي، جنهن کي جهڙو رنگ ڏبو تهڙو ئي ٿي پوندو. ڪا بہ ٻولي يا لپي سٺي آهي يا نہ، ان جي ڪسوٽي اها ئي آهي تہ ان دواران اسين ڪيتري قدر سولائيءَ سان پاڻ کي اظهار ڪري دل جي ترپتي محسوس ڪري سگهون ٿا، اسان کي جنهن ڳالهہ ۾ سهوليت ٿئي ۽ اسان جو مطلب چڱيءَ طرح سڌ ٿئي، اها اپنائڻ ۾ اسان کي تعصب ڇو ڪرڻ گهرجي پوءِ اها ڪٿان بہ ڪري نڪتي هجي. اهو گڻ انسان جي ادار دليءَ ۽ سپيتا جو ئي آهي. اسين جي چئون تہ ڇاڪاڻ تہ سوٽ ۽ ٽوپلو انگريزي رواج جون نشانيون آهن. ان ڪري اسان کي اهي نہ پائڻ گهرجن تہ اها اسان جي ڪم عقلي ۽ ڪٽرپڻي جي نشاني چئبي. ڇا ڪنهن شيءِ تي ڪو خاص ٺپو لڳل آهي؟ وديشيپڻي جي بهاني جي اسان جا دوست ان لپيءَ کي هڪالڻ ٿا چاهين تہ پوءِ اسان جي ٻوليءَ ۾ ڪئين جو عربي، انگريزي ۽ ٻيا وديشي ٻولين مان نڪتل لفظ پيا آهن (جهڙوڪ آبهوا، رومال، اخبار، بشرطيڪ، حال في الحال، آزار، حاضر، عادت، ڪرامت، طاقت، عجيب وغيره وغيره. جن جي ڪري اسان کي پاڻ ظاهر ڪرڻ ۾

ڪيڏي نہ سهوليت ٿي ٿئي) انهن جو ڇا ڪجي؟ پوءِ تہ انهن کي بہ ٽڙي ڪڍجي نہ؟ ان حال ۾ انگريزي يا ٻي ڪا وديشي ٻولي سکجي ئي ڇو؟ تنهن ڪانسواءِ چالو لپي وقت گذرندي عربي ۽ اردو لپين کان ايترو تہ ڦري ۽ نرالي ٿي وئي آهي، جو ان کي اجا بہ عربي لپي چوڻ سراسر غلط ٿيندو. ان کي سنڌي لپي چوڻ ئي صحيح آهي.

(ب) سرڪار جي رغبت ديوناگري لپيءَ ڏانهن وڌيڪ آهي، ان ڪري اها اپنائڻ گهرجي، سو چوڻ بہ سراسر غلط آهي. اها حقيقت آهي تہ اسان جي سرڪار وڏان (آئين)موجب هڪ لوڪشاهي (جمهوريت) ۽ سيڪيولر سرڪار آهي، جا سڀني کي هڪ اک سان ڏسي ٿي ۽ ڌرم، ٻولي، لپيءَ وغيره ڪري هوءَ ڪنهن ۾ بہ ويڇو نہ ٿي رکي، اسان جي ملڪ ۾ ايترا تہ مذهب، جاتيون، ٻوليون ۽ لپيون آهن، جو ڪا بہ ايندڙ سرڪار پڻ سڀني سان هڪجهڙو ۽ لوڪشاهي ورتاءُ هلڻ بنا جالي نہ سگهندي. اسان کي انڪري ڪو بہ انديشو نہ هئڻ گهرجي تہ سنڌي لپي اپنائڻ ڪري، اسين ڪو ڪنهن جي اک ۾ ٿي پونداسين يا سرڪار جي اسان ڏانهن ماٽيلي ماءُ واري نيتي رهندي يا اسان کي انڪري ڪير نقصان رسائي سگهندو. هن ڏس ۾ اهو ڌيان ۾ هجي تہ خود اردوءَ جي واڌاري ۽ ترقيءَ لاءِ هند سرڪار منتظر آهي ۽ ان لاءِ خاص گرانٽون پئي ڏئي. تازو دهليءَ جي ميونسپل ڪارپوريشن اردوءَ کي دهليءَ جي ٻيو نمبر مک ڀاشا ڪري ٺهرايو آهي. نہ رڳو مسلمان پر خود ڪيترا ودوان هندو پڻ اردوءَ جي وڪاس لاءِ سرڪار تي زور آڻي رهيا آهن. انهن حالتن ۾ ڪيئن چئي سگهبو تہ سنڌي لپي اپنائڻ ڪري اسين ڪو سرڪار يا ٻئي ڪنهن جو ناراضپو کٽنداسون.

9.دليل: ديوناگري لپيءَ ۾ سنڌي لکڻ ڪري ٻين جاتين وارا بہ اسان جي ٻولي پڙهي سگهندا ۽ انڪري اسين هڪٻئي جي ويجهو ايندا سين.

جواب: هيءُ هڪ گمراهہ ڪندڙ دليل آهي. ڀلا جيڪڏهن اسان لپي ديوناگري ڪئي تہ ڇا ان لپيءَ جا ڄاڻو سچ پچ اسان جي ٻولي پڙهي ۽ سمجهي سگهندا؟ مرهٽي ٻوليءَ جي لپي ذري گهٽ ساڳي ديوناگري آهي،

پوءِ ڇا يوپيءَ ۾ رهندڙ هندي ڄاڻو اها پڙهي ۽ سمجهي سگهن ٿا؟ يا انڪري ڪيترا هندي ڀاشي مرهٽيءَ جي پڙهڻ ۾ دلچسپي ٿا وٺن؟ يا ڪيترا مرهٽا انڪري هندي چڱيءَ طرح ٿا ڄاڻن. (مرهٽن جي پيٽ ۾ پاڻ سنڌي هندي وڌيڪ ٿا ڄاڻن). حقيقت تہ هيءَ آهي تہ ڪنهن بہ ٻولي سمجهڻ لاءِ ان ٻوليءَ جو گيان هئڻ بہ ضروري آهي. ان جي صرف لپي آئي تہ ڇا ٿيو؟ ڪا بہ لپي صرف ڪن ڏينهن ۾ سکي سگهجي ٿي (پر اسان جا ديوناگري متر اهو ئي چوندا ٿا وتن تہ ’سنڌي اسڪولن ۾ اسان جا ٻار پهرين ٻن درجن ۾ تہ لپي سکڻ اڃا مس ٿا شروع ڪن‘)پر ڪنهن ٻولي ڄاڻڻ لاءِ ڪافي اڀياس ڪرڻو ٿو پوي. انڪري ائين نہ آهي تہ هر ڪو جو ديوناگري لپي ڄاڻي، سو پوءِ سنڌي ٻولي بہ سمجهي سگهندو. سنڌي ٻولي سمجهڻ لاءِ ان کي سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس ڪرڻو پوندو. ان کان سواءِ اهڙا ڪيترا غير سنڌي هوندا، جن کي سنڌي سکڻ جو شوق هوندو؟ سچ پچ تہ جن کي ڪنهن بہ ٻولي سکڻ جو شوق ٿئي ٿو، انهن کي لپيءَ جي ڪا بہ اڙچڻ(مشڪلات) نہ ٿي منجهائي. ائين تہ آهي ڪونہ تہ جيڪڏهن لپي ديوناگري هوندي تہ اهو شوقين اها ٻولي سکندو ۽ جي لپي ٻي هوندي تہ اها ڪا نہ سکندو. شوقين جيڪو ٻي ٻولي سکڻ جو ساهس ڪندو، اهو ٻي لپي نہ سکڻ کان نہ ڇرڪندو. انڪري ٻين جاتين وارن مان جن کي سنڌي پڙهڻ ۽ ڄاڻڻ جو شوق آهي، سي سنڌي لپي سکي بہ سنڌي ٻوليءَ جو گيان حاصل ڪري سگهن ٿا، پر جن کي اهڙو شوق نہ آهي، سي ديوناگري لپي هوندي بہ اها نہ سکندا. ڇا ان ۾ ڪو وڏاءُ آهي؟ وڏي ڳالهہ تہ اڄ ڪالهہ سڀ ڪو پنهنجن ئي معاملن ۾ ايترو تہ پورو آهي، جو هو ٻين بابت سوچي ئي نہ ٿو. اسان جي لپي ڪهڙي آهي؟ يا اسين اها بدلايون يا نہ ان ڳالهہ ۾ بہ ٻين جي خيرڪا دلچسپي آهي، پر اسان جا ديوناگري متر شايد ائين ٿا سمجهن تہ سنڌي لپيءَ ڪري اسين ٻين کان پري آهيون ۽ لپي ديوناگري ڪرڻ ڪري اسين ورهين کان وڇڙيل ڀائرن مثل وري ملي هڪ ٿي ويندا سين. ڪهڙي ڳالهہ ڪجي! جڏهن اسان جا ٻين جاتين سان هينئر ناتا بگڙيل آهن ۽ انهن ناتن

ڪي وري سڏارڻ ۽ پاڻ ۾ ڪير ڪنڌ ٿيڻ لاءِ. باقي جيڪا دير آهي سا اها تہ ان سنڌي لپيءَ جي ديوار ٽوڙي ڀجي ڇڏجي! ۽ پوءِ ڇا؟ جيئن ئي اها ديوار ٽٽي، تيئن ئي اسين ۽ ٻين جاتين وارا صدين کان وڇڙيل ڀائرن مثل اچي وري ڀاڪر پائي ۽ آنسون وهائي هڪٻئي سان ملنداسين. آها، پوءِ تہ ڪهڙو نہ مڙر ملن ٿي ويندو! هڪٻئي کان هيترو وقت وڇڙيل رهڻ لاءِ هڪٻئي کي ڏوراپا ڀيا ڏينداسين. سنڌي مرهٽيءَ کي ڳراٽڙي پائي آنسون وهائي چوندو: وامن راءَ، يار ڪيترا سال پاڻ ۾ وڇڙيل هئاسون... ۽ وري وامن راءَ سنڌي کي ڇهتي پوندي ۽ هنجون هاريندي چوندو: وسندرام، اتي برس ڪتي گيلي هوتي.. صدقي، صدقي! اسان جا ديوناگري دوست بہ الائي ڪهڙيءَ دنيا ۾ رهي رهيا آهن؟ سچ پچ تہ ان ويچار ڌارا پنيان پنهنجي ڪمتريءَ جي احساس (Inferiority Complex) ۽ ٻين کي ڪيئن بہ ڪري پنهنجي ويجهو آڻڻ يا راضي رکڻ (Appeasement) جي ڪمزوري سمايل آهي. ڇا ٻين کي خوش ڪرڻ لاءِ پنهنجي اصليت قربان ڪرڻي پوندي آهي؟ ڇا ٻين کي ڪيئن بہ راضي ڪرڻ لاءِ هروڀرو پاڻ کي تلڪ لڳائڻو پوندو آهي؟ حقيقت تہ هيءَ آهي تہ اسان ڀن ڀن (ڌار ڌار)جاتين جا پاڻ ۾ ناتا خوشگوار رهن ۽ پاڻ ۾ مٺ محبت ۾ هلون، ان جو مدار ساڳي ٻولي ڄاڻڻ يا ساڳي لپي هئڻ تي بنهہ ڪونهي، بنهہ ڪونهي ۾ هتي ان ترشيءَ جو ئي ڪري مثال وٺو جا مرهٽن ۽ گجراتين وچ ۾ ٻوليوار پرڳڻن ٺيڻ وقت ٿي هئي، هو تہ ڪيترن ئي صدين کان گڏ رهندڙ آهن، هڪٻئي جون ٻوليون ڄاڻن، بلڪ هڪٻئي ۾ ڪيترن جون شاديون ڪيليون آهن، تنهن هوندي بہ ان موقعي تي ڪيڏو نہ اچي هڪٻئي تي ميڙريا.

ساڳيءَ ريت اهو بہ گهڻو ڪري ڏسبو آهي تہ ساڳئي پاڙي ۾ وقتي ساڳيءَ ذات يا ساڳي ٻولي ڳالهائيندڙن جو پاڻ ۾ ايترو ناتو يا سلوڪ نہ هوندو آهي، جيترو ٻئي سان. ان مان ئي ظاهر آهي تہ جدا جدا جاتين جو پاڻ ۾ سڪ پريت ۾ هلڻ جو مدار ساڳي ٻوليءَ يا لپيءَ تي نہ آهي، پر هڪٻئي لاءِ سد ڀاونا يا وهنوار تي آهي. ان ڪري ڇوڙ تہ لپي ديوناگري

ڪرڻ ڪري اسان جا پاڻ ۾ ناتا سڌرندا يا ٻيا اسان جي ويجهو ايندا، اهو سراسر غلط آهي.

10.دليل: مرهٽي ٻوليءَ جي لپي اڳيئي ذري گهٽ ديوناگري آهي. اردوءَ کان سواءِ ڀارت جي ٻين ٻولين جون لپيون بہ لڳ ڀڳ ديوناگريءَ جهڙيون آهن. اهي پڻ ڪوششون هلي رهيون آهن تہ ڀارت جي سڀني ٻولين جي لپي ديوناگري ٿئي. اسان کي بہ انڪري سنڌي ٻولي لاءِ ديوناگري لپي اپنائڻ گهرجي.

جواب: الف: هيءُ دليل بہ ڪو گهٽ ڦسلائيندڙ ڪونهي، اها بيشڪ حقيقت آهي تہ مرهٽي ٻوليءَ جي لپي ذري گهٽ ديوناگري آهي، پر ڪير ٿو چوي تہ اردوءَ کانسواءِ باقي ٻين سڀني ٻولين جون لپيون لڳ ڀڳ ديوناگريءَ جهڙيون آهن؟ چا هر هڪ لپيءَ جا ڪاٻي کان ساڄي لکي ٿي وڃي، سا ديوناگريءَ جهڙي ٿئي ٿي؟ حقيقت تہ هيءَ آهي تہ مرهٽيءَ کانسواءِ باقي جيڪي ٻوليون آهن، تن جي پنهنجي پنهنجي لپي آهي. جيتوڻيڪ ڪن لپين خاص ڪري گجراتيءَ جي لپيءَ جا ڪي ڪي اکر ديوناگري اکرن سان ميل رکن ٿا. اها هڪ حقيقت آهي، جنهن تي وادو واد ڪرڻ بيسود آهي.

ب: سڀني ڀارتي ٻولين جي لپي ديوناگري ٿئي يا هندي، اها صرف ڪن ڀائرن جي چاهنا آهي، جا ڪڏهن بہ عمل ۾ اچي نہ سگهندي. ان چاهنا پوري ڪرڻ لاءِ ڪي بہ ڪوششون ڪو نہ هلي رهيون آهن، پر جيڪڏهن اهڙيون ڪي ڪوششون ورتيون ويون تہ انهن جو ڪهڙو حشر ٿيندو، اهو هر ڪو آزمودگار ماڻهو سمجهي سگهي ٿو. اسان جي ملڪ ۾ ٻوليءَ جي ڦيرائڻ نسبت هيل تائين رڳو هڪڙو ئي سوال (سرڪاري ٻوليءَ جو سوال) اٿيو آهي، پر ان تي بہ ايڏي تہ ڇڪتاڻ پئي ٿي آهي، جو خود شري نهروءَ کي بہ نيٺ چوڻو پيو تہ انگريزي بہ تيسين سرڪاري ٻولي ڪري تسليم ڪئي ويندي، جيسين غير هندي ڀاشي اها چاهيندا. چا نيٺ بہ ڪا ٻولي تبديل ڪرڻ ڪو سولو سوال آهي. جيتوڻيڪ مٿينءَ حالت ۾ بہ سرڪاري ٻولي هندي ڪرڻ لاءِ ڪيترائي زوردار سبب آهن. لپيءَ بدلائڻ جو سوال تہ تمائين نازڪ آهي ۽ چا توهين سمجهو ٿا تہ ڪنهن بہ ٻوليءَ جا ڳالهائيندڙ

پنهنجي لپي بدلائڻ ڏيندا، پوءِ چاهي اها ديوناگريءَ ۾ ڪري بدلجي؟ ڇا ٻيا بہ ڪي اسان وانگر پرمتڙيا يا پورڙا آهن؟ گجرات ۾ بہ ڀرين ڊاڪٽر جيو راج مهتا گجراتيءَ جي لپي ديوناگري ڪرڻ جو خيال ڏيکاريو پر نيٺ ڇا ٿيو؟ اهو هر ڪو ڄاڻي ٿو. (اسان جي آدي 'هندستان' (اخبار) بہ ان ڪري ڀرپائين ڏاڍو امنگ ۾ اچي ويئي هئي، پر پوءِ ٺري ويئي ويچاري ٻالي پولي!) لپيءَ مٽائڻ جا ٻوليءَ تي گهرا ۽ الٽا اثر پون ٿا ۽ اهڙي تہ گنڀير ڳالهہ آهي، جو جيڪڏهن هن سوال تي ڪا زوري ڪئي وئي تہ ان جا نتيجا ڪهڙا نڪرندا، اهو ڄاڻو ڄاڻن ٿا. اسين سنڌي ئي آهيون، جو پنهنجي ٻولي ۽ لپيءَ کي هيئن هلڪڙائيءَ سان ڪچلي ناس ڪري رهيا آهيون. هن ملڪ ۾ شايد اسين سنڌي ئي هڪڙا سستا ۽ نڌڻڪا آهيون، جن جي پڳ ۾ جنهن کي اچي سو هٿ وجهي هٿ ڪونئس پيو ڪري، سو بہ وري خود پنهنجن مان ئي! ٺيڪ آهي، جڏهن پنهنجا ئي بدلجي اسان ۾ قوت ۽ ڪمزوريءَ جو ڪارڻ بڻيا، تڏهن ٻيا جي اسان تي ٺونگي بازي ڪندا تہ انهن کي ڪهڙو ڏوهہ ڏئي سگهبو؟ ڪيترا پنجابي بہ تہ پنهنجي ٻولي اردو لپيءَ ۾ لکن ٿا، پوءِ انهن کي تہ ان تبديل جي خارش ڪنيو ئي ڪونهي، پر جنهن بہ ڪري هو اهڙي تبديل ڪن تہ اسان کي ڪو ڪنهن جي پڇ کي تہ پڪڙڻو ڪو نہ آهي. خود پنجابين جون بہ مک اخبارون 'پرتاب' ۽ 'ميلاپ' اردو لپيءَ ۾ نڪرن ٿيون، جيتونيڪ سندن ڪاريا ڪرتا ڪٽر هندو آهن.

ب: سڀني ٻولين جي لپي ديوناگري ٿئي، اها رڳو هڪ انڌچاهنا آهي، جنهن مان ڪو بہ فائدو نہ آهي پر نقصان ضرور آهن. هتي تہ ليکو اهو لڳو پيو آهي تہ هڪڙو ڪا ڳالهہ چوي تہ ٻيا ٻاڦ جيان اتساهہ ۾ اچي ها ها پيا ڪندا ۽ هڪ ٻئي تي ٽيڪا ڏيندا، پوءِ پلي ان ڳالهہ ۾ نسوري چسپائي چو نہ سمايل هجي. ڀن ڀن ٻولين جي ساڳي لپي ٿيڻ ڪري مونجهارو پيدا ٿي پوندو. مثال طور فرض ڪريو تہ ڪن ٽن چئن ٻولين جي لپي ديوناگري ٿي وئي ۽ انهن ٻولين جا ڪتاب ڪجهہ مفاصلي تي ڪنهن جي اڳيان ٿا رکجن. ڇا هو پريان صحيح ڪري سگهندو تہ ڪهڙو ڪتاب ڪهڙي ٻوليءَ جو آهي؟ پر

لپي الڳ الڳ هئڻ ڪري ڪو ٻه ڄاڻو پريان ئي سمجهي ويندو ته فلاڻو ڪتاب فلاڻي ٻوليءَ جو آهي. اهڙي طرح ٻيا ٻه مونجهارا پيدا ٿيندا. مڪيه سوال آهي ته جيڪڏهن هر هڪ ٻوليءَ کي پنهنجي پنهنجي لپي آهي ته ان ۾ هرج يا اعتراض ئي ڪهڙو آهي؟ جدا جدا ٻولي ۽ ان لاءِ پنهنجي پنهنجي لپي هجي، اها هڪ بلڪل سپاويڪ ۽ سولائيءَ جي خيال کان ٺيڪ ريت آهي. جدا جدا ٻوليون ۽ انهن لاءِ هڪڙي لپي هجي، ان مان نيٺ ٻه اسين ڪهڙو مطلب سڌ ڪري سگهنداسين؟ ڇا اهو ئي ته اسين پڻ پڻ لپين جي بوجي کان ڇٽي پونداسين؟ جي سچ پچ ائين آهي ته پوءِ خود جدا جدا ٻولين جو ئي بوجو ڇو ڪٽون؟ پوءِ ته سڀني لاءِ هڪڙي ئي ٻولي هئڻ گهرجي، پر هن دنيا جي خاصيت ڀنتا يا ڀهوپڻو (Variety) تي آهي، پوءِ اسين ان جدا جدا قسمن روپي ڪثرت جي رنگت کان ڀڄي عين ساڳيائيءَ ڏي ڇو ڊوڙون؟ نيٺ ٻه جدا جدا لپين کي مٽائي انهن کي هڪ ئي ديوناگري لپيءَ ۾ تبديل ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت پئي آهي؟ آخر ٻه ان مان ڪهڙا وڏا انگور ملندا جو ويهي ايڏي پيچ ڊاهه ڪجي ۽ نهيل تڪيل لپين کي هڪ ئي ڏڪ سان مٽيءَ ۾ ملائجي ۽ انهن ۾ ڇپيل سارو ساهتيه ناس ڪجي؟ اسان جا ودوان ئي اهو مثال ڏيندا آهن ته اسان جون ڀارتي ٻوليون هڪ گلدستي مثل آهن، جنهن ۾ هر هڪ گل هڪ هڪ ٻوليءَ سمان آهي ۽ ان هر هڪ گل کي پنهنجو پنهنجو روپ رنگ ۽ خوشبوءِ آهي. اهو مثال بلڪل تز ۽ صحيح آهي ۽ سچ پچ ته گلدستو سونهندو ۽ وڻندو ٻه تڏهن آهي، جڏهن ان ۾ پيل گل پڻ پڻ آڪارن (ڌار ڌار شڪلين) ۽ رنگن وارا هوندا آهن. اسان جو ٻولين روپي گلدستو ٻه تڏهن سونهن ڪڍي بيٺو آهي، جڏهن نه رڳو اهي ٻوليون پڻ پڻ آهن، پر ڇاڪاڻ ته سندن هر هڪ جي لپي ٻه نرالي آهي. انڪري ائين سمجهڻ ته سڀئي لپيون ديوناگريءَ ۾ تبديل ٿيڻون آهن، تنهن ڪري ڇو نه اسين ديرينائي ڏيکاري سوبل ئي پنهنجا ٽپڙ سنياليون ۽ پنهنجي لپي بدلايون، سا هڪ نسوري چريائي آهي.

11. دليل: ديوناگري اسان جي هڪ پراچين لپي آهي. انگريزن سنڌين تي هاٽوڪي لپي مڙهي، ان کان اڳ سنڌي ديوناگريءَ ۾ ئي لکي ويندي هئي. ان ڪري هاڻي بہ اسان کي ساڳي ديوناگري لپي اپنائڻ گهرجي.

جواب: هيءُ هڪ عجيب دليل آهي، جي چاڪاڻ تہ اڳي هيئن هو ان ڪري هاڻي بہ ائين هئڻ گهرجي. پهرين تہ اها ڳالهہ سنديهہ پري آهي تہ سنڌي لپيءَ کان اڳ سنڌي ٻوليءَ جي لپي ديوناگري هئي. ڪيترن جو رايو آهي تہ سنڌي لپيءَ کان اڳ سنڌي ٻوليءَ جي ڪا مقرر لپي ڪا نہ هئي ۽ اها جدا جدا نمونن ۾ پئي لکبي هئي، پر تنهن هوندي بہ دليل طور ڪري قبول بہ ڪجي تہ سنڌي لپيءَ کان اڳ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لپي ديوناگري هئي تہ تڏهن بہ پلا ڇا ٿي پيو؟ ائين آهي ڇا تہ اڳي جيڪي هو سو سڀ سٺو هو ۽ هينئر جيڪي آهي، سو سڀ خراب آهي، انڪري اڳين ڳالهين کي ئي اپنائڻ گهرجي؟ سچ تہ ائين آهي تہ هر هڪ زماني کي پنهنجون پنهجون خوبيون ۽ خرابيون ٿين ٿيون ۽ اسان کي پنهنجي سهولت واڌاري ۽ سک لاءِ جيئن ٺيڪ هجي، تئين ڪرڻ گهرجي، اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي تہ هڪڙيون شيون پراڻي زماني جون اپنايون ۽ ڪي هلندڙ زماني جون. هر هڪ سمي کي پنهنجو شرف آهي ۽ ان سمي ۾ رهندڙ هر هڪ جاتيءَ کي پنهنجو پنهنجو ماحول ٿئي ٿو. ماحول انوسار پنهنجي سهوليت ۽ ڀلي خاطر جيڪي وٽيس سو هوءَ اپنائي. هرو ڀرو گذريل سمي جي ڳالهين کي ڇو ڇهتي پوي؟ ائين جي اسين اندَ شرڌا رکي هر هڪ جهوني ڳالهہ کي جهٽي پئون تہ هوند پنهنجي زماني ۾ هلي نہ سگهون. مثلاً اڳي اسان جون زالون اکڙي ڪڍي گهمنديون هيون، پوءِ ڇا هينئر بہ ائين ئي ڪرڻ گهرجين؟ ڪو وقت اڳي اسان جا وڏا ڌوتي پائيندا هئا، ان ڪري ڇا اسين بہ هاڻي سوٽ لاهي ڦٽا ڪريون ۽ ڌوتيون پايون؟

تنهن کانسواءِ زمانو تہ هڪ ’وهندڙ گنگا‘ آهي، جنهن ۾ ريتيون رواج وغيره بدلبا رهن ٿا، پوءِ اسين ماضيءَ جي ڪهڙي سمي جي طريقن کي اپنايون يا نيٺ بہ ڇو اسين پاڻ کي ماضيءَ جي ٻنڌڻن ۾ ٻڌل رکون؟ هيل تائين

اسان 100 سالن کان مٿي سنڌي لپي پئي اپنائي آهي ۽ اهو انهي لپيءَ جي بدولت بہ آهي، جو اسان جي ٻولي پنهنجي هاڻوڪي صورت اختيار ڪئي آهي. اڳيون وقت وساري ڏسبو تہ اهو سو سالن جو عرصو ئي هڪ وڏي حقيقت آهي ۽ اهو هڪ ئي سبب آهي، جنهن ڪارڻ لپيءَ بدلائڻ بي واجب آهي.

12. دليل: ڪڇي ڀائرن جي ڪڇي ٻولي لڳ ڀڳ سنڌيءَ جهڙي آهي، هو هن وقت لکپڙهہ گجراتي لپيءَ ۾ ڪن ٿا، پر جيڪڏهن اسين سنڌيءَ جي لپي ديوناگري ڪيون تہ هوند هو سنڌي پڙهي بہ سگهن ۽ پوءِ پڻ ڪڇيءَ لاءِ ديوناگري لپي ڪم آڻين. اهڙي ريت سنڌي ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙن جو تعداد بہ وڌندو.

جواب: هن دليل ۾ بہ ڪجهہ وزن ڪونهي ۽ جيڪا اميد رکي ٿي وڃي، ان جي بر صواب ٿيڻ ۾ گهڻو شڪ آهي. ڪڏهن اسان مان ڪنهن ڪن جوابدارن ڪڇين کان پڇي بہ ڏٺو آهي تہ اهو پنهنجي ٻوليءَ جي لپي بدلائڻ لاءِ تيار آهن؟ جيئن اڳ ۾ پيش ڪيل آهي، لپي بدلائڻ ڪا سولي ڳالهہ نہ آهي ۽ ان جي بدلائڻ ڪري ڪئين ڪنايون ۽ جوکم ٿين ٿا، ان ڪري ڇا ڪڇي لپي بدلائيندا؟ ڀرين تصديق تہ ڪري ڏسجي، ڪين رڳو انومانن تي لڳي اجايون اميدون رکي ويا پنهنجي لپيءَ سان راند ڪريون. ٻيا پنهنجي لپي بدلائين يا نہ ۽ اسين هليا آهيون انهن جي ڪري پنهنجي لپي بدلائڻ عجيب هندٺائپ ڇئبي!

هڪ طرف اسين ڪڇين کي پنهنجي سنڌي دائري ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا، پر ٻئي طرف اسان کي اهو بہ خيال رکڻ گهرجي تہ لپي بدلائڻ سان سنڌ ۾ رهندڙ 40 لک سنڌي مسلمانن سان اسين ساهتڪ ناتا ٽوڙي رهيا آهيون. سنڌيءَ جي لپي ديوناگري ٿيڻ بعد ڪڇي ڀائر سنڌي پڙهي ۽ سمجهي سگهندا، ان ۾ بہ شڪ آهي، ڇو تہ هڪ تہ سنڌيءَ جا ڪيترا لفظ هو ڪو نہ سمجهن، ٻيو ڪيترا اڻپڙهيل ڪڇي ديوناگري لپي ڪو نہ ڄاڻن، پر جيڪي ڄاڻن، سي اسان جا هٽراڏو جوڙيل 9_10 اکر (جي الاجي ڪنهن جي اختياريءَ سان ناهيا ويا ۽ الاجي ڪنهن جي منظوريءَ

سان قبول ڪيا ويا آهن) تہ ڪو نہ ڄاڻن. اهي ڪي سبب آهن، جن جي ڪري اها سنديھ پيري ڳالھ آهي تہ اسان جي لپي بدلائڻ بعد بہ اسين ڪو ڪچي پائرن کي سنڌي ڪري سگھنداسين.

13. دليل: ديوناگري لپي وگيانڪ (Scientific) ۽ سولي آهي، انڪري اها اپنائڻ گھرجي.

جواب: ديوناگري لپيءَ جي پکش ۾ اها دعوا تہ هوءَ سنڌي لپيءَ کان وڌيڪ وگيانڪ ۽ سولي آهي، سا سراسر غلط آهي. هيءُ سوال هڪ حقيقت جو سوال آهي، جو ٻنهي لپين جا ڄاڻو ئي سمجهي سگھن ٿا. ديوناگري لپي ڪيتري قدر وگيانڪ آهي، ان جو ذڪر پئرا نمبر 4 ۾ ڪيل آهي. ان کان وڌيڪ ڪيتري قدر ۽ ڪيئن هوءَ وگيانڪ آهي، اهو پلي ٻيا ڪي ڄاڻو ٻڌائين. جيڪڏهن ديوناگري لپي ڪنهن خيال کان وگيانڪ آهي تہ سنڌي لپي بہ پنهنجي خيال کان وگيانڪ آهي، جنهن جو ذڪر بہ پئرا 6 ۾ ڪيل آهي. باقي سوال رهيو سولي هئڻ جو سو اهو بہ حقيقت جو سوال آهي، جو بہ ٻنهي لپين جا ڄاڻندڙ ئي پليءَ پت محسوس ڪري سگھن ٿا. اهڙو ڪو بہ ڄاڻو سنڌي لپيءَ جي ڪتاب يا اخبار جي صفحي کي اٿلائي ڏسي ۽ ٻئي طرف وري ديوناگريءَ جي صفحي تي اک ڦيرائي ڏسو ڪهڙيءَ لپيءَ واري تي سندس اک جلدي، سولائيءَ ۽ صفائيءَ سان ئي هلي ۽ جلدي پڙهي پورو ڪري ٿي، سنڌي لپيءَ واري صفحي تي اک پئي نہ آهي، ڄڻڪ صفحو پورو ٿيو نہ آهي، پر ديوناگريءَ جي صفحي پورو ڪرڻ ۾ وقت لڳندس. پوءِ پلي ڪري ديوناگري لپيءَ جو ڪيترو بہ اپياس هجي. اها هڪ حقيقت آهي، جا آزمائي سگھجي ٿي. ان حقيقت جو ڪارڻ اهو ئي آهي تہ ديوناگري هڪ پائبند (rigid)، ڳتيل ۽ گھڻن ورن وڪڙن واري لپي آهي. انڪري ئي ساڳيو ئي مضمون جي ٻنهي لپين ۾ جدا جدا لکبو تہ ديوناگريءَ ۾ لکڻ ۾ ڪجھ وڌيڪ وقت لڳندو. ديوناگري لپيءَ ۾ بہ يا وڌيڪ اکر پاڻ ۾ گڏڻ ۾ بہ ڪافي تڪليف ٿئي ٿي. ڪي ڪيئن گڏجن تہ ڪي ڪيئن، ڇو تہ ڪو هڪ سريڪو طريقو ڪو نہ آهي. ڪي سر ۾ ٿا ٽنبجن تہ ڪي پيٽ ۾ تہ ڪي تري

۾ ڪي هڪ پاسي تہ ڪي ٻئي پاسي. گڏيل اکرن جا ڪي مثال ئي ڏسو:
ठ्ठ, ह्ल, ह्न, ष्ट्र, णं, प्र, ज्ञ, क्ष, ह्य, वव

وغيره مٿين مثالن تي ڏسو تہ ज + ञ = ज्ञ يا क् + ष = क्ष ڪيئن نہ ڏڪئي نموني اکر گڏيل آهن. 'ر' جي جدا جدا نمونن سمجهڻ ۽ لکڻ ۾ بہ ڪو گهٽ تڪليف نہ آهي. مثال ڏسو: राम, वृश्र, वर्ण, त्राट, उष्ट्र سيکڙاٽن کي تہ ٻيٽ ئي ڪا نہ ٿي پوي نہ، ڇو تہ 'ر' جو آڪار هڪڙي هنڌ هڪڙو تہ ٻئي هنڌ ٻيو. هنن لاءِ انهن پن پن نموني لکيل 'ر' جي قسمن ۾ ڪهڙو تفاوت آهي، سو سمجهڻ هڪ مٿي جو سور ٿيو پوي. هلو اجا اڳتي تہ ڏسون تہ ڪيئن نہ ديوناگري لپي سولي آهي. ڪيترائي اکر آهن، جي ٻن نمونن لکجن ٿا.مثال ि, ी अ- ॠ- फ, ण- रा-, श- ष,

اها هڪ وڏي ڳالهہ نہ آهي (سنڌي لپيءَ ۾ بہ ڪيترائي اچار آهن جن لاءِ بہ يا وڌيڪ اکر آهن. مگر انهن جا اشتقاق ۽ هجيئن جو طريقو اور آهي.)

پر خطرناڪ ڳالهہ جا آهي، سا اها تہ ديوناگري لپي اجا استر (ترتيبيل) (Settled) لپي نہ آهي ۽ ڪجهہ وقت کان ان ۾ ڦيريون ڦاريون پئي ڪيون ويون آهن ۽ اجا بہ پيون ڪيون وڃن. ديوناگريءَ تي سرڪار وقت بوقت پئي ڪاميٽيون مقرر ڪري، جي جدا جدا رايا پيون ڏين، ڪڏهن وينجنن جا ٻيا بہ روپ پيا نهن تہ ڪڏهن سُرن (vowels)جا. انڪري ائين چوڻ ۾ وڏاءُ ڪونهي تہ ديوناگريءَ لپيءَ اجا آخرين روپ نہ ورتو آهي. ان ڦير گهير سبب ديوناگري ڪتاب ڇپائيندڙن ۽ ٽائيپ رائيٽر ٺاهيندڙن جو هڪ طرف لکن جو نقصان پيو ٿئي تہ ٻارن جو ان نيتيءَ ڪري ٻئي طرف مغز چٽ پيو ٿئي. ڇا اسين بہ اها ئي اپنايون، جا اجا پئي بدلجي؟ مٿيان ٿورا مثال آهن، جن مان ظاهر آهي تہ ديوناگري لپي سنڌيءَ جي پيٽ ۾ ڪنهن بہ صورت ۾ سولي نہ، بلڪ ڏکي آهي. هتي اهو وري بہ ڌيان ۾ رکجي تہ عام ماڻهو جيون جي هر پهلوءَ ۾، خاص ڪري ٻوليءَ جهڙي وشيہ ۾، سهوليت يا آسانيءَ جا ئي فائل رهن ٿا، اهو هڪ انساني سڀاءُ آهي. هو اجائي ڏانڌلبازي يا کس ڦساهٽ مان نہ جاڻن، پوءِ هو ڇو اها لپي اپنائين، جنهن ۾ اجايون

گهنج بازيون، اڪرن جون لاهيون چاڙهيون، لاڪنائن جون ڪلابازيون يا پابنديون هجن.
14. ديوناگري لپيءَ ۾ لاڪنائون آهن، جنهن ڪري لکيل لفظ جو هڪڙو ئي اچار ٿي سگهي ٿو پر سنڌيءَ ۾ ساڳئي لفظ جا هڪ کان وڌيڪ اُچار ٿين ٿا، انڪري بہ اسان کي ديوناگري لپي اپنائڻ گهرجي.
جواب: (1) هن دليل جو جيڪو طلب آهي، اچو تہ ان جو هڪ مثال وٺي، ان کي چٽيءَ طرح سمجهون. سمجهو تہ لکون ٿا 'پٽ'. هي لفظ ڪيترن ئي نمونين پڙهي سگهجي ٿو پر ديوناگريءَ ۾ جي لکٹو پوي تہ مطلب انوسار جيئن لکٹو هجي تيئن पिटि, पुट्ठ, पुट, पट وغيره. ڪري لکبو. هاڻي چا ائين آهي چا تہ ديوناگريءَ ۾ لاڪنائون آهن، جنهنڪري پوري اُچار سان لکي سگهجي ٿو ۽ سنڌي لپيءَ ۾ اهڙو ڪو پر بندڌ آهي ئي ڪو نہ؟ چا سنڌي لپيءَ ۾ زبر، زير، پيش وغيره ڪين آهن چا، جن جي وسيلي اسين پوري اچار سان لفظ لکي سگهون؟ اسين بہ جيڪڏهن زبر، زير وغيره جو استعمال ڪريون تہ هوند اها شڪايت رهي ئي ڪا نہ. پر سنڌي لپيءَ جي تہ پاڻ اها خوبي آهي، جو اسين انهن بنا بہ ڪم هلائي سگهون ٿا. آهي اها خوبي ديوناگريءَ ۾؟ ڪنهن بہ لفظ ۾ لاڪنائون ڪم نہ آڻيو ۽ پوءِ ڏسو تہ ڪهڙي ٿي صورت بيهيس. مٿئين مثال ۾ جي لاڪنائون ڪو نہ ڏيون آڻجن تہ رڳو पट ئي لکي سگهبو جنهن جو رڳو هڪڙو ئي اچار ٿي سگهي ٿو پر سنڌيءَ ۾ 'پٽ' جي مطلب انوسار ڪيترائي اُچار ٿي سگهن ٿا. اها سنڌي لپيءَ جي هڪ وڏي خوبي آهي، جنهن سبب هوءَ هڪ آزاد ۽ پليءَ پٽ مڙندڙ سرندڙ (Flexible) لپي آهي. مٿئين مثال ۾ هڪ ٻي بہ ڳالهہ ڏيان ۾ رکجي.
پٽ Sons ديوناگريءَ ۾ पुट्ठ ڪري لکبو. هاڻي ٻنهي لفظن جا اُچار پيٽيو تہ سنڌي اُچار ۾ ٽ جي پٺيان هلڪي ر مليل آهي، پر ديوناگريءَ ٺلهي ٽ جو (جيئن ڪٽ ۾) اچار ٿئي ٿو. ديوناگري لپيءَ ۾ لکڻ ڪري اسان جي لفظن جا اُچار اجهو ائين بگڙندا ويندا.
(ب) ديوناگري لپيءَ ۾ لکڻ وقت ساڳيو لفظ ڪي ڪيئن پيا لکن تہ ڪي

ڪيئن. ان ۾ ڪنهن جو قصور نہ آهي، ڇو تہ هڪ طرف سنڌي اُچارن ۾ آزادي آهي تہ ٻئي طرف ديوناگري لپيءَ ۾ وري حد پائبندي ۽ هرڪو ديوناگري لفظ لکندڙ پنهنجي پنهنجي اُچار موجب لکي ٿو. مثال طور ٻہ سولا لفظ ئي ڪري کڻو. 1. ڪپڙو 2. ڪرسي. اهي ٻئي لفظ نمبر وار ديوناگري لپيءَ ۾ جدا جدا هن ريت لکي سگهجن ٿا. 1 कुरसी, कुरिसी, कुर्सी 2. कपड़ो, कपिड़ो, कपड़ो لکڻ وقت جيڪو جيئن اُچار ڪري ائين لکي تہ ان ۾ هو غلط نہ آهي، پر ڇا ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ عام طور ساڳئي لفظ جون هڪ کان مٿي هجيئون يا اسپيلون ٿينديون آهن؟ اسين جي سنڌي ديوناگري لپيءَ ۾ لکنداسين تہ ساڳئي لفظ جا هڪ کان مٿي لکڻ جا نمونا ضرور ٿيندا. ان ڳالهہ ڪري اسين نہ رڳو ٻين اڳيان پاڻ کلڻ هاب ڪنداسين، پر هڪ دفعو ڇاپيل ڪتاب پاڻهي غلط ۽ بيڪار سمجهي وري وري ڇپيا ڇپائينداسين. تنهن کانسواءِ ان ريت ساڳئي لفظ جو هڪ کان مٿي نمونن ۾ لکڻ نہ رڳو اسان کي گمراهہ ڪري اسان ۾ غلط فهميون پيدا ڪندو، پر پڙهندڙ مونجهارو بہ ڪافي ٿي پوندو. اهي دقتون ديوناگري لپي استعمال ڪرڻ بعد پلي پيت محسوس ڪجن ٿيون.

(ب) سنڌي لپي هڪ آزاد لپي آهي، پر ديوناگري هڪ پائبند لپي. ٻنهي لپين ۾ ان مکيہ تفاوت هئڻ سبب جي سنڌيءَ لاءِ ديوناگري لپي ڪم آڻجي ٿي نہ ان جو سنڌي اچارن تي بہ ڏاڍو برو اثر ٿو پوي. ان ڳالهہ جي سمجهڻ لاءِ هڪ مثال ڏجي ٿو. 'لڇمڻداس' ديوناگري ۾ 'लछिमणुदास' ڪري لکجي ٿو. هاڻي جي ان ديوناگري لفظ جو اچار ڪبو تہ ٿيندو 'لِڇِمُڻداسُ.' ڇا اهو اچار صحيح آهي؟ حقيقت ۾ اسين سنڌي لپيءَ ۾ 'لڇمڻداس' اُچاريندي نہ سر وٺ زير جو زور ڏيندا آهيون ۽ نہ ڻ ۽ س وٺ پيش جو. پر انهن وٺ اسين ڪو بہ سر(vowel) نہ لڳائي ڍلو ڇڏي ڏيندا آهيون. ديوناگري لپيءَ ۾ لکيل، گهڻو ڪري هر هڪ سنڌي لفظ سان، اها ڳالهہ لاڳو ٿيندي ڏسڻ ۾ ايندي. ان ريت ديوناگري لپيءَ ۾ سنڌي لکڻ بعد نہ رڳو سنڌي اُچار سيتجي پون ٿا ۽ اُهي غلط اُچارجن ٿا، يا انهن ۾ رفتا رفتا غلط تبديل ايندي وڃي ٿي، پر

انڪري شاگرد هندي ٻولي لکڻ وقت، ساڳيا سنڌي اُچارن وارا لفظ ڪم آڻي، هندي غلط لکن ٿا. ڇو تہ گهڻين حالتن ۾ ساڳيو لفظ سنڌيءَ ۾ هڪ نموني  تہ هنديءَ ۾ ٻئي نموني لکيو وڃي ٿو. ان سبب ڪيترا شاگرد جي سنڌيءَ لاءِ ديوناگري لپي ڪم آڻين ٿا. سي هنديءَ جي امتحانن ۾ ناپاس ٿيو پون. اها هڪ حقيقت آهي، جا آزمودي ڏيکاري آهي. مثالن طور هيٺ ڪي ساڳيا لفظ  ڏجن ٿا، جي هنديءَ ۾ هڪ نموني تہ ديوناگري سنڌيءَ ۾ ٻئي نموني لکبا آهن. پر شاگرد هندي لکڻ مهل اهي سنڌي نموني لکي پنهنجي هندي بہ ڪاريو ڇڏين.

| سنڌي | هندي | سنڌي | هندي |
|---|---|---|---|
| **अनुसार** | **अनुसार** | **चाहिं** | **चाय** |
| **आकड़ि** | **अकड़** | **गियानु** | ***ज्ञान*** |
| **अकुलु** | **अकल** | **जइ** | **जय** |
| आफ़ीसरु | अफ़सर | जाच | जांच |
| इतहासु | इतिहास | ज़िकिरु | जिक्र |
| इलिमु | इल्म | जुल्दु | जिल्द |
| उद्देशु | उद्देश्य | जोराब | जुराब |
| उम्मेदु | उम्मीद | झूपिड़ी | झोंपड़ी |
| फटाका | पटाका | ऊजल | उज्ज्वल |
| पातालि | पत्तल | उदमु | उद्यम |
| फ़ाल्टू | फालतू | रुति | ऋतु |
| मुफ़ासिलो | फासला | ख़ोराक | खुराक |
| ॿटूं | बटुआ | गती | गति |
| पताशा | बताशा | मन्दरु | मन्दिर |
| भॻिती | भक्ति | घम्सानु | घमासान |
| भाॻु | भाग्य | गास्लेटु | घासलेट |

| | | | |
|---|---|---|---|
| ताप | तपु | तोबा | तोबह |
| तृष्णा | त्रिश्ना | तालाब | तलाव |
| अफ़ीम | आफ़ीमु | रक्त | रतु |
| अमृत | अमब्रतु | लज्जा | लजॖ |
| स्लेट | सिलेट | स्त्री | इस्त्री |
| कारबार | कारोबार | सब | सभु |
| कुकर्म | कुकम | हया | हयाउ |
| झूंठ | जूठि | सामाजिक | समाजिक |
| टमाटर | टमाटा | सुराख | सोराख़ |
| टिकट | टिकेट | सेवा | शेवा |
| देशी | देसी | स्नान | सनान |
| दैत्य | दैतु | चप्पल | चप्पलु |
| द्रोह | ड्रोहु | व्यापार | वापारु |
| ढाई | अढाई | व्रत | विर्तु |
| तृप्त | त्रिपति | शिष्य | शिशु |
| मरम्मत | मर्मत | प्रकट | प्रिघटु |
| भिक्षा | बिक्षा | प्रियतम | प्रीतमु |
| न्योता | नोतो | कुम्हार | कुंभारु |
| प्रलय | पर्लइ | कृतार्थ | कर्तारु |
| प्रसाद | पसीदु | बू | बूइ |
| भ्रम | भरम | गोगाम | गुदाम |
| ऋषि | रिशी | नारियल | नारेल |
| लिपि | लिपी | निर्दय | निर्दई |
| तराजू | तराज़ी | तालीम | तइलीम |
| थाली | थाल्ही | ताल्लुक | तालीम |

| | | | |
|---|---|---|---|
| धशहरा | दसहिड़ो | तास्सुब | तइसबु |
| धर्म | धरमु | तिजोरी | टिजोड़ी |
| धोखा | दोखो | तिल | तिर |
| नाग | नांगु | तुरन्त | तुर्तु |
| नियम | नेम | तात्पर्य | तात्पुर्जु |
| प्राप्त | प्रापती | तादाद | ताइदादु |
| संकल्प | संक्लपु | स्वर्ग | सुर्गु |
| स्वादी | सवादी | माली | माल्ही |
| विलाप | विरलाप | मिलाप | मेलापु |
| व्यतीत | वितीत | मील | मैल |
| व्यर्थ | वैरथु | मुखिया | मुखी |
| व्यवहार | वहिवारु | स्वभाव | सुभाउ |

15. دليل: سنڌي جتي ڪٿي ٽڙيل پکڙيل رهن ٿا. ڪيترن هنڌن تي سنڌي اسڪول نہ آهن، جنهن ڪري اتي لاچار سنڌي شاگرد هندي يا مڪاني ٻولين ۾ پڙهن ٿا. ڪين اهڙيءَ ريت سنڌي لپيءَ جي سکيا نٿي ملي، پر ديوناگري لپيءَ جي ضرور ملي ٿي. هو انڪري سنڌي ٻولي پڙهي نٿا سگهن، پر جيڪڏهن سنڌي ديوناگري لپيءَ ۾ لکي وڃي تہ هوند هو بہ ان لپيءَ ۾ سنڌي پڙهي سگهن ۽ اهڙي طرح هو سنڌي لکڻ پڙهڻ کان محروم نہ رهندا.

جواب: هن دليل ۾ ڪجھ وزن آهي، مٿئين پرسٿتي صرف اسان جي ٽڙيل پکڙيل ٿي رهڻ جو ئي نتيجو آهي. ان حالت ۾ اهو ضروري آهي تہ ڪو حل ڳولجي، جنهن ڪري ڪٿي بہ رهندڙ سنڌي ، سنڌي ٻوليءَ ۾ ڳالهائڻ ۽ لکڻ پڙهڻ کان محروم نہ ٿين، بلڪ مڪاني حالتن هوندي بہ هو هڪٻئي سان سنڌيءَ ۾ ئي ورتڻ ڪن. ڇا سنڌي ٻوليءَ لاءِ ديوناگري لپي اپنائڻ سان اسان جو اهو مطلب شڌ ٿيندو؟ ائين نہ آهي. هڪ تہ ديوناگري سنڌي رڳو شاگردن تائين محدود رهندي، ڇو تہ وڏا جي پنهنجن ڏنڏن، نوڪرين وغيره ۾ پورا

آهن، تن کي نہ ايترو وقت آهي ۽ نہ ايترو صبر ۽ ڪيترن کي نہ ايترو مغز جو هي ديوناگريءَ ۾ سنڌي سکن ۽ اُن ۾ لکپڙهہ ڪن. ٻيو تہ سنڌ کان نڪتي ڪانپوءِ هتي اسين گهڻي ڀاڱي ڳوٺن ۾ نہ پر وڏن شهرن يا ڪئمپن ۾ وڏي انداز ۾ گڏ ٿي رهون ٿا، جتي سنڌي اسڪولن جو بندوبست آهي. وڏن شهرن جي ڪن ڪن سنڌي اسڪولن ۾ سنڌي ، ديوناگريءَ ۾ پاڙهي وڃي ٿي. جيتوڻيڪ اتي سنڌي ٻولي سنڌي لپيءَ ۾ نہ پاڙهڻ جو ڪو سبب ئي نہ آهي ۽ نہ ڪا آڙچڻ ئي آهي. اهو سبب يا آڙچڻ ٿيڻ جو سوال رڳو اتي ئي اُتي ٿو سگهي، جتي سنڌي ٻوليءَ جي پاڙهڻ جو ئي بندوبست نہ ٿي سگهندو هجي. جتي سنڌي پرائمري اسڪول نہ آهن، اتي بہ جيڪڏهن اسان جا ٻار 25، 30 کان مٿي آهن تہ ان جي سرڪار کان اها تقاضا ڪري سگهون ٿا تہ اسان جي ٻارن کي اسان جي مادري ٻولي ۽ لپيءَ ۾ سکيا ڏني وڃي.

اسين بہ ٻين جيان سرڪار کي ٽئڪسون ڏيون ٿا ۽ اهڙي تقاضا ڪرڻ جو وڌان موجب توڙي سرڪار جي ٺهرايل نيتيءَ موجب، اسان کي حق آهي، پر جيڪڏهن اسين اهو حق نہ ڇڪينداسون، ان حق کي حاصل ڪرڻ لاءِ گهربل ڪوششون نہ ڪنداسين تہ ان ۾ اسان جو ئي قصور چئبو. پنهنجي ان قصور کي نظر انداز ڪري، شڪايت ڪريون تہ اسان جي ٻارن لاءِ سنڌي پرائمري اسڪولن جو بندوبست ٿيل نہ آهي ۽ پوءِ دليل ڏيون تہ ان ڪري اسان جي ٻارن لاءِ ديوناگري لپيءَ ۾ سنڌي ڪتاب هئڻ گهرجن وغيره اهو سڀ رڳو پنهنجي ٻارن جي تعليم سان کيڏٽو آهي. باقي جيستائين اهي ٻار جيڪي هڪ هنڌ گهٽ تعداد ۾ رهن ٿا، جن کي سنڌيءَ ۾ پڙهائڻ لاءِ اسين گهر نٿا ڪري سگهون . اهڙن ٻارن جو ڪل انداز ٿورو هوندو چو تہ، جيئن مٿي چيل آهي، اسين گهڻي ڀاڱي شهرن يا ڪئمپن ۾ گڏ ٿي رهون ٿا. جنهن صورت ۾ اهڙن ٻارن جو تعداد ٿورو آهي تہ ان جي صورت ۾ ڇا اهو نيڪ ٿيندو تہ اسين انهن جي ڪري وبهي پنهنجي ٻوليءَ جي لپي بدلايون؟ ائين آهي ڇا تہ ٿورن جي سهوليت جي ڪري سڀ ديوناگري اپنائين، پوءِ ان مان پس پيش پيلي ڪهڙا بہ گل نڪرندا هجن؟ ديوناگريءَ وارا جيڪي ٻار ڪانوينٽن ۾ پڙهن ٿا، انهن جي بہ وڪالت ٿا ڪن ۽ چون ٿا تہ سنڌيءَ لاءِ

ديوناگري لپي انهن لاءِ بہ ڪمائتي ٿيندي. جيڪڏهن اهڙن ٻارن جي مائٽن کي سنڌي ٻوليءَ لاءِ سچ پچ قرب هجي ها تہ پنهنجي ٻارن کي هوند هو ڪرستاني اسڪولن ۾ وهارين ئي نہ ها. پوءِ ڪهڙو ويسهہ ڪجي تہ اهڙا ٻار (جي گهٽو ڪري ڳالهائن ئي انگريزيءَ ۾) ديوناگري لپيءَ ۾ سنڌي پڙهندا؟ ديوناگريءَ وارا پلي پيا دان ڏيندڙن کي ڦسلائي، ڪانئن دان ڇڏائي ديوناگري لپيءَ ۾ ڪتاب ڇپائين، پر اهي ڪتاب (جن ۾ ڪئين ڇڪون آهن) نيٺ وڃي اَڏوهيءَ جي پيٽ ۾ پوڻا آهن يا دال پوريءَ وارن وٽ وڪامڻا آهن، (جهڙو حشر 'چندا ماما' جو ٿيو). نيٺ بہ جڏهن سندن هن ويچار ڌارا ۾ بنيادي خامي آهي، تڏهن سندن ڪتاب وڪامندا بہ ڪيئن، پوءِ پلي ڪري هو ڪهڙا بہ هوڪا ڏيندا وتن. بهتر تہ هو سمجهڻ اهو پئسو ائين ضايع ڪرڻ بدران، ڪنهن پلي ڪم ۾ لڳائين.

## (3) ارمان

ديوناگريءَ وارا ديوناگري اپنائڻ جي پڪش ۾ جيڪي دليل ڏين ٿا، انهن جا جواب مٿي ڏنا ويا آهن. اسان جي انهن دوستن اسان جي ٻوليءَ کي ديوناگري جامو پهرائڻ لاءِ، وسان ڪين گهٽايو آهي. ان لاءِ هنن ڪيترائي بي واجبي بلڪ ڏنگا ۽ غير لوڪشاهي طريقا بہ اختيار پئي ڪيا آهن. جن تي ارمان ضرور ٿئي ٿو. انهن طريقن جو بہ هيٺ ڪجهہ ذڪر ڪجي ٿو:

16. سنڌيءَ جي لپي ديوناگري ڪرڻ ۾ هٿ گهٽي پاڳي اسان جي ڪن بزرگن جو ئي آهي. هو صاحب اسان لاءِ آدرڻيہ آهن ۽ سندن لاءِ سيني کي عزت آهي، پر ڪجهہ وقت کان انهن مان ڪن سڄڻن نهايت عجيب روش پئي اختيار ڪئي آهي. ان سبب سياويڪ سندن راين ۽ طريقن ۾ ويساهہ ڪرڻ يا پنهنجي آئيندي جي واڳ سندن هٿن ۾ ڇڏڻ ڏکيو ٿي پيو آهي. هو صاحب پلي ائين سمجهندا هجن تہ اسان کي نيڪ صلاحون ڏئي رهيا آهن، پر حقيقت ڪري هو سنڌي جاتيءَ جي جڙ اکوڙي رهيا آهن. اهو ڪيئن؟ سو هنن ڪجهہ مثالن مان ئي ظاهر آهي. اسان کي صلاح پئي ڏني وئي آهي تہ جتي جتي رهو ٿا، اتي بين جاتين ۾ جذب ٿي وڃو. ڇئو سائين، هن کان وڌيڪ بہ ڪا اوندهہ ٿيندي آهي، هڪ طرف اسان جو سجاڳ طبقو آهي، جو حوصلي ۽ همت کان

ڪم وٺي، اها ئي ڪوشش پيو ڪري ته اسين سنڌي ڪيئن به ڪري پنهنجي سنڌي هستي زنده رکون ۽ ٻئي طرف آهن هو صاحب، جي پنهنجي ٻين پيا وڃائين. اها آهي اسان جي اڳواٽي! 1950ع ۾ جڏهن اسان جو وڏان ٺهي پئي راس ٿيو تڏهن اسان جي ئي ڪن بزرگ صاحبن صلاح ڏني ته سنڌي ٻوليءَ جو هاڻي آئيندو نه آهي. انڪري اها وڏان ۾ درج نه ڪئي وڃي ۽ ان جو ڪيتو اسين اڄ تائين لوڙي رهيا آهيون. ڪن صاحبن جو ته چوڻ آهي ته اسان جي ٻارن کي سنڌي ٻوليءَ دوران تعليم رڳو پرائمري اسڪولن ۾ ئي ڏني وڃي . هلو اڃا اڳتي ته ڏسون ته اسان جا ڪي بزرگ ڪيئن نه اسان جي ٻوليءَ جي ترقي ڪري رهيا آهن، هنن کي چڱيءَ طرح خبر آهي ته کين هن ڏس ۾ عام جي پٺڀرائي ڪا نه آهي، ان ڪري شخصي اثر هلائڻ جو طريقو به اختيار ڪيو اٿن. بنا ڪنهن عام راءِ يا صلاح مصلحت وٺڻ جي، اختياريءَ وارن تي زور بار آڻي، اندران ئي اندران لپيءَ کي بدلائڻ جا حڪم پئي ڪڍايا اٿن. (بمبئي ميونسپل جي سنڌي پرائمري اسڪولن ۾ ان ڪري سنڌي، ديوناگريءَ لپيءَ ۾ پاڙهي ٿي وڃي. ان جو نتيجو اهو ٿيو آهي، جو هڪ طرف ماستر ۽ ماسترياڻيون ديوناگريءَ ۾ ڪتابن نه هئڻ ۽ ٻين تڪليفن ڪري پورو پاڙهي ڪو نه ٿيون سگهن ته ٻئي طرف مائٽ پنهنجن ٻارن کي اهڙن اسڪولن مان اٿاري ٻين اسڪولن ۾ داخل ڪرائي رهيا آهن.)

خبر نه آهي ته هنن کي پهرين اهڙي اختياري ڏني ڪنهن. ڪنهن به جاتيءَ جي هستي بنيادي طور سندس ٻوليءَ ۾ سمايل رهي ٿي، يعني جيڪڏهن ٻولي زنده رهي ته پوءِ اها ٻولي ڳالهائيندڙ جاتي اوس زنده رهي ٿي. لپي ٻوليءَ جو مول آڌار آهي. اسان جي ٻوليءَ جي ان مول آڌار سان ديوناگريءَ وارن هن نازڪ وقت هٿ چراند ڪري نه رڳو اسان جي ٻوليءَ جي جڙ تي وار ڪيو آهي، بلڪ اسان جي جاتيءَ جي هستيءَ ۽ آئيندي سان ويهي کيڏيو آهي، اسين اڳ ۾ ٿورا، ويتر ديوناگريءَ وارن هي نئون رينگٽ شروع ڪري، اسان ۾ به رايا پيدا ڪري ڇڏيا آهن، جنهنجو نتيجو اهو ٿيو آهي، جو اسان جي يڪمشتي ٽٽي پئي آهي. انڌي جذبي ۾ اچي اهڙي ڳنڀير بي جوابداريءَ جي هلت هلڻ جو مثال ڪو ورلو ملندو.

روم جي بادشاهہ نيرو جي ڳالهہ ڪندا آهن تہ جنهن وقت روم پئي جليو، تڏهن هي يار هڪ ٽڪريءَ تي ويهي مؤج سان پنهنجي بانسريءَ مان طرح طرح جا سر ڪڍي رهيو هو. اسان جا ديوناگري دوست نيرو کان ڇا ۾ گهٽ ويا آهن؟ هڪ طرف سنڌي ويچارا آهن، جي پنهنجي پنرواس لاءِ اجا جدوجهد ڪري رهيا آهن تہ هي دوست آهن، جي لپيءَ جو غير ضروري سوال اٿاري ۽ اٽپٽانگ ڳالهيون ڪري، گويا سڄيءَ جاتيءَ سان مذاق بازي ڪري رهيا آهن.

17. اسان جي ديوناگري پائرن شخصي اثر هلائڻ جو هڪ ٻيو بہ نئون طريقو ايجاد ڪيو آهي. هو غير سنڌي مائنيہ هستين جهڙوڪ: ڪاڪا ڪاليڪر ۽ ونوپاجيءَ کان ديوناگريءَ جي فائدي ۾ رايا هٿ ڪري، انهن جو شد مد سان پرچار ڪن ٿا. اهڙين هستين لاءِ اسان کي ڪافي عزت آهي، پر سنڌي ٻوليءَ لاءِ ديوناگري لپي موافق آهي يا نہ، سا کين ڪهڙي خبر؟ اهو تہ صرف سنڌي ئي چئي سگهندا.

ڪيئن بہ ديوناگري لپيءَ جي پشت ۾ غير سنڌين کان سرٽيفڪيٽن وٺڻ جو ضرور ئي ڪهڙو آهي؟ ڇا سنڌين کي پنهنجو عقل ڪو نہ آهي، جو سوچي سگهن تہ سندن ڀلو ڇا ۾ آهي جو ٻين کان رايا وٺن؟ تنهن کانسواءِ ٻيا تہ رڳو صلاحون ڏيئي ڇاٽن. ڪنهن کي ڪهڙيون تہ ڪنهن کي ڪهڙيون ۽ ان ۾ هنن جو وڃي ئي ڇا ٿو؟ ڪاڪا ڪاليڪر صاحب اسان کي چوي تہ ديوناگري اپنايو. پر گجراتين کي ٻيو صلاح ڏئي تہ توهين گجراتي لپي قائم رکو (جيتوڻيڪ ديوناگري ۽ گجراتي لپين ۾ گهڻو تفاوت نہ آهي). عجيب منطق چئبو! ڪجهہ وقت اڳ لوڪ سڀا جي اسپيڪر پڻ رايو ڏنو تہ سنڌي ٻوليءَ کي جيڪڏهن ديوناگريءَ ۾ لکيو وڃي تہ هوند ان جو ڦهلاءُ ٻين هنڌن بہ ٿئي. (ڏسو هندستان اخبار تاريخ 16 مئي 1960). ظاهر آهي تہ آينگر صاحب جا رڳو ڪن ڀريا ويا هئا، باقي هن کي سنڌي ٻوليءَ جي ڦهلاءَ لاءِ جيڪو اتساهہ آهي، سا جڳ کي خبر آهي. ڇو نہ ٿو ڀلا آينگر صاحب ڀرين پنهنجي مادري ٻوليءَ جي لپي بدلائي؟ جناب ، اهڙي ڪوشش تہ ڪريو تہ خبر پوي تہ گهڻين ويهين سئو ٿيندو آهي؟

ڇا لپي بدلائڻ جي صلاح رڳو سنڌي ٻوليءَ لاءِ ئي ٿيندي آهي؟ ڪاڪا صاحب جي مادريءَ ٻوليءَ (مرهٽي) جي به لپي، جيڪڏهن ديوناگري نه هجي ها ته ڇا هو اها بدلائڻ قبول ڪري ها؟ يا ڪير ٻڌائيندو ته هيلتائين ڪهڙي ٻوليءَ پنهنجي لپي ديوناگريءَ ۾ بدلائي آهي ۽ اسين ان نسبت پهرين ساٽس آزمودن کان واقف ته ٿيون؟

18. وقت بوقت عام ميٽنگون ڪيون وڃن ٿيون ان لاءِ ته هن سوال تي ٻنهي راين جا حمايتي اچي ڳالهائين. جيئن ان سوال تي روشني پوي ۽ عام کي ان جي ڄاڻ پوي پر هميشه ڏٺو ويو آهي ته ديوناگري حمايتين مان (جي آهن ئي ٿورڙا) ايڪڙ ٻيڪڙ ڪي اچن ٿا. حقيقت ۾ ڇاڪاڻ ته هو ئي لپيءَ کي بدلائڻ جا خواهان آهن. انڪري اهو سندن ئي ڪم آهي ته اچي عام کي ان تبديل جي صداقت بابت سمجهاڻي ڏين. پر شايد سندن عام ۾ اک نئي ٻڌي يا هو عام کي پنهنجي راين کان واقف رکڻ جي ضرورت ئي نٿا محسوس ڪن. ڇا ڪجي، هو نه ٿا ئي اهو سمجهائڻ جي ڪوشش ڪن ته سندن رايو ڪيئن ۽ ڪيتري قدر صحيح آهي ۽ نه وري پنهنجي ضد تان ٿا لهن. ڇا تڏهن ائين سمجهجي ته هو ڳڙ جي آڱر لڳائي، هينئر پنيان ٻيهي تماشو ڏسڻ ٿا چاهين؟ ٻي ڳالهه ته منجهائن ڪيترن کي خود ديوناگري لپيءَ يا هندي ٻوليءَ جي پوري ڄاڻ ڪا نه آهي، پوءِ الاجي ڪيئن ديوناگريءَ جي حمايت ڪرڻ لاءِ هو قابل چئبا؟ ڇا ڪن، هو به ويچارا جذبي وهيٽا آهن، ڪين ڪو ڏوهه ٿورو ئي ڏئي سگهبو؟

19. اسان جا ڪي سنڌي اسڪول آهن، جن جا بانيڪار ديوناگري حمايتي آهن. اهڙن اسڪولن ۾ سنڌي، ديوناگريءَ ۾ پاڙهي وڃي ٿي. ائين ڪرڻ جي ڪين آزادي آهي، پر ائين آهي ڇا ته انهن اسڪولن ۾ پاڙهيندڙ ٻيا اڏياپڪ يا استاد به هرو ڀرو پنهنجي بانيڪارن سان ان سوال تي شامل راءِ هئڻ گهرجن؟ ۽ جي شامل راءِ نه هجن ته هنن کي پنهنجي راءِ ظاهر ڪرڻ جي به آزادي ته هئڻ گهرجي؟ حقيقت ته اها آهي ته اهڙن اسڪولن ۾ ڪيترائي اڏياپڪ آهن، جي پنهنجي بانيڪارن سان ان سوال تي شامل راءِ نه آهن، پر

ويچارا زبردست جو ٿيا. سو ڪيئن ڪجن ۽ پگهار دان بانيڪارن جي ناراضپي کي نيند ڏين؟ ڇا اها ئي آهي اسان جي تعليم، جنهن موجب پنهنجو آزاد رايو به نٿو ڏئي سگهجي؟ ڪيترن اڏيا پڪن کي ته ان سوال تان نوڪريءَ کان جواب ڏنو ويو آهي. واهه ڙي انصاف!

20.ديوناگريءَ وارا سنڌي لپيءَ جي ڪن ڪمزورين ڏانهن ڌيان ڇڪائي اهو ذهن نشين ڪرائڻ جي ڪوشش پيئي ڪندا آيا آهن ته اها ناقابل لپي آهي. تڏهن ڇا ديوناگري ئي رڳو قابل ۽ ڪامل لپي آهي؟ هن دنيا ۾ ڪهڙي چيز آهي جا ڪامل آهي؟ ڪي نه ڪي گهٽتايون يا خاميون ته هر ڪنهن چيز ۾ آهن. خاص ڪري ٻوليءَ جهڙي آزاد وشيه ۾ بلڪل تز ٿيڻ يا گرامر جي قاعدن ۾ چؤڪنبو قيد هئڻ ناممڪن آهي ۽ نه سونهين ئي. انگريزي ٻولي ۽ ان جي لپيءَ ۾ ئي ڏسو ته ڪيڏيون نه اٽوٽايون، آرڙيون ۽ گهٽ وڌايون (irregularities) آهن، پر اسان جا دوست اها ٻولي سکڻ کان ته منع ڪن ئي ڪو نه ٿا. باقي پنهنجي لپيءَ جي ڪن گهٽ وڌاين کي دوربينيون ڪنيو پيا ڏسن ۽ هاءِ گهوڙا ڪن ته ڏسو ڏسو اسان جي لپي ڪهڙي نه چٽ مردار آهي، ڪهڙي نه......

هم آه بهی بهرتے ہیں تو ہوجاتے ہیں بدنام،
وہ قتل بهی کرتے ہیں تو چرچا نہیں ہوتا۔

گهر جا ڪڪڙ مارڻ اِجهو انهيءَ کي چئبو آهي.

21. ’هندستان‘، اخبار به ديوناگريءَ جا سونهري پردا ڏيکارڻ ۽ سنڌي لپيءَ تي ڪاري چادر وجهڻ ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏي آهي. ائين ڪرڻ هڪ عام جي اخبار کي نه سونهين ۽ نه اهو آزاد اخبار نويسيءَ جو ڪم آهي. ’هندستان‘ وارن کي گهربو هو ته پنهنجي اخبار دوارن پنهنجو رايو ٻين تي مڙهڻ يا مڃائڻ بدران عام جو رايو ونڻ جي ڪوشش ڪن ها ته ماڻهو ڪهڙي لپيءَ چاهين ٿا. ’جنتا جو آواز‘ ڪالم ۾ به هو هڪ طرفا خط شايع ڪري، هام هڻي سگهن ٿا ته اهو جنتا جو آواز آهي. ’هندستان‘ وارن هن سوال تي عام جي راءِ جي رهنمائي ڪرڻ بجاءِ، سندن مٿان پنهنجو رايو مڙهي پنهنجي مرتبي ۾ ڪو اضافو ڪو نه آندو آهي.

## (4) سنڌيءَ وارن جا ڪي وڏيڪ سبب

سنڌي لپيءَ وارن کي ٻيا ٻه ڪي سبب آهن، جن سان هو ڏيکارڻ چاهين ٿا ته سنڌي لپي چالو رکڻ ۾ ئي اسان جي ڀلائي آهي. اهڙا ڪي سبب هيٺ ڏجن ٿا:

22. **الف**: جيئن مٿي پيش ڪيل آهي، ديوناگري لپي اپنائڻ سان اسان جي ٻولي رفتي رفتي هنديءَ ڏانهن مائل ٿيندي ويندي. انڪري اهڙو ڪو وقت ايندو جو هوءَ سنڌي نه پر هنديءَ جو ڪو روپ وجي اختيار ڪندي. ديوناگريءَ وارا ڀلي ٻيا چون ته ديوناگري لپيءَ جو سنڌيءَ جي اصليت تي ڪو اثر نه پوندو، پر اهو ممڪن نه آهي. ساڳئيءَ لپي ۾ گڏوگڏ ٻنهي سنڌي ۽ هندي ٻولين جي اڀياس هئڻ ۽ ڳالهائڻ بعد اهو ممڪن نه آهي جو هنديءَ جي اچارن وغيره کان سنڌيءَ جي اُچارن کي ڇپو ڪپو ٿيڻ کان روڪي سگهجي، خاص ڪري جڏهن سنڌي هنديءَ کي ڪافي ويجهو آهي.

هنديءَ جو سنڌيءَ تي اثر ڪافي پيو آهي، جيتوڻيڪ ان جي اسان کي لک نه آهي، پر اهو اثر هيٺين ڪن مثالن مان ظاهر آهي. اڄڪلهه اسان جي ڪيترن گهرن ۾ اسان جا ننڍڙا ننڍڙا ۽ خود وڏا پڻ پاڻ ۾ هنديءَ ۾ ڳالهائين ٿا. ڪن کي ته پنهنجي آڪهه جي نالن مان ٻه لچ پئي اچي ۽ تنهنڪري هنن اهي نالا ئي بدلائي ڇڏيا آهن. جهڙوڪ: ڪرپالاڻيءَ مان ڪرپس، ماکيجاڻيءَ مان مئڪي، سپاهيمناڻيءَ مان سپي وغيره.

**ب**: ساڳيءَ طرح هو سنڌيءَ جو پورو دم ڪري نه، پر هنديءَ جو پورو دم ڪري لکن ٿا. ديوناگريءَ وارن کي جيڪڏهن سنڌيءَ جي اصليت قائم رکڻ جي سچي نيت آهي. پوءِ هو ديوناگري لپي اپنائيندي ڇو ٿا هندي طريقا اپنائي سنڌيءَ کي ان سان رڱين؟

**پ**: سنڌيءَ ۾ سرس لفظ هوندي ٻه اسين انهن بدران هندي يا هندستاني لفظ ڳالهايون ٿا. جهڙوڪ تڪلف، اطمينان وغيره. هنديءَ جي اثر ڪري اسان جا سنڌي لفظ ائين وڃن پيا آهستي آهستي وساريا ۽ ائين سنڌي ٻوليءَ جو بنياد وڃي پيو مٽبو. ان اثر کي روڪڻ جو هڪڙو اُپاءُ سنڌي لپي قائم رکڻ آهي.

23. لپي بدلائڻ ڪري هن وقت سنڌي لپيءَ ۾ اسان جو موجود ساهتيہ ديوناگري لپيءَ ۾ الٽو ڪرڻو پوندو. اهو هڪ تمام وڏو ڪاريہ آهي، جنهنجو پورو احساس هئڻ گهرجي، موجوده ساهت، ديوناگري لپيءَ ۾ اچڻ بعد ڪيترين ساهت مان خاص ڪري نظم مان، اها ساڳي سڳنڌ نہ ملندي، ڇو تہ پوءِ اُچارن ۾ ڏاڍو ڦيرو اچي ويندو.

هيءَ هڪ وڏو علمي سوال آهي، جنهن تي جيڪڏهن هينئر اکيون نہ پٽيون تہ پوءِ ڏاڍو پڇتائڻو پوندو.

24. سنڌي ٻوليءَ لاءِ ديوناگريءَ لپي موزون نہ آهي، پر دليل طور ڪٿي ڇئجي ٻہ تہ اها اپنائي وڃي، تڏهن ڇا. اها تبديل هن وقت آڻڻ واجب آهي، جڏهن اسان اڳيان ٻيا ڪيترا مکيہ ۽ ضروري مسئلا آهن، چوندا آهن تہ First thing first يعني پهرين ضروري ڳالهيون، پيون پوءِ. ڇا اسان اڳيان روزگار، اَجهو ۽ ٻيا ضروري مسئلا نہ آهن، جن ڏانهن پهرين پنهنجو ڌيان لڳائي، اهي حل ڪريون؟ ڇا لپي بدلائڻ اسان لاءِ ڪو ضروري مسئلو اچي ٿيو آهي، جو ان ڪي ٻہ هينئر ٿپائي آڻيون ۽ هڪ وڏيڪ مسئلو ڪڙو ڪري ٻين مکيہ مسئلن تان ڌيان هٽايون. هن ڏس ۾ اهو ڌيان ۾ رکڻ ضروري آهي تہ ساهت سنبنڌي ۾ ڪي ٻہ سڌارا وغيره ڪا ٻہ جاتي يا قوم تڏهن ئي سهوليت ۽ ڪاميابيءَ سان آڻي سگهندي آهي، جڏهن هوءَ ٺانئيڪي ۽ خوشحال هوندي آهي. ڇو تہ اهڙا سڌارا صرف نشچنت ۽ پنهنجي من جي اِستٿيءَ سان ئي آڻي سگهجن ٿا. باقي هرو ڀرو ڪنهن اَجائي تڙ تڪڙ ۾ ابهرائي ڪرڻ سان تہ پاڻ اسان جي ٻوليءَ کي خطرو آهي، جيڪڏهن ۽ جڏهن ٻين ٻولين جون لپيون ٻہ ديوناگريءَ ۾ بدليون تہ پوءِ اسين ٻہ پٺتي نہ پونداسين. ان حالت ۾ تہ پاڻ سرڪار وٽان ٻہ لپي بدلائڻ لاءِ مدد ملڻ جي اميد ٿي سگهي ٿي، ان وقت ٻين جيان اسين ٻہ ضرورت محسوس ڪري، پنهنجي لپي بدلائينداسين. باقي هاڻي ان باري ۾ ڪا ٻہ تڪڙ يا چنتا ڪرڻ جي ضرورت ئي ڪهڙي آهي؟

ڪيئن بہ لپيءَ جو سوال اسان سنڌين جو شخصي سوال آهي جو سنڌي وڏان ۾ تسليم ٿيڻ بعد بہ ڪجي سگهي ها. لپيءَ جي سوال تي اسان ۾ دوطرفي اچڻ سبب اڳلن کي پاڻ اسان جي ٻولي تسليم نہ ڪرڻ جو هڪ

سبب ملي ويو آهي. ٻئي خيال کان ٻوليءَ جي لپي بدلائڻ هڪ وڏي آپريشن ڪرڻ مثل آهي ۽ ڪو ٻه ڊاڪٽر اهڙو آپريشن تڏهن ئي ڪندو آهي، جڏهن مريض ۾ ان جي سهپ جي ڪافي طاقت هوندي آهي. اسان جي دوستن کي ان ڪري اسان جي ٻوليءَ تي لپي بدلائڻ جي آپريشن يا تجربي ڪرڻ جي نتيجن جو پورو احساس هئڻ گهرجي. نيٺ ٻه علاج اهو جو مرض لاهي ۽ نه مريض جو مورڳو ئي دم ٻاهر ڪڍي.

25. جيئن سنڌي ٻولي اسان جي پنهنجي مادري ٻولي آهي، تيئن سنڌي لپيءَ ٻه اسان جي پنهنجي ئي لپي آهي. اسان جي سنڌي ٻولي وانگر سنڌي لپي ٻه اسان کي سنڌ جي ياد ڏياري ٿي ۽ اسان جي پوين لاءِ اها هڪ وڏي نشاني يا يادگار آهي، جنهن مان هو چٽي سگهندا ته اسين سنڌي آهيون ۽ سنڌ مان آيل آهيون. ٻئي خيال کان اها نرالي لپي ٻه آهي، جا اسان جي سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌيت جي وڏي نشاني آهي ۽ اسان سنڌين کي هڪ سوٽر ۾ پوئيو بيٺي آهي، اها هڪ حقيقت آهي، پوءِ ڪو مڃي نه مڃي.

## (5) وينتي

اسان جا ڪي ودوان سڄڻ آهن، جي هن سوال تي چپن کي چنو لڳائي ويٺا آهن. جيتوڻيڪ اهو سچ پچ سندن ئي فرض آهي ته اهو سوال سلجهائين. اسان جا اهي متر چو ان سوال تي منهن ورت ڏارڻ ڪيو ويٺا آهن سا ڪين خبر، پر ائين چوڻ کان ته ڪين ٽربو ته هو انهن درٻارين جيئان چٽبا، جن کي اها همٿ نه پئي ٿي، جو ڪر پنهنجي سواريءَ ۾ ويندڙ راجا لاءِ چون ته هو ننگو وڃي رهيو آهي، يا شايد هو پاسيرو رهي رڳو تماشي ڏسڻ جا ئي شوقين چٽبا، يا شايد هو ائين چاهين ٿا ته پل ميدان ۾ ٻنهي ڌرين جي ڏاڙهيءَ پٽ هلي ۽ نيٺ جيڪو ٻئي کي جيتي ڊانگو ڪندو، پوءِ ان جي شاباس شاباس ڪري جڙ منائيندا ۽ سندس پٺي تي هٿ ڦيري، چوندا ته اسين ته منڍ کان ئي وٽي تنهنجي ڳالهه ۾ هئاسين، پر ڪن مجبورين ڪري تنهنجي مدد ڪري نه سگهياسين. اسان جي جوابدار ودوانن کي ائين ڪرڻ

واجب نہ آهي. ڪين وينتي آهي تہ هو اسان جي تعليم بهبودي ويچار ۾ رکي ماٺ ڪري نہ ويهن، پر هن سوال کي حل ڪرڻ ۾ پنهجو هٿ وڏائين.

پڇاڙيءَ ۾ منهنجي سنڌيءَ لاءِ ديوناگري لپي حمايتي پائرن کي بہ وينتي آهي ۽ پڪ اٿم تہ ٻين سنڌي لپي حمايتن جي بہ اها ئي وينتي آهي تہ گهٽ ۾ گهٽ اسان ۾ يڪمشتي هئڻ جي صدقي ئي هو هي خطرناڪ تحرڪ بند رکن. چوندا آهن تہ پُلي آئي پاڻ سا بہ نہ پُلي.

اسان جي ديوناگري پائرن لاءِ بہ هي تحرڪ واپس ونڻ جو اجا وقت ويو ڪين آهي. نيٺ بہ هي سڄي جاتيءَ جي ڀلي جو سوال آهي، جنهن ۾ پنهنجي شان مان کي، مر لڳڻ جو ڪو بہ سوال ڪو نہ ٿو اُٿي. پنهنجي جاتيءَ جي هڪ آواز ۽ ڀلي خاطر هو جيڪڏهن ترت پنهنجو قدم واپس وٺندا تہ ان ۾ سندن ئي شان آهي، نہ تہ سندن شروع ڪيل تحرڪ جي نتيجن لاءِ پاڻ ئي ٿَلهي ٿيندا. اسان جي ڪين نمرتا پوروڪ واري وينتي آهي تہ مهرباني ڪري اسان جي جاتيءَ لاءِ هن نازڪ وقت هي تحرڪ بند رکو، پر تنهن هوندي بہ جيڪڏهن توهين هرو ڀرو ضد ڪندا تہ توهان کي اهو ذهن نشين هئڻ گهرجي تہ توهان جي هن تحريڪ جي ڀوڳنا پس پيش وڃي ننڍي ٿهيءَ وارن ۽ نوجوان طبقي کي ڀوڳڻي پوندي . ڇو تہ ان ڪري سندن ئي آئيندي تي اثر پوندو ۽ اسان جو اهو طبقو ٻيو چاڙهو نہ ڏسي لاچار سنڌي ٻولي ديوناگريءَ سکڻ کان صفا انڪار ڪندو، پر اميد آهي تہ ديوناگريءَ دوست پنهنجي ڀل محسوس ڪري پنهنجو تحرڪ بند رکندا، جيئن اسان جي نوجوان طبقي کي اهڙي قدم کڻڻ جو موقعو ئي نہ ملي. شل ان اهم سوال تي اسين جلد يڪراءِ ۽ يڪمشت ٿي، اڳتي قدم وڌايون.

# عربي سنڌي لپي ڇو ضروري آهي؟

سهڻي ولي ۽ لپيءَ ڪي اپڻ

## لپي ڇا آهي؟

انسان پنهنجن جذبن ۽ خيالن کي ظاهر ڪري ’ٻئي تائين پهچائي‘ تنهن لاءِ ڪو وسيلو گهرجي ۽ ٻولي فقط اهڙو وسيلو آهي، جو هزارين سالن جي انساني ترقيءَ کان پوءِ مڪمل ٿيو آهي. هر ملڪ، هر قوم، هر زمين جي ٽڪري ۾ جدا جدا ٻولي وڏي ۽ ويجهي آهي ۽ سڄيءَ دنيا ۾ جدا جدا ماڻهن جون جدا جدا هزارين ٻوليون آهن. جڏهن ٻوليءَ کي قلم ۽ مس سان ڪنهن هنڌ لکجي. ان صورت يا شڪل يا نموني کي ’لپي‘ ٿو سڏجي، خيالن کي اکرن ۾ لکڻ جو نمونو آهي. دنيا جي هزارين ٻولين جي لکڻ جا نمونا (لپيون) جي هزارين نه آهن، ته به گهٽ ۾ گهٽ سوين آهن. ڪن حالتن ۾ لپيون هڪ ٻئي کان تمام علحديون آهن ته ڪن حالتن ۾ لپين ۾ ٿورو ٿورو فرق آهي. جيئن ديوناگريءَ، گجراتي، بنگالي، يا روسي، اٽالي، انگريزي ۽ فرانسيسي وغيره. لپين جا دنيا ۾ مکيه وڏا ٽي قسم آهن، جن ۾ لپيون ورهايل آهن:

1. رومن لپي 2. عربي لپي 3. ديوناگري لپي

جن ۾ گهڻو ڪري دنيا جون ٻوليون ٿوري يا گهڻي تفاوت سان اچي وڃن ٿيون.

## عربي سنڌي لپي:

اسان جي سنڌي ٻولي، عربي لپيءَ جي قسم ۾ اچي وڃي ٿي، پر تنهن هوندي به سنڌي ٻوليءَ جي لپيءَ ۾ ڪيتريون ئي پنهنجون خصوصيتون آهن. جهڙوڪ: اکرن جي شڪل ۽ نوان اکر، جي نج سنڌي آهن. سنڌي ٻوليءَ ۽ لپيءَ جي اها خوبي آهي، جو دنيا جي ڪنهن به ٻوليءَ جو اُچار اسان جي ٻوليءَ کان ٻاهر ڪو نه آهي، پر ڪيترا اهڙا اچار اسان وٽ آهن، جيڪي ٻين ٻولين ۾ موجود ڪو نه آهن، جيئن ته ٻ، ڏ، ڳ، ڱ ۽ ڄ. اسان جي لپي ان لحاظ کان ته وڏيڪ ترقي يافتا آهي. اچارن ۾ عربيءَ،

پارسيءَ ۽ اردوءَ کان تہ وڏيڪ ترقي ڪيل آهي، پر ٻين ماڊرن ٻولين کان بہ وسيع آهي. خود ديوناگريءَ  کان بہ. تنهن ڪانسواءِ وگياني (سائنسي) لحاظ کان بہ اسان جي لپي وڏيڪ ڪارگر آهي. تنهن جو ذڪر اڳتي ڪيو ويندو.

هاڻي سوال ٿو اٿي تہ سنڌي ٻوليءَ جي لپي اصل ڪان وٺي هيءَ عربي سنڌي هئي؟ جيڪڏهن تواريخ جي ورقن کي ورائي  ڏسجي تہ سنڌي ٻوليءَ جي لپي هڪ صدي (سؤ سال) اڳ ڪا بہ مقرر ڪيل يا مڪمل ٿيل ڪا نہ هئي. جدا جدا ماڻهو جدا جدا لپين ۾ لکندا هئا. ميرن جي زماني ۾ درٻاري ٻولي پارسي هئي. تنهن ڪري ان جو اثر اسان جي ٻوليءَ تي لازمي هو. گهرن ۾ زالون گرمکيءَ ۾ لکنديون هيون ۽ ڪجھ حصو ديوناگريءَ ۾ پڻ لکندو هو. هيءُ بي ترتيبي، ان زماني جي سماجڪ سرشتي ۾ هئي. تنهنڪري هر هڪ چيز ۾ هئي. خود حڪومت جو سرشتو  اهو هو جو ٻارهن ڪوهن ۾ نئون نظام. تنهن ڪري اهڙيون حالتون لازم هيون. پر انگريزن سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ سنڌ ۾ هڪ يڪي حڪومت برپا ڪئي ۽ ڪاروبار ۾ ڪجھ سرشتو قائم ڪيو. تنهن ڪري ٻوليءَ ۽ لپيءَ جو سوال بہ ڪين حل ڪرڻو پيو. ڇاڪاڻ تہ نظام ۾ ترتيب آڻڻ لاءِ ٻولي وڏي اهميت رکي ٿي. تنهنڪري پهريون دفعو سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجي پيرن تي بيهارڻ جو يعني هڪ مقرر لپيءَ ۾ لکڻ جو سوال پيدا ٿيو. سرڪار هڪ ڪاميٽي ٺاهي، جنهن جي محنتن جو نتيجو هو اسان جي هاڻوڪي لپي. چيو وڃي ٿو تہ ان ڪاميٽيءَ ۾ ميمبرن جي گهڻائي مسلمانن جي هئي. انگريزن مسلمانن سان پاسخاطري ڪئي ۽ هندن ان وقت اعتراض اٿاريو هو وغيره. اسين ان بحث ۾ گهڻو وڃڻ نہ ٿا چاهيون. فرض ڪجي تہ  انگريز حڪمرانن عربي لپيءَ کي پشتي ڏني هجي، پر اهو تہ بلڪل لازمي هو ڇو تہ جتي مسلمانن جي گهڻائي هئي، اتي انگريز حڪمرانن پنهنجي پاليسي رکي هوندي. گذريل ٻن صدين ۾ حڪمرانن اها پالسي ئي پئي رکي آهي، ڪٿي مسلمانن کي خوش ڪرڻ تہ ڪٿي هندن کي خوش ڪرڻ.

پر اها هڪ صاف ۽ چٽي حقيقت آهي تہ گذريل هڪ صديءَ کان اسان جي لپي عربي سنڌي پئي رهي آهي. جا وڏي آهي ۽ ويجهي آهي. اها

ئي گذريل صدي آهي، جنهن ۾ اسان جي سنڌي قوم ترقي ڪئي ۽ ساڳئي وقت اسان جي ساهت (ادب)، تعليم ۽ تهذيب، انهن سؤ سالن ۾ ترقيءَ جي وڏي منزل طئي ڪئي. اسان جو سارو ساهت، اوائلي (ڪلاسيڪل) يا نئون، هن هاڻوڪي لپيءَ ۾ وڏيو ويجهيو آهي ۽ موجود آهي، تنهن ڪانسواءِ اسان جو سارو پراڻو ورثو جيڪو اسان ڳولهي سگهيا آهيون، اهو به هن ئي لپيءَ ۾ موجود آهي. اهڙيءَ حالت ۾ اسان جي لپيءَ کي بدلائڻ جو سوال ئي ڇو پيدا ٿيو آهي؟ جيڪڏهن اسان جي ٻوليءَ کي لپي نه هجي ها يا اڻ سڌريل ۽ نڪمي لپي هجي ها، ته پوءِ ڪٿي اسين اهڙي سوال تي ڌيان ڏيون ها. پر جڏهن اسان وٽ هڪ ترقي يافتا لپي، وگياني (سائنسي) طرح تمام مفيد لپي موجود آهي، ته پوءِ ان کي بدلائڻ جو خيال ئي ڇو پيدا ٿيو؟

جي اسان جي ٻولي عربي نموني واري لپيءَ ۾ لکي وڃي ته ڪهڙو گناهه آهي؟ جڏهن هڪ صدي اسان ان کي پالي نپائي، پنهنجن هٿن سان وڏو ڪيو آهي. اسان ان کي پنهنجو سمجهي ڪيس ترقي ڏني آهي ۽ اسان جي هن لپيءَ سان سياويڪ محبت ٿي ويئي آهي. اسان جا ڪي بزرگ اسان جي ٻوليءَ جي شڌي ٿا ڪرڻ چاهين ۽ ڪن ٻين جو خيال آهي ته عرب لوڪن جي بادشاهت دنيا مان ختم ٿي ويئي آهي، تنهن ڪري عربي لپيءَ جو ماڻ دنيا ۾ ڪو نه رهندو. ڪهڙا نه عجيب دليل آهن! جيڪڏهن اهڙا دليل چوڏهين صديءَ ۾ ڏنا وڃن ها ته شايد ماڻهو ڪلڻهاب ٿين ها! ٻوليءَ جي شڌي ڪرڻ کان اڳ ۾ پهرين اسان جي سڄيءَ سنڌي قوم جي شڌي ته ڪريو، پوءِ ٻوليءَ جو وارو ايندو. اسان جي تهذيب تي رڳو عربي تهذيب جو اثر ڪو نه پيو آهي، تمام وڏو اثر ته يورپي تهذيب جو پيو آهي ۽ ان حالت ۾ اسان کي پنهنجن ڪپڙن جي شڌي، مغز جي شڌي، منهن جي شڌي، خيالن جي شڌي، مطلب ته هر چيز جي شڌي ڪرڻي پوندي! هي ماڻهو اهڙا ته تنگ خيال آهن، جو هر چيز کي پنهنجي ۽ پرائي ۾ ورهائڻ کي ئي اتم چيز سمجهندا آهن، اهو خيال نه ڪندا آهن ته هر چيز جي چڱائي ۽ برائي خيال ۾ رکي فيصلو ڪرڻ گهرجي ۽تنهن ڪانسواءِ اهو به خيال نه ڪندا آهن ته

دنيا جي اندر هر قوم، هڪبئي کي ڏنو ۽ ورتو آهي. هر قوم جو ٻيءَ قوم تي اثر ٿيو آهي ۽ انسان ذات ترقي ڪئي آهي. دنيا ۾ ڪا بہ چيز پنهنجي ۽ پرائي نہ آهي. هيءُ دليل ڏيئي، صرف ماڻهن جي جذبن سان کيڏيو ٿو وڃي.

هت هڪ مثال ڏيڻ ٺيڪ ٿيندو، ترڪيءَ جو ملڪ، ٻولي، مذهب ۽ تهذيب جي لحاظ کان عربيءُ کي ويجهو آهي، پر انهن پنهنجيءَ ٻوليءَ جي لپي رومن ڪري ڇڏي، ڇاڪاڻ تہ انهن ان ۾ وڏيڪ فائدو سمجهيو يا انهن کي ان ۾ وڏيڪ سهوليت محسوس ٿي، انهن کي اهو خيال ڪو نہ ٿيو تہ سندن ٻولي ناپاڪ ٿي ويندي! ٻولي ڪڏهن بہ ناپاڪ يا اشدّ نہ ٿي ٿي سگهي. سچ پچ تہ انهن پنهنجي لپي بدلائي ئي ان تنگ خياليءَ کي ٽوڙڻ لاءِ هئي.

دنيا ۾ وڏين ۾ وڏين طاقتور قومن جي ٻولين جي لپي رومن قسم جي آهي. روم جي سلطنت هزارين سال ٿيا تہ ڊهي ناس ٿي ويئي، پر اڄ ڏينهن تائين رومن لپيءَ جا هو ڏيئي ويا، تمام وڏين ٻولين جي لپي آهي، پوءِ ڇو نہ ٿيون اهي قومون بہ ان لپيءَ کي ميساري ڇڏين؟ ٻوليون ۽ لپيون، جي انسان جو ورثو آهن ۽ جنهن جي ڪري انسان ترقي ٿو ڪري، اهي ڪيئن ختم ٿينديون؟ انهن جو قدر ڪيئن گهٽ ٿيندو؟ خود ديوناگري لپيءَ کي هزارين سال ٿيا آهن، پر ختم ڪا نہ ٿي آهي، جيتوڻيڪ هندستان ۾ ڪيترين سلطنتون ڊهيون ۽ ٺهيون آهن. هن کي ڇئبو آهي علم جي ڪوتاهي. هي آهن اسان جا ودوان (ماهر) جن ويهي فيصلو ڪيو آهي تہ اسان جي لپي بدلائي وڃي!

اسان جي ٻولي ڪهڙيءَ بہ لپيءَ ۾ هجي، نہ ان جو قد گهٽبو ۽ نہ اشدّ (ناپاڪ) ٿيندي. اسان ان کي ڦيرايون ڇو؟ عربي لپيءَ کي ڇڏي، ديوناگريءَ ۾ ڇو لکون؟ اسان جا هندستان ۾ رهندڙ ڪي دوست چون ٿا تہ اسان هندستان جي ماڻهن کي ويجهو ايندا سين ۽ ڪن جو چوڻ آهي تہ هندستان جي ٻين ساهتن (ادبن) مان اسان کي لاڀ ملندو. هي دليل بہ مٿين دليلن وانگر کوکلا آهن. ٻهرين ڳالهہ تہ اسان (سنڌي هندو) هندستان ۾ اچڻ کان پوءِ خود بخود هندستان جي ماڻهن کي ويجهو اچي ويا آهيون. اسان پنهنجي لپي بدلائڻ سان انهن کي وڏيڪ هڪ انچ بہ ويجهو نٿا اچي سگهون. هندستان ۾

ايترين ٻولين ۾ ايتريون لپيون آهن. جو اسان جي دوستن جو هيءُ دليل قسي ٿو پوي. جيتوڻيڪ ڪن جي ڳالهه کي ڪٽي مٽي ڪجي ته ٻين هندستاني ٻولين جون لپيون ڏيک ۾، لکڻ ۾ (ڪاٻي کان ساڄي) ديوناگريءَ سان رلن ملن ٿيون، ته به ان مان ڪهڙو سود؟ بينگاليءَ لاءِ گجراتي، گجراتيءَ لاءِ تيليگو ۽ تيليگوءَ لاءِ سنڌي اهڙي هوندي، جهڙي اسان لاءِ جرمن يا گريڪ. لپي بدلائڻ مان ڪهڙو سود ٿيندو؟ جيسين ماڻهو ٻولي نٿو ڄاڻي، تيسين ڪنهن به ٻوليءَ کي پڙهي نه سگهندو. اسان جي اڳيان مرهٽي ٻوليءَ جو مثال آهي، جيڪا ديوناگري لپيءَ ۾ لکي ٿي وڃي، پر مرهٽن کي هندي، اسان سنڌين جيتري به ڪا نه ايندي آهي. ٻڌائيندا اسان جي ديوناگري لپيءَ جا حمايتي دوست، ته لپي بدلائڻ سان ڪيئن اسان هڪدم ٻين هندستاني ٻولين ۽ ساهتن کي ويجهو پونداسين؟ اسان جو سنڌي ساهت ڪهڙيءَ به لپيءَ ۾ لکيو وڃي، پر ان تي ٻين ٻولين ۽ ساهتن جو اثر خودبخود پوندو ۽ ان مان جيڪو لاڀ ملندو، اهو اسان کي ضرور پراپت ٿيندو. پر ان لاءِ اسان کي پنهنجي لپي بدلائڻ جي ڪا به ضرورت ڪا نه آهي.

## سنڌي لپي بدلائڻ پٺيان سازش

جڏهن هندستان جون ٻيون ٻوليون پنهنجين لپين ۾، جي پانت پانت جون آهن، انهن ۾ لکيون ٿيون وڃن ته پوءِ اسان جي لپي بدلائڻ جي پٺيان ڪهڙو راز آهي؟ هن رٿ جي پٺيان هڪڙا ته آهن تنگ خيال رکندڙ جن جو اسان اڳ ۾ به بيان ڪيو آهي، جن کي عربي لپيءَ مان 'مسلمانڪي' بوءِ ٿي اچي ۽ ماڻهن جي جذبن کي اڀاري، انهن کي برغلائڻ جي ڪوشش ٿا ڪن. عجب اهو آهي ته انهن سان گڏ ٻيا آهن، سفيد پوش، جي پاڻ کي مهاتما گانڌيءَ جا شش (پوئلڳ) سڏائيندي به، هن رٿ جي پٺڀرائي ٿا ڪن. اهي ساڳيا ماڻهو ڪجهه وقت اڳ مهاتما گانڌيءَ جي رٿ، ته هندستان لاءِ هندستاني ٻولي ئاهجي، جا ٻنهي لپين (عربيءَ ۽ ديوناگريءَ) ۾ لکي وڃي، جي پٺڀرائي ڪندا هئا ۽ سنڌ مان پڃي نڪتا ته هت رنگ ئي بدلائي ڇڏيو اٿن ۽ اسان جي لپيءَ کي بدلائڻ جي تحريڪ ۾ سيني کان اڳرا پيا وڃن.

هنن مهاشين (چڱن مڙسن) جو اهو بہ رايو آهي تہ، سنڌي هاڻ سڀ ڪجهہ وڃائي آيا آهن. انهن وٽ رکيو ئي ڇا آهي، تنهن ڪري هت ٻين قومن سان ملي هڪ ٿي وڃن ۽ پنهنجي قوميت (سنڌيت) کي درياهہ ۾ لوڙهي ڇڏين. تنهن ڪري انهن مان ڪي وڏ واتا تہ صاف اکرن ۾ پيا چون تہ، ڪڏهن اهو وقت بہ ايندو جو سنڌي، سنڌي نہ رهندا. هو هت ٻين قومن سان ملي مرهٽا، گجراتي، مارواڙي ۽ ڪڇي ٿي ويندا. سچ پچ تہ هن رٿ جي پٺيان سچو پچو منصوبو اهو آهي تہ اسان سنڌين کي ختم ڪيو وڃي ۽ تنهن ڪري هيءَ پهرين شروعات آهي، اسان جي ٻوليءَ ۽ ساهت تي حملي جي. هميشہ ڪنهن بہ قوم کي تباهہ ڪرڻ لاءِ، سندس ٻوليءَ ۽ ساهت کي ناس ڪبو آهي. هن مهاشين جو خيال آهي تہ اسان پنهنجو وطن، گهر، مڪان، مال ملڪيت ڇڏي اچڻ ڪان پوءِ، پنهنجي ٻولي، ساهت، تهذيب ۽ سنڌيت بہ ڇڏي ڏيون.

هن رٿ جي پٺڀرائي ڪندڙ ڪي وري اسان جا تعليم يافتا دوست بہ آهن، جي پنهنجون اجايون ۽ سڪڻيون هجتون پيا اٿارين، ڇي، هڪ سؤ سال اڳ سنڌي، ديوناگريءَ ۾ لکي ويندي هئي، ديوناگري لپي وڌيڪ وگيانڪ (سائنسي) آهي. اسان جا ٻار ٻن لپين جي تڪليف ڪان ڇٽي پوندا وغيره. هڪ سؤ سال اڳ ۾ ڇا هو تنهن سوال کي دهرائڻ آهي، مڙدي کي قبر مان ڪڍڻ. سوال آهي تہ جيڪا اڄ اسان جي لپي آهي، سا عربي سنڌي لپي آهي ۽ اسان جي پنهنجي آهي، جنهن کي اسان سؤ سال نڀايو آهي، تنهن کي دفن ڇو ڪريون؟ ۽ جا ڳالهہ هڪ سؤ سال اڳ دفن ٿي ويئي، ان جو سرندو وري اڄ ڇو وڄايون؟ عربي لپي وگيانڪ (سائنسي) ڍنگ ڪان وڌيڪ مفيد آهي يا نہ، ان جو ذڪر اڳتي ڪبو جيئن اسان جي دوستن جي اها بہ حجت ڦسي پوي. اسان جي ٻارن کي ٻن لپين سکڻ ڪري ڪهڙو نقصان ٿيندو؟ هتي تہ هر قوم جا ٻار بہ لپيون سکندا آهن. گجراتي، بينگالي، مدراسي، پنجابي (جن جي گرمکي لپي آهي)، انهن کي پنهنجن ٻارن جي تڪليف جو خيال ڪو نہ ٿو ٿئي، باقي صرف اسان جي سنڌي ودوانن کي سمجهہ ۾ آيو آهي! تنهن سان گڏ جيڪو لاڀ اسان جي ٻارن کي پوندو، ان

جو ذڪر اسان جا ودوان ڇو نٿا ڪن؟ ته اسان جا سنڌي ٻار، عربي، پارسي ۽ اردو ٻوليون بلڪل آسانيءَ سان سکي سگهندا. جيڪو فائدو گجراتي، بنگالي، تيليگو، پنجابي وغيره زبانن کي به نصيب ڪو نه ٿيندو. اسان جا ودوان ان ڳالهه تي اکيون پوري ٿا ڇڏين، يا ڪين ان مان به 'مسلمانڪي بوءِ' ٿي اچي. اڄ دنيا ايتري ترقي ڪئي آهي، جو هر انسان چاهي ٿو ته گهڻيون ٻوليون ۽ لپيون سکي، جيئن دنيا جي علم جي خزاني مان گهڻو ڪٺي سگهجي. اسان جا سنڌي 'ودوان' چون ٿا ته اهو اسان جي ٻارن تي بوجو ٿيندو. واهه! علم جا صاحبو، توهان جو منطق!!

## لپي بدلائڻ جا نتيجا

### 1.ٻولي کي خطرو:

لپي بدلائڻ سان اسان جي ٻوليءَ جي خاتمي جو وڏو خطرو آهي. هينئر جڏهن اسان سنڌي قوم سان واسطو رکندڙ سنڌي هندو زمين جي ٽڪر (Territory) ۽ پنهنجي حڪومت وارا نه آهيون ۽ نه اسان ۾ ايتري وسعت وڃي رهي آهي، جو ٻوليءَ کي وڏائڻ ۽ بچائڻ جو ڪو بندوبست ٿي سگهندو. هڪدم اسان تي هندي ٻوليءَ جي ڪاهه ٿيندي، يعني اسان کي چيو ويندو ته اسان جي ٻولي هينئر زنده نه رهي سگهندي. جو اسان کي وطن ڪونهي، وغيره. اسان کي سنڌيءَ جي جاءِ تي هندي اختيار ڪرڻ گهرجي. اسان جو اهو شڪ نه آهي، پر پڪ آهي ته هيءَ سازش شروع به ٿي ويئي آهي ۽ اها سس پس به جاري آهي ته هنديءَ کي اسان جي مادري ٻولي ڪري تسليم ڪيو وڃي. هيءُ منصوبو بلڪل چٽو لڳو پيو آهي. لپي ڦيرائڻ جو اصل مقصد آهي، اسان جي ٻولي ڦيرائڻ جو جيئن سنڌي ٻوليءَ کي ختم ڪرڻ ۾ وڌيڪ سهوليت ۽ آساني ٿئي.

### 2.ساهت (ادب) کي خطرو:

لپي ڦيرائڻ ڪري سنڌي ساهت جو خاتمو اچي ويندو، اهو خاتمو ٻن نمونن ۾ ايندو هڪ ته نئون ساهت نڪرڻ بند ٿيندو ۽ ٻيو ته اسان جي

پراڻي ساهت جو خزانو اسان کان کسجي ويندو. ديوناگري لپي اپنائڻ کان پوءِ لکندڙن جي اها منورتي ۽ خواهش ٿيندي تہ اهي سنڌيءَ ۾ لکڻ جي بجاءِ هنديءَ ۾ لکن، جيئن کين خريدار بہ گهڻا، تہ مارڪيٽ بہ وڏو، تہ فائدو بہ وڏو ملي. اهو هڪ سياويڪ ، خودبخود لاڙو ٿيندو تہ صرف ٿورن لکن لاءِ هو ڇو لکن، جڏهن کين ڪروڙين پڙهندڙ ملي سگهن ٿا، جن ۾ سنڌي بہ هوندا. ٻئي طرف وري خريدارن جي پڻ ساڳي سياويڪ منورتي ٿي ويندي تہ سنڌي ديوناگريءَ ۾ ڪتاب يا اخبار يا رسالو خريد ڪرڻ بجاءِ سڀ ڪو هنديءَ ۾ خريد ڪرڻ شروع ڪندو. ڇاڪاڻ تہ هنديءَ ۾ ڪتاب، اخبارون ۽ رسالا، ڪوڙ سستا ۽ وڏيڪ مواد سان پريل ملندا. خود بخود سنڌي ساهت (اخبارن، ڪتابن، رسالن) کي ڌڪ لڳندو ويندو، نہ لکڻ وارا پيدا ٿيندا، نہ خريد ڪرڻ وارا، تہ پوءِ ڇپائڻ وارا ساهت ڇپائي آچار ٺاهيندا ڇا؟ اهو ٿيندو اسان جي نئين ساهت جو حشر! دلشڪستا ٿي، لکندڙ ۽ ڇپائيندڙ چپ ٿي ويندا ۽ اسان جي ساهت جي ستياناس ٿي ويندي.

هن کان اڳ ۾ جيڪو تواريخ ۾ مثال آهي تہ جڏهن ترڪيءَ ۾ هڪ لپيءَ مان ٻي لپي بدلائڻ جو فيصلو ڪيو ويو هو. تڏهن ساري حڪومت ۽ قوم ان فيصلي پٺيان هيون. انهن کي پنهنجو ملڪ هو، پنهنجي سرڪار هئي، جنهن سموري ساهت کي ڇپائڻ جي ذميواري سر تي کنئي. هڪ ڪتاب بہ اهڙو ڪو نہ ڇڏيو ويو، جنهن کي ٻيءَ لپي ۾ نہ آندو ويو هجي. اسان هتي جي سنڌين کي ڪٿي آهن اهي سهولتون ۽ وسيلا، جو اهو ڪم ڪري سگهنداسون. اسان جي اڄ حالت اهڙي آهي، جو يتيمن وانگر گهر ۽ روزگار لاءِ ڌڪا کائيندا وتون. سو اسين هيڏو سارو ساهت جو خزانو ديوناگريءَ ۾ بدلائي سگهنداسين؟ هندستان سرڪار ان باري ۾ ڇا ٿي چوي؟ ان جا دوست ان باري ۾ ڇا ٿا چون؟ هن ڳالهہ جو انهن کي ڪو بہ خيال ڪو نہ آهي. ان جو مطلب تہ اسان جو سارو ساهت جو خزانو پل تہ ناس ٿي وڃي، پر اسان جي سرڪار ۽ ان جي حمايتي دوستن کي لپي ڦيرائڻ جو اچي شوق لڳو آهي. هن مان اسان جي قوميت ۽ سنڌيت جو خاتمو اچي ويندو.

ڪو ماڻهو پنهنجن ابن ڏاڏن جي ٺهيل ملڪيت هٿ وٺي ناس ڪري يا سمنڊ ۾ ٻوڙي اڇي ۽ چوي تہ مان هينئر ٻئي نموني، ٻيهر ساڳي ملڪيت ٺاهيندس، سو ڪهڙو نہ مروڪ انسان چئبو؟ اسان جون جايون جڳهيون ۽ زمينون اهڙيون قيمتي نہ آهن. جهڙو علمي خزانو جو اسان جي شاعرن، ليکڪن ۽ دماغي انسانن اسان لاءِ ٺاهيو ۽ ورثي ۾ ڏيئي ويا. ڪيڏي نہ سندن مهرباني! ڪيڏو نہ بي بها خزانو!

اڳيون جو هيترو ساهت جو خزانو ۽ ورثو اسان وٽ موجود آهي. تنهن کي ديوناگريءَ ۾ ڪير آڻيندو؟ جنهن لاءِ سوين ودوانن جي، ڪيترن سالن جي ۽ لکن روپين جي ضرورت آهي. اهو سڀ ڪير ڪندو ۽ تنهن ڪانسواءِ ڇا لاءِ ڪندو؟ جڏهن نئين ساهت جو حشر ئي اهڙو ٿي ويندو!

ناگري لپيءَ ۾ ٻيهر ساڳئي سنڌي ڪتاب لکڻ جي خرچ ۽ محنت ڪان، ماڻهو دلشڪستا ٿي، ايڏو پورهيو ڪرڻ ئي ڇڏي ڏيندا. بلڪ سنڌي پڙهڻ ئي ڇڏي ڏيندا. فقط هندي يا ٻي ڪا ٻولي وجي سکندا. جنهن ڪري سنڌي ساهت صفا ختم ٿي ويندو.

پر جيڪڏهن اسان جي لپي ساڳي (عربي-سنڌي) رهي تہ اسان جي ساهت جو حشر اهڙو ڪو نہ ٿيندو. اسان جي لپي نرالي هئڻ ڪري، اسان جي لکندڙن ۽ پڙهندڙن ۾ نراليت ۽ پنهنجائيءَ جو سمنڊ سڪڻ جي بجاءِ وهندو رهندو. جيڪڏهن اخبارون، رسالا ۽ ڪتاب اسان جي پنهنجي لپيءَ ۾ ڇپجندا تہ سنڌي سياويڪ جذباتي طور تي بہ سنڌيءَ ۾ خريد ڪري پڙهڻ لڳندا. تنهن ڪانسواءِ وڏي ۾ وڏي ڳالهہ تہ اسان جو اڳيون ساهت جو خزانو جو اسان وٽ موجود آهي، تنهن کي ڪنهن بہ وقت آسانيءَ سان صرف پريس ۾ ڏيئي ڇپائي زندهہ رکي سگهجي ٿو. هيءَ لپي، جا نرالي آهي، سا اسان جي سنڌيت جي نشاني آهي، جا اسان کي ملائي پاڻ ۾ هڪ ٿي ڪري، جا اسان کي پنهنجي ساهت لاءِ چڪ ٿي پيدا ڪري . اسان کي ختم ٿيڻ کان ٿي بچائي، اسان جي سنڌيت تي حملي جي خلاف جهٽڪ ڍال آهي. پوءِ هنديءَ جو حملو اسان جي ٻوليءَ تي اهڙو سولو نہ ٿي سگهندو. اسين هندي سکون ۽ ان مان لاڀ پرايون، ان جو اهو مطلب ڪو نہ آهي تہ

اسين پنهنجي ٻوليءَ کي قربان ڪري ڇڏيون. لپي بدلائڻ سان اهو وڏي ۾ وڏو خطرو آهي. ڪي پائر اهو سبب ڏيندا آهن تہ سنڌيءَ جي ديوناگري لپي هئڻ سان اسان جا ٻار هندي جلد سکندا. اهو دليل غلط آهي. مرهٽيءَ جي لپيءَ ديوناگري لپي آهي. ائين آهي ڇا تہ مرهٽا ٻين کان هندي وڌيڪ ٿا ڄاڻن؟ ابتلندو ڏٺو ويو آهي تہ سنڌي ماڻهو ٻين ڪيترن پرڳڻن جي ماڻهن کان هنديءَ ۾ وڌيڪ قابل آهن ۽ چڱيءَ طرح لکي، پڙهي ۽ ڳالهائي سگهن ٿا. اڄ ڪالھ تہ اسان جي سنڌي اسڪولن ۾ ٻئين سنڌيءَ کان هندي جي سکيا لازمي ڪئي ويئي آهي، جنهنڪري سنڌي شاگرد هنديءَ ۾ بلڪل هوشيار ٿيندا ٿا وڃن. سنڌي شاگردن، ٻين پرڳڻن جي ڀيٽ ۾، هندي سکڻ ۾ وڌيڪ قابليت ڏيکاري آهي.

حقيقت ۾ هندستان جي حالتن مطابق هر ڪنهن کي گهٽ ۾ گهٽ ٽي ٻوليون ۽ گهڻو ڪري جدا جدا لپين ۾ سکڻيون آهن. هر ڪنهن کي مادري ٻولي سکڻي آهي، هندي قومي ٻولي هئڻ ڪري سکڻي آهي ۽ انگريزي علم ۽ سائنس جي اڀياس وغيره جي خيال کان سکڻي آهي.

هندستان ۾ اسان جي نرالي لپي تہ اسان جي سنڌيت جي وڏي ۾ وڏي نشاني آهي. اسان جي وڏي ۾ وڏي چيز آهي. جا اسان سڀني سنڌين کي هڪ ڌاڳي ۾ پوئي ويئي آهي. بمبئيءَ، اجمير، ڪنڊلا ۽ ڀارت جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ويٺل سنڌين تائين اسان جا خيال، جذبا ۽ احساس پهچائي سگهي ٿي. اها ئي اسان جي نشاني آهي، جا اسان کي امنگ ٿي ڏئي تہ اسين سنڌي الڳ قوم آهيون. اسان کي هن ئي نشاني (لپيءَ) جي جهنڊي هيٺ سنڌيت کي بچائڻو آهي. هي اسان جا نادان دوست، اسان کان اها آخري نشاني، اسان جي ماتر ڀوميءَ سنڌ جو ورثو بہ کسڻ ٿا چاهين تہ جيئن اسين سدائين لاءِ سنڌڙي وساري ڇڏيون. پاڻ کي ڀلجي وڃون ۽ پاڻ کي ميساري ڇڏيون.

## 3. ايندڙ نسل سان ناحق:

ساهت جي ترقي نہ ٿيڻ ڪري، اسان جي ايندڙ نسلن جو ڪهڙو حال ٿيندو؟ جهڙو ڪنهن يتيم جو ٿيندو آهي. ڪين اسان جي ساري علم

جو خزانو ڪو نہ ملندو. جو هو پڙهي ڪري علم جا صاحب ٿي سگهن. ڪين ڪي بہ ڪتاب ڪو نہ نصيب ٿيندا. صرف درسي ڪتاب ئي انهن لاءِ ورثو ٿيندا ۽ درسي ڪتابن مان جيڪو علم ملندو آهي، تنهن جي هر ڄاڻوءَ کي خبر آهي. ننڍا ٻار جي لئبررين مان ڪتاب ڪڍائي پڙهندا آهن ۽ پنهنجي علم جو دائرو وڌائيندا آهن، تن کان ڪتاب ڪو نہ ليندو. جو پڙهي پاڻ کي وندرائين يا علم وڌائين. لپي بدلجڻ سان ٻيا ڪارائتا ڪتاب ڇپجي نہ سگهندا، جنهن ڪري سنڌي ٻار پنهنجي پئجي ويندا. جيستائين 8 يا 10 سالن ۾ سيئي درجا سنڌي شاگرد ديوناگري لپيءَ ۾ سکن، تيستائين ليڪڪ ڪو بہ ڪتاب نہ لکندا ۽ ڪو بہ نئون ڪتاب نہ ڇپبو. جنهن ڪري هاڻوڪو ساهت بہ ختم ٿي ويندو ۽ نئون ڇاپو ڪنهن بہ ڪتاب جو ڪو نہ نڪري سگهندو. سنڌيءَ ۾ اسان جو ساهت ڪو ٻين کان گهٽ ڪين آهي. اسان کي پنهنجي ساهت تي فخر هئڻ گهرجي. اسان وٽ جدا جدا قسمن جا ۽ جدا جدا شاعرن جا شعر جام آهن. نثر ۾ ڌرمي پستڪ (مذهبي ڪتاب)، بهادريءَ جون آکاڻيون، وڏن ماڻهن جون حياتيون، پنگتي (سماجي) ناول ۽ ناٽڪ، ڇهچٽا، حڪمت جا ڪتاب، تواريخي ڪتاب، راڄنيتي ڪتاب، ڊڪشنريون وغيره. مطلب تہ هر ڪنهن قسم جو ساهت اسان وٽ ڀرپور آهي. جو اسان جا ٻار پڙهي، علم جو خزانو حاصل ڪري سگهن ٿا. لپي بدلائڻ سان اهو سڀ خزانو هڪ ڌڪ سان اڏاريو ٿو وڃي. ان کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي مورکتا (بيوقوفي) ٿي سگهي ٿي؟ اسان جا ايندڙ نسل نہ صرف پنهنجيءَ اوچيءَ تهذيب کان محروم ۽ يتيم رهندا، پر اڳتي سندن علم جي ترقي بہ نہ ٿي سگهندي. ڪين اهو بہ معلوم نہ ٿيندو تہ اسان سنڌي قوم جو ڪهڙو شان ۽ برتري هئي؟ اسان جو علمي خزانو ۽ تهذيب ڇا هئي؟ هو هندستان جي ٻين قومن جي اڳيان ڄڻڪ يتيم ۽ محتاج پيا لڳندا، جن کي پنهنجو خزانو هوندي بہ نصيب نہ ٿيندو.

اسان جي ايندڙ نسل کي پنهنجي ساهت لاءِ ڪيتري محبت آهي، تنهن جو اندازو اسين ان مان لڳائي ٿا سگهون تہ هڪ ٻن شهرن (اجمير وغيره) ۾، جتي ٻن ٽن سالن کان ديوناگري لپي سنڌي ٻارن تي زوريءَ ٿقي

ويئي آهي، پر انهن ٻارن ۾ علم جو ايترو تہ چاهہ آهي، جو هو ڪتابن، رسالن ۽ اخبارن پڙهڻ لاءِ پنهنجن گهرن ۾ عزيزن کان عربي لپي سکي، پيا ساهت (ادب) پڙهڻ جي ڪوشش ڪن. ڪيترو ظلم ۽ بي رحمي آهي، اسان جي گلڙن سان، جن ۾ علم لاءِ ڪيترو نہ پيار آهي! آهي اسان جي ودوانن وٽ هن ڳالهہ لاءِ ڪو جواب؟

پنجاب ۾ بہ ساڳي هلچل هلائي ويئي هئي، جتي گرمکيءَ جي بدران هندي لپي جاري پئي ڪئي ويئي، تنهن تي سکن گوڙ مچايو، جنهن ڪري سرڪار گرمکي تسليم ڪئي، گرمکيءَ ۾ تہ ڪتاب ٿي تمام ٿورا آهن، ان جي ڀيٽ ۾ سنڌيءَ ۾ ڪئين هزارين جدا جدا قسمن جا ڪتاب آهن، ڪيڏو نہ اسان کي پنهنجي سنڌي ٻوليءَ ۽ لپيءَ تي ناز هئڻ گهرجي!

## 4.پڙهيل اڻ پڙهيل:

عجب تہ اهو ٿيندو جو اسان جا ٻار جڏهن ديوناگريءَ ۾ لکي پڙهي ويا تہ پنهنجن مائٽن کي سنڌي ديوناگريءَ ۾ خط لکڻ شروع ڪندا، جي سندن مائٽن لاءِ اهڙا ٿيندا، جهڙو دٻي ۾ نڪريون. ويچارا مائٽ پڙهيل هوندي بہ پنهنجن ٻارن ۽ ننڍن جا خط، ٻين کان پڙهائڻ لاءِ ڀٽڪندا يعني الٽي گنگا وهندي. اسان جي نسل جا ماڻهو پڙهيل هوندي بہ اڻپڙهيل رهندا. پنهنجن ٻارن جا خط پٽ ڪو نہ پڙهي سگهندا، هڪٻئي جي وچ ۾ ايڏو ويڇو پيدا ٿي پوندو، جو خطرناڪ ثابت ٿيندو.

سنڌي ديوناگري ۾ سيکارڻ جي ڪري مائٽن ۾ سياويڪي اهو خيال ٿيندو تہ ڇو ويهي پنهنجن ٻارن کي سنڌي سيکارين، تنهن کان تہ سڌو هندي يا ٻي ڪا ٻولي سيکارين، ڇاڪاڻ تہ سنڌي تہ پوءِ هو آسانيءَ سان پڙهي سگهندا، ۽ ان منورتيءَ جو نتيجو اهو نڪرندو، جو آهستي، مائٽن مان ۽ ٻارن مان سنڌيءَ لاءِ پيار ۽ چاهہ گهٽبو ويندو ۽ ٻوليءَ جو خاتمو اچي ويندو. ڪيترن مائٽن تہ سرڪار جي اهڙي منورتيءَ ۽ اسان جي ٻوليءَ جي آئيندي جي پڪ نہ هئڻ جي اثر هيٺ، پنهنجن ٻارن کي انگريزي، گجراتي يا مرهٽي اسڪولن ۾ موڪلڻ شروع بہ ڪيو آهي.

## سرڪار جو فيصلو:

سرڪار جو فرض هو تہ سنڌي شرنارٿين کي، جن پنهنجو وطن وڃايو آهي، اهڙيون سهوليتون ڏي مدد ڏئي ها، جيئن هو پنهنجي تهذيب، ٻوليءَ ۽ ساهت کي زندهہ رکي سگهن ها. پر سرڪار هڪ ابهرو ۽ بي وقتائتو قدم کڻي، اسان جي ٻوليءَ تي حملو ڪيو آهي. اجا سنڌين پنهنجي پاڻ کي زندهہ رکڻ جا وسيلا بہ هٿ نہ ڪيا آهن تہ سرڪار پنهنجي فرمان سان اسان جي ٻوليءَ جي لپي بدلائڻ جو فيصلو ڪيو آهي ۽ اهو بہ ان بنياد تي تہ سنڌي شرنارٿين سرڪار کان اهڙي گهر ڪئي آهي. وڏي عجب جي ڳالهہ! ڪڏهن ۽ ڪهڙي سنڌي طبقي اهڙي گهر ڪئي آهي؟ ڪن چند ماڻهن جي ميٽنگ بمبئيءَ ۾ ٿي هئي، جتي صرف 25 کان 30 تائين ماڻهو حاضر هئا، جن اسان جي سڄيءَ قوم جي قسمت جو فيصلو ڪري ڇڏيو سو بہ ان وقت جڏهن اسان جي ساري قوم زندگيءَ ۽ موت جي وچ ۾ لڪي رهي هئي ۽ لکين سنڌي اجا سنڌ مان پئي آيا. لکين ڪئمپن جي ذليل زندگيءَ ۾ پريشان هئا ۽ هزارين ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پئي ڀٽڪيا. هن 35 ڄڻن جي ڪيل فيصلي کي سمورن سنڌين جو فيصلو سڏيو ٿو وڃي، ڪهڙي نہ ماڻهن سان مخولبازي ڪئي ٿي وڃي.

ٻئي موقعي تي وري ساڳيو بمبئيءَ ۾ هڪ ”سنڌي شرنارٿي ڪانفرنس“ ۾، لڪ ڇپ ۾ هڪ ٺهراءُ پاس ڪرايو ويو. جنهن جي ڪيترن ودوانن مخالفت بہ ڪئي، پر انهن جي مخالفت کي زور سان بند ڪري ڪانفرنس ۾ ٺهراءُ بحال ڪرايو ويو. انهن ويچارن سنڌين کان، جي صرف پنهنجي پيٽ، لٽي ۽ اجهي لاءِ ڪانفرنس ۾ آيا هئا ۽ نہ ٻوليءَ جي پيچيدي مسئلي تي سوچڻ لاءِ، ۽ جن مان گهڻي انداز کي تہ لپيءَ جو مطلب بہ سمجهہ ۾ ڪو نہ آيو. ڪين صرف هڪ دليل ڏيئي، تہ سنڌي ٻوليءَ کي مسلمانڪيءَ مان ڦيرائي هندڪي ڪيو ٿو وڃي، سندن ووٽ ورتا ويا. اهڙي نموني ماڻهن جي اڻ ڄاڻائيءَ ۽ اڻڄاڻائيءَ جو فائدو وٺندڙ اسان جا دوست، پنهنجو منهن مٺي ڪري ٿا چون تہ ماڻهن جو فيصلو آهي.

جڏهن هڪ سؤ دفعا ”سنڌي لپي ۽ ٻولي ڪاميٽي “، هنن دوستن کي للڪار ڪئي آهي تہ عام سنڌين  کان لپيءَ جي سوال تي ووٽ ورتو وڃي ۽ پوءِ عام جنتا جي راءِ مطابق فيصلو ڪيو وڃي تہ اسان جي اکين تي آهي. تڏهن اسان جي عوام جا خير خواهہ دوست خاموش ٿي ٿا وڃن، ڇو؟

اهڙي اهم مسئلي تي عام ماڻهن کي ٿڌي سيني سان ويچار ڪرڻ لاءِ وقت ڏنو وڃي، جيئن هو لپيءَ جي تبديليءَ جي نتيجن کان بخوبي واقف ٿين، ڇاڪاڻ تہ لپي اسان جي ٻوليءَ جو اهم جز آهي ۽ ٻولي اسان جي قوم جي زندگيءَ جو اهم جز آهي، سواءِ عام ماڻهن جي راءِ جي، هن مسئلي کي اهڙي معمولي نموني ۾ فيصلو ڪرڻ واري قوم مان سرڪار جي غير جمهوري منورتيءَ جي بوءِ پيئي اچي.

ڇو ڀلا صرف 35 ”ودوانن“ جي ٽوليءَ کي اچي اهو فڪر لڳو آهي تہ ٻوليءَ جي لپي بدلائجي؟ ٻيا اسان جا ودوان ڪاڏي ويا؟ اسان جو پڙهيل طبقو ڪاڏي ويو؟ اسان جا پروفيسر، ماستر، پرنسيپال، اخبارن جا ايڊيٽر، ليکڪ، اخبار نويس ۽ ساهتڪار ڪاڏي ويا؟ انهن جو هن ٻوليءَ سان ڪو بہ واسطو ڪو نہ آهي؟ هيءَ ٻولي صرف 35 ڄڻن جي امانت آهي؟ ڀلا ڇو نہ ٿي هڪ ڪانفرنس گهرائي وڃي، جنهن ۾ اسان جا سڀ ودوان  شامل ٿين ۽ سڄو پڙهيل طبقو ان ۾ پورو پورو ڀهرو وٺي ۽ رايو پيش ڪري تہ ٻوليءَ جي لپي بدلائڻ مان ڪهڙا نتيجا ٿيندا ۽ اهڙو قدم اصلاح ڀريو آهي يا نه؟ ”سنڌي لپي ۽ ٻولي ڪاميٽي“ جڏهن اهڙي تجويز پيش ڪئي آهي، تڏهن ڇو ٿي ان تجويز تي اک ٻوٽ ڪئي وڃي؟ سرڪار سڄي سنڌي پڙهيل طبقي ۽ سيني ودوانن جي نيڪ راءِ ڏيڻ کان اڳ، ڇو هيءُ اٻهرو قدم کنيو آهي؟ ان مان ثابت آهي تہ سرڪار کي اسان سنڌي قوم جي ٻولي، تهذيب ۽ ساهت  کي سلامت رکڻ جو ڪو بہ خيال نہ آهي، پر الٽو اسان جي ٻوليءَ کي ناس ڪرڻ لاءِ ڪن چند ماڻهن جي چرچ تي هيءُ قدم کنيو ويو آهي. سرڪار کي محسوس ڪرڻ گهرجي تہ اهو فيصلو نہ صرف جنتا جي سچين خواهشن جي خلاف آهي، پر سڄي پڙهيل طبقي جي صحيح راءِ وٺڻ

ڪانسواءِ اسان تي مڙهيو ويو آهي، جو نہ صرف غير جمهوري آهي، پر اسان جي قوم لاءِ بلڪل هاڃيڪار آهي.

هندوستان جي جوڙجڪ ۾ هڪ فقرو آهي، جنهن موجب هر هڪ قوم جي ٻوليءَ، لپيءَ ۽ تهذيب کي سلامت رکڻ لاءِ پرٻنڌ ڪيل آهي، تہ ڇا هندستان جي جوڙجڪ ۾ جيڪو حق هر قوم کي مليل آهي، اهو صرف پني جو ٽڪر آهي؟ عمل ۾ تہ اسان سنڌين جي ٻولي لپي ۽ تهذيب کي سلامت رکڻ ۽ ان کي ترقي ڏيڻ جي بجاءِ ان کي نگهوسار (تباهہ) ڪيو پيو وڃي. ڇا پني تي هڪڙو قاعدو ۽ عمل لاءِ ٻيو آهي؟ اسان کي تہ هيڪاري سرڪار کي مجبور ڪرڻ گهرجي تہ اسان جي ٻوليءَ ۽ ساهت کي زندهہ رکڻ لاءِ اسان کي هر مدد ۽ سهولت ڏني وڃي، جيئن اسين سنڌي پنهنجي سنڌيت قائم رکي سگهون.

عجب جي ڳالهہ اها آهي تہ هند سرڪار اسان جي سنڌي ٻوليءَ کي، جا هندستان ۾ رهندڙن ٻارهن لکن سنڌين جي ٻولي آهي ۽ ترقي يافتہ ماڊرن ٻولين مان هڪ آهي، اڃا تسليم ئي ڪو نہ ڪيو آهي، يعني اسان جي ٻوليءَ کي ٻين هندستان جي ٻولين جهڙي جاءِ نہ ڏني وئي آهي. جنهن جو نتيجو اهو نڪرندو تہ اسين پنهنجن ٻارن کي اڳتي ڪنهن ٻيءَ ٻولي سيکارڻ لاءِ مجبور ٿينداسين، نہ تہ هو امتحان پاس ڪري نہ سگهندا. هيءَ آهي هند سرڪار جي پاليسي. اسان جي لپي ڦيرائڻ جو فڪر اڃي لڳو آهي سرڪار کي. عجيب انڌير لڳو پيو آهي! جا ٻولي سرڪار جي نظرن ۾ آهي ئي ڪين، جو ان کي تسليم نٿو ڪيو وڃي، پلا پوءِ سرڪار هيڏي ساري تڪليف وٺي، اسان جي ٻوليءَ جي لپي ڇو بدلائي آهي؟ منورتي بلڪل صاف آهي، هن رٿ جي حمايتن ۽ سرڪار، ملي اسان جي ٻوليءَ تي حملو ڪيو آهي. اسان جي ٻوليءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ، اسان جي ساهت ۽ تهذيب کي ختم ڪرڻ لاءِ، اسان جي سنڌيپڻي کي ناس ڪرڻ لاءِ. هاڻي اها ڳالهہ ڪيترو بہ لڪائڻ سان لڪي نٿي سگهي، اها ڳالهہ بلڪل چٽي ۽ صاف آهي. وڌيڪ ڪنهن بہ دليل ڏيڻ يا اپٽار ڪرڻ جي ضرورت ڪين آهي.

سرڪار جي پاليسيءَ مان بلڪل ظاهر آهي تہ اسان سنڌين کي ختم ڪرڻ جو هيءُ پهريون ڏاڪو آهي.

## ناگري لپي وگيانڪ (سائنسي) لپي؟

اسان جا گھڻا ئي ودوان لنبا چوڙا خط ۽ ليک پيا لکن تہ ديوناگري لپي وگيانڪ ڍنگ کان بهتر آهي. اها حجت بہ سراسر غلط آهي ۽ صرف ماڻهن کي پنيلائڻ لاءِ ڏني وڃي ٿي. انهن دوستن جو تہ چوڻ آهي تہ ديوناگري لپي سڀني لپين کان وڌيڪ وگيانڪ آهي. ڇاڪاڻ تہ سنسڪرت جي لپي بہ اها آهي، جا بلڪل آڳاٽي زماني کان هلندي ٿي اچي ۽ وگيان (سائنس) جي بنياد تي ٻڌل آهي وغيره. انهن دوستن کي شايد وگيان جي پهرئين قانون جي بہ ڄاڻ ڪين آهي تہ وگيان معنيٰ ترقي ۽ اڳتي وڌڻ. روز بروز وگياني (سائنسي) ترقي ٿيندي ٿي وڃي ۽ جيڪي چيزون هن کان ڪي صديون اڳ ۾ گھڻ وگياني هيون، سي هاڻي وگياني ٿي رهيون آهن. قديمي چيز هر و پرو وگيانڪ آهي ڇا؟ تواريخ تہ هيڪاري ان جي خلاف ثابتي ٿي ڏئي.

خود اسان جي لپيءَ جي وگيانڪ ترقي ٿي آهي. عربي، پارسيءَ ۽ اردو ٻولين جي لپي بہ سنڌي ٻوليءَ جي قسم جي آهي، پر سنڌيءَ جي لپيءَ ۾ بلڪل تمام وڏو فرق آهي، جو ٻوليءَ جي حالتن ۽ خاصيتن کي نظر ۾ رکي ڪيو ويو آهي، تہ ڇا اها ترقي نہ آهي؟ عربي لپي ترقي ڪندي ٻين ڪيترين ئي ٻولين جي لپي ٿي پيئي آهي، جو ان ۾ گھربل ۽ ضروري ڦير ڦار ڪئي ويئي آهي، جيئن حالتن ۾ وايو منڊل سان ٺهڪي اچي. هيءُ آهي ترقيءَ جي وگيانڪ (سائنسي) اصول. خود انگريزي ٻوليءَ جي لپيءَ ۽ ديوناگري لپيءَ پڻ وقت پٽاندڙ پئي ترقي ڪئي آهي ۽ اها وگيانڪ ترقي آهي. تنهن ڪري ائين چوڻ تہ ڪا بہ لپي يا ٻولي مڪمل وگيانڪ ترقي ڪيل آهي، سو آهي وگيانڪ اصول جي خلاف ڳالهائڻ.

هاڻي اچو تہ ڏسون تہ عربي سنڌي لپي يا ديوناگري لپي، وڌيڪ وگيانڪ آهي، ڪنهن بہ چيز کي وگيانڪ يا وڌيڪ ترقي يافتا سڏڻ لاءِ ڪهڙي ڪسوٽي آهي؟ هڪ تہ ان چيز ۾ قاعدو هئڻ گھرجي يعني تہ

باقاعدي سان چيز هلندڙ هجي ۽ ٻي ڪسوٽي آهي ته ان چيز مان گهڻي مان گهڻو فائدو يا سهولت رسي. اچو ته پيٽ ڪريون:

**الف**: دنيا جي ايڪڙ ٻيڪڙ (جهڙوڪ چيني) لپيءَ ڪانسواءِ ٻيون سڀ لپيون "سمهيل نموني" ۾ (horizontally) لکيون وڃن ٿيون، يعني ڪابي ڪان ساڄي طرف يا ساڄي کان کابي طرف. هٿ، لکڻ وقت سمهيل نموني ۾ سڌو هلندو وڃي ٿو (Straight in horizontal way)، تنهن ڪري جيڪا لپي گهٽ اڀي (less vertical) ۽ وڌيڪ سمهيل (more horizontal) هوندي، سا وڌيڪ جلدي ۽ وڌيڪ سهولت سان لکي سگهبي، ڇاڪاڻ ته ان وقت هٿ ۽ قلم جو سهڪار وڌيڪ ٿو ٿئي، جنهن طرف هٿ وڌي ٿو، قلم کي خود بخود اوڏانهن وڌڻو ٿو پوي. هٿ ۽ قلم جو رخ ساڳيو هئڻ ڪري، هٿ کي گهٽ تڪليف ۽ وڌيڪ رفتار ٿي ملي، هاڻي ڏسو ديوناگري لپيءَ جا سڀ اکر، ويندي لاڪنائن (اعرابن) سوڌا، اڀا (Vertical) آهن، ان ڪري قلم هيٺ مٿي (Vertical) پيو هلندو ۽ قلم واري هٿ کي "سڌو سمهيل" (horizontally) هلڻو پوندو، جنهن ڪري هٿ ۽ قلم جو رخ ساڳيو نه هئڻ ڪري، هٿ کي هلڻ ۾ گهٽ سهڪار ۽ وڌيڪ تڪليف ٿيندي. سائنس جا ڄاڻو هيءَ ڳالهه سمجهڻ ۾ دير ڪو نه ڪندا.

**ب**: هڪ طرف ڏسو، سنڌي اخبارن ۾ لفظ ۽ حرف ڪيئن نه صاف چٽا، هڪٻئي سان موافق نموني ڳنڍيا پيا آهن ۽ وري ڏسو ديوناگري لپيءَ جا حرف ۽ لفظ، ڪيئن نه هڪٻئي کي پيرن ۾، پيٽ ۾، ڳچيءَ ۾ انگڻ ونگڻ وجهيو پيا آهن. خبر ئي نه پوندي ته ديوناگري لپيءَ جو فلاڻو اکر ڪٿان شروع ٿيو ۽ ڪيئن لکيو ويو آهي. هي ٻه چار اکر ڏسو.

برهمانند سرشٽ برف وگيان جو مطلب اهو آهي ته هر چيز صاف هجي، سولي هجي، گهٽ تڪليف ڏئي ۽ گهٽ وقت کائي ۽ نه ڪ جنهن چيز جي پڙهڻ جو پتو نه پوي، لکڻ جو پتو نه پوي، اها وگياني ٿي؟ اڄ ڪلهه خود انگريزي ٻوليءَ کي به سڌاريو پيو وڃي. لفظن مان اجايا حرف ڪڍيا پيا وڃن، جيئن Colour =Color ۽ Honour =Honor وغيره.

ب: ديوناگري لپيءَ کي گڏيل آئيوبٽا ڪانهي، جيئن سنڌيءَ کي يا انگريزيءَ کي آهي، تنهن ڪري هر هڪ حرف ۾ لفظ الڳ لکڻو ٿو پوي. يعني هر هڪ حرف لکڻ کان پوءِ قلم کي مٿي کڻڻو ٿو پوي، پر عربي سنڌيءَ کي گڏيل آئيوبٽا هئڻ ڪري، هر هڪ حرف لکڻ لاءِ قلم کي مٿي نٿو کجي، پر لڳاتار قلم هڪ حرف کان ٻئي، ٻئي کان ٽئين طرف هلندو ٿو هلي، جنهن ڪري لکڻ ۾ سهولت ۽ وقت جي بچت ٿئي ٿي.

ڀ: ناگري لپيءَ جون لاڪنائون، عربي لپيءَ جي اعرابن (زير، زبر، پيش وغيره) کان آواز جي لحاظ کان غير وگيانڪ (غير سائنسي) آهن. جڏهن اسين اچار ٿا ڪريون پ، يعني پ هيٺان زير. تڏهن اول ان حرف جو اچار ٿا ڪريون ۽ پوءِ سندس لاڪنا يعني زير جو اُچار ٿا ڪريون ۽ لکڻ وقت به پهرين پ لکي پوءِ ان جي هيٺان زير يعني لاڪنا ٿا ڏيون. پر ديوناگريءَ ۾ پ لکڻ لاءِ اول اسان کي زير جي لاڪنا لکڻي ٿي پوي ۽ پوءِ پ لکڻي ٿي پوي. يعني ته ديوناگري لپيءَ ۾ آواز ۽ لکڻ جو سنبنڌ غير وگيانڪ (غير سائنسي) آهي.

پ: ديوناگريءَ جي حمايتين جو چوڻ آهي ته ديوناگري لپيءَ جا حرف اهڙي نموني ۾ رکيل آهن، جيئن نڙيءَ، چپن، ڏندن ۽ تارونءَ مان نڪرندڙ حرف جدا جدا گروهن ۾ رکيل آهن ته سکڻ ۾ سهولت ٿئي. هيءَ دليل ته بلڪل بي جان آهي. حرفن کي آواز جي لحاظ کان گروهن ۾ رکڻ برابر سٺو آهي، پر ان ڪري، انهن جي سکڻ ۾ سهولت ڪيئن ٿيندي؟ حرف سکڻ ۾ تڪليف ته اها ئي ٿيندي، خاص ڪري جڏهن هر هڪ حرف الڳ صورت ۾ آهي. ٻئي طرف اسان جي الف بي کي ڏسو ته اسان ان کي ڪيئن ٺاهي رکيو آهي. ب ٻ پ ڀ ت ٿ ٽ، ٺ، ث د ڌ ڏ ڊ ڍ ح خ ج ڄ جھ چ ڇ وغيره. ساڳيءَ شڪل وارن اکرن کي ساڳئي گروهه ۾ رکيو ويو آهي. منو وگيان جو ڄاڻو پليءَ يت چئي سگهندو ته (Sight Method) جو طريقو ٻارن لاءِ ڪيترو نه بهتر آهي، يعني ته ساڳيءَ شڪل وارا اکر هڪ ئي گروهه ۾ رکڻ سان، ڏسندڙ ٻارُ سيني اکرن کي جلد سکي سگهجي ٿو جتي رڳو نقطا وڌندا يا گهٽبا رهن ٿا. هڪ حرف سکڻ

ڪان پوءِ ٻار ڪي نو (9) ٻيا حرف اچي ويندا ۽ نقطن ڪي هيٺ مٿي ڪرڻ ۽ گهٽائڻ وڌائڻ ۾ ڪيس وقت ئي ڪو نہ لڳندو، پر هيڪاري چاهہ پيو ٿيندو.

ڪيترن اسان جي دوستن جو اعتراض آهي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ رڳو نقطن جي ئي راند آهي. اسان جي راءِ ۾ اِها لپي جي آساني ۽ سهولت جي خوبي آهي. ٻوليءَ جي صدقي، ساهت جي صدقي پائرو اٿو بيدار ٿيو خبردار ٿيو! اسڪولن ۾ پنهنجن ٻارن تي زور رکو تہ سنڌي ٻولي اصلوڪي ويس ۾ سکن، مائٽن کي گهرجي تہ اسڪولن جي هيڊ ماسترن ڏانهن لکي موڪلين تہ سندن ٻارن کي سنڌي ٻولي، عربي سنڌي لپيءَ ۾ سيکاري وڃي.

# لپيءَ جو سوال اٿاريندڙ سنڌي جاتيءَ جا دشمن

آنند کيماڻي

ديوناگري لپيءَ جي حق ۾ راءِ ڏيندڙ پڪ سمجهجو تہ سنڌي ڀاشا، ساهت ۽ سنڌي جاتيءَ جا دشمن آهن. اِها دشمني ڪي ڄاڻي واڻي، ڪي اڻ ڄاڻائيءَ وچان، ڪي تنگدليءَ وچان ۽ ڪي پنهنجي گروپ ڪي خوش ڪرڻ لاءِ ڪري رهيا آهن ۽ ڪن جي دل ۾ وري هلڪي جذبات جو واسو آهي، جنهن جي ڪري هو سنڌي جاتيءَ جي ايندڙ پيڙهين سان بيوفائي ڪري رهيا آهن. ديس جي وقت جنهن نموني اسان جي راڄنيتي نيتائن سياڻپ کان ڪم نہ ورتو ۽ سنڌين کي هميشہ لاءِ بي گهر بڻائي ڇڏيو، ٺيڪ ان نموني هاڻ اسان کي اُهي ڀاشا کان يتيم ڪرڻ ٿا چاهين. پنهنجي فراخدلي ۽ ضرورت کان زياده ديش ڀڳتيءَ جو ڍونگ رچي، انهن اسان کي شروع ۾ پنهنجي ٻولي، ريت - نيت وغيره کي ڀلجي، هتان جي لوڪن ۾ جذب ٿي وڃڻ جي صلاح ڏني هئي. ان وقت ڪجهہ سرگرمي ڏيکاري وڃي ها تہ جيڪر اسان جي ٻولي هن منزل تي نہ هجي ها. اڄ انهن نيتائن کي بہ پنهنجي ٻوليءَ جو احساس ٿيو آهي ۽ ٻوليءَ کي تسليم ڪرائڻ لاءِ خواهن ٿيا آهن. ليڪن انهن ۾ اهڙي همت ئي ڪونهي، جو پنهنجي ڪنهن سوال تي سرڪار سان ٻين نيتائن وانگر ٽڪرجي سگهن. ڇوٽيون موٽيون گديون قائم هئڻ گهرجن، پوءِ ڀل تہ پنهنجن سان ئي بي وفائي ٿئي، شايد شري نهرو سنڌي ليڊرن جي ڪم همتيءَ کان واقف آهي، جو ڪين وزارت يا ٻئي ڪنهن اهم سرڪاري انگ ۾ اهم جڳهہ نٿو ڏئي، ڇو تہ شري نهروءَ جي اها هر دم ڪوشش رهندي آهي تہ سرڪار ۾ هر درجي ۽ فرقي ۽ جاتيءَ کي پوري پوري نمائندگي ملي.

سنڌين جي اهڙن ليڊرن جي چرچ تي ئي لپيءَ جو سوال اٿاريو ويو هو جا شڪتي هوندئن سنڌي ڀاشا کي تسليم ڪرائڻ ۾ ڪتب آڻيون ها،

سا هينئر لپيءَ جي سوال تي خرچ ٿي رهي آهي. نتيجو اهو نڪتو آهي تہ اسان جي ٻاشا سورنهن سالن اندر تسليم نہ ٿي سگهي آهي.

سنڌين جا مکيہ طرح سان ٽي طبقا آهن. هڪڙا آهن وڏا وڏا عملدار ۽ وڏا واپاري. اهڙن دوستن کي ايترو وقت ئي ڪونهي جو هو جاتيءَ جي مسئلن ۾ دلچسپي وٺن. ٻيا آهن عام ماڻهو جي بہ هن سوال تي سجاڳ ڪين آهن. باقي آهن ليکڪ، ڪلاڪار وغيره. انهن ۾ جان آهي، ليڪن اُهي بہ بدنصيبا راڄنيتي نيتائن جي نفاق پيدا ڪندڙ نيتيءَ جو شڪار آهن ۽ لپيءَ جي سوال کي جذباتي سوال بنائي، پنهنجي جاتيءَ کي ڇيهو پهچائي رهيا آهن. افسوس آهي تہ تازي سنڌي سميلن جي فيصلي تي بہ پاڻي ڦيري رهيا آهن.

لپي ڪنهن بہ جاتيءَ جو پهراءُ ۽ ٻاشا آهي. جاتيءَ جي آتما، ٻولي ئي جڏهن تسليم نہ آهي ۽ نہ ئي ڪو ان جي تسليم ٿيڻ جا آثار آهن تہ لپيءَ تي لڙي ڇا ڪبو؟ ليڪن ناگري لپيءَ جا حامي اهو ئي تہ چاهين ٿا تہ اسان جي ٻولي سنڌي جنتا جي ٻولي نہ رهي. بلڪ وقت گذرندي ايندڙ پيڙهين لاءِ صرف ڪوجنا جي هڪ وشيہ وڃي رهي.

بنگالي، گجراتي ۽ هندي ٻولين جي لپي قريب قريب هڪ جهڙي آهي، ليڪن تڏهن بہ اُهي صرف هڪ لپيءَ جي حق ۾ نہ آهن. ساڳئي نموني ڏکڻ هندستان جي ٻاشائن جي هڪ لپي بہ آسانيءَ سان رٿي سگهجي ٿي. ليڪن اُهي بہ اهڙي ڦير ڦار جي حق ۾ نہ آهن. جن جي ماتر ٻاشا هندي آهي، سي تہ چاهيندا ۽ چاهيندا رهيا آهن تہ سڄي هندستان جي شروع ۾ هڪ ئي لپي ٿئي ۽ ڏيري ڏيري هڪ ئي ٻاشا ٿئي ۽ اها ٻاشا هجي هندي. ايڪتا جو پوت ٻڇي ڪهڙي ٻوليءَ جا ڳالهائيندڙ نہ چاهيندا تہ انهن جي ٻولي خواهہ لپيءَ کي واحد اهميت ملي؟ ليڪن سوچڻو تہ اسان کي آهي تہ ڇا ايڪتا جو سوز صرف ٻوليءَ يا لپيءَ ۾ سمايل آهي؟ ۽ خاص ڪري تڏهن جڏهن ٻين جون ٻوليون خواهہ لپيون قائم آهن ۽ جڏهن ڀارت جي سنسڪرتي سڀيتا جو راز وحدت ۾ ڪثرت (Unity in diversity) جي اصول ۾ سمايل آهي. ناگريءَ جي پوڄارين تي انڌ جا پردا چڙهيل آهن. ان ۾ بنا

سوچ ويچار ڪئي، بنا سنڌي جنتا کي ڄاڻائي، بنا انهن جي رضامندي حاصل ڪئي، ناگري لپيءَ کي سنڌي ٻاشا جي لپي ٺهرائي، سنڌي جاتيءَ جي ابن سان ڌوهہ ڪيو ويو آهي. لپي بدلائڻ لاءِ سنڌو ٻاشا جي خاص خاص اُچارن، آوازن لاءِ نون لپين جي رچنا ڪجي، اهڙي رچنا صرف اڌيڪاري ٻاشا وگيانين دواران ٿيندي آهي. ناگريءَ جي حامين کان پڇو تہ انهن کي پنهنجي اگيان تي پورو ڀروسو آهي؟ مان پڇان ٿو تہ انهن ڪهڙي لپي ڪميشن ويهاري؟ ڪهڙي اڌڪاري ٻاشا وگيانين کي سنڌي ٻاشا ۽ ناگري لپيءَ ۾ تال ميل رکڻ جو ڪم سونپيو؟ ۽ انهن ڪهڙين ڪهڙين سفارشن کي راءِ زنيءَ لاءِ سنڌي جنتا اڳيان رکيو؟ لپي بدلائڻ لاءِ ضروري آهي تہ جنتا کي ڪجهہ وقت ڏجي، جنهن ۾ بدليل لپيءَ ۾ ادبي ذخيري کي آڻڻ جو موقعو ملي، وديارٿين لاءِ درسي ڪتاب ۽ ادبي معيار وارا غير درسي ڪتاب، رسالا ۽ اخبارون ميسر ٿي سگهن. پر ڇا ناگري پنڊت سڏائڻ جي شوقينن ائين ڪيو؟ جي انهن مڙني سوالن جا جواب آهن تہ ڪهڙا، ۽ جي نہ آهن تہ ڪين پنهنجي ارهہ زوراوري ۽ بي انصافيءَ لاءِ پڇتاءُ آهي؟

عجب جي ڳالهہ آهي تہ جنهن ناگري لپيءَ جا هڪ ٻئي وقت ٻہ ٽي روپ هلي رهيا آهن، جنهن جي وگيانڪ ۾ شڪ جاڳڻ لڳو آهي، جنهن جي سڌار لاءِ سوچ ويچار ٿي رهيا آهن ۽ سو ٻہ ٻوليءَ جي فطرت ۽ لپيءَ جي روپ ۾ ايڪتا قائم ڪئي بنا!

اسان لاءِ بنگالي مسلمانن جو مثال هڪ آدرش مثال آهي. اهي بنگالي ٻوليءَ لاءِ لڙيا آهن ۽ ان کي پاڪستان جي راڄ ٻاشا مقرر ڪرائڻ ۾ سڦل ٿيا آهن. پاڪستان ۾ بنگاليءَ جي پنهنجي لپي قائم آهي. جن تنگ خيالن جي وس ٿي، اسين لپي بدلائڻ جو سوال اٿاري رهيا آهيون، اُهي ٻہ تہ اُٿاري سگهن ٿا؟ دراصل ٻوليءَ ۽ لپيءَ جو نالو سرير آتما جو رشتو آهي. اهڙي خوبصورت ۽ امٽ ناتي کي مٽائڻ جو خيال صرف سوارٿين يا تنگدل انسانن جي من ۾ ئي اچي سگهي ٿو. مون کي خبر نہ آهي تہ سنڌي ٻاشا جي اصل لپي ڪهڙي هئي، ليڪن اها تہ پڪ اٿم تہ جنهن وقت کان سنڌي ٻاشا عربي لپيءَ جي جامي ۾ آهي، ان کان اڳ سنڌي ٻاشا، ٻاشا وگياني ارٿ

۾ ، ٻاشا (Language) نہ بلڪہ هڪ ٻولي (Dialect) هئي. ان وقت ساهت بلڪل نہ جهڙو هو. لپي مٽائي بہ ان ٻاشا جي سگهبي آهي، جنهن جو ساهتڪ خزانو بلڪل نہ هجي. هن وقت جن جو اهو رايو آهي تہ سنڌيءَ ۾ ساهت ڪونهي، تن جي عقل تي سواءِ رحم ڪائڻ جي ٻيو ڪري ئي ڇا ٿو سگهجي! حقيقت ۾ انهن غريب نراشا وادين جو مطلب صرف اهو آهي تہ سنڌي ٻاشا ايترو ترقي يافتا نہ آهي، جيترو ٻيون ڏيهي ٻوليون آهن. ائين تہ هندي ٻاشا، بنگالي، گجراتي، مرهٽي، تامل، تيلگو وغيره کان گهٽ ترقي يافتا آهي. بنگالي ٻين يورپي ٻولين کان گهٽ ترقي يافتا آهي ۽ ڪي يورپي ٻوليون انگريزيءَ کان گهٽ ترقي يافتا آهن. ڇا ان جو اهو مطلب ڪبو تہ گهٽ ترقي يافتا ٻولين ۾ ساهت ڪونهي؟ ”گهٽ ترقي يافتا ٻوليءَ لاءِ هڪ نسبتي (Relative) فقرو آهي، جنهن کي ڏوڪي ۾ ليموري (Absolute) معنيٰ عطا ڪئي آهي.

اها سچ پچ ساهت ڪونهي، فقري کي ڏرم واڪيہ چوندا آهن ۽ اُهي سنڌي ۾ ترجمن جي دهائي ڏيندا آهن. ليڪن ترجما ڪهڙي ٻاشا جو سينگار نہ آهن؟ تنهن کان سواءِ ٻين ٻولين ۾ ظاهر ڪيل ويچارن، اڏمن ۽ جذبن کي سنڌي جامو پهرائي سگهجي ٿو تہ ڇا اها سنڌي ٻوليءَ جي شڪتيءَ جي نشاني آهي يا گهٽتائيءَ جي؟ هونءَ بہ اصلي ٻوليءَ ۾ ظاهر ڪيل ويچار پڻ ڪنهن ويچار-ترنگ جو نقل آهن. اڄ بہ ٻين ڏيهي ٻولين ۾ جيترا ترجما ٿي رهيا آهن، انهن جي ڀيٽ ۾ سنڌيءَ ۾ گهٽ ٿي رهيا آهن. دراصل ترجما وڪاس ڪندڙ (developing) ٻاشا جي نشاني آهن. برابر سنڌي ٻاشا ايتري ترقي يافتہ (developed) نہ آهي جو ڪلاسيڪل ٻاشائن وانگر مئل ٻاشائن (dead languages) جي صف ۾ شامل ٿي سگهي! ' سنڌي تہ هڪ وڪاس ڪندڙ ٻاشا آهي، جئين ٻيون ڏيهي ٻوليون يا يورپي ٻاشائون آهن. سچ تہ اهو آهي تہ هند سرڪار هن ٻوليءَ کي ائين شيڊول ۾ ان ڪري نہ رکي رهي آهي جو ڪيس خبر آهي تہ سنڌي ٻاشا جو ساهت پڻ اوچو ۽ وڪاس ڪندڙ ساهت آهي، ڪٿي ائين نہ ٿئي سنڌي ٻوليءَ کي تسليم ڪرڻ کان پوءِ سنڌي الڳ پرديش

جي گهر ڪن، جا ٻولي عدالت جي ٻولي رهي آهي، جا ٻولي تعليم جو ماڌيم رهي آهي ۽ آهي، جنهن ٻوليءَ ۾ اصل ۽ نقل (ترجمن) رچنائن جون ڌارائون وهي رهيون آهن، اها ڀاشا غير ترقي يافتا ڪئن ٿي ٿي سگهي؟ ڪنهن به ٻوليءَ جو واڌارو ۽ ترقي ان ڳالهه تي منحصر هوندو آهي ته اها ٻولي ڪيتري ڪيتر ۾ ڦهليل آهي ۽ ان جا ڳالهائيندڙ ڪيترا آهن. انهن جون سمي جي انوسار ڪيتريون ۽ ڪهڙيون گهرجون آهن. راڄنيتي ماحول، ان جي وڪاس ۾ اتڪ آهي يا همتائيندڙ جزو وغيره. اڄ هندي جنهن رفتار سان اڳتي وڌي رهي آهي، ان رفتار سان ٻيون ڏيهي ٻوليون ترقي نه ڪري رهيون آهن، حالانڪ انهن کي به پنهنجي پرانت ۾ جوڳو ورتاورڻ ملي رهيو آهي. ان جو ڪارڻ صاف آهي، ٻئي پاسي اهو سوال به اڪثر اهي ئي سنڌيءَ جا سپوت اُٿاريندا آهن ته ”سنڌيءَ ۾ اوچو ساهت ڪٿي آهي؟“ ۽ دم هٽندا آهن (البت نماٽائيءَ سان!) ته انهن ڪيترن سالن کان سنڌي ادب جي سيوا ڪئي آهي، يعني جن تي ساهت کي وڌائڻ جو فرض آهي، سي بجاءِ ان جو وڪاس ڪرڻ جي ان ڳالهه جو وڪاس (ڦهلاءُ) ڪري رهيا آهن ته ”اسان جو ساهت ڪجهه به نه آهي، ان ڪري لپي بدليو. ديوناگري لپي ڪرڻ سان اسين هنديءَ جي نزديڪ ٿينداسين.“ منهنجو چوڻ آهي ته اهڙن سنڌي ساهت جي سيواڌارين جي منشا جي تهه ۾ وڃو. ’سنڌي‘ جو ساهت اوچو نه آهي، ان ڪري لپي بدلائڻ ۾ ڪو به فرق نه پوندو. ناگري لپي ڪرڻ سان هنديءَ جي ويجهو ايندا‌سين. ۽ جي اڄ هر هنڌ سنڌي ٻوليءَ جي لپي ناگري ٿي وڃي ته پوءِ اهي ئي سپوت چوندا، ”ناگري لپيءَ ۾ سنڌي جو ذاتي ساهت ته آهي ڪو نه، ته پوءِ ٻن ٻن ٻولين مان فائدو ڪهڙو؟ وديارٿين جو بوجهه وڌائڻ بيسود آهي. ٻن ٻن ٻولين تي ڌيان ڏيڻ کان ته بهتر آهي ته اسان جا ٻار هنديءَ ۾ مهاريت حاصل ڪن، جيئن هو آسانيءَ سان ٻين سيني ٻارن سان چٽا ڀيٽي ڪري سگهن. اسان جي ٻولي سنڌي رهندي ، ڇو ته گهرن ۾ ڳالهايون ٻولهايون ٿا. معياري ساهت هندي ۽ ڏيهي ٻولين ۾ پڙهون ٿا. ته پوءِ ٻارن جو اسڪولن ۾ سنڌي وشيه رکي، بوجهه ڇو وڌائجي. ٿي سگهي ٿو ته ڪن ناگريءَ جي حامين جي

اها مراد نہ هجي، ليڪن بدليل حالتن ۾ اهو هڪ منطقي نتيجو (Logical Conclusion) وجي ٿيندو. ڪن فنڪارن جي درنگيءَ بات جو مون کي ذاتي انيو آهي، هو غير سنڌين آڏو چوندا تہ اسان جو ساهت تمام اوچو آهي ۽ جڏهن لپيءَ جو سوال اٿندو تہ چوندا، لپي آسانيءَ سان ديوناگريءَ ۾ ڦيرائي ٿي سگهجي، چو تہ اسان وٽ اوچو ساهت تمام گهٽ آهي، جنهن کي ٻي لپيءَ ۾ بدلڻ جي ضرورت پوندي. لپيءَ جي هن سوال تي مون سنڌي ڀاشا جي ترقي يافتا هئڻ يا نہ هئڻ جي باري ۾ ايترو ان ڪري لکيو آهي، جو مٿي مون خود چيو آهي تہ لپي اهڙي ئي ڀاشا جي بدلائي سگهجي ٿي، جنهن ۾ ساهتڪ خانو نہ هجي، ۽ خود ناگريءَ جي حامين جو بہ اهو هڪ مکيہ دليل آهي، تازو ڪنهن دوست هندواسيءَ ۾ لکيو تہ عربي لپي اسان تي انگريزن جي ڏينهن ۾ مڙهي ويئي هئي، هاڻ اسان کي وجهہ آهي تہ اسين اُن کي بدلايون. ڪانٽرتا جو ان کان مٿي ٻيو ڪهڙو مثال ملندو! جڏهن اوهان جي ٻولي صرف تقريري زبان (Spoken lanaguge) هئي، تڏهن اوهان ڏنڍي جي زور تي غير واجب ڳالهہ منظور ڪئي ۽ اڄ جڏهن اوهان جي ٻولي ڀاشا جو روپ ڌارڻ ڪري ساهتڪ امرت جي ورکا ڪري رهي آهي، تڏهن اوهين ان جي لپيءَ بدلائي وري ان کي ٻوليءَ جو روپ ڏيئي رهيا آهيون. اڄ اوهان جي ڪانٽرتا اوهان جي پهرين ڪانٽرتا کان وڏيڪ آهي. اوهين هڪ ئي دامن ۾ پليل ٻن قومن جي آڏار سنسڪرتين کي محض بددلي، محض تنگ نظري جي آڏار تي هميشہ لاءِ الڳ ڪري رهيا آهن. بنگال جو مثال اوهان کي آڏڙي نٿو. هي اهو دليل آهي تہ هندستاني سنڌي، سنسڪرت ڏانهن مائل ٿيندي ويندي ۽ پاڪستاني سنڌي، عربي ۽ فارسيءَ ڏانهن، ۽ ڪجهہ سمي پڄاڻا ٻن سنڌين ۾ ڪو ميل نہ رهندو تہ ساڳي اسٿتي بنگالي ڀاشا سان بہ تہ ٿي سگهي. يعني ڪنهن ڳالهہ کان تصور ۾ ئي خوف کائي پاڻ ان تصور کي پنهنجي هٿن سان ئي، پنهنجي ڪوشش سان ئي صحيح ثابت ڪرڻ مردانگي آهي يا ان خوف کي دور ڪرڻ ۽ ان لاءِ پاڻ پتوڙڻ نيڪ آهي؟ هندستان ۾ رهندي، هندي سکندي، ٻين ڏيهي ٻولين سان لهہ وچڙ ۾ ايندي، اسين هتان جي ٻولين سان تہ اڳ ۾ ئي، نزديڪيءَ ۾

اچي رهيا آهيون، سوال تہ اهو آهي تہ صدين جي پاشائي پائرن سان ڪهڙين بنيادن تي رشتو قائم رکي سگهبو ان ناتي جو بنياد ئي آهي لپيءَ جا ساڳئي ٻوليءَ جي ٻنهي ملڪن ۾ ساڳي رهڻ گهرجي. ان ڏس ۾ ٻنهي ملڪن جي اديبن جو اهو فرض آهي تہ هو سنڌيءَ جي موجوده روپ کي قائم رکن ۽ ان طرح سان ٻن ملڪن وانگر ٻن سنڌين جو بنياد ڪڙو نہ ڪن. سچا ساهتڪار ڪڏهن بہ تنگ گهيرن جا واسي نہ ٿيندا آهن ۽ مون کي يقين آهي تہ ٻنهي ملڪن ۾ هڪ لپي هئڻ سان ٻنهي ملڪن ۾ سنڌي ساهت جو انوکو واڌارو ٿيندو ۽ ٻنهي ملڪن ۾ اسان جي ٻوليءَ کي تسليم ڪيو ويندو.

جيڪڏهن ٻوليون ڌار ڌار آهن تہ لپيءَ جي هڪجهڙائيءَ ڪري ڪا نزديڪي نہ ايندي آهي، مرهٽي لوڪن ۽ هندي لوڪن ۾ خاص ڪهڙي پاشائي نزديڪي آهي؟ ساڳيءَ طرح سان جيڪڏهن ٻن ٻولين جو محاذ موافق آهي تہ علحدي لپي خاص ديوار نہ آهي. اردو ۽ هنديءَ جون لپيون صفا علحديون آهن، ليڪن انهن ٻنهي پاشائن ۾ ڪيتري نہ نزديڪي آهي. منهنجا ناگري دوست گهڻي حرفت بہ ٺيڪ نہ آهي. اوهان جو چوڻ بجا آهي تہ هڪ ئي لپي ٿيڻ گهرجي، ليڪن ذرا سوچو اڳ بہ هڪ ئي لپي هئي ۽ هاڻ بہ هڪ ئي ٿيڻ کپي. ناگريءَ جو وڳوڙ اوهان ئي وڌو آهي، هڪ لپيءَ مان ٻن لپين ڪرڻ لاءِ جوابدار توهين ئي آهيو ان ڪري جي اوهان جو ڪو سوارٿ آهي تہ پنهنجي ساهت جي صدقي ان کي تالانجلي ڏيو. جيڪڏهن ڪو وهم اٿو تہ ان کي درياهہ سرن ڪريو. جيڪڏهن ڪوڪلي جذبات جي ڪنپٽلي آهيو تہ اوچا ٿيو. اڄ جي انتر راشٽري نظريي کان منهن نہ موڙيو ۽ پنهنجي ٻوليءَ کي تسليم ڪرائڻ لاءِ ڪمر ڪشيو. لپيءَ کان وڌيڪ ٻوليءَ جو مهتو آهي. ان ڪري سورهن سالن جي سستي ۽ آپي لڙائيءَ کي ڇڏي، يڪمشت ٿيو پوءِ مجال آهي، جو اسان جي ٻولي ڏيهي سرتين جي وچ ۾ اوچي ڳاٽ نہ هلي سگهي!

# سنڌي ٻوليءَ جا مٽ گهرا

ارجن س ڪ ايل

’ساهت جا گهٽگهرا‘ پاٺهين پاڻ کي گهٽگهرو سڏيندا ته پتل مان سون کو نه ٿي پوندا. سنڌي سماج اهڙن سيني کي سڃاڻي ته اِهي سنڌي ٻولي ۽ ساهت جا گهٽگهرا نه پر ’مٽ گهرا‘ آهن. مثال آهي: هڪڙي شهر جي ٻاهران ٻوڏ جو پاڻي ڪاهيندو ٿي آيو ۽ سيني پئي واڪا ڪيا. پر هڪڙو ضدي نگرواسي چوي ته ”مان نه مڃيندس“. نيٺ سامان ۽ جڳهه سوڌو سرن درياءَ ٿي ويو پر هوڏ تان نه لٿو. هي اسان جا سنڌي ’سورما‘ به پاڻ کي عاقل سمجهي ائين ٿي چوندا ٿا رهن ” اسين نه مڃنداسين“.

سنڌ ۾ رهندي ته اجرڪون ڳُلهن تي رکيو هندو مسلم ڀائي ڀائي جا نعرا پئي هنيائون ۽ هاڻي سنڌي لپيءَ کي مسلمانڪي لپي ڪوٺي پيا پوت ٻچين. ٻه چار ڏرمي ديوانا هٺ ڪري ککرن ۾ ڪڙهو ڪٽي هنيو اٿن. چي: ٻه سئو سال اڳي اسان ديوناگريءَ ۾ لکندا هئاسون (پر هڪڙو ٻه جيئرو جاڳندو آدمي هام هڻي کو نه ٿو چوي ته مان ديوناگريءَ ۾ لکندو هوس يا مان ته ڇا منهنجو بابو به کو ديوناگري ۾ لکندو هو) سکن جي لپي گرمکي، جنهن ۾ ٻالٻوڌ ۽ جپ صاحب جهڙا ٻه يا ٽي ڪتاب ملندا هئا، اها به ياد ٿي پوين هٿائي ۽ واڪن اکرن لاءِ به پيار جاڳيو اٿن. جيتوڻيڪ هنن ديوانن کي ”ايڪو رام رام ست“ به لکڻ کو نه ايندو هوندو. انگريزيءَ سان ته عشق اٿن. جو سندن سيئي ٻار نه ته به اسي سيڪڙو ٻار ڪانونيٽ ۾ پڙهندا آهن. باقي ڪات کهاڙا آهن. پنهنجي سنڌي لپيءَ لاءِ بلڪ ٻوليءَ لاءِ به. اعتبار نه اچيو ته سال 1947ع کان 1950ع تائين ’هندستان‘ اخبار جا فائيل وڃي ڏسو ته سنڌي ٻوليءَ کي دفن ڪرڻ جا رايا ڇپيل آهن يا نه.

مولانا آزاد جهڙي روشن دماغ عالم ۽ ودوان رامڳڙهه ڪانگريس ۾ صدارتي تقرير ڪندي چيو هو: ”اسان جو پراڻو لباس، ڏاڏن پڙڏاڏن جي پراڻين تصويرن مان ڏسي سگهو ٿا. اهو توهين هاڻي هنڊائڻ لاءِ تيار آهيو؟ هندو مسلمان سالن کان گڏ رهيا آهن. اهي هزار سالن کان اڳ واري زندگي

واپس آڻي سگهندا؟ اسان جي هڪ هزار سالن جي مشترڪ زندگيءَ قوميت جو نئون سانچو ناهيو آهي. اهي سانچا روزانو ڪو نہ ٺهندا آهن، اهي قدرت جي هٿان خود بخود ٺهجي ويندا آهن.“ انهن کي ڊاهي هڪ نئون سانچو بنائڻ الڳ ڳالهہ آهي، پر پراڻي چيز پيدا ڪرڻ جو خواب، خواب ئي رهجي ويندو آهي، جيڪي ديوناگري لپي واپس آڻڻ ٿا چاهين، انهن کي منهنجي پرارٿنا آهي تہ مهرباني ڪري لسٽ تيار ڪري ٻڌايو تہ ٻيون ڪهڙيون ڪهڙيون ڳالهيون بدلائيندا؟

انگريزن کان مليل سوٽ ڪوٽ نيڪٽاءِ ڇڏيندا؟ مسلمانن کان مليل سلوار ۽ پاجامو ڇڏي ڌوتي پائيندا؟ وڏن سرڳواسي واريون پڳڙيون پائي گهمندا؟ زالن کي پيرن ۾ پازيب ۽ ٻانهن ۾ بازو بند پارائيندا؟ ڪهڙا ڪهڙا نمونا بدلائي ٻہ سئو سال پوئتي موٽي هلندا؟ ميز ڇڏي چونڪي ۾ کائيندا؟ پوشاڪ، رهڻي، کاڌو پيتو، رسم ۽ رواج عربستان ۽ انگلستان وارا ٿا وٺن، باقي لپي بدلائي ڇپيل ساهت ايندڙ پيڙهين جي پڙهڻ کان رد ڪري (يعني سمنڊ ۾ لوڙهي يا آگ ۾ جلائي) ڪنگال ٺهجي وڃون! بيشڪ اوهين گهڻگهرا آهيو. مان تہ هڪ هزار هڪ دفعا چوندس تہ لپيءَ جي بدلائڻ وارا ٻوليءَ جو ترو ڪيرڻ ٿا چاهين.

عجب ناهي جو مسلم قوم جو زندهہ مثال سامهون هوندي بہ اسين عبرت نٿا وٺون، نڪي سبق ٿا سکون. مسلمان جدا جدا پرانتن ۾ رهي جدا جدا ٻوليون سکن ٿا. هندي ۽ انگريزي بہ، قومي ڀاشائون سمجهي سکن ٿا. ايستائين اسين بہ ائين ڪريون ٿا، پر ان کان وڌيڪ هو ڪٿي بہ آهن. ڪيترا بہ ٿورا آهن تہ بہ منجهائن هر هڪ اردو ڄاڻي ٿو ۽ اردو سکي ٿو ۽ ان ريت بنگال کان بمبئي تائين، ڪشمير کان ڪيرالا تائين هڪ ڳنڍ ۾ ڳنڍجي پون ٿا. اسان بہ چو ڪين، هندي، انگريزي ۽ پرانتڪ ڀاشا سان گڏ سنڌي ٻولي ۽ سنڌي لپيءَ کي قائم رکندا اچون؟

(سنڌو ڌارا، 3 نومبر 1963ع، ٽان ورتل)

# اسين آخر ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيون

سلامتراءِ گرماڻي

ڪي چون ٿا تہ اسان جي ٻولي عربي فارسي لپيءَ ۾ رهي ، جيڪا سنڌ ۾ سنڌ ڇڏڻ وقت هئي ۽ ڪي چون ٿا تہ ديوناگري لپي ٿئي، جيڪا ويدن جي لپي ڇئي وڃي ٿي. ان لپيءَ جي سوال تي جيڪا سميلن جي آڙ ۾ سياست هلي رهي آهي. سا نهايت دکدائڪ آهي، انهن سوالن (1) لپي ۽ (2) سياست سان گڏوگڏ هڪ ٽيون بہ سوال من ۾ شنڪا جي روپ ۾ اٿي ٿو سو آهي تہ اسان سنڌين ڪي سنڌي ٻوليءَ جي سچ پچ ضرورت بہ آهي ڇا؟ جي ها تہ ان لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟ هاڻي اسان هڪ سوال تي اچون (1) لپي: جيڪي چاهين ٿا تہ اسان جي ٻولي عربي فارسي لپيءَ ۾ رهي، جنهن ۾ اسان جو اڪيچار ادب ڇپيل آهي، تن جو چوڻ آهي تہ ان لپيءَ جي تياڳ ڪرڻ سان اهو سڄو ادب ختم ٿي ويندو ۽ ان ريت اسان جڻ تہ پنهنجي اوليائن جي رچنائن ڪي تياڳي ڇڏينداسون.

هڪ ٻي ڳالهہ جيڪا سندن حجت ۾ آهي، سا اها آهي تہ اسان جي لپي عربي فارسي رهڻ ڪري اسان جو ادب سنڌ ۾ وڃي سگهي ٿو ۽ اتان جو هت اچي سگهي ٿو، ان ريت اسان سنڌ سان دائمي طور ادبي روپ ۾ ڳنڍيا رهندا سون، پوءِ چاهي اسان راڄنيتي طرح هڪٻئي کان الڳ الڳ ڇو نہ هجون.

سندن ٽيون دليل اهو آهي تہ عربي فارسي لپيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي آئيويٽا (Alphabet) ۾ 52 اکر آهن. رشيا، چين جي ٻوليءَ کي ڇڏي ٻي ڪنهن بہ ملڪ جي ٻوليءَ جي آئيويٽا ۾ ايترا اکر ڪو نہ آهن، تنهن کان سواءِ اسان جي آئيويٽا ۾ ڪي اهڙا اکر آهن جهڙوڪ: ”ڏ“ ۽ ”ڳ“ جن جو اچار ٻيا نٿا ڪري سگهن. ديوناگريءَ جي برخلاف سندن هڪ دليل اهو بہ آهي تہ جي سنڌي ٻولي ديوناگريءَ ۾ لکي ويندي تہ ان سان سنڌي ٻارن جي نہ رڳو سنڌي ڪمزور رهندي، پر ساڳي وقت هندي ٻوليءَ کي بہ بگاڙيندي.

ديوناگري لپيءَ جو سوال هندستان ۾ اچڻ کان پوءِ کڙو ٿيو آهي، ان جا حمايتي گهڻو ڪري ڪٽر هندو ويچار ڌارا وارا يا نهرو نواز پاليسيءَ وارا آهن. سندن خيال آهي تہ اسان سنڌين جي ٻولي ۽ لپي دراصل سنسڪرت ۽ ديوناگري هئي ۽ ويدن جي زماني کان ئي سنڌ جو نالو هلندو اچي ٿو ۽ هيءَ تہ صرف مسلمانن جي ڪاهن ۽ راڄ ڪري سنڌ ۾ عربي لپي هلي، نہ تہ ان کان اڳ اسان جي اها لپي ڪا نہ هئي. لکڻ ۾ اها اردوءَ وانگر پئي لڳي، ان ڪري هندستان ۾ اچڻ کان پوءِ رواجي طرح هر ڪو اها پڇا پيو ڪري تہ اوهان جي لپي اردوءَ مان نڪتل آهي ڇا؟ جنهن صورت ۾ سنڌ سدا لاءِ ڇڏي آيا آهيون ۽ هن کان پوءِ انهن سان ڪو ميل ميلاپ ٿيڻ آسان نہ آهي تہ پوءِ اسين ان لپيءَ کي ڇو هلايون؟ ٻي ڳالهہ تہ اسڪولن ۾ ٻارن کي عربي لپي صرف پهرين ۽ ٻئي ڪلاسن ۾ پاڙهجي ٿي، ٽئين درجي کان کين سڀ ڪم هنديءَ ۾ پاڙهيا ٿا وڃن. نتيجو اهو ٿو نڪري جو ٽئين درجي ۾ اچي هنن لاءِ نہ رڳو هندي مٿي جو سور ٿي ٿئي، پر ٻيا مضمون جهڙوڪ تاريخ ۽ جاگرافي وغيره پڻ ڏکيا ٿي ٿا پون. تنهنڪري ٻارن کي مُنڍ کان ئي هندي ۽ ديوناگري پاڙهي وڃي، جيئن مٿي اچي کين تڪليف نہ ٿئي.

حقيقت ڇا آهي ان جي اچا پوري پروڙ پئجي نٿي سگهي. ڊاڪٽر نڪر سنڌو ماٿريءَ ۾ مليل لپيءَ جو ذڪر ڪندي لکي ٿو تہ:

”سنڌو لپي، جنهن جا اٽڪل چار سئو نشان مليا آهن، تن مان ظاهر آهي تہ اوائلي لپي مورتن ۾ هئي، گهڻي قدر سڄي کان کٻي هلي ٿي ۽ نشان ايڏن جدا جدا قسمن جا آهن، جو انهن مان آئيوڊيا ناهڻ ناممڪن پيو لڳي.“ (انگريزيءَ تان ترجمو)

هن صاحب لکيو آهي تہ جيتوڻيڪ موهن جي دڙي ۾ مليل اکرن مان گهڻي قدر اکر سڄي کان کٻي لکيل نظر اچن ٿا، تنهن هوندي بہ جنهن نموني سنڌي هندستان جي سڀني پرانتن ۾ ٽڙيل پکڙيل آهن، ان صورت ۾ سڀني کي عربي فارسي لپيءَ ۾ پڙهڻ جي سهولت ميسر ٿي نٿي سگهي. تنهن ڪري اهو بهتر ٿيندو تہ هينئر ديوناگري لپي اپنائڻ ۾ نہ هچڪون. هن سان

روبرو ڳالهائڻ تي هن وڏيڪ چيو تہ ڪڇ ۽ انجار واري ٽڪري ۾ رهندڙ ماڻهن جي ٻولي اسان سنڌين سان ملندڙ جلندڙ آهي، پر هنن جي لپي ديوناگري آهي، سو جي اسان سنڌين بہ ديوناگري اپنائي تہ ڪڇ ۽ ان جار واري ٽڪري ۾ رهندڙ ماڻهو پڻ اسان سان ملي ويندا ۽ مڪاني ماڻهو سنڌي سمجهي سگهندا ۽ اسان جي اوڏو ايندا. هونءَ بہ دراصل ڪڇ ۽ انجار وارو ٽڪرو سنڌ ۾ هو پر پوءِ سنڌو نديءَ جي ڦيري ڪري سنڌ کان ڇجي ڌار ٿي پيو. انهيءَ جو ثبوت شاهہ جي رسالي مان پڻ ملي ٿو جڏهن شاهہ چوي ٿو تہ:

سچا سامي، سچو سامين پنڌ
هوتہ هو هن هنڌ، پر هنن ڏنو هنگلاج ۾

ديوناگري لپي اپنائڻ ڪري مڪاني ماڻهو سنڌي سمجهي سگهندا ۽ اسان جي اوڏو ايندا، تنهن خيال سان مان شامل راءِ نہ آهيان. پر ٻئي طرف سر جان مارشل موهن جي دڙي مان لڌل شين بابت لکي ٿو تہ ”چاندي ۽ سون جا سڪا بہ هٿ آيا آهن جن تي چتر لپي (Pictographic Script) لکيل آهي، جا ڪي قدر سنڌي هٽڪائي اکرن سان ملي اچي ٿي ۽ ڪي قدر دراوڙي لپيءَ سان“ هن صاحب جو رايو ڊاڪٽر نکر جي راءِ جي بنهہ ابتڙ آهي ۽ ان ڪري چئي نہ ٿو سگهجي تہ آخر سچ ڇا آهي؟

لپيءَ جي جهڳڙي ۾ هن وقت اهو سوال اٿيو آهي تہ ڇو نہ هندو سنڌي اکر جن کي ٻين اکرن ۾ ’هٽڪائي اکر‘ ٿو چئجي ۽ جيڪا سنڌ ۾ ۽ هندستان ۾ بہ هلندڙ آهي، ان لپيءَ کي پنهنجو ڪجي؟ هٽڪائي اکرن جي پٺڀرائي جان مارشل موهن جي دڙي ۾ مليل سڪن تي اڪريل لپيءَ جو مثال ڏيندي ڪئي آهي. عربي فارسيءَ ۾ ڪي تہ اکر اهڙا آهن، جن جو اُچار بلڪل ساڳيو آهي، پر ٻن، ٽن ٽن نمونن ۾ لکجن ٿا ۽ اڄ ڪلهہ جي ٻارن کي انهن ۾ مونجهارو ٿئي ٿو. مثال: ا، ءَ، ع، ڪ، ق، ذ، ز، ظ، ض، ت، ط، س، ث، ص. هٽڪائي اکرن کي لپي ڪري ڪم آڻجي، ان لاءِ منجهن سڌاري جي ضرورت آهي، جو منجهن ماترائون ٿين ئي ڪو نہ. اها رٿ اهڙي ٿيندي، جهڙو انگريزي ۽ هنديءَ جي چڪر ۾ اچي، هندستان لاءِ سنسڪرت ٻوليءَ

کي سرڪاري ٻولي مڃڻ! ڇو تہ ڏکڻ جا ماڻهو سنسڪرت چڱي طرح ڄاڻن ٿا ۽ اتر وارا هنديءَ جا حمايتي آهن، انهن کي سنسڪرت اپنائڻ ۾ ڪو عار ٿيڻ نہ گهرجي!

ائين تہ سنڌ ۾ اسان جون زالون گرمکي اکرن ۾ پڙهنديون ۽ لکنديون هيون. گرمکيءَ ۾ بہ سنڌي ڪتاب ڪافي ڇپيل هئا، هت بہ اچا تائين ائين آهي، تنهن ڪري ڪير چوي تہ گرمکيءَ کي لپي ڪري اپنايو وڃي، سو مڃڻ ڏکيو پيو لڳي.

ديوناگري ۽ عربي فارسي لپيءَ جي جهيڙي کي جي ڏسجي ٿو تہ اها پڪ ٿئي ٿي تہ ڇڪتاڻ جي جڙ، ديوناگريءَ جي حمايت ڪندڙن پيدا ڪئي آهي، ڇو تہ سنڌ ۾ تہ سنڌي پڙهائي ويندي هئي عربي فارسي لپيءَ ۾، هت هندستان ۾ اچڻ کان پوءِ اچي ديوناگريءَ جو خيال دماغ ۾ اٿيو آهي، پر تنهن هوندي بہ ڏسجي ٿو تہ جيڪي ديوناگريءَ جا حمايتي آهن سي خود وهنوار ۾ عربي فارسي لپي ڪتب آڻن ٿا. ديوناگريءَ جا حمايتي جيڪڏهن پنهنجون اخبارون ۽ رسالا عربي لپيءَ ۾ نہ ڇپي، ديوناگريءَ لپي ۾ ڪيڻ شروع ڪن تہ جنتا کي عربي لپي پسند پوي يا ديوناگري لپي سا خبر پئجي ويندي. لپي ٿيڻ اها کپي، جيڪا جنتا کي پسند پوي. والميڪ رامائڻ کان تلسي رامائڻ وڌيڪ پسند پيو ان جو سبب بہ اهو هو جو تلسي رامائڻ ان وقت جي جنتا جي ٻول چال واري ڀاشا ۾ جنتا جي اڳيان آيو ۽ والميڪ رامائڻ هو سنسڪرت ۾، جنهن کي ڪير سمجهي نہ پئي سگهيو.

ٻي ڳالهہ تہ هنديءَ جو هر ڪو اکر ”آ“ سر سان ختم ٿيندو آهي، سنڌي جيڪڏهن ديوناگريءَ ۾ لکي وڃي تہ هنديءَ کان ڪافي بدليل رهندي.

اسان جا ٻار جيڪڏهن سنڌي ديوناگري لپيءَ ۾ لکي پڙهندا ۽ پڪي ڪندا تہ نہ صرف هنن جي هندي خراب ٿيندي، پر انهن جي اثر ۾ وقتي مڪاني ٻار بہ ان نموني ۾ لکڻ پڙهڻ شروع ڪندا. جنهن جو نتيجو اهو نڪرندو جو هنديءَ جي بہ ستياناس ٿي ويندي. سنڌي ديوناگريءَ ۾ لکڻ ڪري مڪاني ماڻهو اسان جي اوڏو ايندا، سو بہ وهم آهي. ٻولي ۽ لپيءَ ۾

گھڻو فرق آهي ۽ ٻہ الڳ الڳ سوال آهن. ائين تہ انگريزي ٻہ ديوناگريءَ ۾ لکي سگھجي ٿي، ان جو مطلب اهو نہ آهي تہ ديوناگري ۾ انگريزي لکڻ سان انگريز اسان جي اوڏو اچي ويندا!

ٽئين درجي ۾ اچي ٻارن کي سڀ کم هنديءَ ۾ پڙهڻا پون ٿا. تنهن کي منهن ڏيڻ بہ سولو آهي، ڇاڪاڻ ۾ جي ٻڌي هوندي تہ سرڪار تي زور آڻي پنجين درجي سوڌو اسين سڀ مضمون سنڌيءَ ۾ پاڙهي سگھون ٿا. جيتري قدر ساڳين اچارن وارن اکرن جو سوال آهي تہ ان ۾ بہ ڦير ڦار ڪري سگھجي ٿي. اها ڪا اهڙي وڏي رڪاوٽ نہ آهي، جنهن ۾ منجهي پئون.

سميرين سڀيتا جي لپي موهن جي دڙي جي لپيءَ سان ملندڙ جلندڙ آهي. سميرين وٽان لپي وئي عرب ۽ فارس ۾، جتان وري موٽي آئي سنڌ ۾، جهڙيءَ ريت ڏهائي سرشتو اصل ۾ شروع ٿيو موهن جي دڙي مان، پر ويو يورپ ۾ ۽ اتان وري هيئنر اسان هندستان ۾ شروع ڪيو آهي.

لپيءَ سان ڌرم يا مذهب جو ڪو بہ واسطو نہ هجڻ کپي. لپي تہ ويچار قلم بند ڪرڻ جو هڪ ذريعو آهي، انهيءَ ڪري لپيءَ جي نالي ۾ ڌرم يا مذهب جو ڀوت بڇڻ ناداني ٿيندي.

هن وقت اسان جا ويچار ۽ ادب عربي لپيءَ ۾ قلم بند آهن. ان ڪري هن وقت اها ئي لپي اپنائڻ سياڻپ ٿيندي. ”ٽن ٻولين جو اصول“ موجب ڪن يونيورسٽين پرائتڪ پاشائن ۾ سنڌي ٻوليءَ کي بہ جڳهہ ڏني آهي، جيڪڏهن اسين چاهيون ٿا تہ سنڌي تسليم ٿي رهي تہ ٻارن کي سنڌي مضمون کڻائڻ گھرجي. جيڪڏهن ائين نہ ٿيو ۽ انگ اکر گھٽجڻ لڳا تہ ڪو وقت ايندو، جو يونيورسٽيون سنڌي مضمون رکڻ ضروري ڪو نہ سمجهنديون.

منهنجو ويچار آهي تہ في الحال تہ ٻوليءَ کي منظور ڪرايو وڃي، جنهن صورت ۾ سنڌ ڇڏڻ وقت هئي. لپيءَ جو سوال اسان جي گھر جو سوال آهي، ان سوال کي گھر تائين محدود رهڻ ڏيون. پوءِ بہ ويهي فيصلو ڪري سگھجي ٿو پر ٻين جي مٿان زوريءَ پنهنجا ويچار مڙهڻ ۽ مڃائڻ نيڪ نہ

آهي. گانڌيءَ جي اڪرن ۾ اهنسا آهي. شري نهرو هڪ هنڌ لکي ٿو: ”اسان ڪي پنهنجي ويچارن موجب رهڻ جي آزادي آهي، پر ٻين تي ڇو پنهنجا ويچار مڙهجن؟ اهو اصول رياست ۾ رياست جي اندر وارن معاملن ۾ به لاڳو آهي. حقيقت ۾ ماڻهو جيڪڏهن پنهنجا ويچار ۾ مت ٻين مٿان مڙهڻ جي عادت ڇڏين ته دنيا ۾ وڏيڪ امن رهندو.

ان ڪري جي اسان ڪان لپيءَ بابت پڇيو وڃي ته ان جو جواب اهو ڏيڻ کپي ته اهو سوال ئي ڪو نه ٿو اٿي، جيڪا لپي اسان جي سنڌ ڇڏڻ وقت هئي. سا ئي رهڻ ڏني وڃي ۽ پوءِ شايد سرڪار کي ڇوڙ جو وجهه نه ملي ته سنڌي پهرين پاڻ ۾ فيصلو ڪن. اسان جي جهيڙي جو سرڪار به فائدو پئي وٺي. ان ڪري جي اسين صحيح معنيٰ ۾ ٻوليءَ کي تسليم ڪرائڻ چاهيون ٿا ته عربي لپيءَ کي هلائڻ ڏيون ۽ قدرت جي نيم وانگر Statuesque رهڻ ڏيون.

(نئين زندگي: جولاءِ، 1963ع جبلپور- انديا تان ورتل)

# پن پن ويچار

,وڪر “آس”

اخبارن جي ذريعي گهڻن ئي سنڌي پاٺڪن ”سنڌي ٻوليءَ جي آئينديءَ“ لاءِ پنهنجا پنهنجا ويچار پڻ ظاهر ڪيا آهن. جن ۾ اوهان سڀڻن کي پنهنجي راين مان واقف ڪريان ٿو. اميد ته منهنجي به ڪجهه ٻڌندا.

ڪنهن به جاتيءَ جو پرانت جو ديس جو يا ملڪ جو ڳاٽ اوچو ۽ شان آهي يا دٻدٻو آهي ته اهو آهي سندن ساهت ۽ ٻوليءَ جي ڪري. جهوني ۾ جهونو ۽ اوچي ۾ اوچو ساهت دنيا اندر سنسڪرت ڪان سواءِ ٻيو ڪو به ڪو نه ملي سگهندو. جنهن جي اثر هيٺ ڏارين جا زبردست ڏڪ سهندي به ڀارت اسان جي پوتر ڀوميءَ جو شان دنيا اندر سرس آهي ۽ وڌندو رهي ٿو. موجوده وقت ۾ سنسڪرت کي ڇڏي انگريزي ٻوليءَ جو وڏي ۾ وڏو ۽ سٺو ساهت ليکيو وڃي ٿو ۽ اهو ئي سبب آهي جو انگريزي ٻوليءَ کي انتر راشٽري ٻولي جو پد حاصل ٿيو آهي. ڀارت اندر هندي ۽ بنگالي ساهت ڀارت جي ٻين ٻولين کان مٿيرو آهي. اسان سنڌين کي به پنهنجو ساهت سٺو ۽ چڱي انداز ۾ آهي، پر هميشه لڪل ئي رهندو اچي ٿو. اسان جي سنڌيءَ ٻوليءَ جو سلوڻو مواد هندستان جي ٻين جاتين خير ڪو ورتو آهي. اگر هڪ وار سنڌي ٻوليءَ جو ذائقو انهن ماڻهن ورتو ته هنن کي اهڙو مزو ايندو جو ور ور ڪري پيا واس وٺندا. پر پنهنجي ٻوليءَ کي سنڌين پرسڌ ڪرڻ جي خير ڪا ڪوشش ڪئي آهي ۽ اهو ئي ڪارڻ آهي، جو هند اندر سنڌيءَ ٻوليءَ کي سرڪار پاران تسليم ڪرڻ ۾ ڪافي وقت لڳو آهي ۽ اجا تائين ڪيترو وقت لڳندو. ازانسواءِ ٻيا به سبب آهن. جي هيٺ ڏيان ٿو:

## 1.سنڌيءَ جو ڪٽو ڪٽو ٿيڻ

ورهاڱي کان پوءِ اسين سنڌي ڀارت جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ٽڙي پکڙجي ويا آهيون. مائٽ نه ملي مائٽ کي. اَبو اولهه ۾ ته ادو اوڀر ۾. امان اتر ۾ ته ڏاڏو ڏکڻ ۾. پن پن ديسن ۾ ورسجي ويا آهيون. ان ڪري ويچار به اسان جا

پن پن ٿي پيا آهن. هڪ هڪ ٻولي پيو ڳالهائيندو ته ٻيو وري ٻي رٽ پيو لڳائيندو. هڪٻئي سان ويچار ٿهڪن ئي ڪو نه. ان ڪري پاڻ ۾ نفاق جو ٻج اُسرندو ٿو رهي. پوءِ پيلا سرڪار ڪنهن جي ٻُڌي، ڪنهن جي نه ٻڌي ۽ ڪهڙي آڌار تي ٻولي تسليم ڪري، تون به رئيس مان به رئيس، پوءِ پيلا گڏهه ڪير هڪليندو؟ ان ڪري اسان جو پهريون فرض آهي، پارت اندر ڪا الڳ ايراضي سرڪار کان وٺون ۽ سيني سنڌين کي هڪ هنڌ ڪنو ڪجي ۽ ان زمين ٽڪر جون واڳون سنڌين جي هٿ ۾ هجن. پلي ڪهڙو به برباد ٽيل ٽڪر هجي. اسان سنڌي ڏوڙ مان ڌن ڪرڻ وارا، ڇا نٿا ڪري سگهون، جن ڪراچيءَ جهڙي ماڇي بندر جي صورت ئي بدلائي ڇڏي، ڇا اهي سنڌي جهنگل کي منگل نه ٿا لڳائي سگهن؟ صرف همٿ ۽ قربانيءَ جي ضرورت آهي. مانجهي مڙس ٿي تڪليفن کي منهن ڏيڻو آهي. آهستي آهستي سيني سنڌين کي هڪ هنڌ ڪنو ٿيڻ کپي. ڏنڏا پلي ٻئي ڪنهن ملڪ ۾ هجن، پر پنهنجو نئون وطن ان ايراضيءَ کي ٻڻائڻو آهي. اڳي سنڌ ۾ 9 ضلعا هئا، ورهاڱي کان اڳ سنڌ جي هندن جو آدم ساري آدمشماريءَ جي لڳ ڀڳ ٽيون حصو هوندا، سي جي پوءِ هت لڏي آياسون، ان حساب سان اسان کي پنهنجي نئين نگري اڏڻ لاءِ 3 ضلعن جيتري زمين گهرجي، جتي اسين پاڻ کي چڱيءَ طرح اڏيون ۽ ورسايون. اگر اها رٽ ڪامياب وئي ته ٻيون رٿون سڀ سولائيءَ سان ڪامياب ٿينديون ۽ سرڪار کان اسان جو بوجو به لهندو ۽ سنڌي ٻوليءَ به خود به خود تسليم ٿي ويندي، جنهن جو وڪاس اسين پوءِ چڱي طرح ڪري سگهنداسين.

## 2.وديار ٿين جا مائٽ

سنڌي ٻوليءَ کي تسليم ڪرائڻ ۾ وڏي ۾ وڏي رڪاوٽ اسان جي سنڌي وديارٿين جا مائٽ ٿيا آهن. اسان جا سنڌي بانيڪار گلو ڦاڙي ڦاڙي پيا ڪوشش ڪن ته جيئن سنڌي ٻولي جلد تسليم ٿئي، پر خبر ئي نٿي پوي ته وديارٿين جا مائٽ ڇو هن ڪاريا جو تڏو اندران ئي اندران ڪيڏي رهيا

آهن، چي سنڌي ٻولي ڪم ڪهڙي ايندي. اڳي پوءِ سرڪاري ٻوليءَ جي جاءِ هندي ئي وٺندي ۽ سرڪاري ڪاروبار هنديءَ ۾ ئي هلندو. پوءِ ڇو ويهي ٻارن جا ٽي چار سال وڃائجن. ڪيتري نه ٻزدلي ڪيترو نه سوارٿپڻو! ڇڙڪ سنڌين کي رڳو آفيس ۾ نوڪريون ڪرڻيون آهن. هندستان آزاد ٿيو پر سنڌين جي منوريءَ ۾ اڃا غلامي ديرو ڄمائي ويٺي آهي. اڻ پڙهيلن کي ته سمجهائي سگهبو پر هنن پڙهيلن کي ڪير سمجهائي؟

## 3. سنڌي ساهت جا ٻانيڪار

اسان جا سنڌي ٻانيڪار، جيڪي سنڌي ٻوليءَ کي تسليم ڪرائڻ لاءِ نڪري نروار ٿيا آهن، جن جو زمان حال وارو قدم بلڪل ڍلو پئي هليو آهي. انهيءَ رفتار سان ٻوليءَ کي تسليم ڪرائڻ ۾ الائجي ڪيترو سميه لڳي. رڳو پرچار ڪري گلو ڦاڙي سگهڻا آسرا ڏيئي ماٺ ڪيو ويهن. انهن ٻائرن کي عرض آهي ته يڪدم هن ڪاريا کي عملي جامو پهرائين ۽ ساڻ ساڻ سنڌين ۾ سنڌيءَ لاءِ چاهه پيدا ڪن. چاهه ائين نه پيدا ڪن ته فلاڻي فلم ۾ فلاڻي ڳاني جو سر، اسان جي سنڌيءَ جي فلاڻي بيت يا ڏوهيڙي تان ورتل آهي ۽ وغيره، پر اهڙا ڏوهيڙا، ڪافيون، قواليون عام ميڙن ۽ جلسي ۾ سنڌين کي ٻڌائجن ۽ نوان نوان ڳانا سنڌيءَ ۾ ٺاهي عام ۾ پرسڌ ڪجن، جئن سنڌين کي خبر پوي ته سنڌين کي ٻه پنهنجي موسيقي آهي، پنهنجو سنگيت آهي ۽ اهو ڪيتري قدر ذائقيدار آهي.

مٿين سببن کان سواءِ ٻيون ٻه اهڙيون ڪي شيون آهن، جن جي دواران اسان جي پياري سنڌي ٻوليءَ کي تسليم ڪرائڻ ۾ ڪافي هٿي ايندي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ساهت جو آئيندو روشن ٿيندو رهندو. پر اهڙين وشين مان اسان ڪو ٻه لاڀ ڪو نه ورتو آهي. اهي وشيون هيٺ ڏجن ٿيون:

## 1. لوڪ گيت

ڪنهن ٻه ٻوليءَ جو اگر شان وڌي ٿو ته اهو نظم جي ڪري، گيتن جي ڪري، بيتن جي ڪري. نثر ساهت کي وڌيڪ هٿي ڏئي ٿو پر ساهت ۾

مکيہ پارٽ ڪندڙ ڪويتا ئي آهي، ڇاڪاڻ جو نثر کي جيڪڏهن سر مليو تہ راڳ يا گيت جو روپ وٺندو، جنهن مان اسان ڇا پر هر جيو کي لطف ملي ٿو. تنهن ڪانسواءِ گاني يا گيت ۾ ڪنهن بہ مضمون جو سهڻن ۽ امولڪ وچنن سان اختيار آهي ۽ جيترو جلد گيت يا گانو يا شلوڪ ياد ڪري سگهبا، اوترو جلد نثر ڪڏهن بہ ياد ڪو نہ ڪري سگهبو. انهن جو جيئرو جاڳندو مثال اسان اڳيان آهي. ’ويد اپنشه‘، ’رامائڻ‘، ’مهاڀارت‘ ۽ ’گورو گرنٿ صاحب‘ جهڙا وڏا پستڪ سڀ ڪويتائن ۾ رچيل آهن، جي ايامن کان هلندا اچن ٿا ۽ جيستائين دنيا هستيءَ ۾ آهي، تيستائين اهي بہ هستيءَ ۾ آهن. تنهن جي معنيٰ ڪويتا کي ڪيترو نہ وزن ۽ ٻل آهي. اسان جي ڀارت اندر هر هڪ پرانت کي پنهنجا پنهنجا لوڪ گيت آهن، اهو ئي ڪارڻ آهي جو هندستان اندر ڀن ڀن ٻولين جو اٿاهہ ساهت آهي. هر ٻوليءَ جو ساهت هڪٻئي کان گوءِ کڻندڙ آهي، پر سنڌي ٻولي! جنهن کان جنهن جا مالڪ دور ڀڄن، جنهن کي سندس مالڪ ڀڃن ئي ڪو نہ، تنهن ٻوليءَ کي کهڙو وزن هوندو. مان نٿو سمجهان تہ اسان سنڌين کي ڪجهہ لوڪ گيت آهن، سواءِ ٻاراڻين ٻولن جي گيتن کان، اسان وٽ ڪافين، بيتن ۽ ڏوهيڙن جو اڪٿ خزانو آهي، پر اِهي سڀ ڪتابن ۽ اسڪول تائين محدود آهن، جي صرف امتحان ڏيڻ لاءِ ڪم اچن ٿا، ان ڪري اڻ پڙهيلن کي اهڙين ڪويتائن جي خير ڪا ڄاڻ آهي. سائين بيوس جي ”شيرين شعر“ جي بيتن کي سر ڏئي ڪو ڳائڻ وارو هجي ۽ ڳائي. اگر اهي گانا ۽ بيت اوهان سر سان ڳايو يا ٻڌو تہ فلمي گانا وسري وڃنو تہ شرطون آهن. اهڙا ڪتاب ٻيا بہ هوندا، بيتن کي سُر ڏئي، گيتن جي صورت ۾ آڻي، استعمال ڪرڻ سان سڀ کي هڪ طرف رس ملي ٿو تہ ٻئي طرف ٻوليءَ لاءِ چاهہ بہ وڌي ٿو. شاديءَ وقت لاڏا ڳايا وڃن ٿا، پر اهي ڪي لاڏا آهن! منجهن گارين جو گند ڀال آهي، ڪيترو نہ فخر سان اهي لاڏا ڳايا وڃن ٿا، سي زالن کان ڪيڏي نہ بي شرمي، ڪيڏي نہ گراوٽ. ڪٿي مجلس ٿئي تہ ماڻهو سڀ سنڌي هوندا. ڪائڻ پيئڻ سنڌي، ڳالهائڻ ٻولهڻ سنڌي، پر گاني جو وارو آيو تہ اهو هنديءَ

ڪانسواءِ ٻيو نہ هوندو دراصل اسان ڪي سنڌيءَ ڪان ڇڙڪ نفرت اچي ويئي آهي. ٻلا نام ڪنيا سنڌي شاعر بہ سنڌيءَ ڪان ڪنارو ڪري ويندا تہ پوءِ ٻين ڪي ڪهڙو ڏوهہ ڏبو. اسان وٽ سڀ ڪجهہ موجود آهي، سڀ ڪجهہ جاڻون ٿا، پر ٻوليءَ جي ريل گاڏيءَ ڪي ٻِئي ٽئي بدلائڻو آهي. هنديءَ ڪي ڇڏي اسان پنهنجي سنڌيءَ ڪي اپنايون. منهنجو اهو مقصد نہ آهي تہ هنديءَ جو بائيڪاٽ ڪريون، پر اڳ ۾ ماتر ڀاشا جو آڌر ڪرڻو پوندو. اسان جي سنڌي قوم ۾ ڪافي شاعر آهن ۽ پلئون پل شعر لکيا اٿئون، پر انهن جو استعمال ڪتابن، اسڪولن ۽ ڪاليجن تائين آهي. هاڻي اهڙو ڪو سائينءَ جو سنواريو نڪري نروار ٿئي، جو انهن شعرن ڪي سُر ڏيئي عام سنڌين ۾ پرسڌ ڪري، جئن آئنده هر شادي، مجلس، ڀڳت ڀاو ۾ سنڌي گيت گونجڻ ۾ اچي ۽ سنڌين ۾ پنهنجي ٻوليءَ ۽ گيتن واسطي چاهہ وڌي. اسان ڪي سنڌي لوڪ گيت گهڻي انداز ۾ وڌائڻ ڪپن، جيئن سنڌي جاتيءَ ۾ پنهنجي ماتر ڀاشا لاءِ عزت وڌندي رهي.

## 2. چونڪيون ۽ ڀڳتيون

چونڪين ۾ صرف گانو بجانو آهي، پر ڀڳت ۾ گاني ساڻ ناچ بہ ٿئي. ڪٽي ائين چئجي تہ ڀڳت هڪ قسم جو ناچ آهي، جنهن ڪي سنڌي ۾ ڇيڙ بہ چئجي. اسان جي سنڌي ٻوليءَ ڪي چونڪيون ۽ ڀڳتيون گهڻي ئي مدد ڏيئي سگهن ٿيون. ڀڳت وجهائڻ جا سنڌي شائق آهن، چاڪاڻ جو ڀڳت تان گاني ۽ ان جو چڱو رس ملي ٿو پر ڀڳتين وجهڻ وارن ڀڳتن ڪي اگر ڪوئي سئين راهہ تي آڻي تہ هوند چڱو ڪارج سري. اڄ ڪلهہ ڀڳت صاحب ڀڳت وجهن ٿا، پئسي ڪمائڻ لاءِ ۽ نہ آنند ڏيڻ لاءِ. هنن ڪي پنهنجي آرٽ جو ايترو خيال ڪو نہ آهي، جيترو پئسي جو. ننڍي هوندي بہ اسان ڀڳتيون ڏٺيون ۽ ٻڌيون آهن. گانو هلندو نچ سنڌي ۽ ساڻ ساڻ هڪ آڪاڻي بہ هلندي. بس پوءِ تہ ڀڳت صاحب جون اهي چوٽيون ڪلام گيت شروع ٿيندا ۽ اهڙي نموني ڳالهيون ٻڌائيندا جو ڏسندڙن ۽ ٻڌندڙن جي اندران سيسراٽ نڪريو اچي، ڀڳت پوري ٿيڻ ڪان پوءِ جهوليون ڦهلائيندا ۽

جيڪي بہ ملين، تنهن تي راضي ٿي ويندا هئا، پر اڄ ڪالھ جا پڳت، پڳت ۾ گانو هلائيندا هندي ۽ فلمي ۽ فاحش گانا، ناچ ۾ اشارا ڪندا فاحش ۽ نظر هوندن پئسي ۾ تہ ڪٿان ٿو رپئي جي نوٽ سان هٿ مٿي ٿئي. هنن کي گهرجي تہ پڳت کي ڏنڏو نہ پر آرٽ ڪري ڄاڻن ۽ پنهنجي هنر جي بهبودي لاءِ پاڻ ماري مٿي ڪن، هنن کي اهو بہ سمجهڻ کپي تہ لوڪ راڳيندڙن کي خوش ڪرڻ نٿا اچن، پر راڳي ۽ ناچو لوڪ کي خوشي ڏيڻ ٿو اچي، ان ڪري اهڙي وقت تي اهو سر آلاپجي، اهو گيت ڳائجي، اهو ناچ نچجي جو حاضرين ۾ جهوم اچي وڃي ۽ نشي ۾ جهومڻ لڳن، پر گهٽ وزن پنهنجي سنڌي ٻوليءَ کي ڏيڻ کپي.

## 3. چل چتر (سئنيما)

ڪنهن بہ وشيہ جو اگر سني ۾ سنو ۽ تڪڙي ۾ تڪڙو پرچار ٿئي ٿو تہ اهو آهي چل چتر دواران. فلم لائين ۾ اسان جا گهٽا سنڌي پروڊيوسر، ڊائريڪٽر ۽ ائڪٽر آهن. ان هوندي بہ سنڌي ٻوليءَ لاءِ سئنيما مان ڪو بہ فائدو ڪو نہ ورتو ويو آهي. هن مهل تائين ڪا سنڌي فلم ڪا نہ نڪتي آهي، وري بہ شاباس مومن پاين کي جن "عمر ماروي" فلم ڪڍي آهي. آهي ڪو اهڙو سخي سائينءَ جو پيارو جو سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪا فلم ڪڍڻ جي شروعات ڪري، پر افسوس!' جن جو موهہ مايا ۽ نالي ناموس ۾ ڦاٿل هوندو، تن کان ڪيئن قرباني پڄندي. ادا! سوار ٿيڻو ۽ قرباني بہ ڪڏهن پاڻ ۾ ڪير ڪندڌ ٿيا. اهي تہ ائين ملن، جيئن پاٽي ۽ واري، اسان جا سنڌي فلم لائين وارا ائين ٿا سمجهن تہ سنڌي فلم ڏسڻ وارا سنڌي ئي هوندا ۽ سي هن اٿاهہ آدم پارت جي آڱيان ڳاڻ ڳڻيا. ڪير ويهي انهن واسطي وقت ۽ پئسو برباد ڪري، هونءَ بہ سنڌي دان پُڇ ڪن ٿا، ڇو تہ جيڪر اهڙا سيٺيون نڪرن، جي هن ڏس ۾ پنهنجي پائرن جي مدد ڪن ۽ سنڌي فلم ڪڍي سنڌي جاتيءَ جي شيوا ڪن ۽ سنڌي ساهتہ کي وڌائين. ڏنڏي جي خيال کان نہ پر آرٽ جي خيال سان.

## 4.آخري ويچار

وڏان موجب هر ڪنهن نگرواسيءَ کي پرائمري اسڪولن ۾ مڪاني ٻولي سکڻي آهي، اگر اسان جي سنڌي تسليم ٿيل نہ هوندي تہ اسان کي هيٺين ڪلاسن ۾ اها مڪاني ٻولي سکڻي پوندي، جيڪا انهيءَ پرانت ۾ هوندي، جتي جا اسين رهواسي هونداسين. منهنجو اهو ويچار ڪو نہ آهي تہ ڪا بہ ٻي ٻولي نہ سکجي، مان تہ چاهيان ٿو تہ دنيا ڀر جون مشهور ٻوليون سکجن. ٻي ٻولي سکڻ يا گرهڻ ڪرڻ هڪ ڳالهہ آهي، پر ان کي اپنائڻ ٻي ڳالهہ آهي. سڀني ٻولين سان ڏي وٺ ڪرڻ سان اسان جا خيال وڌن ٿا ۽ پنهنجي ٻوليءَ کي هٿي ٿي اچي، پر پنهنجي ٻوليءَ کي نظر انداز ڪرڻ معنيٰ پاڻ کي نظر انداز ڪرڻ، پنهنجي جاتيءَ ۽ قوم جو درجو هيٺ ڪرڻ، اجا بہ ائين سمجهو تہ پاڻ کي ذليل ڪرڻ. ٻيءَ ٻوليءَ کي اپنائڻ معنيٰ ٿيو ٻيءَ جاتيءَ جو غلام بڻجڻ، چاڪاڻ جو ڪيترا بہ اسان جا ويچار اوچ ڇو نہ هجن، پر ٻيءَ ٻوليءَ کي اپنائڻ سان انهيءَ ساهتہ جي ويچارن، ريتن، رواجن موجب هلڻو پوندو نہ تہ اسين انهن سان ٺهڪي ڪو نہ سگهنداسين ۽ اها آهي غلاميءَ جي نشاني، جهڙي طرح مغلن جي سمي پارسيءَ کي اپنائي ۽ انگريزن جي وقت انگريزيءَ کي اپنائي، پنهنجي خود مختياري کوهي ويٺا هئاسين. ان ڪري سنڌيو اوهان پاڻ ئي فيصلو ڪريو تہ اوهان کي آزاد رهڻو آهي يا غلام؟ اگر اوهان کي آزاد ڀارت اندر آزاد ٿي رهڻو آهي تہ سنڌي ٻوليءَ کي اپنايو. سنڌي ٻوليءَ جو مان ڪريو ۽ سندس ۾ پنهنجي سنڌي جاتيءَ جو درجو اوچو ڪريو.

# سنڌي ساهتيہ جي ڪماليت ۽ زواليت

ڪ مل ”پياسي“

سنڌي ساهتيہ جي ترقي ٿئي تہ اها ڪنهن کي نہ ٿي گهرجي. زندگيءَ ۾ چوٽون ڪائيندي، هيئنر جڏهن سنڌي قوم ساهہ پٽڻ واري ٿي آهي. تڏهن هنن جو لاڙو ساهتيہ ڏانهن ڪافي وڌيل ٿو ڏسجي، جنهن جو ثبوت شري منگها رام ملڪاڻيءَ پنهنجي 25 آگسٽ، 1957جي ’هندواسيءَ‘ ۾ شايع ٿيل مضمون ”سنڌي ساهتيہ جي ترقي 55_1957“ ڏنو ۽ جنهن کي وري شري موتيرام سونيجيءَ 10 نومبر 1957 واري پرچي ۾ ڪجهہ وڌيڪ لکي وڌايو.

اسان جي اديبن کان جڏهن ڪجهہ وقت اڳ موتي ’پرڪاش‘ جي هٿ هيٺ آيل هڪ مئگزن رستي پڇيو ويو هو ”توهين لکو ڇو ٿا؟“ تڏهن گهڻن جو جواب انهيءَ ئي آڌار تي هو تہ، ”اسين لکون ٿا، ڇو تہ اسين لکڻ کانسواءِ رهي ڪين ٿا سگهون.“ اهو جذبو انهن اديبن جو نہ، پر هر ڪنهن اديب جو آهي ۽ پڪ اٿم تہ انهيءَ جذبي جي اوٽ ۾ هڪ ڏينهن سنڌي ساهتيہ هماليا سان چوٽيون ملائيندو.

سنڌي ساهتيہ هر سنڌيءَ جي جان آهي، هر سنڌيءَ جو آلاپ آهي. اهو رڳو اوهان ۽ مون تائين محدود ڪينهي ۽ نہ وري رهي سگهندو ۽ نہ رهڻ گهرجي، اسين سنڌي آهيون، اسان ۾ سنڌ جو اَن ۽ جل آهي، اسين سنڌ جي ڪيترين ئي ڳالهين کي اجان وساري ڪين سگهيا آهيون، تہ پوءِ ڇا ڪنهن بہ حالت ۾ اسين غير سنڌي ٿي سگهون ٿا؟ مان خود هن وقت جنهن گروهہ ۾ آهيان اهو گجراتي آهي. مون پنهنجي ساري تعليم گجراتي ماحول ۾ پرائي ۽ اهڙي نموني مون وانگر ٻيا بہ ڪيترا آهن، جي حالتن جو اهڙي نموني مقابلو پيا ڪن. تڏهن ڇا مون سنڌي وساري آهي يا اسان جي گهر مان ڪنهن کي سنڌيءَ لاءِ نفرت آهي. ڪڏهن بہ نہ، هتان ئي گجراتي ڀاشا جو گرهڻ ڪري، اسان گجراتي ساهتيہ ۾ اکيون وجهڻ شروع ڪيون آهن ۽ انهن کي ڪجهہ پنهنجو بہ پيا سمجهون ۽ انهن جو ڪجهہ سنو ۽ سٺيو ساهتيہ پاڻ وٽ بہ پيا سانڍيون، مون ڀارت جي ڏکڻ کانسواءِ البت گهڻو

حصو گهمي ڏنو آهي، مون کي اهڙا مثال بہ ڏنا آهن، جت سنڌي ۽ غير سنڌي پوشاڪ مان تہ بلڪل سڃاڻي ڪين ٿا سگهجن، پر انهن سنڌين جو ڳالهائڻ جو طريقو اڃا بہ پاڻ جهڙو آهي. اها فضيلت، اها مهمانوازي ۽ اهو مٺو ورتاءُ اڃا بہ هلندو اچي. تڏهن تہ اُميدن جا ڪرڻا مون کي اڃا بہ ساوڏان ڪندا آهن تہ ”سنڌي زندهہ آهن تہ سنڌي ٻاشا بہ زندهہ رهندي.“

هت ڪيترا مون کي گجراتيءَ ۽ هنديءَ ۾ لکڻ لاءِ چوندا آهن. سندن تہ اهو رايو هوندو آهي تہ جڏهن سنڌي ساهتيہ کي ايترو دائرو ئي ڪينهي تہ سنڌيءَ ۾ لکڻ مان فائدو ئي ڪهڙو، پر مون هنن جي ڳالهين ڏانهن اڃا ڪو بہ ڪن ڪين ڏنو آهي. ڪجهہ وقت اڳ مون پنهنجيءَ ڪاليج فضا جو ورنن هڪ ڪهاڻيءَ ۾ ڪيو هو، جا پوءِ پوني مان ڇپجندڙ ”نرگس“ ۾ شايع ٿي هئي. ساڳي ڪهاڻي احمد آباد مان شايع ٿيندڙ گجراتي ماهوار مئگزن ”سميتا“ ۾ ڪنهن ٻئي جي نالي سان آئي، پڇا ڪرڻ سان خبر پيئي تہ ڪهاڻيءَ جي سنڌي ڪردارن گجراتي اديبن جي قلمن ۾ چڱي آنڌ مانڌ مچائي ڏني هئي.

خير، منهنجي چوڻ جو اهو مطلب آهي تہ سنڌيءَ جو دائرو سوڙهو هوندي بہ اٿاهہ آهي ۽ ائين ئي سنڌي ساهتيہ جو نرماڻ ڪرڻ آهي پنهنجي سنسڪرتي، سڀيتا ۽ سوڪارين تي روشني وجهڻ.

اهڙي نموني جي اسان کي پنهنجي ٻاشا زندهہ رکڻي آهي تہ انهيءَ کي پالڻ وارا بہ اديب ئي آهن، موجودهہ نمونو اهڙو پيو ڏسجي جو هر ڪو پاڻ ڏي سوڙ سيرڻ وارو آهي. البت بمبئيءَ جي اديبن ۾ اهو عام آهي، جو هو ٻاهرين کي ڪڏهن بہ پاڻ سان ڳنڍڻ ڪين چاهيندا آهن. ايترو جو ڪلياڻ ۾ رهندڙ هڪ اديب دوست هڪ دفعي لکيم: ”اسين هت سڀ پنهنجائيءَ ۾ هلندا آهيون. اسان جو پاڻ ۾ تہ سنٻنڌ آهي، پر پبلشرن سان بہ آهي. انهيءَ ڪري ٻاهرين کي پنهنجو پاڻ وڪ وڌائڻ جو موقعو ئي ڪين ملي.“

اهو تہ سياويڪ آهي تہ جو چلهہ تي سو دل تي، پر انهن ڪڏهن اهو بہ سوچيو آهي تہ گهٽي ڪڙهڻ سان ڪير اُپامي بہ پوندو آهي. سندن پاڻ ۾ اهڙي گهاٽائي، ڪڏهن ٻين جي دل جو چير نہ ثابت ٿئي ۽ نوان آزمودگار ڪوشش ڪندي بہ پنهنجا قلم ڍلها ڪري نہ ويهن. بمبئيءَ جي اديبن جو

هڪ هٽيءَ جو هيءُ مرض نہ رڳو سندن جڙ ڪي ڪائيندو، پر سچي ساهتيہ جي ڪماليت جو ڏانچو ڍاهيندو ۽ اها ڪماليت هڪ ڏينهن ڍهي اچي پٽ پوندي. هيءُ هڪ عام سوال آهي، هيءُ هڪ پنهنجو سوال آهي ۽ سيني اديبن جي سوچڻ لاءِ لازمي آهي. هن وقت دنيا جڏهن اڳيان وڌي رهي آهي، تڏهن هو پنهنجن خيالن کي اهڙو سوڙهو ڇو ٿا ڪن؟

هيءُ تہ رهيو ٻاهرين اديبن جو سوال، پر عجب جو هڪ دفعي هڪ بمبئيءَ جي نامور هفتيوار اخبار جي ايڊيٽر صاحب بہ ائين ئي لکيو "هٽي جي اديبن کي باربار گڏجڻ سان بہ هو مضمون، ڪهاڻي يا شعر ڪين ڏين، انهيءَ ڪري، جو ڪجهہ بہ مئٽر هٿ ايندو آهي، انهيءَ مان ڇُونڊ ڪري اخبار جي پُورائي ڪبي آهي." ۽ هن وقت جڏهن ان اخبار جو سارو مصالح ٻاهريون آهي، تنهن هوندي بہ اها اخبار چڱي شاندار آهي.

خير، اديبن ۽ اخبارن کي ڇڏيو اچو ٻين ڳالهين تي، مون تہ اُهي مثال بہ ڏٺا آهن، جڏهن ڪنهن پبلشر کي ڪنهن ڪتاب جي ڇپائيءَ لاءِ چئبو آهي تہ پهرين هو ڪتاب پسنديءَ لاءِ گهرائيندا. پسند پيو تہ اڳهہ يا تہ ڏيندا ڪو نہ ۽ جي ڏيندا تہ نالي ماتر ۽ وري مفت ڪاپين ڪان جواب. وري جي ڪتاب پسند نہ پيو تہ ان کي واپس موڪلڻ بہ ڏکيو پيو لڳندن، پوءِ يا تہ ڪتاب ئي گم ٿي ويجي يا تہ لکندڙ ڇپائيندڙ جي اميد ڪانسواءِ ئي لکندو رهي. ڇا اهو سڀ ڪنهن ساهتڪار لاءِ لازمي آهي؟

ڪهاڻين جي صورت ۾ گهڻي ڀاڱي اهو بهانو ڏيندا تہ "ڪهاڻي وڏي آهي يا ننڍي ڪهاڻي لکي موڪليندا؟" يا لکندا، "اسين ترجمي ڪان وڌيڪ اصلي ڪهاڻيون پسند ڪندا آهيون." يا "ترجمو ڪيل ڪهاڻي سٺي آهي، پسند پيئي، جيئن ئي وقت ۽ جڳهہ ملي تہ ان کي شايع ڪيو ويندو." ۽ پوءِ نہ اها ڪهاڻي ڇپجي ۽ نہ وري ان ڪان پوءِ ڪو جواب ئي ايندو. ڪيترن حالتن ۾ تہ اسان جا ايڊيٽر صاحب ڇا ڪن جو ڪهاڻي، شعر يا مضمون ڇپين برابر، پر مفت ڪاپي موڪلڻ ڪان جواب. پل تہ پوءِ اديب پيو چنتائون ڪري ۽ جي ڪنهن ٻئي کي موڪلي تہ جواب اچي. "توهان جي ڪهاڻي اڳيئي فلاڻيءَ مخزن ۾ ڇپجي چڪي آهي." ڪڏهن ڇپي سندس ڪهاڻي، اها اديب کي خبر ئي ڪا نہ آهي.

هر ڪو لکندڙ پنهنجن محنتن جو پاڻ وٽ رڪارڊ رکڻ چاهيندو آهي ۽ اهڙيءَ حالت ۾ اديب ڇا سمجهي؟ خير، ڪهاڻي ڇپڻ لاءِ ڪو لوازمو ته ڪين ملي، پر ڪنهن ايڊيٽر مهاشيه وٽان پاڻ جواب اچي، ”ڪهاڻي پسند پيل ڪانهي، سندس موڪلڻ لاءِ جوابي لفافو موڪليندا.“ يعني ته ائين پيو لڳي جڻ ته ڇپيندڙ لکندڙن تي هڪ قسم جي مهرباني پيا ڪن، ڇو ته انهن جو اهو ئي رايو پئي رهيو آهي ته لکڻ وارو لکي ٿو صرف نالي ڪڍڻ لاءِ، پلا جنهنجو لکڻ شغل ئي نه هجي ته اهو لکي ڇو؟ يا جنهن کي نالو ڪيڏٿو هجي ته پوءِ هن لاءِ پيا ڪم ڪين پيا آهن ڇا؟

اديب جو ڪجهه لکي ٿو، ان ۾ هن جي جان هوندي آهي. هو پنهنجن شاهڪارن کي ائين ئي پاليندو آهي، جيئن ماءُ پنهنجي ٻارن کي پاليندي هجي، پر بمبئيءَ جي ترقي پسند اديبن جي هڪ ترقي پسند مخزن لاءِ ته اهو به رايو اٿم ته هنن کي جيڪڏهن ڪو بهترين ترجمو موڪل ۽ ان سان گڏ جوابي لفافو به موڪل ته، نه ڪهاڻي موٽي ۽ نه وري ڇپجي. هيءُ به ڪيتري قدر بهتر آهي اهو ته اديب، پبلشر ۽ سنڌي ساهتيه کي زنده رکڻ جو نعرو هڻن وارا سوچين. هيءُ ڪي حقيقتون آهن، جن کي پڌرو ڪيو اٿم، پر اهڙيون حقيقتون هر ڪنهن وٽ هونديون.

اسين بمبئيءَ کان ٻاهر جا ليکڪ ڪو ماٺ ڪري ته ڪين وينا آهيون، جيڪي ڪجهه ٿي سگهندو آهي، سو پيا ڪندا آهيون. پيو نه ته گهٽ ۾ گهٽ رهندڙ شهر جي ميونسپالٽيءِ طرفان سنڌي پستڪاليه کولائڻ لاءِ ڏکيو ڪينهي.

انهيءَ ڪري منهنجو سيني کي اهو چوڻ آهي ته اسين هن نازڪ وقت ۾ پنهنجن ”هيٺاين“ کي ٻين جي هيٺاين ۾ نه ڪيرايون، ته پوءِ هيءُ ”هڪ هٽيءَ“ وارو سوال اُٿيئي ڇو؟ اميد ته هن مضمون تي سڀ اديب ۽ ساهتڪار سوچيندا ۽ اڳتي لاءِ ساوڌان رهندا.

# سنڌي ٻوليءَ کان سواءِ سنڌي سماج اونده ۾

امڻ خوشحالاڻي ”شڪاري“

ڏنو ويو آهي تہ اهڙو ڪو ديس نہ آهي، جنهن کي پنهنجي ٻولي، لپي ۽ ساهتيہ لاءِ پيار نہ هجي. هنن پنهنجو سڀ ڪجهہ نڇاور ڪري ۽ قرباني ڏيئي بہ پنهنجي ٻولي، لپي ۽ ساهتيہ کي قائم رکيو آهي. ليڪن دک جي ڳالهہ آهي، جو هندستان ۾ اچڻ کان پوءِ ڪن سنڌين جي خيالات ۾ اها ئي رٽ وينل آهي تہ سنڌ ڇڏيسين، سو هاڻي سنڌيءَ جي ڪهڙي ضرورت آهي ۽ سنڌي ڪهڙي ڪم ايندي؟ ڪهڙو نہ عجيب خيال آهي، انهن جو! اهو نہ سوچيو اٿن تہ هو سنڌي هئا، سنڌي آهن ۽ سنڌي رهندا. ٻئي هنڌ وڃڻ يا رهڻ سان رهڻي، ڪرڻي بدلجي سگهي ٿي. ليڪن پنهنجي ذات ۽ قوم کي هو ڪين بدلي سگهن. شير آخر شير ٿيندو آهي. شير مان گدڙ ٿي نٿو سگهي.

ڏٺو وڃي تہ ٻين سڀني قومن کي پنهنجي ٻوليءَ لاءِ ڪيترو نہ خيال ۽ عزت آهي. مثال وٺو مرهٽن کي پنهنجي مرهٽيءَ لاءِ ڪيترو پيار آهي. گجراتين کي پنهنجي گجراتيءَ لاءِ ڪيتري محبت آهي، بنگالين کي پنهنجي بنگاليءَ لاءِ ڪيتري عزت آهي ۽ مدراسين کي پنهنجي مدراسيءَ لاءِ ڪيترو قرب آهي. ڪٿي بہ گڏجن ٿا، پوءِ ڀلي چو نہ امير کان وٺي چپڙاسيءَ تائين هجي، انگريزي ڄاڻندي بہ، پاڻ ۾ پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾ ڳالهائين ٿا. اهو ڇو؟ ڇو تہ هنن کي پنهنجي ٻوليءَ لاءِ پيار آهي.

اهو ئي سبب آهي جو ڪامياب ويا آهن ۽ ترقي ڪئي اٿن ۽ اهو ئي ڪارڻ آهي، جو هنن جون ٻوليون سرڪاري وڏان ۾ منظور ٿيل آهن. جن کي سرڪار تسليم ڪيو آهي، ڇاڪاڻ جو هنن جو پاڻ ۾ سنگهٺن آهي، پاڻ ۾ ساٿ اٿن. مجال آهي جو سندن ٻولي، لپيءَ يا ساهتيہ جي باري ۾ ڪو گلا ڪري يا ننولي ڪري. ان وقت ئي جهڳڙي لاءِ تيار ٿيندا. اهڙو اٿن پنهنجي ساهتيہ ۽ ٻوليءَ لاءِ قرب.

۽ هيڏانهن اسان سنڌين کي جيتوڻيڪ ٻيون قومون مڃين ٿيون ته سنڌي هر هڪ ڳالهہ ۾ ڪم ۾ هوشيار چالاڪ ۽ محنتي آهن ۽ پنهنجي ارادي تي اٽل آهن. ليڪن ان هوندي بہ ۽ سنڌين جي پاڻ ۾ قوت جي ڪارڻ، اڄ هر هڪ قوم مذاق اڏائي رهي آهي، جنهن ۾ اسان جي عزت بہ نہ رهي آهي. اسان سنڌين جي وري خاص اها ڳالهہ آهي جو پنهنجن سنڌي اسڪولن هوندي بہ پنهنجو ٺاٺ باٺ ڏيکارڻ لاءِ پنهنجن ٻارن کي پادرين جي اسڪولن ۾ موڪلي رهيا آهن ۽ پڙهائي رهيا آهن ۽ تنهن ڪانسواءِ پنهنجن گهرن ۾ پنهنجن ٻارن سان سنڌي ٻوليءَ کي ڇڏي، هنديءَ ۽ انگريزيءَ ۾ ڳالهائي رهيا آهن ۽ اهڙي سکيا ڏيئي رهيا آهن، پنهنجي ماتر ڀوميءَ کان نفرت ڪري رهيا آهن. ان جو نتيجو اهو نڪري ٿو جو هو پنهنجي مادري ٻولي سنڌيءَ کي ڀلجي وڃن ٿا ۽ انهن کي سنڌي چوائڻ ۾ شرمسار ٿيڻو پوي ٿو. اگر اسين چاهيون ٿا تہ اسان جي ماتر ٻولي سنڌي زندهہ رهي ۽ لپي ۽ ساهتيہ قائم رهي تہ اسان سنڌين کي گهرجي ته: (1) پنهنجن ٻارن کي سنڌي اسڪولن ۾ ڀرتي ڪرايون. (2) کين سنڌي لپيءَ ۾ پڙهايون. (3) جتي بہ هڪٻئي کي گڏجون، پنهنجي سنڌي ٻوليءَ ۾ ڳالهايون. (4) سنڌي ڪتاب، سنڌي مخزنون ۽ سنڌي اخبارون پڙهون ۽ ٻين کي پڙهڻ لاءِ زور ڀريون. خاص ڪري سڀ سنڌي عربي لپيءَ ۾ پڙهون ۽ لکون. (5) گهرن ۾ پنهنجن ٻارن سان بہ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڳالهايون ۽ شروع ۾ ئي ٻارن کي سنڌي ٻوليءَ جو اٿر وجهون ۽ سنڌي ٻولي چوارايون. (6) اسڪولن ۾ شروعاتي تعليم سنڌي لپيءَ ۾ ڪرايون. (7) مٿن مائٽن ۽ دوستن ۽ عزيزن کي بہ چٺيون وغيره سنڌيءَ ۾ لکون. (8) لفافن ۽ ڪارڊن مٿان ائڊريس [سرنامو] انگريزيءَ سان گڏ سنڌيءَ ۾ لکون. (9) پنهنجي مشهوريءَ لاءِ دڪانن جي نالن جا سائين بورڊ ۽ نالن جون پٽڊون وغيره سنڌيءَ ۾ ڇپارايون.

انهن مٿين ڳالهين ڏانهن جڏهن ڌيان ڏينداسين، تڏهن اسين ڪامياب ٿي سگهنداسين. جن کي سنڌي ٻولي ۽ لپيءَ جو گيان نہ آهي، تن

جي مائٽن کي گهرجي تہ خانگيءَ طرح ماستر رکي سنڌي سيکارين. تنهن ڪانسواءِ هينئر ڪي اهڙا خود مطلبي بزرگ ۽ ليڊر پنهنجي سنڌي لپيءَ جي برخلاف وجي رهيا آهن ۽ ديوناگريءَ جو پاسو وٺي رهيا آهن. اهڙا سنڌي، سنڌي جاتيءَ جا ڪٽر دشمن آهن، جي پنهنجي مٺي لپيءَ جي پٺيءَ ۾ ڪهاڙو هڻي رهيا آهن. اهڙين سنڌين کي سنڌي چوائڻ واجب نہ آهي جيڪي سنڌي عربي لپيءَ جا دشمن آهن. جيڪي سنڌي عربي لپيءَ جي خلاف زهر اوڳاري رهيا آهن، انهن کي ياد رکڻ گهرجي تہ انهن خود سنڌي عربي لپيءَ ۾ تعليم ورتي آهي ۽ انهيءَ ذريعي ترقيءَ تي پهتا آهن ۽ وڏي تعليم پائي اٿن ۽ وڏن عهدن تي پهتا آهن. ليڪن دک جي ڳالهہ آهي تہ پنهنجي مطلب خاطر سنڌي لپيءَ جي خلاف ڳالهائي رهياآهن ۽ ٻين کي بہ گمراهہ ڪري رهيا آهن. مان تہ ايترو چوندس، جيڪي عربي لپيءَ جي خلاف آهن، انهن کي خود هٿ هٽڻا پوندا. مان سنڌي ڀائرن ۽ ڀينرن کي عرض ڪندس تہ اهڙن خود مطلبي سنڌين جي جيڪي عربي لپيءَ جا دشمن آهن، چڪر ۾ نہ اچن، سڀني سنڌين کي گهرجي تہ تعليم پنهنجي ٻارن کي سنڌي عربي لپيءَ ۾ڏيارين. مون کي نہ صرف وشواس آهي، ليڪن پڪ اٿم تہ جيڪڏهن سنڌي سڀئي گڏجي هڪ آواز سان سنڌي ٻولي ۽ سنڌي لپيءَ کي اپنائيندا تہ پڪ ئي پڪ سنڌي ٻولي وڌان ۾ منظور ٿيندي ۽ سرڪار کي سنڌي ٻوليءَ ۾ تعليم لازمي ڪرڻي پوندي.

# سنڌي ٻوليءَ جو آئيندو

هريش واسواڻي

سچ پچ جي اسين پنهنجي ٻوليءَ جي حفاظت ڪرڻ ٿا چاهيون ۽ اسان جا ارادا نيڪ آهن تہ پوءِ ڇا اسين ويچن ڪان ويچو نٿا ڪري سگهون؟ پرانت نہ سهي، هڪ يونيورسٽيءَ جي خواب کي بہ حقيقت نٿا ڏيئي سگهون؟ سڀئي ڄاڻن ٿا، تهذيبي ۽ تعليمي کيتر ۾ يونيورسٽين کي کيتري نہ اهم جڳهہ هوندي آهي! پر جي اهو بہ ڏکيو لڳي تہ بہ نااُميد ٿيڻ جي ضرورت ڪونهي. ضرورت صرف مقصد جي صاف هئڻ جي آهي، واهڻ هزار ملي پوندا. اسين جي ننڍيون ننڍيون ڳالهيون تي ڌيان ڏيون تہ گهٽ ۾ گهٽ وڏا مسئلا ننڍا ٿي پوندا. ان ڏس ۾ وڏي کوٽ مون کي تعليم ۾ نظر ايندي آهي، جيڪا سنڌي تعليم اڄ اسڪولن ۾ ڏني ٿي وڃي، سا اسان جي گهرجن مطابق پوري نہ پر اڌپوري آهي. سنڌي اسڪولن ۾ ماسترن کي اڄ ڪجهہ ڪجهہ مشنري اتساهہ سان ڪم ڪرڻ گهرجي. جيڪي درسي ڪتاب منظور ڪيا ٿا وڃن، انهن ۾ سنڌ، سنڌي تهذيب، سنڌي تواريخي پيڙهہ، سنڌي قوم جي خوبين بنسبت ڳپل رچنائون هئڻ گهرجن. بلڪ جي ممڪن هجي تہ مئٽرڪ ڪانسواءِ هيٺين ڪلاسن ۾ درسي سان گڏ هڪ اهڙو ڪتاب بہ پاڙهڻ گهرجي، جيڪو سنڌيت جي الڳ الڳ پهلوئن کي نمايان ڪري، سنڌي ٻوليءَ جا مسئلا تہ سنڌي ماستر حل ڪري سگهن ٿا، سنڌي ٻارن کي سنڌن جوابدارين جو پورو احساس ڪرائي، انهن ۾ سنڌيت جا سنسڪار پيدا ڪري سگهن ٿا، ان لاءِ ڪنهن وچور واري پروگرام جي ضرورت ڪونهي، ان لاءِ ڪارگر آهي تہ شخصي ذهن ۽ ڏانو باقي، جيڪي سماجي ۽ سياسي پهلوئن وارا وڏا سوال آهن، انهن لاءِ سچ تہ وچور وار پروگرامن جي ضرورت آهي، جنهن لاءِ اسان کي سميلن مان ڪافي اميدون رکڻ گهرجن، ان سڀ جي باوجود بہ اسان جو نوع اهڙو هئڻ گهرجي، جيڪو سياويڪ وڏيڪ هجي ۽ بناوتي گهٽ. سنڌيءَ کي بچائڻ لاءِ گهٽي هاءِ گهوڙا ڪرڻ واري نيتيءَ مان پاڻ سنڌيءَ کي نقصان رسيو آهي، جنهن بيماريءَ

جي علاج لاءِ جيترا گهڻا ڊاڪٽر گڏ ڪبا آهن. ان جي موت جو امڪان اهڙو ئي وڏيڪ هوندو آهي. پر سنڌيءَ جي حالت اهڙي نہ آهي.

هڪ مکيہ ڳالهہ جا مبادا هينئر اسان جي اڳيان هڪ مسئلي جي روپ ۾ نہ هجي. پر ڪنهن وقت مسئلو بڻجي ضرور ايندي. سا آهي. سنڌي ٻوليءَ جي هڪ روپ ۽ درجي جي مقرري. سنڌ ڇڏڻ بعد. جيڪا سنڌي لکي ۽ پڙهي وڃي ٿي. تنهن ۾ لفظن جي استعمال ڏانهن ڏاڍي گهٽ سنجيدگي ڏيکاري وئي آهي. هڪ طرف عربي فارسيءَ جي روايت اسان وساري ڪانهي. ٻئي طرف هندي سنسڪرت ڏانهن گهڻي ادارتا ڏيکاري اٿئون. عربي فارسيءَ سان منهنجو ڪو وروڌ ڪونهي. هندي سنسڪرت لاءِ منهنجو موهہ گهٽ ڪونهي. پر ان بنا تي ڪنهن بہ قسم جي ڇڙواڳي ڪي واجب ٺهرائڻ مون لاءِ ممڪن ڪونهي. اها ڇڙواڳي ٿي ليکبي. جنهن جي ڪري پنهنجي بزرگ اديبن جي سليس سنڌي تہ اسان جي هٿن مان نڪري ويئي آهي. اسين ان جي جڳهہ تي ٻوليءَ جي ڪنهن خاص عبارت ڪي بہ جنم ڪو نہ ڏيئي سگهيا آهيون. ان مان ٻن قسمن جا نقصان آهن. اول تہ ڏيري ڏيري اسان جي ٻولي وڃي ٿي. سنڌ جي ٻوليءَ کان جدا نوع اختيار ڪندي. جيڪڏهن اهو سلسلو جاري رهيو تہ ٿي سگهي ٿو هڪ ڏينهن اهڙو اچي. جڏهن هند ۽ سنڌ ۾ ”بہ سنڌيون“ عام ٿي وڃن. پر جيڪا ڳالهہ صاف آهي. سا اها آهي تہ اسان کي ٻوليءَ ۽ ادب جي لحاظ کان سنڌ کان ويڇو ڪرڻو ڪونهي. اها اسان جي ٻوليءَ جي آئيندي جي هڪ بنيادي گهرج آهي. پاڙ کي پاڻي ڏيڻ کانسواءِ اسان جو وڌڻ ويجهڻ ڏکيو ٿيندو. ان ڳالهہ لاءِ ڪنهن ثبوت جي ضرورت ڪونهي. ان لحاظ کان مان تہ ان ڳالهہ جو قائل آهيان تہ اسان کي پنج سنڌي لفظ ۽ فعل ڪم آڻڻ گهرجن. سواءِ ٽيڪنيڪل لفظن جي. گرامر جي خيال کان ٻوليءَ ۾ انتظام برقرار رکڻ ۾ بہ اها مدد ڪندي ! ها. باقي ٽيڪنيڪل لفظن جو معاملو ضرور ڏکيو آهي. هينئر وقت جي رفتار سان گڏ سنڌي ادب جو دائرو بہ وڃي ٿو ڏينهون ڏينهن وسيع ٿيندو. ان ڪيتر ۾ هڪ نيتي ئي ڪارگر ٿيندي.

سميلن کان اسان کي اها اميد رکڻ گھرجي تہ ٽيڪنيڪل لفظن جو ڪم بہ پاڻ تي هموار ڪري. گھڻ ۾ گھڻ تنقيد ۾ جن لفظن جو واهپو ٿئي ٿو، ان ۾ يڪ سرشتي جي خاص ضرورت آهي، ٻيءَ حالت ۾ سنڌي تنقيد کي پنهنجون روايتون قائم ڪرڻ ۾ گھڻي جفاڪشيءَ جو مقابلو ڪرڻو پوندو. هڪ ٻيو نقصان، جو ٻوليءَ جي هڪ صورت نہ هئڻ ڪري ٿيندو. سو اهو تہ ساهت ۾ ٽيڪنيڪ ۾ رومانس کي اوچو معيار ڪو نہ ڏيئي سگھبو ۽ سنڌي ساهت ٻوليءَ جي معنوي دلبندگين کان رهجي ويندو. اسان وٽ اِهي ساهتڪار گھڻ ڪو نہ آهن، جيڪي پنهنجي ٻوليءَ ۾ نسبتي پختائيءَ کان ڪم وٺن.

ٻوليءَ ۾ ساهت جو سنبنڌ ڪجھہ اهڙو آهي، جهڙو شرير ۽ آتما جو. پر مان ان ڳالھہ کي اشاري طور هتي ڪم ٿو آڻيان، تہ ڪنهن خاص بحث جي شروعات ڪرڻ لاءِ وري، ٻوليءَ جو ڪنهن جاتيءَ جي هستيءَ سان ڪيترو گھاٽو لڳاءُ آهي، اها ڳالھہ دهرائڻ بہ سياٽپ ڪا نہ ٿيندي. ساهت لفظي جامو آهي ضرور، پر ڪنهن جاتيءَ جي جذباتي ۽ خيالي ذخيري جو. ڪنهن جاتيءَ جي عقلي اوچاين جي ماپ، ساهت مان ئي ٿي سگھي ٿي. ان اصول کي جي نظرياتي ڪسوٽي بڻائي سنڌي ساهت ڏانهن نهاربو تہ بہ اصول ۽ حقيقت جي وچ ۾ نفاق جي هڪ سنهي تند نظر ايندي. اهڙا ڪيترا ڪتاب آهن، جن ۾ نج سنڌي ماحول ۽ مسئلن کي جڳھہ ڏني ويئي آهي؟ هندستان جي هر ڪنڊ ۾ ورڇجي، سنڌيت کي زنده رکڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻ وارن جي زندگيءَ جو جائزو ڪيتري قدر ساهتڪار وٺن ٿا؟ بمبئيءَ ڪلياڻ، اجمير جئپور، احمد آباد، آگري، دهلي، گانڌي ڌام ۽ سؤراشٽر جي ڪيترن شهرن ۾، جتي آزاديءَ بعد سنڌي زندگيءَ جا ڪي "انچل" پئدا ٿيا آهن، انهن جا ڪيترا "آئينا" ليڪڪن جوڙيا آهن؟ مان دعويٰ سان چوان ٿو تہ هندستان ۾ سنڌي زندگيءَ جا ڪي بي نظير پهلو آهن، جن ۾ ڪي خصوصيتون بہ آهن تہ ڪي اوڻايون بہ. پر وڏي ڳالھہ اِهي سنڌيت جون پيدائش آهن. اسان کي اهڙن لفظن ڏانهن ڌيان ڏيڻ کپي،

جيڪڏهن ڇيو ٿو وڃي تہ انسان جي من کي مڪمل نرپتي پنهنجي ماتر ڀاشا جي وسيلي ئي ملي ٿي تہ اهو ڪيئن ٿو ڀلايو وڃي تہ پڙهندڙ ساهت جو پورو لطف تڏهن ئي ماڻي سگهندو آهي، جڏهن پاڻ کي ڀائيندو آهي، پنهنجي اندر جي ڪن اَنسن جي جهلڪ ڏسندو آهي ان ۾. سنڌي ساهتڪارن ان لحاظ کا پڙهندڙ کي قدري نااميدي ئي ڏني آهي. مون کي اها شڪايت بہ گهڻ وزنائتي نٿي لڳي تہ اڄ ڪلهہ سنڌي ڪتابن ۾ سنڌي نالا بہ مشڪل ٿا ملن، شايد ڪي ڄاڻو ان کي فرقي پرستي سڏين. سڏڻ جو ڪين حق آهي، برابر آدرش اهو آهي (۽ مان ان آدرش جو پوري طرح سان قائل آهيان) تہ اسين، انسان (پوري وسيع معنيٰ ۾) پهرين آهيون، هندستاني پوءِ، ۽ سنڌي ان کان بہ پوءِ، پر زندگيءَ جي حقيقي فضا ۾ اسين سنڌي پهرين آهيون. هندستاني پوءِ ۽ انسان (منهنجو مطلب هتي وشو ناگرڪ سان آهي) ان کان بہ پوءِ آهيون. سنڌي رهڻي ڪرڻي، ريتن، رسمن، اچار ويچارن کي جيستائين مناسب جڳهہ ساهت ۾ ڪا نہ ملي آهي، تيستائين ٻوليءَ ۽ ساهت جي ’سجاڳي‘ ڪجهہ پري جي ڳالهہ آهي، جيڪڏهن ڪنهن سنجيونيءَ جي کوٽ محسوس ڪئي ٿي وڃي تہ اِها اُها آهي، اسين سنڌي جاتيءَ جو بنياد پختو ڪريون.

هڪ سوال ،جو بار بار منهنجي من ۾ اٿندو آهي تہ سنڌ کي پنهنجي تاريخ آهي ۽ سنڌين کي بہ تہ آهي، سنڌيءَ ۾ تواريخي ڪهاڻيون ۽ ناول ڇو ڪين آهن، اڄ بہ اڄ ئي آهي، پر ڪلهہ جي وجود جو نتيجو آهي، پوءِ ڪلهہ جو سلسلو زندگيءَ جي اهم ترين سچاين مان هڪ آهي. اسين سڀ سنڌ کي سڃاڻون ۽ سندس شاندار اتهاس کي بہ، ضروري ڪونهي تہ ايندڙ پيڙهيون سنڌ کي سڃاڻن، پر جيڪو سنڌ کي نہ سڃاڻي، ان لاءِ ضروري ڪونهي تہ هو سنڌيءَ کي سڃاڻي، ان طرف اسان جو ڌيان ڪو نہ ويو آهي، پر ڌيان وڃڻ ڪپي ائين ڪير چوندو؟

سنڌيءَ جي آئيندي جي اڳيان جيڪي سوال آهن، سي واحد ڪون آهن ۽ اسان کي ان لاءِ جواب بہ جمع ۾ ميسر ڪرڻا پوندا.

## سنڌو ڏارا رسالي ۾ لپيءَ بابت ڪليل بحث

سڀ کان وڏيڪ خطرناڪ آهي سنڌي ٻاشا جو تسليم نہ هئڻ (Non Recognization)هيءَ حقيقت تمام بنيادي خطرو پيدا ٿي ڪري، ڇو تہ ان جو اثر نہ صرف تمام اهميت وارو آهي، پر ڪشادو پڻ آهي. ان هڪ ئي ڳالهہ جي ڪري اسان جي جاتيءَ تي هڪ کان وڌيڪ اثر پون ٿا ۽ پئجي رهيا آهن: (الف)سنڌي ٻاشا جو ٻارت جي جوڙجڪ جي ائين شيڊيول ۾ داخل نہ ڪرائڻ وڏي ۾ وڏي گهٽتائي (Disqualification) آهي. اسان جي سنڌي جاتيءَ کي ٻارت جي ٻين جاتين وانگر درجو نٿو ڏنو وڃي. اسان جي ٻولي ٻين ٻارتي ٻولين جيترو درجو اهميت ۽ حيثيت نٿي رکي، جنهن جو نہ صرف اسان جي من تي اثر پوي ٿو، بلڪ ٻين جاتين جي نظر ۾ اسين ترقي ڪيل (Culturally developed) جاتي نٿا ليکجون. (ب) هن حقيقت جو فائدو وٺي جنهن لاءِ اسان جو ڪو بہ قصور ڪونهي، الڳ الڳ پرانتڪ سرڪاريون، نيم سرڪاري سنسٿائون ۽ ڪي تمدني مرڪز سنڌي جاتيءَ کي ٻين جاتين سنوان حق، سهوليتون ۽ فائدي ڏيڻ کان پيئون نٽائين يا بهاني بازي ڪن. اهڙي نموني اسان جي تمدني ترقيءَ کي ڪافي ڌڪ لڳي رهيو آهي، (ٻ) هن حقيقت جو وڏي ۾ وڏو ۽ ڪافي نقصانڪار اثر، اسان جي جاتيءَ جي ٻارن جي تعليم تي ٿي رهيو آهي، تعليم، جاتيءَ جي ترقيءَ جو بنياد آهي ۽ سنسڪرتيءَ جي پيڙهہ جو پٿر. جنهنڪري اگر جاتيءَ جي تعليم کي (سنڌي مادري ٻاشا جي سنٻنڌ ۾) ڪنهن بہ قسم جو ڇيهو پهتو تہ سياويڪ اسان جي تمدني جيون تي ڪافي اثر پوندو ۽ اسان جي آئيندي جي ترقيءَ ۾ رڪاوٽ پوندي.

مٿيان بلڪل اهم ۽ زوردار ٻاهريان (External) خطرا، اسان جي جاتيءَ اڳيان آهن. تنهن کان سواءِ اسان جي جاتيءَ جي ”نراليت“ کي اندروني (Internal) خطرا پڻ آهن.

سڀ کان پهريون اندروني خطرو اسان جي جاتيءَ کي اهو آهي تہ ڪن طبقن (Classes) ۾ سنڌيت بلڪل نہ آهي، هنن جو ساهت ۽ سنسڪرتي ڏانهن

چاهہ نہ هئڻ برابر آهي، جنهن حقيقت ڪيترن ئي سنڌيءَ جي پيارن کي جهوري وڌو آهي، جن ۾ شري هاسو داگيا پڻ شامل آهي ۽ سندس کي ٻيا پائر بہ. هن حقيقت جو اظهار پوپٽي هيرانندا ڻيءَ، پنهنجي جذباتي ۽ 'ڪڙي' تقرير ۾ ڪيو آهي ۽ اڪثر سنڌيءَ جا پيارا، سنڌي جاتيءِ جي انهن طبقن جي هن بي رخي ۽ بي پرواهي تي افسوس ڪائيندا رهندا آهن.

ٻيو خطرو ذهنيت جي پيدائش آهي، مٿئين طبقي جا سنڌي انهيءَ ڪري ۽ ڪجهہ ڪوڙي گهمنڊ ۽ کوکلي خيالات ڪري، پنهنجن ٻارن کي سنڌي ڀاشا ۾ تعليم (جا جاتيءَ جي سنسڪرتيءَ جو بنيادي ڏاڪو آهي) ڏيڻ ۾ گهٽتائي سمجهندا آهن ۽ انگريزي (ڪانوينٽ) اسڪولن يا غير سنڌي اسڪولن ۾ پنهنجن ٻارن کي ويهارين ٿا. ذهنيت پٺيان ڪوڙي ڏيکاءُ سان گڏ آرٿڪ (Economic) مراد پڻ آهي. ڪن مائٽن کي پنهنجن ٻارن کي ولائت موڪلي وڏا عملدار يا آفيسر يا وزير يا ڊپٽي وزير بڻائڻ جا خواب آهن. ڇو تہ ولائتي تعليم اجا بہ ڀارت ۾ هڪ وڏي لائقي (Qualification) ليکي وڃي ٿي. ٻيا مائٽ ڏنڌي ڌاڙيءَ جي خيال کان سنڌي ٻوليءَ کي ايتري اهميت نٿا ڏين، پر مڪاني ٻولين جهڙوڪ گجراتي، مرهٽي، هندي، بينگالي وغيره کي وڌيڪ فائديمند ٿا سمجهن، ڇو تہ سنڌي ڪنهن بہ پرانت جي ٻولي ڪانهي ۽ اڄ ڪلهہ هر هڪ پرانت ۾ مڪاني ٻوليءَ کي تمام گهڻي اهميت ملي رهي آهي ۽ زور ڏنو ٿو پيو وڃي.

ٽيون 'خطرو' پڻ مٿئين ذهنيت جي پيداش آهي. جنهن مطابق سنڌي جاتيءَ جا شاهوڪار طبقا پنهنجي ساهت ڪلا، سنسڪرتي وغيره کي همٿائڻ کان نہ صرف ڪيٻائين ٿا، بلڪ ڪنهن حد تائين نڪ گهنجائي ائين ئي چون ٿا تہ سنڌي ٻولي، ساهت، ڪلا، وغيره کي ڇا ڪبو؟ انهن جي ڀارت ۾ ضرورت ئي ڪهڙي آهي؟ انهن ڳالهين پٺيان ناٽو وڃائڻ اجايو آهي وغيره. هن ذهنيت ڪري 15 سالن جي اندر سنڌي جاتيءَ جي هنن طبقن جي پرشارٿ سان نہ ڪو وڏو ڪلچرل مرڪز ٺهي سگهيو آهي، نڪو ڪا مرڪزي لئبرري ٺهي سگهي آهي، نڪو ڪو ڪوجنا مرڪز ٺهي

سگهيو آهي، نڪو ڪو ڪلاڪارن کي همٿائڻ لاءِ وڏو ٽرسٽ ٺهي سگهيو آهي، نڪو ڪو سنڌيءَ جي واڌاري لاءِ سنڌي يونيورسٽيءَ (پارٽي وديا پون جهڙي سنسٿا) ٺهي سگهي آهي وغيره. هن ڳالهه پڻ ڪيترن ئي اُتساهي جوانن ۽ سنڌيءَ جي شيدائين کي نه صرف نراس ڪيو آهي، بلڪ ايترو نراشا وادي (Pessimist) بڻايو آهي، جو هو انهيءَ نتيجي تي پهتا آهن ته سنڌي ڪلچرل سنسڪرتيءَ جو زنده رهڻ ناممڪن آهي.

چوٿون ۽ زوردار خطرو اهو آهي، جو ڪجهه تعداد سنڌي جاتيءَ جو سنڌي ڀاشا کان ڇڇي ڏار ٿي ويو آهي. (هت انهن ماڻهن جو ذڪر نٿو ڪجي، جيڪي پنهنجي خوشيءَ ڏار ٿيا آهن، جيئن مٿي بيان ڪيل آهي، پر هت انهن ماڻهن جو بيان ٿو ڪجي، جيڪي نه چاهيندي به يا زوري ڏار ڪيا ويا آهن) هنن جي ڏار ٿيڻ جا ٻه مکيه ڪارڻ آهن: (الف) جيڪي سنڌي شروعات ۾ ڪن اهڙن پرانتن ۾ وڃي وسيا، جتي يا ته تمام ٿوري تعداد ۾ هئا يا ته شروعات ۾ سنڌي ڀاشا تان آسرو لاهي ويٺا هئا، يا ته ڪجهه تعصب جو شڪار ٿيا، جو سنڌي ڀاشا ۾ تعليم وٺڻ جي بجاءِ پرانتڪ ڀاشائي اسڪولن ۾ وڃي پيا. خود پاڻ به پرانتڪ ڀاشائي اسڪول کولي سنڌي ٻارن کي ٻيءَ ڀاشا ۾ تعليم ڏيڻ لڳا. خاص طور وڏرپ، اُتر پرديش وغيره جو مثال هن قسم ۾ اچي سگهي ٿو جتي وڏن شهرن جهڙوڪ آگري، ڪانپور، لکنؤ ۽ ناگپور وغيره ۾ سنڌين جي ٻارن جي تعليم هندي ڀاشا معرفت هلي رهي آهي ۽ خود سنڌي تعليمدان هندي ڀاشا ۾ اسڪول هلائي رهيا آهن (هت پڻ سنڌي ڀاشا آهستي آهستي پنهنجو آستان وٺي رهي آهي، تنهن جو ذڪر آخر ۾ ڪبو.) (ب) جيڪي سنڌي تمام ٿوري تعداد ۾ الڳ الڳ پرانتن جي شهرن يا ڳوٺن ۾ ٽڙي پکڙي ويا، تن جي ٻارن کي سنڌي ڀاشا ۾ تعليم وٺڻ جو وجهه ئي نه مليو آهي، ڇاڪاڻ ته اتي يا ته کي اتساهي سڄڻ ڪونهن جو اسڪول کولين يا ته تعداد ايترو ٿورو آهي جو الڳ سنڌي اسڪول کولڻ ناممڪن آهي. بنگال، مدراس، آسام وغيرهه جا سنڌي هن قسم ۾ اچي وڃن ٿا.

پنجون اندروني خطرو جو اسان کي ڪائي رهيو آهي ۽ جنهن جو هر سنجيدو ۽ سياڻو ماڻهو ور ور ڪري ذڪر ڪري رهيو آهي، سو آهي اسان جي جاتي اندر ڦوٽ يا اسان جو جوارو اٿو هئڻ. هن حقيقت تي ڪماري پوپٽي، شري واڌواڻي ۽ ٻين ياڳ وتندڙن پنهنجن خطن ۾ ڌيان ڇڪايو آهي ۽ خاص طور نوجوان طبقي اندر وڌندڙ ڦوٽ لاءِ دک ظاهر ڪيو آهي (ان جي ڪارڻ جو اڳتي هلي بيان ڪبو) ڦوٽ سبب جوڙجڪي (Constructive) ڪم گهٽ ۽ پيچ ڍاهه وڌيڪ تي ٿئي. ميل ميلاپ، جو ترقيءَ لاءِ ضروري آهي، سو نٿو رهي، هر سوڙ پاڻ ڏانهن ٿو سيري ۽ خيالي توڙي حقيقي متڀيد ظاهر ڪري رڪاوٽ ٿو وجهي. جاتيءَ جي يڪي (Common) فائدي لاءِ جيڪا ويجهائي ۽ پنهنجائي گهرجي، اها نٿي رهي ۽ جاتي دماغي طور پڻ ڇڙوڇڙ رهي ٿي.

ڇهون ۽ نهايت ڳنڀير خطرو، جنهن جو اسان جي هر پهلوءَ تي اثر ٿي رهيو آهي، سو آهي سنڌي ٻوليءَ جي لپي بدلائڻ جو تحرڪ، جاچي ڏسڻ سان پتو پوندو تہ هن هلچل جي پٺيان گهڻي قدر ٽن قسمن جا ماڻهو شامل آهن:

(الف) مدي خارج نيتائون ۽ عالم، جي اڳ پوءِ نہ گڏيل طور نہ شخصي ريچڪ تي يا تہ بيڪار سياسي ۽ علمي سمجهہ تي هن هلچل کي پشتي ڏيئي رهيا آهن (ب) فرقيواريت تعصب ۾ ورتل گروهہ، جن کي هر ڳالهہ ۾ صرف هندڪي يا مسلمانڪي بوءِ پيئي ايندي آهي، هو صاحب فرسودا (مدي خارج) اصولن جو ليڪو ڪٽيندڙ ۽ اصليت ۽ پراچينتا جو نغارو وڄائي ڄاڻن. هنن جي ڪوتاهہ نظر وگيانڪ ڦيري کي ڏسڻ کان قاصر آهي. (ٻ) ڪي شاهوڪار فرد جي هن ڪاريا کي پنهنجو ڌارمڪ فرض سمجهن ٿا، جيتوڻيڪ سندن ٻار تہ انگريزي ڪانوينٽ اسڪولن، ڪاليجن ۾ پڙهندڙ آهن) جو ڪين اهڙو وشواس آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي لپيء بدلائڻ جو پُڄ ڪنهن بہ ٽڪاڻي يا ڌرمشالا ٺاهڻ کان گهٽ نہ آهي. تنهن کان سواءِ ڪي هندي شيدائي بہ هلچل ۾ آهن، پر انهن کي ايتري اهميت ڪانهي.

سنڌي ڀاشا جي لپي ڦيرائڻ جو تحرڪ، اسان جي سنسڪرتيءَ کي هڪ کان وڌيڪ نمونن ۾ ڇيهو پهچائي رهيو آهي. (الف) جاتيءَ کي ٻن حصن ۾ ورهائي رهيو آهي، جنهنڪري ڪيترا ڀار سنڌيءَ جي شاندار ڪلچرل ورثي کان وڇڙجي رهيا آهن، (ب) ساهت جي وڌيڪ ڦهلاءَ کي روڪي رهيو آهي، (ب) ڪيترن ئي هونهار ساهتڪارن کي ٻوساٽي ختم ڪري رهيو آهي، (پ) ٻوليءَ جي بگاڙي جو ڪارڻ بڻجي رهيو آهي، (ڀ) ڀارت ۾ رهندڙ سنڌي جاتي ۽ سنڌ ۾ رهندڙ سنڌي جاتي اندر ديوار کڙي ڪري، گڏيل ورثي جي اوسر ۾ باهم ڏي وٺ کي ڏک هڻي رهيو آهي، وغيره.

اجا بہ ڪيترا ننڍا وڏا خطر آهن، جي شمار ڪري سگهجن ٿا، پر مڪمل اپٽار لاءِ ڪنهن پستڪ جي ضرورت آهي، هينئر اسان کي مٿين وڏن خطرن جي بنياد تي ڏسڻو آهي تہ ڇا مٿين ڪارڻن سبب سنڌيت مري ويندي يا انهن خطرن جي باوجود سنڌيت زندهہ رهندي.

هاڻي ڀرين اچون ٻاهرين خطرن تي، جئن تہ (1) ڀومي جو نہ هئڻ (2) جاتيءَ جو ڇڙوڇڙ هئڻ ۽ (3) ٻولي جو تسليم نہ هئڻ.

ڏسڻو آهي تہ مٿين حقيقتن اسان جي سنڌيت تي ڪهڙي نموني جو اثر وڌو آهي، اسان پاڻ کي انهن حقيقتن تي ڪهڙي نموني هيريو آهي، آئيندي هلي انهن حقيقتن جو وڏي عرصي لاءِ (Longterm) ڪهڙو اثر ٿيڻو آهي ۽ اسان ان کي منهن ڏيڻ لاءِ ڇا رٿيو آهي.

ڀومي نہ هئڻ جو احساس ڪافي ڏکوئيندڙ آهي، پر عام طور ڏسجي تہ سنڌي الڳ الڳ پرانتن ۾ نوان سلا لڳائي رهيا آهن ۽ نئين سر پنهنجي تمدني ورثي کي پاڻي ڏيئي اُڀاري رهيا آهن. زمين جو ٽڪرو نہ هئڻ ڪري ڪافي مشڪلات درپيش اچي رهي آهي، پر اهو احساس تہ ڀومي نہ هئڻ ڪري اسان جي هستي ختم ٿي ويندي، نہ رهيو آهي. گذريل 10 سالن ۾ ڀومي نہ هوندي بہ اسان ان ڏس ۾ جيڪا ترقي ڪئي آهي، سا ان حقيقت جي گواهي ڏيندڙ آهي (تفصيل ۾ ان جو بيان هيٺ ڏبو تہ ڪهڙي ترقي ڪئي اٿئون). جتي بہ چڱي تعداد ۾ موجود آهيون، اُتي سنڌين پنهنجون

خصوصيتون ۽ تمدني روايتون نہ صرف مڪاني ماڻهن ڪي ڏيکاريون آهن، بلڪ ڪيترن حالتن ۾ انهن تي گهرو اثر پڻ وڌو آهي، جو ڪيترن ئي قومي يا ڪلچرل سرگرمين ۾ سنڌين ڪي پڻ ڀاڱ وٺڻ جو وجهہ ڏنو پيو وڃي. ايشيائي ليکڪن جي دهلي ڪانفرنس ۾ سنڌي ليکڪن لائق ڀهرو ورتو. سوويت يونين جي تاشقند شهر ۾ ساڳي ڪانفرنس ۾ سنڌي عيوضي ڊاڪٽر گوبندرام منسکاڻي ڀهرو وٺڻ لاءِ ويو. ماسڪو جي اندر عالمگير امن ڪانفرنس لاءِ انيڪ سنڌي ليکڪن کان سنيها گهرايا ويا ۽ ڪين پارٽي ڪاميٽيءَ ۾ شامل ڪيو ويو. پارٽي وديا ڀون (بمبئي) طرفان سڏايل ڪانفرنس ۾ سنڌي ليکڪن کي پورو مان مليو. آزاديءَ جي موقعي تي دهليءَ ۾ سنڌي جهلڪ (اُڏيري لال جي مڇيءَ تي سواري) پيش ڪئي ويئي، مهاراشٽر پاران ڪلچرل جلسي ۾ پروفيسر رام پنجواڻي کي سنڌي سنگيت جهلڪ پيش ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي. گيان پيٺ طرفان سڏايل ليکڪن جي ميڙ ۾ پروفيسر لال سنگهہ اجواڻي کي دعوت ملي ۽ الڳ الڳ سنستائن جي عريضن تي سنڌي ٻوليءَ کي پڻ هڪ لک رپين انعام واري رٿا ۾ شامل ڪرڻ جو هنن ارادو ڏيکاريو آهي. اڳئين سال ڀارت سرڪار طرفان ڪوٺايل آل انڊيا ليکڪ ڪانفرنس (ميسور) ۾ سنڌي ٻوليءَ طرفان شري تيرٿ بسنت ۽ شري نارائڻ "شيام" کي شامل ٿيڻ جو شرف مليو. ٻيون بہ ڪيتريون اهڙيون ڳالهيون شمار ڪري سگهجن ٿيون. جيتوڻيڪ ڪن مرڪزن ۾ اسان سان اڃا بہ غير واجب ورتاءُ ڪيو پيو وڃي، پر آهستي آهستي اسين انهيءَ اثر کي ٽوڙي رهيا آهيون.

اها ڳالهہ برابر آهي تہ زمين جو ٽڪر نہ هئڻ ڪافي مشڪلاتون پيدا ڪري ٿو پر ڪنهن بہ جاتيءَ جي روايتن کي صفا ختم نٿو ڪري، بشرطيڪ هڪ طرف جاتي ڪنهن حد تائين سجاڳ رهي ۽ ٻئي طرف حڪومت جو سرشتو اهڙو نہ هجي جو ننڍين ننڍين قومن کي ۽ سندن نراليتن کي ختم ڪرڻ جو ڪو رٿائتو پروگرام چالو هجي. (شڪر جو ڀارت ۾ اهڙي منورتي رکندڙ گروهہ طاقت ۾ نہ آهن!) هت تواريخ جو هڪ

عجيب مثال ڏيڻ اجايو يا بي موقعي نہ ٿيندو. يهودي قوم اسرائيل کان ساڳي نموني ڏڪجي نڪتي ۽ يورپ خواهہ آمريڪا ۾ هڪ هزار سالن کان مٿي پٽڪندي رهي، (شڪر جو اسان جي پارت ۾ اهڙي حالت نہ آهي) تہ بہ پنهنجون خصوصيتون قائم رکيائون. قومي پاونا هنن ۾ موجود رهي، پنهنجي پراڻي ورثي کي وساريائون ڪين ۽ جڏهن ڪين وجهہ مليو تہ نہ صرف يڪمشت ٿي پنهنجي وطن لاءِ لڙيا، بلڪ هزار سالن جي عرصي بعد نئين ديس جو پايو وڌائون ۽ هڪ مضبوط حڪومت هلائي رهيا آهن. هن مان صرف هڪ ئي ڳالهہ ظاهر آهي تہ ڪنهن زندهہ جاتيءَ کي ڪو ختم نہ ڪري سگهندو آهي. اسين ڪنهن حد تائين پيدي نيتي جو شڪار ضرور ٿينداسين، پر اُن وگهي ڪو ”مري“ ڪو نہ ويندسين.

جاتيءَ جي چڙوچڙ حيثيت مان پڻ جيڪو اثر اسان جي جاتيءَ تي يا سنسڪرتيءَ تي ٿيندو، تنهن جا آثار اسان اڳيان ظاهر آهن. ائين برابر آهي تہ جاتيءَ جو گڏيل ۽ يڪو روپ نہ رهندو، بلڪ ان جا الڳ الڳ ٽڪرن ۾ الڳ روپ ٿيندا، جيڪي ٿوري گهڻي نرالي حالت کي چڏي بنيادي طور ساڳيا رهندا، جتي بہ چڱي تعداد ۾ موجود آهيون، اتي اسان جا ڪلچرل مرڪز ڪڙا ٿيندا، گڏجي پنهنجن ساڳين (Common) مسئلن تي سوچينداسين، پنهنجي مجموعي (Collective) زندگي گهارينداسين ۽ الڳ الڳ مرڪزن سان پنهنجو سنبنڌ قائم رکنداسين. اڄ، بمبئي، پونو، احمد آباد، بڙودو، گانڌيڌام، پوپال، اندور، دهلي، اجمير، جئپور، ڪانپور، آگرو وغيره اهڙا سنڌي مرڪز بڻجي رهيا آهن، جتي سنڌين پنهنجي هستيءَ جو ثبوت ڏنو آهي ۽ انيڪ تمدني سنستائون ڪڙيون ڪيون آهن، جيڪي رفتي رفتي ترقيءَ جي راهہ ڏانهن وڌي رهيون آهن ۽ جيئن حالتون وڌيڪ سٺايون ٿينديون، تيئن انهن جي وشواس ۽ امنگ جو سرس واڌارو ٿيندو. اجوڪين حالتن هيٺ ۽ ٿوري نراسائيءَ جي عرصي بعد جيڪو اتساهہ ۽ امنگ سنڌي ماڻهن ڏيکاريو آهي، اهو انهيءَ جو ضامن آهي تہ هو هر هنڌ سجاڳ ٿيندا ۽ پاڻ کي ائين ختم ٿيڻ نہ ڏيندا.

پنهنجي پرانت نہ هئڻ ڪري ۽ ڇڙوڇڙ حيثيت ڪري، جنهن ڀيءَ مشڪلات ڪي سهٽو پوندو، سا آهي تہ ڪنهن بہ خاص پرانتڪ سرڪار کان نڪو اسين پنهنجي واڌاري جا حق طلبي سگهنداسين ۽ نہ ڪو ئي ڪو خاص پرديش اسان جي حقن ڪي تسليم ڪندو، پر اهڙي وايو منڊل اندر اسين ٿورائي واري جاتي هئڻ سبب اگر پاڻ ڪي يڪمشت ڪري، هر پرانت اندر واجبي ۽ حقي سهوليتن ۽ اڌڪارن لاءِ پاڻ پتوڙيندااسين ۽ آواز ڪڙو ڪنداسين تہ اسان سان بي انصافيءَ جو ورتاءُ ڪرڻ جو قدم ڪٽڻ ڏکيو ٿيندو، ڇاڪاڻ تہ ڀارت ۾ حڪومت جي لوڪشاهي طرز ۽ خاص طور ٿورائي وارين جاتين لاءِ جيڪي جوڙجڪي حق موجود آهن، تن هيٺ پرديشڪ سرڪارين لاءِ پڻ ڪنهن جاتي جي سنسڪرتيءَ کي ختم ڪرڻ يا اُسرڻ جا پورا حق نہ ڏيڻ، آئيندي هلي ڏکيو ٿيندو.

باقي رهيو ٻولي تسليميءَ جو سوال، جو سڌو مرڪزي سرڪار سان واسطو رکي ٿو ۽ جنهن لاءِ ڀارت جي وڌان ۾ اهم درستيءَ جي ضرورت آهي. جيتري قدر ڀارت جي عام ماڻهن جو سنڌي ٻوليءَ کي تسليم ڪرڻ جو سوال آهي، اتي اها ڳالهہ بلڪل اهميت واري آهي تہ ڪانگريس پارٽيءَ کي ڇڏي، ٻين سڀني پارٽين سنڌي ٻوليءَ کي تسليم ڪرڻ لاءِ حمايت ڪئي آهي. ڪانگريس پارٽيءَ پڻ جيتوڻيڪ سرڪاري طور (Officially) سنڌيءَ کي تسليم نہ ڪيو آهي، پر اخلاقي طور هن کي بہ سنڌي ٻوليءَ جي تسليمي خلاف ڪو وروڌ ڪونهي، صرف جوڙجڪي درستي ڪرڻ کان ڪن حالتن ڪري ڇرڪي رهي آهي. جوڙجڪ ۾ داخل نہ هوندي بہ مرڪزي سرڪار طرفان ڪافي حد تائين سنڌي ٻوليءَ کي اڌڪار مليا آهن ۽ رفتي رفتي وڌيڪ سهوليتون ملڻ جو امڪان آهي. هيٺين سنستائن يا ادارن ۾ سنڌي جوڳو استان پائي رهي آهي. (الف) ساهت اڪاديميءَ جوڙجڪ ۾ درج ٿيل ٻولين کانسواءِ صرف سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجي پروگرام ۾ شامل ڪري ان کي ڀارت جي مکيہ ٻولين ۾ جاءِ ڏني آهي (ب) آل انڊيا ريڊيو وارن بمبئي ۽ جئپور اسٽيشن تان سنڌي ٻوليءَ ۾ پروگرام چالو ڪيو آهي، جنهن جو

مطلب آهي تہ آئيندي ڀين اسٽيشنن ۾ پڻ سنڌي پروگرام چالو ٿيندو (ٻ) بڪ ٽرسٽ آف انڊيا وارن پڻ سنڌيءَ کي پنهنجي رٿا ۾ درج ڪيو آهي، (ڀ) تعليم کاتي انعامن لاءِ سنڌيءَ زبان کي تسليم ڪيو آهي، (پ) ساڳي طرف ڀارن جي ساهت چٽا ڀيٽيءَ لاءِ سنڌيءَ کي قبول ڪيو ويو آهي ۽ ٽن سنڌي ليکڪن کي پنج سئو جا ڏار ڏار انعام ملي چڪا آهن، (ت) سنڌ اکر(لفظ) کي قومي گيت مان ڪڍڻ کان انڪار ڪيو ويو آهي، (ٺ) سنڌي پبلشر کي ڀين ٻولين جي پبلشرن وانگر امداد ڏيڻ شروع ٿي آهي، (سندر ساهتيہ سڀا اجمير) وارن کي ڏهہ هزار ڏنا ويا آهن ۽ سنڌي ساهت سمتي بمبئي وارن کي سوامي وويڪانند جون مڪمل رچنائون ڇپائڻ لاءِ پنجاهہ هزار ڏيڻ جو واعدو ڪيو ويو آهي، (ٺ) سنگيت ۽ ناٽڪ اڪاڊمي للت ڪلا اڪاڊميءَ ۾ سنڌي ڪلائن کي جوڳي جڳهہ ڏيڻ جي خاطري ڏني آهي، (ٿ) ڪيترين يونيورسٽين سنڌي ڀاشا کي تسليم ڪري اعليٰ پڙهائي لاءِ سهولتون ڏنيون آهن، (ٽ) ٿورائي وارين جاتين لاءِ جيڪو ڪمشنر مقرر ڪيو ويو آهي، تنهن پنهنجي ساليانِي رپورٽ ۾ سنڌي ڀاشا جي تعليم جي مسئلن جو خاص ذڪر ڪيو آهي ۽ الڳ الڳ پرانتن ۾ رهندڙ سنڌين جا مسئلا ڪٺي پرانتڪ سرڪارين سان لکپڙهہ پئي ڪئي آهي ۽ ڪن حالتن ۾ سهولتون وٺي ڏنيون آهن، (د) ريلوي اختياري وارن اڪل ڀارت سنڌي ساهتيہ سميلن کي ضروري سهولتون پئي ڏنيون آهن (ڌ) پوسٽ ۽ ٽيليگراف اختياري وارن اڏيري لعل ۽ ڪنور ڀڳت جون يادگار ٽڪليون ڪڍڻ جو زباني آسرو ڏنو آهي ۽ ٻيون اهڙيون سوين ڳالهيون درج ڪري سگهجن ٿيون. هن مان معلوم ٿيندو تہ باوجود تڪليفن جي، سنڌي ماڻهن جي جاڳرتا ۽ سنڌي سنستائن جي شڪتيءَ جي ڪري آهستي آهستي شروعاتي لوڏن کان نڪري، هينئر اسين قومي سطح تي پنهنجي هستيءَ جو نہ صرف احساس پيدا ڪري رهيا آهيون، بلڪ اهڙي بنياد تي پنهنجي تمدن جي ترقيءَ جون پاڙون پختيون ڪري رهيا آهيون ۽ آئيندي جي انتيءَ لاءِ وجهہ ۽ سهولتون ميسر ڪري رهيا آهيون.

**ديوناگري جا چاهڪ سنڌيءَ جو سر لاهڻ لاءِ تيار**

ساڳيءَ طرح سنڌ ۾ هندو ٺورائيءَ ۾ ته ڏنڌئي، شاهوڪار، چست چالاڪ ۽ پهري سجاڳ، ۽ هئا به گهڻيون ٻوليون ۽ اکرجاڻندڙ جهڙوڪ هندي، گرمکي، هٽائي، عربي، سنڌي، اردو، فارسي، انگريزي وغيره. ته اُتي وري مومن لوڪ هئا گهٽائيءَ ۾، پارتي هندن وانگر فقط ڏيڍ اکر پڙهيل ۽ وڏيرن جي هش هش تي اُٿ ويهه ڪندڙ. پڙهندڙ کي عرض آهي ته حقيقت ۾ اونهو وڃي اپياس ڪري فيصلو ڪن ته اکري ۽ علمي خزانو گهڻو حاصل ڪرڻ چڱو يا فقط ڏيڍ اکر پڙهي موڳو مٽر ٿيڻ چڱو؟

جڏهن سنڌ ۾ گهڻا اکر ۽ ٻوليون پڙهندي، ٻارن جي دماغ تي بوجو نٿي پيو، تڏهن هندستان ۾ به اوترائي اکر پڙهڻ ۽ بوجو سمجهڻ سياٽپ آهي يا اياٽپ...؟

سيپٽمبر 1962ع ۾ پاڪستان جي پد ياترا ڪندي، سنت ونوبا ڀوي ڏنو اُپديش ته، گهڻيون لپيون (اکر) ۽ گهڻيون ڀاشائون سکو ته ڀاشائي واد وواد لهي ۽ هڪٻئي جي ويجهو به اچي سگهو. سنت ونوبا جي ساراهه ۽ ان لاءِ عزت ڀريا اکر به لکنديون آهن، اهي اخبارون، ته وري اتي ئي سندس اپديش جو ترو ڪيندڙ به اٿو اهي ئي اخبارون. چي: عربي سنڌي ڏاري لپي آهي. اُها سکيل آهيو ته به ڇڏيو ۽ آئندي به سکڻ پڙهڻ کان توبهه ڪريو.

سنڌ ۾ سنسار سماچار اخبار هلايو تحرڪ ته عربي سنڌي اکرن ۾ ڪيترا اکر آهن، ساڳئي آواز ۽ اُچار جا، جهڙوڪ: الف ۽ ع، ت ۽ ط، ذ، ز، ض، ڪ ۽ خ وغيره. اُهي سڏاري هندي اکرن وانگر 35 يا انگريزي وانگر 26 ڪرڻ گهرجن ته پڙهندڙن جو ڪجهه بوجو هلڪو ٿئي. انهيءَ مراد سان هفتو به اخبار به اهڙي ڍنگ سان، گهٽايل اکرن ۾ ڪڍيائون، تنهن وقت ساڳيو اهي اڄ ڪلهه جون نامور اخبارون هاءِ دوش مچائڻ لڳيون ۽ تعليمي آفيسر دائودپوٽي تائين پڪارون ويئون ته عربي سنڌي اکر گهٽائڻ آهي، لپيءَ جون ٽنگون ڀڃڻ. حڪم نڪتو ۽ سنسار سماچار اخبار کي هلايل

تحرڪ بند ڪرڻو پيو. اڄ اُهي ئي سنڌي اخبارون عربي سنڌي لپيءَ جون ٽنگون پيچڻ تہ نهيو پر اٿلو ان جو سر لاهي ختم ڪرڻ لاءِ ڪمرڪشي ويٺيون آهن. سو بہ اها لپي يا اکر جي وڏن جا منظور ڪيل ۽ ورثي ۾ مليل آهن. ڌن، مال، خزانو ڦرائي وڃائي، باقي جيڪو اکري ۽ علمي خزانو ڦرجڻ کسجڻ جو نہ هو، سو بہ پنهنجي هٿن سان سنڌي هندو سعيو ڪري وڃائي رهيا آهن. انهيءَ ڪي چئبو آهي، وناش ڪالي و پريت بڌي. گراوٽ ڏانهن ڏڪجڻ وقت اول بڌي، عقل اهڙو ئي بڻبو آهي.

دليل: چون ٿا تہ هاڻي اهي عربي سنڌي اکر ڪم ڪو نہ ايندا. اڄايو ٻارن جو وقت وڃائڻ نہ ڪپي. هندواسين سان رهڻو آهي تہ انهن جا ئي اکر هنديءَ ۾ مڪاني سکڻ گهرجن، جنهن ۾ ئي فائدو آهي.

جواب: جيڏانهن ڏسجي ڍيري، تيڏانهن پائجي ڦيري! ائين ڪجي ڇا...؟ لائق انسان جو تہ اهو اصول ڪين چئبو...؟ سياڻي بابو اما، ماتا پتا، ورڌ اوسٿا سبب ڪم ڏيڻ جهڙا نہ ٿين تہ ڍيريءَ پنيان ڦيري پائيندڙ انهن کي ڪيڏي ڪندا ٻاهر. اهڙا انسان چئبا مطلبي، سوارٿي ۽ نالائق.

اتهاس شاهد ۽ ثابتي اکين اڳيان آهي تہ اڄ هٿائي اکرن جو واهپو گهٽيل هوندي بہ سنڌين ڇڏيا ڪو نہ آهن. اٿلو انهن اکرن جو وڏيڪ قدر ٿيو آهي، جو هٿائي اکر ڄاڻو ڪاڳري، ٻن ٽن بلڪ پنجن سون تائين ماهوار پيا ڪمائين ۽ سنڌي شاهہ واپارين جو واڌارو ۽ جياپو اڄ بہ هٿائي اکرن جي آسري تي آهي. اهي ڪيس گپت ڀاشا (ڪوڊ ورڊ) جي روپ ۾ پيا ڪم آڻين.

ساڳي طرح عربي سنڌي اکر بہ ٻتا ڪمائتا ٿيندا:

1.سنڌين ڪانسواءِ ورلو ڪو سمجهندو ۽ پڙهندو. 2. اڳي ڪان اڄ وايو منڊل ٻيو آهي. اڳي ٻاهرين دنيا جي خبر چار جي ايتري تانگهہ نہ هئي. اڄ ننڍي وڏي جون اکيون آهن، ٻاهرين خبرچار ۾ ڪتل. نہ رڳو ڀارت جي پرانت ۾ پر دنيا جي ٻين حصن ۾ بہ پنهنجا متر، دوست، رفيق رهندڙ آهن. انهن سان حال احوال ۽ واپار وهنوار هلندڙ آهي، جيڪڏهن اهڙا اکر پيٽ ۾ هوندا تہ خبر چار معلوم ڪري سگهبي نہ تہ موٿاجي (محتاجي) ۽ ٻين جو ٻوٿ تڪڻو پوندو.

سنڌين جي چالو ڪاليجن ۾ هر هفتي يا مهيني ۾ پنج اٺ دفعا مشاعرا پيا ٿين. شاهه، سچل، بيدل وغيره صوفين جي ڪلامن ۽ قوالين جي جهمر پيئي لڳي. اردو خواهه عربي سنڌي اکرن جي ملڪن جا مرشد، پير فقير صوفي صاحب هت سنڌين کي درشن ڏيڻ ۽ چرڻ گهمائي، سندن گهر پوتر ڪرڻ پيا اچن. انهن جي صوفي ڪلامن جو نئون نت تيار ٿيندڙ ڍڳ سنڌين کي اڳتي عربي سنڌي اکرن ۾ عنايت ٿيندو يا سنسڪرت ۾ سپلاءِ ڪندا؟ سنڌين جي خاطر اُهي ديوناگري اکر سکندا يا لکندا؟ جي نه ته مشاعرن جا مجنو انهن جو ساٿ ڇڏيندا يا اردو ۽ عربي سنڌي اکر ڄاڻندڙن جي ڪا خاص جدا ريجمينٽ هر وقت تيار رکندا...؟

جن اخبارن عربي سنڌي اکر ڇڏڻ لاءِ تحرڪ هلايو آهي، اهي ئي لکندا آهن ته اج اسان جي اخبار 17، 18 هزار ڇپجڻ تي پهتي آهي. ڀلا جا اخبار هندستان ۾ اچڻ بعد پنج، ست ۽ يارهن هزار مان وڌي 17، 18 هزار تي پهتي، اها عربي سنڌي اکرن جي آسري تي يا ديوناگري جي؟ ڀلا جي ضرور عربي سنڌي اکر ڇڏڻا آهن ته پاڻ ڇو نه ٿا ديوناگريءَ ۾ اُها اخبار ڪڍن ته اٿي، دال جي اگهه جي خبر جهٽ پٽجي وڃي ته اخبار ڏيوالي ۾ ٿي وڃي يا واڌ ۾...؟

## سنڌي ساهتيه ڪئن زنده رهي سگهندو

سنڌي ساهتيه ۽ سنڌيت ڪئن زنده رکجي، انهيءَ باري ۾ ٻه ويچار ڏارائون ڏسجن پيون. هڪڙا سمجهن ٿا ته سنڌي ٻوليءَ جو هاڻوڪو روپ قائم رکڻ سان ئي سنڌي ساهته يا سنڌيت قائم رهي سگهندي. ٻين جو وري ويچار آهي ته سنڌيءَ کي اصلوڪي ديوناگري روپ ۾ آڻن سان ئي سنڌي ساهتيه کي غير سنڌين تائين پهچائي سگهبو ۽ سنڌي ساهتيه کي زندهه رکي سگهبو. انهيءَ باري ۾ منهنجي (ايڊيٽر جي) هڪ برک غير سنڌي ساهتيه جي ڄاڻو سان گفتگو ٿي، جنهن جو تت هيٺ ڏجي ٿو. ليڪن سببن ڪري هن جو نالو ڏيڻ واجب نٿو سمجهيو وڃي. مون ضروري سمجهو ته مان

هن جا ويچار سنڌين اڳيان رکان. انهيءَ خيال کان نہ تہ هن سوال تي ڪا واد وواد هلي، پر انهيءَ خيال کان تہ اسان جا ساهتيہ جا پريمي پارت جي هڪ برک ساهتيہ جي ڄاڻوءَ جي ويچار ڌارا کان واقف ٿين. (م. ت)

سنڌي ٻولي ۽ لپيءَ جي سوال تي ڳالهہ ٻولهہ ڪندي اُن پارتي ساهتڪار پڇيو تہ هي توهان ٻولي ۽ لپيءَ جو چوڪري مونجهارو پيدا ڪيو آهي؟

**مان:** البت ان سوال تي سنڌي اديبن ۽ ساهتڪارن ۾ ڪي متڀيد آهن. ڪي چون ٿا تہ سنڌي ٻولي عربي لپي ۾ ئي سيڪاري وڃي ۽ اهڙي طرح تي اسان جو ساهتيہ ۽ ٻولي ٻئي زندهہ رهي سگهندا. ڪن جو وري چوڻ آهي تہ ديوناگري لپي هئڻ گهرجي. ائين ٿيڻ سان ٻارن تي گهٽين لپين سکڻ جو بوجو ڪو نہ پوندو ۽ ٻين ٻولين سکڻ ۾ بہ آساني ٿيندي. پر مکيہ سوال تہ اهو آهي تہ جوڙجڪ ۾ جيڪي 14 ٻوليون تسليم ڪيون ويون آهن، تن ۾ سنڌي ٻولي شمار ڪيل نہ آهي، جنهنڪري اسان کي ريڊيو پروگرام ساهتيڪ چٽا پيٽين وغيره ۾ حصو وٺڻ کان بہ محروم رکيو ويو آهي. اسان سنڌين وٽ بہ سٺو ساهتيہ آهي، جنهن مان سڄي هندستان کي لاڀ ملي سگهي ٿو. پر جيسين سنڌي ٻولي تسليم ئي نہ ٿي آهي، تيسين ان جو فيض پارت واسين تائين پهچائڻ مشڪل آهي.

**ساهتيڪار:** اها ڳالهہ برابر آهي، پر چو نہ جيڪر ائين ڪريو جو ڪي بزرگ سنڌي اڳواڻ ۽ ساهتيڪار پاڻ ۾ گڏجي ڪجهہ پيسا هٿ ڪري، چيدو سنڌي ساهتيہ سنڌي پاشا ۽ ديوناگري لپيءَ ۾ ڇپايو ۽ پوءِ اهو ساهتيہ گجرات جي سڀني مکيہ پستڪالين وشووديالين وغيره ۾ موڪلي ڏيو. ان جو نتيجو اهو ٿيندو جو ٻين جاتين جا ساهتڪار جهڙوڪ گجراتي، مرهٽي، بنگالي، بهاري، اتر پارتي ۽ وقتي ڏکڻ پارتي توهان جو ساهتيہ پڙهي سگهندا. انهيءَ کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندا ۽ پوءِ ان جو پنهنجن ٻولين ۾ ترجمو ڪندا، ان جو نتيجو اهو ٿيندو جو سنڌي يا سنڌي پاشا زندهہ رهي يا نہ رهي، پر سنڌي ساهتيہ امر رهندو ۽ ان ذريعي سنڌي قوم بہ امر رهندي.

اوهين عربي سنڌي لپيءَ کي ڇهتي چو پيا آهيو؟

**مان:** اهو ان ڪري جو اسان جي ڪن اديبن جو اهو ويچار آهي تہ عربي لپي اسان جي سنڌيت جي رڳ رڳ ۾ سمائجي چڪي آهي، اسان جا ٻار اها لپي آسانيءَ سان سمجهي ۽ لکي سگهن ٿا. اسان جو اٿاهہ عمدو ساهتيہ جو سالن کان پٽي ٿهيو آهي ۽ جو اسان پٽي پڙهيو آهي، سو انهيءَ لپيءَ ۾ ئي آهي. ائين کٽي چئجي تہ عربي لپي ۽ سنڌي ساهتيہ يا سنڌيت هڪٻئي کان الڳ ڪرڻ ٿيندو. جسم جو اهم انگ ڪپڻ نہ رڳو ايترو پر اها لپي ڦيرائڻ سان اسين پنهنجي ٻولي، ساهتيہ ۽ سڀيتا جي جڙ اکوڙيندا سين ۽ پوءِ سمي پٽي اسان جي سموري هستي ميسارجي ويندي.

**ساهتيڪار:** مون کي معاف ڪجِ، جي مان ائين چوان تہ اوهان مان جيڪي ائين سوچين ۽ سمجهن ٿا، تن جو اهو خيال اجائي انديشي تي ٻڌل اهي. دراصل سنڌيءَ جي لپي بدلائڻ سان ڪو سنڌي ساهتيہ ختم يا ناس نہ ٿيندو. پاڻ انهيءَ ساهتيہ جي سڳنڌ چوطرف ڦهلبي ۽ جيڪي لوڪ هيل تائين ان جي اهميت ۽ مالدار هئڻ کان بغير آهن، تن کي پتو پوندو تہ سنڌي ساهتيہ ۾ ڪيترو نہ املهہ خزانو آهي ۽ پراچين ڪال کان جو سنڌ جي سڀيتا جو ڀارت تي اثر پئجي رهيو آهي، ان جو ڪارڻ ڪهڙو آهي.

ٻي ڳالهہ جا اوهان جا اديب وسارين ٿا، سا اها تہ ڀارت جي ٻين ٻولين جيان سنڌي بہ سنسڪرت جي ئي ڌيءَ آهي. سنڌيءَ جي نرماتا سنسڪرت آهي، پر پوءِ انگريزن جي زماني ۾ سنڌي عربي لپيءَ ماٿهن تي مڙهي ويئي، جو سنڌ ۾ ان وقت مسلمانن جي گهڻائي هئي. هاڻي تہ انگريز بہ هليا ويا ۽ سنڌي ڀارت ۾ وسي ويا آهن، انڪري کين هاڻي پنهنجي اصلوڪي ديوناگري لپيءَ کي ئي اپنائڻ گهرجي.

سنڌي ساهتيہ جو سنٻنڌ اسان جي ڀارتي ساهتيہ خواهہ پراچين ڪٿائن سان پڻ اهڙو ئي گهاٽو آهي، جهڙو ٻين ٻولين ۽ ساهتيہ جو. پر اسين جيڪو اڄ هي انتر پيا ڏسون سو صرف لپيءَ جي ڪري، ان ڪري هاڻي جڏهن توهين هن وشال ديس ۾ آيا آهيو، تڏهن اهو ڌاريائي جو سنڌو مٽائڻ سان اوهين پاڻ پنهنجا پير پختا ڪندا. عربي لپيءَ سبب توهين هندستان

۾ ڏاريا پيا ليکبا. هر انسان جي من تي ٻولي، لپي ۽ پوشاڪ جو ڪافي اثر پوي ٿو. مان تو کي مثال ٿو ڏيان. تازو مان سوراشٽر ۾ ويس، اتي ڏٺم ته مڪاني ماڻهن ۽ سنڌين وچ ۾ ايترو ميل ميلاپ نه هو منهنجي خيال ۾ ان جو مکيه ڪارڻ اوهان جي لپي ئي آهي. جيسين اوهان پنهنجي لپي ٻين ٻولين وانگر ديوناگري نه ڪندا، تيسين توهين پوري طرح هند واسين ۾ جذب نه ٿي سگهندا. ديوناگري لپي هئڻ سان ٻين مڪاني ماڻهن ۾ توهان لاءِ ميلاپي ڀاؤ به وڌي سگهندو ۽ ويچارن ٻارن جي ننڍن دماغن تان به ٻن ٽن لپين جو بوجو گهٽبو. ٻارن کي مڪاني ڀاشا ته اسڪولن ۾ ضرور سکڻي پوندي، انگريزي سکڻ به هو ڇڏيندا ڪو نه. مٿان وري عربي لپيءَ جو بوجو ٻارن تي وجهڻ ساڻن بي انصافي ڪرڻ ٿيندي.

**مان:** اهو ته برابر آهي اسين اهو به بخوبي سمجهون ٿا ته اسين چاهيون يا نه، پر عربي سنڌي لپي قائم رهي نه سگهندي، اسڪولن ۾ ٻارن کي پس پيش ديوناگري لپي ئي سکڻي پوندي ۽ هڪ ٻوليءَ لاءِ مٿن جدا لپيءَ جو بوجو وجهڻ ساڻن سراسر بي انصافي آهي.

**ساهتيڪار:** پوءِ ته سنڌين کي ائين چئي ماٺ ڪري ويهڻ گهرجي ته نيٺ ديوناگري لپي ضرور ايندي. ڀلي اڇي اسان کي اعتراض ڪونهي، پر منهنجي توهان کي صلاح آهي ته ان لاءِ زبردست تحريڪ هلايو ۽ سرڪار کان طلب ڪريو ته سنڌي ٻوليءَ لاءِ ناگري لپي مقرر ڪئي وڃي، ناگري لپي دواران ئي سنڌي ساهتيه ۽ ٻولي زنده رهي سگهندي. جنهنڪري سرڪار کان سنڌيءَ لاءِ صرف ناگري لپي مقرر ڪرائڻ لاءِ ئي زوردار عام رايو پيدا ڪرڻ کپي. ممڪن آهي ته پوءِ سنڌي ٻوليءَ کي به جوڙجڪ ۾ پنهنجو استان ملي وڃي.

توهين جي سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ساهتيه کي زنده رکڻ ٿا چاهيو ته ان لاءِ اهو ئي هڪ طريقو آهي ته پنهنجو بهترين سنڌي ساهتہ ديوناگري لپيءَ ۾ آڻي، ڀارت واسين اڳيان پيش ڪريو ته کين خبر پوي ته سنڌيءَ کي به پنهنجو ساهتيه، پنهنجي سنسڪرتي، پنهنجي سڀيتا ۽ پنهنجو تمدن

آهي، جو هر طرح فخر ۽ ناز لائق آهي، سنڌين لاءِ اهو ڪم ڪرڻ نهايت آسان ٿيندو، ڇاڪاڻ تہ منجهن عقل آهي، دماغ آهي، دل آهي، ساهس آهي ۽ مشڪلاتن جو مقابلو ڪرڻ جو حوصلو آهي. وقت پئي اهو ساهتيہ ٻين ٻولين ۾ بہ ترجمو ٿيندو ۽ سنڌي ساهتيہ ديوناگري لپيءَ ۾ نہ صرف سنڌي ڀاشا ۾ پر ڀارت جي ٻين ٻولين ۾ بہ زندهہ ۽ اَمر رهندو.

**مان**: اها ڳالهہ توهان جي آهي تہ سچي. مان پاڻ ائين ٿو سمجهان تہ سنڌي ساهتيہ کي، ديوناگري لپي اپنائڻ سان ئي زندهہ رکي سگهبو. مان توهان جا اهو سندر ويچار ضرور پنهنجي بزرگ ساهتڪارن ۽ اديبن اڳيان پيش ڪندس.

# سنڌي جاتيءَ جو لپيءَ لاءِ ووٽ

پوپٽي هيرانندااڻي

ڇهون اکل ڀارت سنڌي ساهت سميلن 26، 27، 28 آڪٽوبر تي ٿيو. جئپور جي آجيان ڪاميٽيءَ طرفان ٻاهران آيل ڊيليگيشن لاءِ تجسس جوڳو بندوبست ٿيل هو. مهاراجا گرلس اسڪول جتي ڪئمپ لڳل هئي، شهر جي وچ ۾ هو. جنهن ڪري اچ وڃ يا شيءِ شڪل جي ڪا بہ تڪليف محسوس نہ ٿي ٿئي.

26 آڪٽوبر صبح جو ساڍي نوين بجي ڪانفرنس جو مهورت ڪيو ويو. فلم ڪمپنيءَ پاران مهورت جون ڪي جهلڪيون ورتيون ويون. مهورت جو پروگرام اسڪول جي هال اندر ڪيو ويو. جنهن ۾ اڍائي هزار ماڻهن جي ويهڻ جو بندوبست هو. نهايت خوشي ۽ فخر جي ڳالهہ آهي تہ راجستان سرڪار 26 آڪٽوبر سنڌي ساهت سميلن ڪري، اڌ ڏينهن موڪل جو ڪري ظاهر ڪيو ۽ سميلن جي سهاري هيٺ ٿيندڙ ڪلچرل پروگرام تان ڍل معاف ڪئي.

شهنائي ۽ ڇيج جي جهومائيندڙ ماحول ۾ راجستان جو مکيہ منتري شري موهن لعل سکاڙيا پڌاريو. ان موقعي تي وزير شري ڳول پڻ پڌاريو. شري سکاڙيا پنهنجي مهورتي تقرير ۾ چيو تہ سڀني آيل ڊيليگيٽن جو مان پنهنجي ماڻهن پاران سواگت ٿو ڪريان. سنڌي مون کي پيارا آهن ۽ مان دل و جان سان چاهيان ٿو تہ سندن ٻوليءَ کي وڪاس ڪرڻ جو پورو وجهہ ملي. سڄي تقرير ۾ هن سنڌين جي پرشرٿ ۽ همٿ کي ساراهيو ۽ نهايت وزنائتي نموني ۾ سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجي جڳهہ هٿ ڪرڻ واري ڪاريہ لاءِ سنڌين کي همٿايو.

ان کان پوءِ پروفيسر رام پنجواڻيءَ پنهنجي صدارتي تقرير پڙهي (جا اڳ ۾ ئي ڪيترن اخبارن ۾ ڇپجي چڪي آهي). نماءُ جو مهورت ڪرڻ بعد مکيہ وزير هليو ويو.

منجهند جو 2 بجي وشيہ ڪاميٽيءَ جو ميڙ ٿيو. ڀين نهرائن ڪانسواءِ جيڪو اهم نهراءُ آيو سو هو سنڌيءَ لاءِ هڪ لپيءَ (عربي لپي) جو فيصلو ڪرڻ. پروفيسر پنجواڻي صدر جي حيثيت ۾ صلاح ڏني تہ اهو فيصلو هن سميلن ۾ نہ ڪيو وڃي، پر ميمبرن جي گهڻائيءَ جي اها ئي تقاضا هئي تہ جنهن صورت ۾ سميلن جي موقعي تي جدا جدا پرانتن مان ماستر، پرنسپال، عالم، ليکڪ ۽ عام ماڻهو اچي گڏ ٿين ٿا، تنهن صورت ۾ انهيءَ سوال جو سميلن ۾ ئي فيصلو ٿيڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ فيصلي نہ ٿيڻ جي حالت ۾ سنڌي ٻارن کي نهايت ئي گهڻي دقت تي پيش اچي ۽ ان سوال جو فائدو وٺي بهانو ٻڌائي ڪي راجيا سرڪاريون سنڌي اسڪولن کي آهستي آهستي بند ڪري رهيون آهن.

ان نهراءَ تي ڪافي بحث هليو. نيٺ اهو نهراءُ وڏي گهڻائيءَ سان پاس ٿيو. ديوناگريءَ جي فائدي ۾ فقط ٽي ووٽ مليا. ٻين سڀني ميمبرن عربي لپيءَ جي فائدي ۾ ووٽ ڏنو.

ان کان پوءِ جيڪا ڊيليگيٽن جي ميٽنگ ٿي، ان ۾ پڻ تمام وڏي گهڻائي سان اهو ساڳيو نهراءُ پاس ٿي ويو. راجستان جي ماسترن ۽ سنڌي تعليم جي گهڻگهرن ديوناگري لپيءَ جي اچڻ ڪري تمام گهڻو سَنُو آهي. رت ست ڏيئي اسڪول برپا ڪرڻ بعد ديوناگريءَ ۾ ڪتاب نہ هئڻ جي حالت ۾ سرڪار بهانا ٻڌائي، اسڪول ۾ هندي ماڌيم پئي بدلايو آهي، ان ڪري راجستان جي ماڻهن ۾ ديوناگري لپيءَ جي برخلاف زبردست رايو ڦهليل هو. ان ڪري ئي اجمير مان آيل ماسترن، پرنسپالن جئپور جي ماسترن ۽ پرنسپالن سنڌي ٻوليءَ جي درگتي ٿيل ڏسي، اپيل پئي ڪئي تہ ديوناگريءَ جي ڀڇيل ڀوت کي هڪالي ٻاهر ڪڍيو.

شام جو بال واٽيڪا ۾ ڪلچرل پروگرام ٿيو. حشام ماڻهن جا ٽڪيٽون وٺي اچي گڏ ٿيا. ان وقت جو مکيہ مهمان شري نرنجن ناٿ، ايڊيوڪيشن منتري هو. هن پنهنجي ڀاشڻ ۾ چيو تہ سنڌي ٻولي اهڙي رس ڀري مٺر آهي، جو هر سنڌي ٻالڪ کي ان جو دامن ضرور بہ ضرور پڪڙڻ

گهرجي، مون کي تہ راجستاني ۾ سنڌيءَ ۾ گهڻو سنبنڌ ڏسڻ ۾ آيو. اوهان گيتن ۾ راڻي جي ڳالهہ ٻڌائي، اها مومل راڻي جي ڪٿا اسان وٽ بہ آهي. اوهان گيتن ۾ راڻو ماڻو سياڻو لفظ ٻڌايا، اهي تہ راجستاني مٿي بہ اوهان کي ساڳئي ئي پرياءَ سان ٻڌائيندي، هاڻي اوهين هتي پڌاريا آهيو ڪجهہ راجستاني سنڌيءَ کي ڏيندي ۽ ڪجهہ سنڌي راجستاني کي ڏيندي. شري نرنجن جي تقرير تاثير پيري هئي، پر جڏهن هن پنهنجو ناهيل شعر لوڪ گيت جي طرز سان ڪليل ۾ بلند آواز ۾ ڳائي ٻڌايو تڏهن تہ راجستاني جي مٿيءَ مان اها سڳنڌ اچڻ لڳي، جا سنڌ جي منڙي گيتن مان ڪنهن ڪسان جي لولاتي ڏيڻ سان ايندي هئي، جنهنجو آواز بہ تي ڪيت پار ٽپي ويندو هو.

ان پروگرام گهڻن ئي گروپن ۾ منڊلن ۾ پنهنجا گيت پيش ڪيا، پر بمبئيءَ مان آيل گوبند مالهيءَ جي ڪلاڪار منڊل جي سنگيت پروگرام ماڻهن کي مست ڪري ڇڏيو!

27 آڪٽوبر صبح جو ادبي بيٺڪ ٿي، بيٺڪ جي چيئرمن شري گوبند مالهيءَ ”ورهاڱي بعد سنڌي ساهت جو جائزو“ وشيہ تي بحث ڇيڙيو. سيني کي ان وشيہ تي ئي ڳالهائڻو هو پر گهڻو ڪري سيني ڀاڱ وٺندڙن ان وشيہ تي نہ ڳالهائي، ان وشيہ سان لاڳاپو رکندڙ ڳالهين ۽ تڪليفن تي ڳالهايو. شري نانڪرام ايسراڻيءَ اخبارن اڳيان اهنجن ۽ بي انصافين بابت ڳالهائيندي ٻڌايو تہ سنڌي اخبارن کي سرڪار اشتهار نٿي ڏي. شري رامچند تولاڻيءَ چيو ٻارن جي ساهت ڏانهن گهڻو ڌيان ڏنو وڃي. شري ديو ناناڻي چيو تہ ساهتيہ جو لاڳاپو ٻوليءَ سان ۽ ٻوليءَ جو مدار وري پڙهندڙن تي آهي. اڄ ٻار سنڌي پڙهن ئي ڪو نہ ٿا، پوءِ ساهت وٺندو ڪير ۽ ان ڪري هر ڪنهن پرانت ۾ سنڌين کي سجاڳ رهڻ گهرجي ۽ پنهنجي ٻارن کي سنڌي پاڙهڻ گهرجي. شري ديپڪ ڪوڏواڻي چيو تہ ساهت جو معيار اوچو ڪيو وڃي. شري پرمانند پنجواڻيءَ چيو تہ ساهتڪارن جي همٿ افزائي ڪئي وڃي. لوڪ ڪٿائون سولي سرس ڪوتائن ۾ لکي گهر گهر تائين پهچايون وڃن. سنڌي ساهت اڪادمي برپا ڪرڻ جو پتو ڪيو وڃي ۽ سڄي هندستان ۾ هن سنڌي هلچل کي پکيڙيو وڃي.

ان بعد شري گوبند سنگهہ جي صدارت هيٺ تعليمي بيٺڪ ٿي، جتي تعليم جي آڏو جيڪي بہ رنڊڪون اچن ٿيون، انهن جي دور ڪرڻ بابت ويچارن جي ڏي وٺ ڪئي ويئي.

شام جو شري متراداس ماٿر، گهرو وزير راجستان، جي صدارت هيٺ ڪلچرل پروگرام ٿيو. گذريل پروگرام بابت پڙهي، سڄي جئپور جا ماڻهو اچي پلٽيا. جنهن ڪري لاچار گهيري اندر ٿيل بندوبست ٽوڙي، عام ماڻهن کي ڪليل نموني ۾ ميدان تي ويهاريو ويو.

شري ماٿر پنهنجي تقرير ۾ سنڌين کي پنهنجو ڀڻائي چڙيو! هن چيو تہ زمين برابر ڇڏي آيا آهيو، پر ٻولي ماڻهو ڳالهائيندا آهن ۽ نہ زمين، ان ڪري اوهين پنهنجي ٻولي ڳالهائيندا رهندا تہ ڪنهن کي بہ طاقت نہ آهي، جو اوهان کان اوهان جي ٻولي ڇني سگهي. اوهان ۾ تياڳ آهي، اُدم آهي ۽ محنت اوهان جو مکيہ گڻ آهي. اوهين راجستان ۾ آيا آهيو راجستان اوهان جو آهي ۽ راجستان جي ٻاهران آيل ڊيليگيٽن جو مان سواگت ٿو ڪريان ۽ راجستاني سنڌين کي مان خاطري ٿو ڏيان تہ اوهان جي ٻولي ۽ سنسڪرتيءَ جي وڪاس لاءِ اسان جو هميشہ اوهان سان ساٿ رهندو.

ان ڏينهن پروگرام، 2 بجي تائين هليو. دهليءَ وارن ”مڪان خالي آهي“ ناٽڪ ۽ بمبئي جي ڪلاڪار منڊل پنهنجو پروگرام پيش ڪيو. بمبئيءَ جي شري سنمک ايسراڻيءَ نرتيہ ۽ سنگيت لاءِ ٽرافيون ڏنيو هيون. ناگپور جي شري لڇمڻ ناٽڪ لاءِ ٽرافي رکي ان لاءِ ٽي جج: شري تيرٿ وسنت، شري منو گدواڻي ۽ پوپٽي هيرانندڻي مقرر ڪيا ويا هئا. جن سنگيت لاءِ بمبئي جي ڪلاڪار منڊل کي، ناٽڪ لاءِ ”مڪان خالي آهي“ پيش ڪندڙن کي ٽرافيون ڏنيون. نرتيہ جا اسم پيش نہ ڪيا ويا. تڏهن بہ گورڌن محبوباڻيءَ جي گيت ”پوک پڪي آهي“، تي جنهن ڪکيءَ نرتيہ ڪيو سو گهڻي ساراهہ جي لائق آهي. ان بعد ڪماري آشا اُتمچنداڻي لاڏي تي ناچ ڪيو، سو بہ ماڻهن کي گهڻو پسند پيو. جيئن تہ نرتيہ ۾ چٽا پيٽيءَ جي لحاظ کان نرتيہ اسم موجود هو، ان ڪري هن پيري

ڪنهن کي ٽرافي نہ ڏني ويئي. پروفيسر رام پنجواڻيءَ ڇير جامو پائي پڳت وڏي، شري ماٽر جڏهن ڦيريون پائيندو ڏٺو تڏهن چيائين ”لاشڪ اوهين سنڌي هڪ زندهہ قوم آهيو!“

پنجواڻي صاحب جنهن نموني ۾ هزارين سنڌين جي دلين کي کينچڻ جي شڪتي رکي ٿو تنهن ۾ شايد ئي ڪو سنڌي ساٿس برميچي سگهندو.

28 آڪٽوبر ڊيليگيشن کي جئپور شهر گهمايو ويو ٻي بجي پريس ڪانفرنس سڏائي ويئي، جتي ٻولي ۽ لپيءَ جي باري ۾ پڇيل سوالن جي جوابن ۾ راجستاني اخبارن جي عيوضين کي سڀ ڳالهيون ٻڌايون ۽ سمجهايون ويون. راجستاني اخبارن سميلن جي ڪارروائيءَ کي، جو سچي جڳهہ پئي ڏني ۽ همدرديءَ سان سنڌين جي گهر کي سمجهڻ جي ڪوشش پئي ڪئي.

ٺهرائن ۾ درسيين ڪان پوءِ چونڊون ٿيون. پروفيسر رام پنجواڻي پريزيڊنٽ، شري رامچند بچاڻي وائيس پريزيڊنٽ، گوبند مالهي جنرل سڪيريٽري، شري شيام ڀاڳيا سيڪريٽري ۽ شري ڏرمداس کشتريا خزانچي يڪراءَ چونڊيا ويا. ان کان پوءِ ڪاروباري ڪاميٽي جي ميمبرن جي چونڊ تي ڪافي گوڙ ٿيو. ٻهرين ہ چار ميمبر شري جئرامداس دولترام، پوپٽي هيراننداڻي، ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ اتم گهٽائيءَ سان ۽ بنا ڪنهن مخالفت جي چونڊجي ويا، پر پوءِ ڪن ميمبرن ان ڳالهہ تي اعتراض اٿاريو تہ ڪاروباري ڪاميٽي بمبئيءَ مان ئي گهڻا ميمبر چونڊجن ٿا. ان ڪري سيني پرانتن کي حصو ڏنو وڃي. نيٺ گهڻي گوڙ بعد ٻيا ہ ميمبر چونڊيا ويا. ناگپور مان شري ديو ناٿاڻي، ڀوپال مان شري ڪيئلداس فاني، آديپور مان شري هري دلگير، دهليءَ مان ڊاڪٽر هرو سدارنگاڻي، پروفيسر ٻوجراج ناگراڻي، اجمير مان شري نانڪرام ايسراڻي، ٺهلرام آزاد، جئڪرشن شرما، پرچو وديارٿي، ڊاڪٽر پنهون مل وغيره چونڊجي ويا.

شام جو جئپور جي آدرش نگر جي سنڌي پئنچات طرفان ڊيليگيٽس کي چانھہ پارٽي ڏني ويئي، ان کان پوءِ بني پارڪ جي سنڌي ڪالونيءَ طرفان پروفيسر رام پنجواڻي ۽ گوبند مالهيءَ جي ڪلاڪار منڊل کي نينڊ ڏيئي گهرايو ويو.

رات جو مشاعرو ٿيو شري هري دلگير جي زير صدارت مشاعرو ٿيو پر منهنجي خيال موجب مشاعرو ماڻهن کي نشي ۾ آڻڻ ۾ ڪامياب نہ ويو! جيتوڻيڪ ان کان پوءِ شاعرن پنهنجي پاڻ ۾ محفل مچائي جا اٽڪل 4 بجي رات تائين هلي، ان ۾ گورڌن محبوباڻيءَ پنهنجي چرچي ڀڱهي سان سيني شاعرن کي قيد جي گهيري ۾ ويهاري اهو رنگ رچايو. جو سڀ مهينن جو ٿڪ وساري، گهٽيل گلي جي پرواهہ نہ ڪري مستيءَ ۾ اچي ڳائڻ لڳا.

شاندار ڪاميابيءَ سان جئپور سميلن پورو ٿيو.

# راڄڌانيءَ ۾ آل انڊيا سنڌي ٻولي ڪنوينشن

ارڻ کوبچنداڻي

راڄڌانيءَ ۾ سنڌو سماج طرفان سڏايل اکل ڀارتيا سنڌي ٻولي ڪنوينشن پهرين ڊسمبر تي اُتاهه ۽ اُمنگ ڀرئي وايو منڊل ۾ شروع ٿيو ۽ ٽئن ڏينهن جي هلچل بعد پنيان طوفان جهڙو اثر ڇڏيندو، سماپت ٿيو. هن ڪنوينشن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي جدوجهد جو هڪ نئون باب شروع ٿيو.

گذريل سال نومبر، ڊسمبر ۾ راڄڌانيءَ ۾ يونيسڪو ڪانفرنس جي موقعي تي ساهتيه اڪاڊميءَ سيني ڀارتيه ٻولين جي ڪتابي نماءَ ۾ سنڌو سماج دهلي ۽ سنڌي ٻولي سڀا بمبئيءَ جي مدد سان سنڌي ڪتابن جو وياڳ رکي، سنڌي ساهتيه جي اهميت کي تصديق ڪيو. انهيءَ ئي مهيني راڄڌانيءَ ۾ ايشيائي ليکڪن جي ڪانفرنس ۾ پڻ سنڌي ٻوليءَ کي ٻين مکيه ڀارتيه ٻولين سان گڏ هڪجهڙو حق ڏنو ويو. انهن ڪوشش جو نتيجو اهو نڪتو جو جلد ئي ساهتيا اڪاڊميءَ جي صلاحڪاري ڪائونسل شري جواهر لعل نهرو جي زير صدارت فيصلو ڪيو ته ”سنڌيءَ کي ساهتيه اڪاڊميءَ جي ڪاريا لاءِ پندرهين ٻولي ڪري شامل ڪيو وڃي.“ اُڌم ڪرڻ سان ئي ڦل ملي ٿو.

سنڌي ٻولي ۽ ساهتيه جي نقطي نظر کان هيءَ ڊسمبر مهينو پڻ ايترو ئي اهميت رکي ٿو. سرڪاري توڙي راڄڌانيءَ جي ٻين اثرائتن ڪيترن ۽ جنتا کي سنڌي ٻولي وڌان ۾ تسليم ڪرائڻ جي حق کان واقف ڪرائڻ ۽ سنڌي ڪلا، سڀيتا ۽ ساهتيا بابت همدرديءَ ڀريو وايو منڊل پيدا ڪرڻ لاءِ 1 ڊسمبر کان ٽئن ڏينهن لاءِ دهليءَ جي عاليشان هال ”ساپرو هائوس“ ۾ ”آل انڊيا سنڌي ٻولي ڪنوينشن“ ۽ وڏي پيماني تي هڪ شاندار ”سنڌي سڀيتڪ مها اُتسو“ ڪاميابيءَ سان ٿي گذري. ان سان گڏوگڏ راڄڌانيءَ ۾ پهريون دفعو عظيم عاليشان ”سنڌي مشاعرو“، سنڌي ڪلاڪارن جي

نِنيڙي پر سهڻي ”ڪلا پردرشني“، سنڌي ساهتيہ جي روشن آئيندي جون آشائون آڻيندڙ ”ساهتيا سماگم“ پڻ ٿيا. مطلب تہ ’سنڌي جاتي، ٻولي ۽ ساهتيہ جو هڪ ميلو‘ لڳو پيو هو جو پاڻ سان نئون روح، نئون اُتاهہ ۽ نئين جنبش کڻندو آيو.

راڄڌانيءَ ۾ هر ڪنهن ڪاريہ جي ٻين شهرن جي بنسبت وڏيڪ اهميت رهي ٿي، الڳ الڳ جاتين، پرانتن ۽ ملڪن جا نواسي هتي رهن ٿا. سرڪاري منتري، پارليامينٽ ميمبر، واجدوت وغيره جي هئڻ ڪري دهليءَ جي رونق ئي نرالي رهي ٿي. ان سبب راڄڌانيءَ جي وايو منڊل جو اختياريءَ وارن تي وڏيڪ اثر پوي ٿو. هتان جي اخبارن کي پڻ ديش وديش ۾ خاص اهميت ڏني وڃي ٿي، ان ڪري دهليءَ ۾ رهندڙ 50، 60 هزار سنڌي سڄي هندستان ۾ ٽڙيل پکڙيل 12 لک سنڌين جي رهڻي ڪهڻي، اخلاق ۽ سڀيتا جو آئينو آهن.

راڄڌاني جي سنڌين طرفان هيءَ پهرين ڪوشش هئي، امنگ ۽ جوشيلي جذبات وچان اکل ڀارتيہ مانڊاڻ تہ منڊيو هوسين، پر وقت ٿورو وسيلا محدود، خود ڪاريہ ڪندڙ ئي پيا منجهون تہ دهليءَ جا آتي ۾ لوڻ مثل سنڌي، ڪو ايڏي اکل ڀارتيہ ڪاريہ سان نياءُ ڪري سگهنداسين، پر هڪڙي شڪتي جا ور ور ڪري پڙڪائي رهي هئي، اها هئي، ”ڀارت جي سنڌين جو سنڌي ٻوليءَ جو سوال حل ڪرائڻ لاءِ يڪمشت آواز ۽ ان لاءِ ديس جي سڀني سنڌي سنستائن جو سنڌو سماج سان اخلاقي سهڪار.“

## ڊيليگيٽن ۽ ڪلاڪارن جو سواگت

بس، هڪ ڏينهن اڳ کان ئي رونق شروع ٿيڻ لڳي، ديس جي ڪنڊڪڙڇ مان اڄ سنڌي ٻوليءَ جا ملائڪ مڙڻ لڳا. فلم ڪلاڪار ڀڳو آڏواڻي تہ ڪلچرل پروگرام جي تياريءَ لاءِ هفتو کن اڳ ئي هتي پهچي ويو هو. 30 نومبر تي پروفيسر رام پنجواڻي ۽ سندس پارٽي سازن سامان سميت

اچي پهتي. ساڻس گڏ ”راڻ ڏياچ“ فلم جي ڪلاڪار ڪماري شانتي رامچنداڻي، آسن ميراڻي، سيڪريٽري ڇتارام ڀڳت وغيره ڪل 15 ڪلاڪار آيل هئا. پرفيسر. بي. ايچ ناگراڻي پڻ ساڳيءَ ٽرين ۾ بمبئيءَ جي ڪاليجي شاگردن جي ٽولي وٺي آيل هو. ساڳئي ڏينهن پرنسپال لالسنگهه امجواڻي ۽ بمبئيءَ جا نوجوان ليکڪ گوبند مالهي، ڪيرت ٻاٻاڻي، ڪرشن راهي، پروفيسر ارجن ”شاد“، پروفيسر داس طالب، گوبند پنجابي، ڀارت جيون جو ڄيڻانند لعلواڻي، ”راج فلمستان“ سمپادڪا شريمتي سشيلا لعلواڻي ”سهڻي“سمپادڪ شري ۽ شريمتي چاولا پڻ اچي سهڙيا. گانڌيڌام کان هوندراج ”دکايل“، جيپور مان سوامي برهمانند (پرنسپال راجسٿان ڪلاسٿان) ۽ اجمير مان پروفيسر هاسانند ”جادوگر“، تيرٿ وسنت، پريداس برهمچاري وغيره پڻ آيل هئا. انهن کانسواءِ لکنوءَ مان ڊاڪٽر ڪالاڻي، آگري کان ٿهلرام ”آزاد“ ۽ ڪلڪتي، پٽنا، ڪانپور، ديرادون، متھرا، ناگپور، ڪوٽاهه، احمد آباد، لڌيانه وغيره ۽ ڪيترن آسپاس جي شهرن مان اٽڪل هڪ سئو کن ڊيليگيٽ پهچي ويا. سيني ڊيليگيٽن جي نئين دهليءَ ۾ دهلي اسٽيشن تي آجيان ڪئي ويئي، سيني جي رهائش جو بندوبست هڪ هنڌ ڪو نه ٿي سگهيو. ان سبب هڪٻئي سان مڪاميلو ڪرڻ ۾ ڪجهه تڪليف پئي محسوس ٿي. نهايت افسوس اٿئون جو ريلوي بورڊ وٽان ريلوي رعايت نامنظور ٿيڻ سبب ڪيترن ڀائرن ۽ ڀينرن لاءِ خواهش رکندي، پڻ ڏورانهن پنڌن تان اچڻ ممڪن نہ ٿي سگهيو.

شاباس هجي ”سنڌيت“ تان صدقي ويندڙ انهن ڊيليگيٽن ۽ ڪلاڪارن کي جن ڪنوينشن ۾ ڀاڱ وٺڻ لاءِ پنهنجي خرچ تي نڪري نروار ٿيا، سنڌيت جي مستاني پروفيسر رام پنجواڻي بہ پنهنجي طرفان ڪين گهٽايو. سنڌي ٻوليءَ جي سڏ تي ڪوي ڪلاس طرفان 15 ڪلاڪارن جي ٽوليءَ جي سموري خرچ جو ذمو پاڻ تي هموار ڪري ٻين لاءِ هڪ لاثاني مثال ٻڌجي ڏيکاريو.

## غير سنڌي ودوانن جو آواز

آرتوار ڏينهن صبح جو سڀني سنڌين جو رخ ساپرو هائوس ڏانهن، سنڌي ٻولي تسليم ڪرائڻ لاءِ دهل وڄڻو هو. ان موقعي تي اوچتو پروفيسر گهنشيام شوداساڻي ۽ گانڌيڊام مان پائي پرتاب ۽ شري ماڌو داس شوالومل کي آيل ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي.

ڪنوينشن لاءِ پبلسٽي خوب ڪيل هئي، ان سبب غير سنڌي جنتا پڻ سنڌي ٻوليءَ لاءِ اڪير ۽ همدرديءَ وچان اتي آيل هئي. ڪيترا پارليامينٽ ميمبر هندي ۽ ٻين پارتيا ٻولين جا ودوان پڻ آيل هئا. نيٺ اهو امنگن ڀريو ڪنوينشن جنهن لاءِ ڪيتري عرصي کان ئي اتسنا ڪياسين، سو شروع ٿيو. شروع ۾ سواگت ڪاميٽيءَ جي چيئرمن شري حشو ڪيولراماڻي ڪنوينشن جي پرڌان شري جٿرامداس دولترام، سڀني معزز مهمانن ۽ ڊيليگيٽن جو سواگت ڪندي، سنڌي ٻوليءَ سان گذريل ڏهن سالن ۾ ٿيندڙ انياءَ تي روشني وڌي ۽ سنڌو سماج ۽ ڀارت جي ٻين سڀني سنستانن طرفان سنڌي ٻوليءَ لاءِ هلايل تحرڪ جو ورلن ڪندي ٻڌايو تہ "اج ديس جي پندرهن لک سنڌين جون اکيون هن ڪنوينشن ڏانهن لڳل آهن، اميد تہ اوهان ودوانن جي سهڪار سان اسين پنهنجي مقصد ۾ جلد ڪاميابي حاصل ڪري سگهنداسين."

ڪنوينشن جو مهورت ڀارتيہ ٻولين جي مشهور ودوان ڊاڪٽر سنيتي ڪمار چٽرجي، (چيئرمن سنسڪرت ڪميشن، ميمبر راجيہ ڀاشا ڪميشن ۽ چيئرمن اولهہ بنگال ڪائونسل) کي ڪرڻو هو پر اهو ڪن لاچارن سبب دهليءَ ڪو نہ پهچي سگهيو. ان جي جاءِ پڻ سنسڪرت جي مشهور ڀاشا ودوان، 76 ورهين جي پيرسن پارليامينٽ ميمبر ڊاڪٽر ڪاني (Dr. Kane) ورتي. ان مهورتي ڀاشڻ ۾ ڀاشا وگيان جي اهميت جي نقطي نظر کان سنڌي ٻولي تسليم ڪرڻ جي طلب جي تائيد ڪندي چيو تہ پارليامينٽ ۾ اهو سوال بحال ڪرائڻ لاءِ مان هر ممڪن ڪوشش ڪندس.

## ڪاميابي لاءِ شپ ڪامنائون

مهورت بعد هن بندي کي ڪيترن نيتائن ۽ ودوانن وٽان ڪنوينشن جي مقصد جي تائيد ڪندي، ان جي ڪاميابي لاءِ شپ ڪامنائن جا آيل سنيها ۽ سنڌي ٻولي بنسبت رايا پڙهڻ جي آگيا ڏني. بمبئي يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر پرنسپال ٽي. ايم. آڏواڻي، آچاريه ڪرپلاڻي، لوڪ سڀا جي اسپيڪر شري اننتسياتم آينگر، ڪميونسٽ ليڊر شري هيرين مکرجي، هنديءَ جي راشٽر ڪوي شري مئٿلي شرڻ گپت، عليگڙهه يونيورسٽيءَ جي پروفيسر ڊاڪٽر محمد حسين، شري هوتچند آڏواڻي، راشٽر ڀاشا پرچار سمتي وارڌا جي پرڌان منتري شري موهن لعل ڀٽ جا سنديسا پڙهيا ويا. هر هڪ سنيهي ۾ سنڌي ٻولي ۽ ساهتيه جي گڻن جو ورتن اهڙي ته دل ڇڪيندڙ نموني ۾ ڪيل هو جو ٻڌڻ سان هر گهڙيءَ تاڙين جو ٺهڪو پئي پيو ۽ حاضرين جو اتساهه پئي ٻيڻو ٿيو. ڀارت سرڪار جي منتري شري ڪي سي ريڊي، پارليامينٽ ميمبر مهاراڻي سنڌيا آف گواليار، شرمتي ليلاوتي منشي دڪن ڪاليج، پونا جي سنسڪرت ڊپارٽمينٽ جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر ايس. ايم ڪتري ۽ سنڌو سماج بڙودا ورن پڻ شپ ڪامنائن جا سنديشا پهتل آهن.

ان بعد شري جيرام داس دولترام صدارتي تقرير ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اتهاس جو موهن جي دڙي جي سڀيتا کان وٺي کوجنا پورن ورتن ڪندي ڀاشا وگيان ۽ راشٽر ڀاشا هنديءَ کي مالا مال ڪرڻ جي درشٽيءَ کان تمام اثرائتا دليل پيش ڪيا. (ڀاشڻ جي سموري رپورٽ ”هندستان“ ۾ آيل آهي) پروفيسر نارائڻ داس ملڪاڻي اثرائتي جذباتي نموني ۽ خاص طور غير سنڌين کي سنڌي ٻوليءَ جي طلب جي سمجهاڻي ڏيندي چيو ”هن طلب پنيان ڪا به ٻوليوار ڇڪتاڻ يا پرانتيا ڀاونا ڪو نه آهي، پر هن ۾ هڪ سچو ديش ڀڳتي“ جو ڀاوَ آهي، جنهن ۾ مادري ٻوليءَ لاءِ پيار هڪ اهم جڳهه والاري ٿو. ان ڪري نه رڳو سنڌي، پر هر ڪنهن ڀارت واسي جو فرض آهي ته سنڌي ٻوليءَ سان ٿيل بي انصافي دور ڪرڻ ۾ مدد ڪري.“

## غير سنڌي ودوانن جو آواز

ان بعد هندي ۽ مرهٽي ٻولين جي مشهور ودوانن پارليامينٽ ميمبر ڪاڪا صاحب ڪانيڪر (گانڌي هندستاني سڀا جي پرڌان) تمام زوردار لفظن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي سوال جي تائيد ڪندي، سنڌي ساهتيه ۽ سنڌي سنگيت جي ڏاڍي ساراهه ڪئي، چيائين ته ”سنڌي راڳ ڪانسواءِ ڀارتيه سنگيت جو خزانو اڌورو رهجي ويندو، ان ڪري سنگيت اڪاڊميءَ کي پنهنجي پروگرام ۾ سنڌي سنگيت پڻ شامل ڪرڻ گهرجي.“ مهاتما گانڌي پڻ 1916ع ۾ پهريون دفعو ڊاڪٽر چوئٿرام جي سنڌي تقرير ٻڌي سنڌي ٻوليءَ جي ڏاڍي ساراهه ڪئي هئي ۽ ان جي وڌڻ ويجهڻ جي آشيرواد ڏني هئي. سنسڪرت ۽ هندي وانگر سنڌي پڻ اسان جو اباڻو ورثو آهي، جنهن کي اسين ڪڏهن به وڃائڻ نه چاهينداسين. سنڌي ٻولي تسليم ڪرائڻ جي ذميواري صرف سنڌين جي ئي نه پر سڀني ڀارت واسين جي آهي. سنڌي وڌان جي ائين شيڊول ۾ شامل ڪرڻ سان ڀارتيه سڀيتا جي اُنتي ٿيندي، سنڌي ديوناگريءَ ۾ لکي ويندي ته ان جو وڌيڪ ڦهلاءُ ٿيندو.“

دنيا جي ڪيترن ٻولين جي ماهر ۽ ڪوجنا ڪندڙ پارليامينٽ ميمبر ڊاڪٽر رگهوير سنڌي ٻوليءَ جي گهرائي (depth)جي ساراهه ڪندي ٻڌايو ته ”سنڌي هڪ زندهه ٻولي آهي، سنڌي نه رڳو هندستان جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پر سڄي دنيا ۾ پکڙيل آهن. انڊونيشيا، فلپائين، منگوليا، ويندي ڪئسپين سمنڊ جي ڪناري وارن ملڪن ۾ پڻ گڏيا اٿو. انهن ملڪن ۾ مون کي ڪيترا هٿ لکيل (Manuscript) سنڌي ڪتاب پڻ نظر آيا آهن. منگوليا جي ساهتيه رچنا ۾ ڪن سنڌين جو پڻ هٿ آهي. هزار ورهيه اڳ جو لکيل سنڌي مهاڀارت ملڻ ۾ نه رڳو سنڌين جو پر ڀارت جو به شان آهي. سنڌي ٻولي هندي ڄاڻندڙن کي ويجهي آهي. آچاريه ڪرپالاڻيءَ جي سنڌي سنيهي جو جيڪو هندي ترجمو پڙهيو ويو. ان ۾ ۽ مرل سنڌي سنيهي جي ٻوليءَ ۾ مون کي تمام ٿورو فرق لڳو. بنا ترجمي جي پڻ سمورو مطلب سمجهه ۾ اچي ويو. منهنجي اها ئي شڀ ڪامنا آهي ته سنڌي ٻولي وڌان ۾ تسليم ٿئي ۽ ان جو ساهتيه وڌي ويجهي.

هندي ساهتيہ جي مشهور ودوان پارليامينٽ ميمبر شري بنارسي داس چترويدي پڻ زوردار لفظن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي سوال جي حمايت ڪندي چيو تہ ان ڪاريا ۾ مان هر قسم جي مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. سنڌي جاتيءَ جي اخلاق ۽ جفاڪشي وغيرهہ گڻن جي ساراهہ جا ڏڪ پريندي هن چيو تہ ”آچاريہ گدواڻي ۽ ساڌو واسواڻي جي محبت ۾ رهي گهڻو ڪجهہ پرايو اٿم. انهن جهڙا ودوان ديش ۾ ڇڊا ليندا.“

پارليامينٽ ميمبر شري راڌا رمڻ بہ ٻڌايو تہ ”سنڌي ٻولي وڌان ۾ شامل ڪرڻ ڪانسواءِ ڀارتيہ ٻوليون اڻپوريون ۽ غريب رهجي وينديون ۽ اها سنڌين سان ئي نہ پر سيني ڀارت واسين سان بي انصافي ٿيندي. سنسڪرت پرڌان هندي ۽ عربي فارسي نما اردو جي ڀيٽ ۾ مون کي آچاريہ ڪرپالاڻيءَ جي سنيهي واري سولي سنڌي وڌيڪ چٽيءَ طرح سمجهہ ۾ اچي ويئي.“

# اکل ڀارت سنڌي ٻولي ڪنوينشن

ڀھرين ڊسمبر 1957ع ساري هندستان جي سنڌين لاءِ تواريخي اھميت وارو ڏينھن ڳڻڻ ۾ ايندو. ان ڏينھن تي ساري هندستان ۾ ٽڙيل پکڙيل سنڌين جون اکيون دھلي طرف کتل هيون، ائين ڪونھي تہ ان ڏينھن دھليءَ ۾ ڪو عرش جو انب لھڻو هو. تنھن ڪري هنن جو ڌيان دھليءَ طرف ڇڪيل هو. پر انھيءَ ڪري جو ان ڏينھن سيني سنڌي هندن جي امتحان جو ڏينھن هو. هو انتظاريءَ سان ڏسي رهيا هئا تہ سنڌي هندو يڪمشت ٿي، پنھنجي جنم جي حق، سنڌي ٻوليءَ جي تسليميءَ جي گھر زوردار نموني ۾ ڪن ٿا يا نہ. چاڪاڻ تہ اهو هن وقت سنڌين جي جيوت ۽ موت جو سوال آهي ۽ ان تي ئي سنڌ جي آئيندي جي ابن جي سڌاري ۽ واڌاري جو مدار آهي. وڏي خوشيءَ جي ڳالھ آهي تہ ڪنوينشن بلڪل ڪاميابي سان ختم ٿي. سنڌين طرفان فقط ئي نھراءُ پيش ڪيو ويو. سنڌيءَ کي ڀارتي وڌان جي ائين شيڊول ۾ ٻين 14 پرانتڪ ٻولين سان گڏ 15 ٻولي ڪري شمار ڪيو وڃي. سنڌو سماج دھلي، جنھن جي سھاري هيٺ اھا ڪونائي ويئي هئي، تنھن هر طرح ڪيرون لھڻيون، جنھن نموني اها ڪارروائي چار ڏينھن هلي، سا ڏيکاري ٿي تہ سڀ سنڌي هندو ان ڳالھ تي يڪمشت هئا ۽ آهن تہ سنڌيءَ کي بنا دير جي ڀارتي جوڙجڪ ۾ جوڳي جاءِ ڏني وڃي. ڪارروائي هلندي، ڪنھن بہ سنڌيءَ جي زبان مان ڪو بہ ڪوڙو اکر نہ نڪتو. سنڌين سرڪار کان نياز ۽ نمرتا سان نياوءُ جي گھر ڪئي. ان گھر جي ڪيترن ڀارت جي ودوانن ۽ ساھتڪارن بہ تائيد ڪئي، جنھن جو ذڪر هن ليک ۾ ڏسندا. اسان کي خاطري آهي تہ پنھنجي سرڪار سنڌين جي ان زوردار گھر کي قبول ڪري، سنڌين جي ورهاڱي سبب ٿيل زخمن جي ڀرڻ ۾ مددگار ٿيندي. سنڌين جي اها گھر ڪا راڄنيتي جي چال نہ آهي، پر جنم جو حق آهي. هن گھر جي ڪو بہ برخلاف نہ آهي.

شري ڪاني ڪنوينشن جو مھورت ڪندي جيئن چيو تہ "سرڪار جي غفلت وچان ئي سنڌيءَ کي وڌان جي ائين شيڊول ۾ نہ آندو

ويو آهي، نہ تہ سرڪار کي ٻيو ڪو بہ سبب ڪو نہ هوندو. اميد تہ پنهنجي سرڪار سنڌين جي نيائڪاري گهر کي قبول ڪري، سنڌيءَ کي پنهنجي پينرن، هندستان جي پرانتڪ ٻولين، سان گڏجي رهڻ جو موقعو ڏيندي.“

پهرين ڊسمبر ڏهين بجي صبوح جو شُب گهڙي ۾ ڪنوينشن جي ڪارروائي شري جيرامداس دولترام جي زير صدارت شروع ٿي.

## مهورتي تقرير

شروع ۾ شري جيرامداس دولترام، پروفيسر پي.وي.ڪاني جي سڃاڻپ ڪرائيندي ٻڌايو تہ هو راجيا سڀا جو ميمبر ۽ هڪ ٻرک ڀاشا وگيان جو ماهر (Philologist) آهي. ڪيس عرض ڪيائين تہ ڪنوينشن جي کولڻ جو اڇي مهورت ڪري.

هن پنهنجي مهورتي تقرير ۾ چيو تہ سنڌي ڀاشا پراچين ٻولين مان آهي، جنهن جي ماءُ آهي سنسڪرت، منهنجي، سنڌي ڀاشا کي تسليم ڪرائڻ لاءِ، توهان جي تقاضا سان پوري همدردي آهي. جڏهن ڪشميري کي بہ تسليم ڪيو ويو آهي، تڏهين سنڌي ڀاشا کي ائين شيڊول کان ڇو ٻاهر رکيو ويو آهي؟ ائين ڪونهي تہ جڏهن وڏان تيار ٿي رهيو هو تڏهن سنڌيءَ کي نظر انداز ڪيو ويو هوندو يا وساريو ويو هوندو، پر ائين ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ جن ان وقت وڏان جو مسودو تيار ڪيو هو تن جو سياويڪ ڌيان انهن ٻولين ڏانهن ڇڪجي ويو ٿو ڏسجي، جي ان وقت هندستان ۾ چالو هيون.

ڀارت سرڪار جي نيتيءَ جي ثابتي ان مان ئي ملي ٿي، جو تازو ان صاف ٻڌرائي ڪئي آهي تہ قومي گيت مان ”سنڌ“ اکر نہ ڪڍيو ويندو، پر ان ۾ قائم ئي رهندو. ڊاڪٽر ڪاني وڌيڪ چيو تہ راجيہ نوءُ رچنا ڪميشن جي رپورٽ ۾ انهن ٻولين کي، جن جا ڳالهائيندڙ ٿوري تعداد ۾ آهن، خاص بچوڏنا ويا آهن ۽ راشٽرپتيءَ کي خاص اختياريون مليل آهن تہ هو جدا جدا راجين ۾ اهڙن ٻولين جي ڳالهائيندڙن کي سهولتون وٺي ڏئي. ٿورائي وارن

کي انهن ٻچاون جو پورو لاڀ ملي سگهي ٿو.

پهريائين شري لڇمڻ کوبچنداڻي هند جي اڳواڻن ۽ برک سنڌين جا آيل سنيها پڙهي ٻڌايا. جن ۾ گهڻو ڪري سڀني صاحبن ڪنوينشن جي ڪاميابي لاءِ شڀ ڪامنائون ظاهر ڪيون هيون. انهن ۾ مکيہ هئا: بابو راجيندر پرساد، شري ٿي. آءِ آڏواڻي بمبئي يونيورسٽي جو وائيس چانسلر، آچاريہ جيوترام ڪرپالاڻي، شري اننت ساينم آينگر لوڪ سڀا جو سپيڪر، شريمتي سچيتا ڪرپالاڻي، شري ڪي. ايم. منشي، شرمتي راميشوري نهرو وغيره وغيره.

## سنيها

شريمتي راميشوري نهرو ڪنوينشن جي ڪاميابيءَ لاءِ شڀ اڇائون ظاهر ڪندي لکيو:

”اوهان جي گهر انصاف روءِ آهي. سنڌي هڪ پراچين ۽ سٺي ترقي ڪيل ٻولي آهي. ڪو بہ سبب ڪونهي تہ ڇو سنڌيءَ کي جوڙجڪ جي اٺين شيڊيول ۾ درج نہ ڪيو وڃي.“

شري اننت ساينم آينگر، لوڪ سڀا جي اسپيڪر، پڻ ڪنوينشن لاءِ شڀ ڪامنائون ظاهر ڪندي لکيو:

”سنڌي ڏاڍي عمدي ٻولي آهي، جا سنسڪرت سان لاڳاپو رکي ٿي ۽ ان جو ساهت بہ ڪافي وسيع آهي. جتي سنڌي گهڻي تعداد ۾ رهن ٿا، آءٌ انهيءَ راءِ جو آهيان، تہ اُتي سنڌين جي ٻارن کي ماتري ڀاشا ۾ سيکارڻ جو خاص پربنڌ ٿيڻ گهرجي.“

شري هيرن مڪرجي، لوڪ سڀا ۾ ڪميونسٽ ڌر جي اڳواڻ ڪنوينشن ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت لاءِ شڪرانا ظاهر ڪندي لکيو:

”مان اوهان کي خاطري ٿو ڏيان تہ منهنجي اوهان جي نيائڪاري گهر سان پوري همدردي آهي تہ سنڌيءَ کي جوڙجڪ جي اٺين شيڊول ۾ درج ڪيو وڃي.“

ڊاڪٽر محمد حسن عليگڙهہ وشو وديالیہ مان لکي موڪليو:
”سنڌي اسان جي ملڪ جي ٻولين مان هڪ مکيہ ٻولي آهي. ملڪ جي آزاديءَ جي پرک اُن مان پوندي آهي تہ ملڪ جون ٻوليون ۽ ساهت ڪيتري قدر آزاد آهن. گهڻي وقت کان سنڌيءَ کي ٻين پرانتڪ ٻولين جيان جوڳي جاءِ نہ ڏني ويئي آهي. ٻولين ۾ چڙهت نہ ٿيڻ ڪري ۽ هر هڪ ساهت کي وڌڻ ويجهڻ جو پورو موقعو ملڻ ڪري، جنهن ملڪ جي سنسڪرتڪ ۽ سڀيتڪ (تهذيبي ۽ تمدني) خزانو ڀرپور ٿيندو رهي. سنڌي ساهت کي اسان جي قومي ٻولين جي وچور (لسٽ) ۾ شان واري جاءِ ملڻ ڪري. منهنجي سنڌي ٻولي خواهہ ساهت جهڙي اتم ڪاريہ ۾ اوهان سان پوري همدردي آهي.

پرنسپال ٽي. ايم آڏواڻي سنيهي ۾ لکيو تہ منهنجي ڪنوينشن سان پوري همدردي آهي، اوهان جيان منهنجي بہ زبردست خواهش آهي تہ جوڙجڪ جي انهين شيڊول ۾ سنڌيءَ کي بہ شامل ڪيو وڃي.

سنڌي پراچين ٻولي آهي. هندستان جي ٻين 14 پرانتڪ ٻولين جيان سنڌي بہ اسان جي راشٽر ڀاشا هنديءَ جي واڌاري ۽ سڌاري ۾ مددگار ٿي سگهي ٿي. سنڌيءَ جي جنني سنسڪرت آهي ۽ سنڌيءَ ۾ 70 سيڪڙو اکر سنسڪرت مان نڪتل آهن. ان کانسواءِ عربي ۽ فارسي ٻولين سنڌيءَ کي خوب مالا مال ڪيو آهي. سنڌي ساهت بہ ڪافي شايع ٿي رهيو آهي. سنڌ جي زندگيءَ ۽ خيالن تي ويدانت، تصوف ۽ سک مت ڪافي اثر وڌو آهي. گرونانڪ صاحب سنڌ ۾ پڌاريو هو ۽ پريم ۽ سهنشيلتا جو سنديش ڏنو هئائين. ان جو نتيجو اِهو نڪتو جو سنڌ مان ڇوت ڇات جو مرض ئي نڪري ويو.

جڏهن سنڌي پنهنجو وطن ڇڏي هندستان ۾ چوڌاري پکڙجي ويا، تڏهن مون کي شڪ هو تہ آئيندي لاءِ سنڌي ٻولي ۽ ساهت جو آهي واهي الله! اها نهايت خوشيءَ جي ڳالهہ آهي تہ انيڪ نوجوان ليکڪ پيدا ٿيا آهن، جي سنڌي ساهت جي خزاني کي مالا مال ڪري رهيا آهن نہ فقط سٺن ڪتابن جي ترجمي ذريعي پديہ ۽ گديہ (نظم ۽ نثر) ۾ اصلوڪن ڪتابن لکڻ سان پڻ.

اج بہ ڪجي، ڪوجا ۽ ميمڻ پڻ سنڌي ڳالهائيندا آهن، تنهن ڪان سواءِ 12 لک ماڻهو آهن، جي سنڌي ڳالهائن ٿا.

اها خوشي جي ڳالهہ آهي تہ هندي ساهتيہ اڪاڊمي بہ سنڌيءَ کي تسليم ڪيو آهي ۽ آل انڊيا ريڊيو پڻ هفتي ۾ هڪ دفعو سنڌيءَ ۾ پروگرام ڏيڻ شروع ڪيو آهي.

## حشو ڪيولراماڻيءَ جي مرحبا ڪاميٽيءَ طرفان مرحبا

ڪنوينشن جي موقعي تي آيل ڊيليگيٽن جو سواڳت ڪندي، شري حشو ڪيولراماڻي چيو تہ سنڌو سماج جي بانيڪارن هن سميلن جي ذميواري پاڻ تي هموار ڪئي آهي ۽ مان سماج طرفان، اوهان سيني جو سواڳت ٿو ڪريان. سنڌين اباڻا اجها ڇڏيا، ملڪيتون ڇڏيون ۽ سور سختيون سٺيون ۽ وڏي ۾ وڏي قرباني ڪئي. ڀارت جي گود ۾ شرڻ وٺڻ بعد اول تہ هو ٿانئڪي ٿيڻ ۽ پير پختا ڪرڻ ۾ رڌل رهيا. جنهن ڪري اسان جي سماجڪ جيون جي ڇن ڀن ٿي ويئي. سپيتڪ جيون ۾ اهڙو ڪجهہ رهيو ئي ڪين جو بدليل حالت هيٺ زندهہ رکي سگهجي. آخر جڏهن ٿوري سامت آئي، تڏهن پنهنجي ٻوليءَ جو ڌيان آيو. اسان مان ڪيترا نراس ٿي ويا. ڪن ڀانيو تہ جنم ڀومي ويئي، اباڻا اجها ۽ ملڪيتون ويون تہ ٻولي بہ ويئي. ساهتيہ بہ چٽو پر پنهنجي منڙي ملڪ جي ٻوليءَ جي ٻاڙٻجهڻ جي نہ هئي ۽ اندر ۾ اها اڪير وڌڻ لڳي تہ ڪيئن بہ هيءَ ٻولي زندهہ رهي. نرواست ٿيل ليکڪن، شاعرن، اديبن ۽ ڪلاڪارن پاڻ ۾ گڏجي سوچيو تہ ٻوليءَ لاءِ جدوجهد ڪجي. خاص ڪري جن ايراضين ۾ سنڌي ججهي تعداد ۾ هئا، اتي سندن ٻارن جي تعليم وغيره لاءِ سنڌي ماڌيم جي ضرورت تي زور ڏنو ويو. نتيجو اهو نڪتو جو سنڌين جا اسڪول ۽ ڪاليج وڌي رهيا آهن ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ چاهہ زور وٺي ويو آهي، پر هڪ ڏکيائي اها هئي تہ وڌان جي 8 شيڊول ۾ سنڌيءَ کي جاءِ نہ ملي آهي، جنهن ڪري سنڌيءَ کي ٻين ٻولين جهڙو پد پراپت نہ ٿيو آهي ۽ ڪن هنڌن تعليمي کيتر مان سنڌيءَ کي ڏنل سهولتون واپس ورتيون ويون آهن، پر ان هوندي بہ ساهتڪ کيتر ۾ سنڌي

اديبن ۽ ڪلاڪارن پنهنجون ڪوششون جاري رکيون آهن ۽ ٻوليءَ کي تسليم ڪرائڻ لاءِ هلچل هلائي رهيا آهن. البت ايترو سو ٿيو آهي جو ڪنهن حد تائين سنڌي ٻولي سرڪاري سنسٿائن ۾ تسليم ٿي آهي، پر هن ڪنوينشن جي خاص مراد آهي تہ سنڌيءَ کي وڏان جي 8 شيڊيول ۾ آندو وڃي. مون کي پڪ آهي تہ هت گڏ ٿيل ودوانن جي پرچار سان اسين ان ڏس ۾ سڦل ٿينداسين.

## شري جيرامداس جي صدارتي تقرير

سنڌي ٻولي سميلن جي پريزيڊنٽ شري جئرامداس دولترام پنهنجي تقرير شروع ڪندي چيو تہ اسين هتي هڪ اهم سوال تي ويچار ڪرڻ لاءِ گڏ ٿيا آهيون، جنهن جو واسطو جيتوڻيڪ ڪنهن خاص فرقي سان بہ آهي، پر ساڳئي وقت ان کي قومي پهلو پڻ آهي. اهو سوال آهي تہ سنڌي ٻوليءَ کي ڀارتي وڌان جي انين شيڊول ۾ جڳهہ ڏني وڃي ۽ ان کي راشٽر ڀاشا جي وڪاس لاءِ ڪيئن ڪتب آڻجي.

سنڌي ٻولي هڪ بلڪل پراچين ڀاشا آهي ۽ ان اندر سندس لنبي اتهاس ۾ ڪافي تبديليون آيون آهن. سنڌي ڀاشا اهڙي پراچين آهي، جهڙو آريا لوڪن جو ڀارت اندر اچي سنڌو ماتريءَ جي هيٺين ڀاڱي ۾ پاڻ وسائڻ جو اتهاس. ان جي اصلوڪي صورت شايد اها ئي هئي، جيڪا ان ماتريءَ جا باشندا ان وقت ڳالهائيندا هئا ۽ اها ان ٻوليءَ کان گهڻو علحدي نہ هئي، جنهن ۾ رگ ويد جا منتر اول اول اُچاريا ويا ۽ ڳايا ويا.

## جدا جدا روپ

ٻين اندو آرين ڀاشائن جيان سنڌي ڀاشا پڻ جدا جدا صورتون اختيار ڪيون آهن، جن کي پراچين، وچولي ۽ نئين زماني جي اندوآرين ڀاشائن جو پراڪرت ۽ اپڀرنش روپ سڏجي ٿو. آخر ان هاڻوڪي سنڌي جي صورت اختيار ڪئي آهي، جنهن کي ڀارت جي هاڻوڪين ٻولين ۾ پڻ ڳڻيو وڃي ٿو. سنڌي ڀاشا کي سندس آخرين صورت شايد هڪ هزار

عيسوي سن ڏاري ملي، جيتوڻيڪ هڪ زنده اوست جيان اها اجا بہ ڦلجي ڦولجي ۽ وڌي رهي آهي. سر جي. اي گريئرسن ۽ ڊاڪٽر سنتي ڪمار چٽرجي پارن ڀاشا وگيانين، اُتر ڀارت جي هاڻوڪين ڀاشائن جي وڪاس جو اهو ئي رخ ٻڌايو آهي.

## سنڌيءَ جو وڪاس

هزارها ورهيہ اڳي جڏهين سنڌي ڀاشا جو جنم ٿيو، تڏهين کان وٺي سنڌي ٻوليءَ جو وڪاس لڳاتار ٿيندو آيو آهي. انهيءَ جي شروعات ان وقت ٿي، جڏهن آريا جاتيءَ جي هڪ فرقي، بلوچستان ۽ راجستان جي وچواري ايراضي اچي والاري. آريا جاتيءَ جو اهو فرقو ٻين کان ڪجهہ قدر الڳ ٿي ويو ۽ اهي هڪ خاص قسم جي ويدڪ پراڪرت ڀاشا ڳالهائڻ لڳا، جا رگ ويد جي لکڻ کان اڳ ۾ ڪتب ايندي هئي. پرانتو ماهرن (Archaeological Specialist) ڪافي ثابتين سان ثابت ڪيو آهي تہ اتهاسڪ زماني کان اڳ واري زماني جي کوٽاين مان جيڪي شيون لڌيون آهن، سي ڏيکارين ٿيون تہ ڇئن هزارن سالن کان اڳي، سنڌ جي راجڌاني موهن جي دڙي ۾، ويدڪ ڪريائون ڪيون وينديون هيون ۽ ويدڪ منتر اُچاريا ويندا هئا. ان وقت جيڪا ڀاشا اُن شهر ۾ گهرن ۽ بازارين ۾ ڳالهائي ويندي هئي، سا هئي پراچين سنڌي پراڪرت. ان جي ٻاهرين صورت جيتوڻيڪ آهستي آهستي بدلجي ويئي آهي، پر ان جي بيهڪ (Structure) جو اصل نسل اجا قائم آهي. اها پراچين سنڌي پراڪرت، پالني، پتنجلي، ڪاليداس ۽ رامايڻ ۽ مها ڀارت جي پراڪرت کان بہ اڳ واري آهي. ٻين هاڻوڪين انڊو آرين ڀاشائن جيان سنڌيءَ کي بہ ساڳي پراچينتا ۽ ساڳي نموني جو پراچين اتهاس آهي. انهن پراچين ڀاشائن جي ڪنهن اڳ واري ٻولي مان ئي سنسڪرت ڀاشا جنم ورتو. ٻين پراڪرت ڀاشائن جيان سنڌيءَ پڻ پنهنجو روپ بدلائي اپڀرنش جو روپ اختيار ڪيو پر ڏسجي ٿو تہ سنڌيءَ پاڻ پنهنجا ڪيترا پراڪرت، روپ جيئن جو تيئن قائم رکيا آهن.

## جين اوتار

جين ڌرم جو يارهون تير ٿنڪر انشاناٿ، جو سنڌ ۾ ڄائو هو ۽ جنهن جين ڌرم جي سڌانتن جو پرچار سنڌ ۽ ڀارت جي ٻين ڀاڱن ۾ ڪيو هو. تنهن ۾ ڏسجي ٿو ته پنهنجي پرچار ۾ ان وقت جي سنڌي زبان جو اپيوگ پڻ ڪيو. هن عيسوي سنه کان 1500 سال اڳ ۾ اولهه بنگال ۾ وڃي اُپواس ذريعي پنهنجي زندگيءَ جي آخرين آهوتي ڏني.

## مهاڀارت وارو زمانو

عيسوي سن کان هڪ هزار ورهيه اڳي، جڏهن چيو وڃي ٿو ته مهاڀارت  واري جنگ لڳي تڏهن ٽيهه هزار ڪن برهمڻ، ڪورون جي راجا ڏريو ڌن سنڌ ۾ وسايا. انهن ڏسجي ٿو ته اچي وچ سنڌ ۾ پاڻ وسايو، جنهن بعد ان ايراضيءَ کي ”برهمنڪا“ سڏيو ويو. پاڻني جنهن جو جنم عيسوي سن کان 500 سال اڳي ٿيو هو، تنهن پنهنجي ”اشٽاڌيائي“ پستڪ ۾ ان جو ذڪر ڪيو آهي. اها ايراضي پوءِ ”برهمنواس“ ۽ ”برهمڻ آباد“ جي نالن سان سڏجڻ ۾ آئي. ڀارت جي جدا جدا ڀاڱن مان آيل ايترن برهمڻن جي سنڌ ۾ اچڻ ڪري سنڌي ٻوليءَ جو ضرور وڏيڪ وڪاس ٿيو هوندو ۽ ان جي صورت ۾ پڻ ڪافي تبديلي آئي هوندي.

## سنڌيءَ جا روپ

سنڌي ٻوليءَ جي روپ وغيره بابت ٻي عيسوي صديءَ کان اڳ جو اسان وٽ ڪو به رڪارڊ يا ذڪر ڪو نه آهي. موهن جي دڙي مان جيڪي مهرون لڌيون آهن، تن ۾ کهڙي لپي ۽ کهڙي ڀاشا ڪتب آندي ويئي آهي، سا اڃا سمجهي نه سگهيا آهيون. جيتوڻيڪ  ان بابت جدا جدا ويچار ظاهر ڪيا ويا آهن، انهن مان شايد سنڌي ٻوليءَ جي اصلوڪي رنگ روپ ۽ وصفن تي ڪجهه روشني پئجي سگهي، پر هن وقت جيڪا ڄاڻ اٿئون، تنهن موجب ڀرت ئي پهريون سنسڪرت ليکڪ آهي، جنهن ٻي صدي عيسويءَ ۾ لکيل  پنهنجي نٽيه شاستر ۾ سنڌو سو ويرا جي رهواسين جي

ٻوليءَ جو ذڪر ڪيو آهي ۽ ان جي رنگ روپ ۽ وصفن وغيره بابت پڻ ٻڌايو آهي، جي اڄ تائين بہ سنڌي ٻوليءَ ۾ موجود آهن.

## يادوئن جو زمانو

اهو زمانو شايد اهو هو جڏهن يادو ڪل جي سما لوڪن جو راڄ ڏکڻ سنڌ مٿان هو. هنن جي گاديءَ جو هنڌ برهمنواس (برهمڻ آباد) هو ۽ سندن ڏاڪو ستين عيسوي صديءَ تائين قائم رهيو. انهيءَ ساڳئي عرصي ۾ کتري ڪل جي پرمار لوڪن جو راڄ وري اتر سنڌ مٿان هو ۽ سندن راڄڌاني اروڙ ۾ هئي. انهيءَ عرصي اندر ماڻهن جي ٻولي سنڌي ٿي رهي جا اندو آرين ٻولين جو هڪ قسم هئي.

## چينائي ياتري

ان بعد ستين صديءَ جي وچ ڌاري چيني ياتري ٻوئن چئانگ ڀارت ۾ آيو. جنهن ڏکڻ ۽ وچ سنڌ ۾ رهندڙ ماڻهن جي ٻولي بابت ڪجھ ٻڌايو آهي. هو لکي ٿو تہ انهن ماڻهن جي ٻولي مڌيہ ديش جي رهواسين کان ٿوري ڦريل آهي. مڌيہ ديش ۾ اتر گجرات، راجستان، مالوا، پشچم، اتر پرديش ۽ ٻيا واريون ايراضيون اچي ٿي ويئون. انهن ايراضين ۾، چيني ياتريءَ جي لکڻ موجب شورسيني ۽ ناگر ٻوليون چالو هيون. پوءِ وري اسين ڏسون ٿا تہ ائين صديءَ ۾ ”سينڌوائن“ جي ٻوليءَ جو ذڪر ملڪ جي 18 مکيہ ديش ڀاشائن ۾ ڪيو ويو آهي.

”ڪواليہ مالا“ نالي هڪ پستڪ عيسوي سن 779 ۾ اپڀرنش ٻوليءَ ۾ لکيو ويو. ان پستڪ جو ليکڪ لکي ٿو تہ سنڌ واسين جي ڪوتا رميٽڪ، مٺي، نرم آواز واري آهي ۽ منجهس ديش ڀڳتيءَ جو ڀاو ڀريل آهي. ان جي ثابتيءَ ۾ پوءِ هن سينڌوائن جي ڪوتا مان ڪي بيت وغيره پڻ دهرايا آهن.

نائين صديءَ ۾ وري آنند ورڌن نالي ڪشميري مها ڪويءَ پنهنجي ڪوتائن ۾ جدا جدا ڀاشائن جا لفظ ڪتب آندا ۽ انهن ۾ ڪي ”سينڌوا ڀاشا“ جا لفظ بہ ڪتب آندا ويا آهن.

## سنڌي مهايارت

اٽڪل هڪ هزار ورهيه اڳي هڪ نامعلوم سنڌي ودوان سنڌيءَ ۾ مهايارت لکيو. اهو ڪتاب شايد نثر ۾ لکيو ويو ۽ ان ۾ مهايارت جي آکاڻي ڪجهه علحدي نموني ۾ ڏنل آهي. اهو مها يارت ڏهين صديءَ ڌاري ابو صالح نالي هڪ عرب عربي زبان ۾ ترجمو ڪيو ۽ ان عربي ترجمي جو وري فارسي ترجمو 1026ع ۾ ڪيو ويو. ڪجهه وقت بعد اهو فارسي ترجمي وارو ڪتاب وري مختصر روپ ۾ ”مجمل – ال- تواريخ“ جي نالي سان پڻ شايع ڪيو ويو. وچولي زماني جي سنڌي نثر ۾ اهو سنڌي مها يارت شايد پهريون ڪتاب آهي، جنهن بابت پڪ سان ڪجهه چئي سگهجي ٿو.

انهيءَ ڪتاب ۾ جيڪي نالا وغيره اچن ٿا، تن کي ويچار ۾ رکي چئي سگهجي ٿو تہ هڪ هزار ورهيہ اڳي سنڌ جي ڀاشا ۽ ٻين ڀارتي ڀاشائن وچ ۾ ڪافي هڪجهڙائي هلندي پئي آئي. البيروني ۽ ٻين عرب ليکڪن جيڪي لکيو آهي، تنهن مان بہ ساڳي شاهدي ملي ٿي.

## سومرا ۽ سما

سومرن جي راڄ واري عرصي ۾ ۽ ان بعد چوڏهين صديءَ کان وٺي سمن جي ٻئي دور ۾ سنڌي ٻوليءَ وڏوئي واڌارو ڪيو. انهيءَ عرصي ۾ ڪيتريون اتهاسڪ ۽ رومانچڪ ڪوتائون لکيون ويون، جيڪي ڪجهه ڦريل روپ ۾ اسان وٽ اڃا تائين موجود آهن.

همير ۽ مارئي جي قصي ۾ ڪجهه تبديلي آئي ۽ اهو اسان اڳيان عمر ۽ ماروئي جي صورت ۾ پيش ڪيو ويو آهي. اهو ساڳيو قصو هو جو سورهينءَ صديءَ جي پڇاڙي ڌاري، ٻنهہ هن دهليءَ جي شهر ۾، اڪبر بادشاهہ اڳيان سندس دربار ۾ سهڻي سنڌيءَ ۾ ڳايو ويو هو. ڪوتا جي ميٺاج دربار کي اهڙو تہ موهي ڇڏيو جو ڪيترا درٻاري پنهنجو پاڻ وساري، گائڪ سان گڏ ويهي موج ۾ ڳائڻ ۽ جهومڻ لڳا.

سترهين صديءَ کان وٺي اسين سنڌي ساهتيہ ۾ ٽڪڙو ٽڪڙو واڌارو ڏسون ٿا. هڪبئي پٺيان انيڪ شاعرن پنهنجي شعر جي پلٽ لڳائي ڏني. عبدالڪريم، شاهہ لطيف، سچل، سامي وغيرهہ هڪبئي پٺيان ايندا ويا، تان جو اچي چالو صدي ۾ پهتاسين ۽ هن صديءَ ۾ پڻ نثر ۽ نظم وڏيڪ تعداد ۾، نہ رڳو مڙد پر زالون پڻ چئي ۽ لکي رهيون آهن. انهن جي لکيتن جون وشيون بہ اهي ئي ساڳيون آهن، جيڪي هندستان جي ٻين ليکڪن جون آهن.

”سنڌي ٻوليءَ کي جوڙجڪ جي ائين شيڊيول ۾ داخل ڪيو وڃي“ جي گهر ٻولين واري ڪميشن جي اڳيان رکي ويئي، پر جيئن تہ ڪين اهڙي اختياري مليل ڪانہ هئي، تنهنڪري ان اهو سوال فيصلي لاءِ سرڪار تي ڇڏيو آهي.

ان سوال جا بہ پهلو آهن، پهريون تہ سنڌي ڀاشا کي پنهنجين ڀينرن (شيڊول ۾ آندل ٻولين) جي قطار مان جدا نہ ڪيو وڃي، ڇاڪاڻ اِها هن مهل تائين انهن سان شامل هئي ۽ رهندي پي آئي آهي، ٻيو تہ اِهو سوچيا دائڪ نہ آهي تہ سنڌي جهڙي هري ڀري ڀاشا، جا پراچين ٻولين مان هڪ آهي، کي وانجهيو وڃي، انهيءَ ٻوليءَ کي مالا مال ۽ شاهوڪار بڻائڻ ۾ جا آئيندي ۾ هندستان جي راشٽر ڀاشا بڻجڻ واري آهي.

ورهاڱي وقت، سنڌي ڀاشا جي درجي بنسبت ويچار ڪري سواءِ ڪنهن اعتراض جي اُن کي جوڙجڪ ۾ شامل ڪيو وڃي ها. هن مهل تائين، جڏهن اُتر ڀارت جي ٻولين جي ڀيٽ جو اڀياس پي ڪيو ويو آهي. پوءِ اهي ديسي ڀاشا وگياني هئا يا ولائتي، تن ان ڪم ۾ سنڌيءَ کي بہ شامل پئي ڪيو آهي. اهڙن ڀاشا وگيانين جا نالا آهن، بيمس (1872)، ڊاڪٽر ڀنڊارڪر (1914) ۽ ڊاڪٽر ٽگاري (1948). ورهاڱي بعد بہ اهڙي کوج اڻپوري ۽ اڌوري ليکي ويندي، جيڪڏهن سنڌيءَ ڀاشا جو اڀياس نہ ڪيو ويندو.

## هزارين سال پراڻي

هن ٻڌايو تہ ڀارت جي برک ڀاشا وگيانين جو رايو آهي تہ ٻين انڊو آرين ٻولين جيتوڻيڪ پنهنجو اصلوڪو روپ گهٽي قدر ڦيرائي ڇڏيو آهي

تڏهن بہ سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙن جي سياسي توڙي ڪلچرل اٿرن پوڻ جي باوجود، پنهنجي اصلي شڌ روپ کي ۽ پنهنجي پراڪرت ويس کي اڄ تائين قائم رکندي آئي آهي. انهيءَ خيال کان ٻين ڀارتي ڀاشائن جي وڪاس ۽ وڌاري جي اتهاس جي اڀياس لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي وڏي اهميت آهي ۽ ان کي ڀارتي وڌان ۾ ٻين شيڊولڊ ڀاشائن جي پر ۾ جڳهہ ڏيڻ تمام ضروري آهي.

## اُپ ڀاشا نہ آهي

شري جيرامداس چيو تہ سنڌي ڪا اُپ ڀاشا (Dialect) نہ آهي، جا صرف ڳالهائي ويندي هجي. ان ۾ ساهت جو لاڳيتو سلسلو آهي، ان کي پراچين توڙي نئين ساهت جو وڏو ۽ ڀرپور خزانو آهي ۽ ڀارتي وڌان جي اٺين شيڊول ۾ جاءِ حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي بہ ڳالهيون ضروري آهن، سي سنڌي ڀاشا بخوبيءَ پوريون ٿي ڪري. شري جيرامداس چيو تہ سنڌيءَ ۾ ان جي اُپ ڀاشائن ۾ ڪل ڏيڍ لک لفظ آهن.

## وروڌي دليل ڪهڙا

شري جيرامداس چيو تہ سنڌي ڀاشا کي ڀارتي وڌان ۾ جاءِ نہ ڏيڻ لاءِ بہ ممڪن دليل ٿي سگهن ٿا. هڪڙو دليل اهو ٿي سگهي ٿو تہ سنڌي ڀاشا جي ڳالهائيندڙن جو تعداد وڏو ڪونهي. ٻيو دليل اهو ڏيئي سگهجي ٿو تہ سنڌي ڪنهن هڪ لاڳيتي ايراضيءَ ۾ نٿا رهن. پر اهي ٻئي دليل سنڌين جي حالت ۾ لاڳو ڪري نٿا سگهجن.

اڄ سنڌي ڳالهائيندڙن جو تعداد اٽڪل ويهہ لک آهي. جيڪي ٻيون ڀارتي ٻوليون وڌان ۾ تسليم ڪيون ويون آهن، تن ۾ ڪشميري بہ آهي، جنهن جا ڳالهائيندڙ فقط 27 لک آهن ۽ ملايالم ٻوليءَ جا ڳالهائيندڙ فقط 33 لک آهن. هاڻي انهن ٻن ٻولين جي ڳالهائيندڙن جي تعداد ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙن جي تعداد ۾ ڪو ايڏو فرق ڪونهي، جو انهيءَ ڪارڻ سنڌي ٻوليءَ کي ڀارتي وڌان ۾ تسليم نہ ڪيو وڃي.

تنهن کانسواءِ جيڪڏهن سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙن جو تعداد اڄ گهٽجي وڃي 20 لک ٿيو آهي ته ان ۾ سنڌين جو ڪو ڏوهه ڪونهي، اهو تعداد ان ڪري گهٽيو جو ملڪ جو ورهاڱو ٿيو. تنهن سواءِ سنڌي جيڪڏهن اڄ به ڪنهن هڪ لاڳيتي ايراضيءَ ۾ وسيل نه آهن ته ان لاءِ به پاڻ ٽلاهي ڪونهن. حقيقيت ۾ سرڪار خود نٿي چاهيو ته سڀني نرواسين جو بوجو ڪنهن هڪ راڄيه مٿان وجهجي، ان ڪري ئي نرواسين کي جدا جدا راڄين ۾ موڪلي انهن کي ڇڙوڇڙ ڪيو ويو.

تنهنڪري جنهن ڳالهه ۾ سندن هٿ ڪو نه هو، سندن وس ڪو نه هو ان لاءِ کين جوابدار ٺهرائڻ ٺيڪ نه آهي. جڏهن ڀارت جا ٻيا رهواسي ٻنا ٻنڌڻ پنهنجي ٻوليءَ جو وڪاس ۽ واڌارو ڪري رهيا آهن، تڏهن سنڌين کي ان لاڀ کان محروم رکڻ واجب نه ٿيندو.

## نقصان ڪهڙو

شري جيرامداس اڳتي هلي ٻڌايو ته سنڌي ٻوليءَ کي اٺين شيڊول ۾ جاءِ ڪا نه ڏني ويئي آهي، تنهنجو نتيجو اهو نڪتو آهي جو ڪيترين ئي سهولتن ۽ ڪيترن ئي فائدن کان سنڌي ڀاشا ڳالهائيندڙن کي محروم رکيو پيو وڃي. سرڪاري توڙي غير سرڪاري سنسٿائون سنڌي ڀاشا کي پنهنجن پروگرامن ۾ جاءِ نٿيون ڏين. هينئر ٿورو ئي وقت ٿيو آهي جو آل انڊيا ريڊيو سنڌيءَ کي پنهنجي پروگرام ۾ ٿوري جاءِ ڏني آهي ۽ ساهت اڪاڊميءَ سنڌي ڀاشا کي پنهنجي سرگرمين ۾ شريڪ ڪيو آهي، پر راڄيا سرڪاريون اڃا به سنڌي ڀاشا سان ماٽيلي ٻار جهڙو ورتاءُ ڪري رهيون آهن.

اتر پرديش جي انٽر مئنيجمينٽ بورڊ پنهنجي پاٺيه ڪرم ۾ سنڌي ڀاشا کي جڳهه ته ڏني آهي، پر هڪ وديشي ڀاشا طور. جيتوڻيڪ ڪيترائي سنڌي اتر پرديش ۾ وسيل آهن ۽ ڀارتي ناگرڪ آهن. اجمير

جتي بہ سنڌي ڪافي تعداد ۾ وسيل آهن سو راجيہ نوءَ رچنا بعد راجستان سان ملي چڪو آهي، پر راجستان سرڪار اڄ تائين سنڌي درسي ڪتاب تسليم نہ ڪيا آهن. خود ڀارت جي راڄڌاني دهليءَ ۾ سنڌي ٻارن کي ڪيترن اسڪولن ۾ پنجابي ڀاشا دواران تعليم ڏني پئي وڃي. اهي سڀ ڳالهيون ٿي رهيون آهن، ڇاڪاڻ جو ڀارتي وڌان جي اٺين شيڊول ۾ سنڌي ڀاشا کي جڳهہ مليل ڪانهي.

## ڀاشائي ڪميشن

بدقسمتيءَ سان ڀاشائي ڪميشن بہ تازو جيڪا رپورٽ پيش ڪئي ۽ ان ۾ ڀارتي ڀاشائن جي وڪاس ۽ واڌاري لاءِ جيڪي رٿون ڏنيون آهن، سي فقط انهن چوڏهن ٻولين لاءِ جيڪي اٺين شيڊول ۾ آهن. انهيءَ ڀاشائي وڪاس جي پروگرام ۾ سنڌيءَ کي ڪا بہ جاءِ ڪانهي.

## ڇڪتاڻ نٿا چاهيون

پنهنجي صدارتي تقرير جو پوڳ پائيندي، شري جيرامداس چيو تہ ڪنوينشن جڏهن سنڌي ڀاشا کي ڀارتي وڌان ۾ جاءِ ڏيڻ لاءِ طلب ٿي ڪري، تڏهن هن ڪنوينشن جي اها مراد يا اهو مقصد نہ آهي تہ اسين ديس اندر ٻوليءَ جي سوال تي ڪنهن بہ ڇڪتاڻ جو وايو منڊل پيدا ڪريون. نڪو اسان کي ان سوال تي ڪنهن بہ تحرڪ شروع ڪرڻ جو ويچار آهي. اسين رڳو جوڙجڪي نموني پنهنجي تقاضا پيش رکون ٿا ۽ اها گهر ٿا ڪريون تہ اسان کي پنهنجو حق ڏنو وڃي.

## تقريرون

پروفيسر اين. آر. ملڪاڻي پنهنجي جذباتي تقرير ۾ ٻڌايو تہ ورهاڱي بعد هو اها اميد لاهي ويٺو هو تہ ڪو سنڌي بہ زنده رهندي. سڀ سنڌي ساري ملڪ ۾ ٽڙي پکڙي ويا آهن، ڪو ڪٿي تہ ڪو ڪٿي. مون پاڻ شاهہ جو رسالو ڪجهہ سال تہ پاسيرو ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي يادگيريءَ جي

ڦرهيءَ تان ميسارڻ جي ڪوشش ڪئي، پر جيئن وقت گذريو آهي، تيئن سنڌي ساهت جي پڙهڻ جي چاهه پيي وڌي آهي. جنهن منڙي ٻوليءَ ۾ ماءُ مون کي لولي ڏني سا ڪئن وسرندي. مان رستن تي خواهه سفر ۾ ڪي سنڌي ڏسندو آهيان تہ منهنجي دل ڇڪ ڏيندي آهي تہ جيڪر آءٌ انهن هم وطنن سان سنڌيءَ ۾ ڳالهايان. آءٌ ڪو راڄنيتي خيال کان نٿو چوان تہ سنڌيءَ کي تسليم ڪيو وڃي، پر انصاف جي اها تقاضا آهي تہ ڀارتي جوڙجڪ موجب سنڌي ڀاشا کي بچاءُ ڏنو وڃي.

برابر سنڌين کي ڪو جدا ملڪ ڪونهي، پر ان لاءِ اسان جوابدار آهيون ڇا؟ سرڪار سهوليت سانگي سنڌين کي جدا جدا پرانتن ۾ موڪليو. ان لاءِ اسان کي سزا ڇو ملڻ گهرجي؟ اسان جي گهر انصاف روءِ آهي ۽ سرڪار کي جلد کان جلد سنڌيءَ کي جوڳي جاءِ ڏيڻ کپي.

ڪاڪا ڪاليانڪر پنهنجي تقرير ۾ ٻڌايو تہ، ”آءٌ ڪي قدر سنڌي سمجهندو آهيان، پر آءٌ ڳالهائي نہ سگهندس، منهنجو توهان جي گهر سان پورو سهڪار آهي، سنڌي نہ فقط مٺي ٻولي آهي، پر لچڪيدار (elastic) پڻ. مون ڪيترائي سنڌي گيت ۽ ڪافيون ٻڌيون آهن، جي مون کي ڏاڍيون پسند آيون. سنڌيءَ جو گهڻو ڪري سيني ديسي ٻولين سان لاڳاپو آهي. ”آهي“ اکر جو تعلق مرهٽي سان آهي ۽ ناهي اکر جي ابتڙ آهي. جڏهن بہ ڪو سنڌي ملندو اٿم، تڏهن ڪيس سنڌي گيت ڳائڻ لاءِ چوندو آهيان. ڇاڪاڻ تہ شعر مان ئي ٻوليءَ جي اصليت جو پتو پوندو آهي. آءٌ، ميوزڪ اڪيڊمي کي سفارش ٿو ڪريان تہ هو پنهنجي پروگرامن ۾ سنڌي شعرن ۽ راڳن کي شامل ڪري، ڇاڪاڻ تہ انهن ڪانسواءِ ڀارت جو سنگيت اڻپورو آهي.

سنسڪرتڪ خيال کان هيٺين ٽن ٻولين، خاص ڌيان لهڻو. آسامي (اُتر جي ٻولي) سنڌي (اولهہ جي ٻولي) ۽ ڪونڪني (دکن جي ٻولي).

1916ع ۾ مون مهاتما گانڌي کي عرض ڪيو هو تہ سڄي هندستان جو چڪر لڳاءِ. هن اها منهنجي صلاح قبول ڪئي، ڊاڪٽر چوئٿرام

گدواڻيءَ جي عرض ڪرڻ تي گانڌي جي، سنڌ ۾ پڻ پڌاريو هو. جڏهن مهاتما جي، ڊاڪٽر کي سنڌيءَ ۾ تقرير ڪندي ٻڌو ، تڏهن مهاتما کيس چيو "مون کي خبر ڪا نہ هئي تہ توهان جي ٻولي ۾ سونهن، ميٺاج ۽ پرواهہ (eloquence) موجود آهي. ڇا تہ ان جو طاقتور expression آهي. گانڌي جي، ڊاڪٽر کي وڌيڪ چيو تہ توهان جي ٻوليءَ جو پورو پورو واڌارو ٿيڻ کپي. ورهاڱي بعد جڏهن سنڌي سڄي هندستان ۾ پکڙجي ويا آهن ۽ هندستان جي ترقيءَ ۽ واڌاري ۾ وفاداريءَ سان هو پورو حصو وٺي رهيا آهن، تڏهن ڇو نہ هنن جي حقن جو بچاءُ ڪيو وڃي.

آءٌ، هندستانيءَ جي حيثيت ۾، احساس ڪريان ٿو تہ سيني کي سنڌي ٻوليءَ کي پيارو گھرڻ گھرجي ۽ اُن جي ترقي ۽ واڌارو ٿيڻ گھرجي. جيڪڏهن اوهين سنڌيءَ ٻولي ۽ ساهتيہ کي هندستان جي ٻين پاڻُن ۾ پکيڙيندا تہ مون کي خاطري آهي تہ اوهان کي ان ۾ سيئي مدد ڪندا. آءٌ ڏسان ٿو تہ بمبئيءَ ۾ ڪيترا گجراتي ۽ مرهٽا آهن، جي سنڌي سکي رهيا آهن ۽ سنڌي لفظن کي پنهنجين ٻولين ۾ ڪتب آڻي رهيا آهن. اهڙي ريت، هوريان هوريان اوهان جي ڀاشا، جيڪا سنگيت خواهہ ساهتيہ ۾ ڏاڍي مالا مال آهي، تنهن جا لفظ گجراتي ۽ مرهٽيءَ ۾ شامل ڪيا ويندا. اوهان جي ٻوليءَ کي اسان پنهنجو ورثو قبول ڪريون ٿا ۽ جهڙي ريت اسين سنسڪرت ۽ هنديءَ جو حصو آهيون، تهڙي ريت توهان جي سنڌيءَ جو بہ حصو آهيون. سنڌي فقط توهان جي نہ آهي، پر پڻ اسان جي وڏن جو ورثو آهي. اهو ورثو اسين وڃائڻ نٿا چاهيون، اها ڀاشا جوڙجڪ جي اٺين شيڊول ۾ درج ٿيڻ کپي. اها پڪ درج ڪئي ويندي. مان سمجهان ٿو تہ هندستان ۾ هڪڙو بہ اهڙو ماڻهو نہ ليندو جو اُن جي برخلاف هجي.

آخر ۾ آءٌ اوهان کي صلاح ڏيندس تہ اوهين هندستان جون ٻيون ٻوليون سکو ۽ مان نٿو سمجهان تہ ان ۾ اوهان کي ڪا تڪليف درپيش

ايندي. توهان سنڌيءَ ۾ ڪيترا فارسي ۽ عربي لفظ ڪم آڻيو ٿا، جڏهن ٻين ڏارين ٻولين جا لفظ اوهان ڪم آڻيو ٿا تہ پوءِ گجراتيءَ ۽ مرهٽيءَ مان اکر اُڌارا وٺي، پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڪتب آڻيو. ان حالت ۾ اوهين سنسڪرت ۽ ٻين هندستاني ٻولين جي صف ۾ سڀ کان وڌيڪ عزت واري جاءِ حاصل ڪري سگهندا.

مون کي خوشي آهي، جو هن ڪنوينشن ۾ ڀاڱ وٺي رهيو آهيان. شري جيرامداس دولترام جهونن ديش ڀڳتن مان هڪ آهي. هو سولائيءَ سان سرڪار کي ان گهر جي قبول ڪرائڻ ۾ رضامند ڪري سگهندو ۽ اسين سڀ توهان جي نيائڪاري گهر جي پٺڀرائي ڪنداسين، جڏهن اهو سوال لوڪ سڀا ۾ پيش ٿيندو. مان سمجهان ٿو تہ اهو سوال ڏکيو ڪو نہ آهي.

## ڊاڪٽر رگهبير ايم. پي

ڊاڪٽر رگهبير چيو تہ سنڌي، جوڙجڪ جي اٺين شيڊول ۾ درج ڪئي وڃي، تنهن ۾ ڪنهن کي اعتراض ڪو نہ ٿيندو. باقي ٻوليءَ جي سڌاري ۽ واڌاري جو مسئلو سڀني ديسي ٻولين لاءِ هڪجهڙو آهي، مان ولايت مان گهمي آيو آهيان. اتي جون ٻوليون ڏاڍيون ترقي ڪيل آهن. اسان جي ٻولين کي ان حد تي پهچڻ ۾ صديون گهرجن.

اسان جي سرڪار ديسي ٻولين ڏانهن بلڪل بي پرواهہ آهي. اسان جا ماڻهو بہ ديسي ٻولين جي پيٽ ۾ ولايتي ٻولين کي وڌيڪ همٿائي رهيا آهن، جتي ولائتي ٻولين جا ڪتاب لکين ڪاپي وڃن ٿا، اتي ديسي ٻولين ۾ هزار بہ نٿا کپن. ولائت ۾ هڪ ڪتاب ڇاپيندڙ ٻڌايو تہ جيڪو بہ ڪتاب هو ڇپائيندو آهي، تنهن جون گهٽ ۾ گهٽ ڏهہ پندرهن هزار ڪاپيون هندستان لاءِ محفوظ رکندو آهي، جي هندستان ۾ هٿو هٿ کپي وينديون آهن.

ڊاڪٽر رگهبير وڌيڪ ٻڌايو تہ سنڌي واپاري قوم آهي، مان جتي بہ هندستان کان ٻاهر ويس اتي سنڌين جا دڪان ڏٺم. انهن بہ سنڌي ڀاشا جي ڪافي شيوا ڪئي آهي. اوهان کي اهڙي ساهت جي کوج ڪرڻ کپي، اوهان جي گهر بلڪل واجبي آهي، سرڪار کي بنا ڇوڙ ڇاڻ جي سنڌيءَ

ڪي جوڙجڪ جي اٺين شيڊيول ۾ هن کان اڳ آڻڻ ڪپندو هو. اسان جي ان سوال ۾ اوهان سان پوري همدردي آهي.

## بنارسي داس چترويدي ايم.پي

سنڌي واپاري قوم آهي. انهن جي اچڻ ڪري شهرن جي رونق ٿي ڦري وئي آهي. سنڌين جي اچڻ بعد اسان کي اڳ جي ڀيٽ ۾ سستيون شيون ملڻ ٿيون. سنڌي ايماندار قوم آهي. هڪ سنڌي ڇوڪرو ڪا چيز وڪڻي رهيو هو ، جنهن جي قيمت ٻه آنا هئي، مان ڪيس ان لاءِ اٺ آنا ڏنا، پر هن انهن جي وٺڻ کان انڪار ڪيو پر مون کان حقي رقم ٻه آنا ورتائين.

ٻن سنڌي ودوانن سان گڏ ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو اٿم. آچاريا ڪرپلاڻي ۽ آسودو مل گدواڻي. اهڙا ودوان ملڪ ۾ ٿورا ليندا. منهنجو ويچار هو تہ جيڪر آچاريا ڪرپلاڻي ۽ آسودي مل گدواڻيءَ جو فوٽو هندي پون ۾ ٽنگيو وڃي. ساڌو هيرانند جهڙا انسان ملڻ ڏکيا آهن، جن سڀ ڪجهہ ملڪ لاءِ قربان ڪيو. مون کي خاطري آهي تہ جلد سنڌيءَ کي جوڙجڪ جي اٺين شيڊيول ۾ درج ڪيو ويندو.

## شري راڌا رمڻ ايم. پي

مون لاءِ هت اچڻ جا ڪيترا سبب آهن، هڪ اهو آهي تہ منهنجا سنڌي دوستن سان جهونا تعلق آهن. جڏهن شاگرد هوس تڏهن مون کي ڪيترا سٺا سنڌي دوست هئا، ڪن ڳالهائيندڙن سچ چيو آهي تہ سنڌي نہ فقط سهڻ شيل آهن، پر ساڳي وقت ايماندار پڻ آهن. مون کي تعجب آهي تہ سنڌي ٻولي جنهنجو ڀارتي سنسڪرتيءَ سان گهاٽو لاڳاپو آهي، تنهن کي نظر انداز ڪيو ويو آهي. انهيءَ جي تسليميءَ ڪانسواءِ ڀارتي ٻوليون اڻ پوريون ۽ غريب رهنديون. اها گهر اوهان جي حقي آهي. ان کي بنا ڪنهن بہ گهر ڪرڻ جي تسليم ڪيو وڃي ها. جڏهن اها خبر مون کي پئي تڏهن عجب ڪاڌم تہ ڇو اها ٻولي، جا آءٌ چڱيءَ طرح سمجهي سگهان ٿو ۽ پسند ڪريان ٿو، تنهن کي تسليم نہ ڪيو ويو آهي.

آءٌ انهن ماڻهن کي نمرتا سان عرض ڪندس ته جي سنڌ کي هندستان جو ڀاڱو ڪري مڃن ٿا، تن کي اهي ڳالهيون جن جو ذڪر هت ڪيو ويو آهي ٻڌائڻ گهرجن ۽ هر هڪ هندواسي غير سنڌيءَ کي ٻڌائڻ گهرجي ته سنڌيءَ کي تسليم نه ڪرڻ سان ٿوري بي انصافي ڪئي ويئي آهي.

## ڊاڪٽر راڌا ڪرشن

آءٌ سنڌين جو تهدل شڪر گذار آهيان، جو اڄ شام جو بلڪل وندرائيندڙ پروگرام ڏسڻ جو مون کي موقعو ڏنو اٿن. پاڪستان جي وزير پيرزادي عبدالستار جو شوق سان گانو ٻڌم، اها منهنجي لاءِ عجب جي ڳالهه آهي ۽ مون کي خاطري آهي ته اوهان لاءِ به تعجب جي ڳالهه هوندي. جيڪڏهن اسين پيار ۽ شيپ ڪامنائون ڏيکاريندا سين ته پوءِ اسان جا تفاوت جن جي ڪري ملڪ جو ورهاڱو ٿيو، سي گم ٿي ويندا ۽ اسان جي وچ ۾ مترتا وڌندي ۽ هڪٻئي جي مدد ۾ سهڪار تي پاڙيندا سون.

پيرزادو ڪير آهي يا ڪٿان آيو آهي؟ اهو سوال اسين نٿا پڇون. اسان انهن ننڍڙين ڳالهين کي نٿا ليکيون. ائين ٿا پاڻ کي سمجهون جڻ ته اسين هڪ انسانذات جا فرد آهيون. اوهان گوسوامي برهمانند کان ساميءَ جو سلوڪ "مڏر مڏر مرلي" ٻڌو. ڪهڙو نه مزو ڏنائين.

سنڌ فقط وسيع سنسڪرتي (Generous Culture) کان مشهور نه آهي، پر صوفي منت کان پڻ، جو اُتي وڌيو ۽ ويجهيو. اسان کي گهٽيون ٻتيون چو نه هجن، پر سڀ هڪ ئي روشني ڏين ٿيون. ساڳي طرح اسين ڪهڙو به رستو وٺنداسين، پر پهچنداسين هڪ ئي مقصد تي، هڪ ئي چوٽيءَ تي.

مندر مسجد تيرو نام

ايشور الله تيرو نام

دنيا ۾ چڱائي هڪڙي آهي، پوءِ اسين پنهنجين حالتن موافق يا وايو منڊل جي اثرن هيٺ چو نه ڪرم ڪندا رهون. اڄ شام جو اها ئي هڪ مول ڳالهه سکڻ لاءِ ملي اٿم.

ڪراچي ڏني هئم، حيدرآباد ڏنو هئم، مون کي سنڌين جي اوچ چرتر نسبت ڪجهه چاڻ پيئي، ڪنهن به قوم جي انهيءَ ۾ مشهوري نه آهي ته وٽس ڪيترا هٿيار يا جنگي سامان آهن، پر سندس ماڻهو سٺي اخلاق وارا آهن يا نه. سنڌي ڪشل واپار ۽ بي ڊپائي (adventurous & enterprising) ڪان مشهور آهن. مان هندستان کان ٻاهر جتي به ويس اتي کين ڏٺم، هو جاپان ۾ هئا، جبرالٽر ۾ هئا، پر مون کين آمريڪا ۾ به ڏٺو.

هينئر هو هت آيا آهن ۽ وسي ويا آهن ۽ هو ملڪ جي خوشحاليءَ ۽ آسودگيءَ لاءِ پاڻ خوب پتوڙي رهيا آهن، فقط بمبئيءَ جو مثال وٺو. اتي هنن چار ڪاليج کوليا آهن ۽ انهن ڪاليجن مان هڪ جو پرنسپال بمبئي وشو ودياليه جو وائيس چانسلر آهي. انهيءَ ۾ شڪ ڪونهي ته اسان جي ملڪ ۾ ڪڏهن ڪڏهن اهي تفاوت پئدا ٿين ٿا، جي بي آرامي پئدا ڪن ٿا. انهن تفاوتن کي دور ڪرڻ گهرجي ۽ جدا جدا مت متانترن ۽ جدا جدا ريتن رواجن جي ماڻهن ۾ استقامت آڻڻ کپي. هيءَ دنيا سوڙهي ٿيندي پئي وڃي، جيڪڏهن اسان کي ناس ٿيڻ کان بچڻو آهي، ته اسان کي انساني برادري پاڻ وڌائڻ گهرجي. ان ڏس ۾ سنڌي گهڻو ئي ڪجهه ڪري سگهن ٿا. ساهتيه اڪاڊمي سنڌيءَ کي تسليم ڪيو آهي. باقي سوال آهي پارليامينٽ جو. منهنجو پڪو وشواس آهي ته اخلاق ئي قسمت (destiny) آهي. اوهان ۾ اخلاق آهي. اُن کي قائم رکندا اچو. توهان اخلاق جو ثبوت ڏيکاريو آهي.

# سنڌيءَ کي تسليم ڪرائڻ لاءِ ڪي ڪوششون

پروفيسر ڪي. اين. واسواڻي

هوءَ ڳائي رهي هئي:

”مان زنده رکنديس ٻولي، جنهن ۾ ماءُ ڏني مون کي لولي.“

مون سمجهيو ته مان ٻڌي رهيو هوس، ساري سنڌي جاتيءَ جي پڪار. اهي سنڌي جي ڀارت جي ڪنڊڪڙڇ ۾ وچڙيل ۽ پکڙيل هئا ۽ پنهنجي ديس ۾ پرديسي ٿي پيا هئا ۽ هيءَ فقط پڪار نه هئي، پر پڻ هڪ للڪار. هڪ زنده جاتي، پنهنجي جنمي حق جي رکيا ڪرڻ جي اٽل پرتگيا ڪري رهي هئي، ان پرتگيا جي پالنا جي ثابتي ڀارت جي آئيندي جي اتهاس ۾ چمڪندي رهندي، ڇو ته سنڌي جاتي هڪ امر جاتي آهي، جنهن جون پاڙون موهن جي دڙي جي سڀيتا ۾ وڃي ملن ٿيون. جا جاتي تواريخ جي طوفانن ۾ لڏي لمي آهي، مگر پنهنجي جيوت ۽ سڀيتا جي جوت جڳائيندي، اُن جي رکيا ڪندي آئي آهي. اسلامي سڀيتا يا انگريزي سڀيتا، ان کي نيست نابود نه ڪري سگهيون. ورهاڱي جي طوفان ان سنڌي جاتيءَ کي پنهنجي ماتا سنڌڙيءَ کان جدا ۽ جلاوطن بيشڪ ڪيو مگر پنهنجي مٺي ماتا سنڌي ٻوليءَ کي 15 لک سنڌي، جي سنڌ جا وڻ ڇڏي، ڀارت جي ڪنڊڪڙڇ ۾ پکڙجي ويا، سي ڀلائي نه ويٺا.

مان انهن 15 لک سنڌين جو هڪ مثال هوس. مان دهلي ۾ هوس، منهنجو ڀاءُ ڪلڪتي ۾ هو منهنجي ڀيڻ اجمير ۾ هئي ۽ ٻي چنديگڙھ ۾. منهنجي چاچي ناگپور ۾ هئي ۽ منهنجي ماسي هئي بمبئيءَ ۾، هڪ مامي سملي ۾ هئي ۽ ٻي ناسڪ ۾. منهنجا ويجها عزيز ۽ دل گهريا دوست ساري ڀارت ۾ پکڙيل هئا. احمد آباد، بڙودو، پونو، ڪلياڻ، جئپور، جوڌپور، اُڏيپور، اجين، اندور، ڀوپال، مدراس، رائپور، جبلپور، امرتسر، بئنگلور، مئسور، پٽنا، حيدرآباد، وجيا واڙا، راجڪوٽ، گانڌيڌام، لکنئو، ڪانپور، آگرو، گواليار، گوهاٽي، شلانگ، ڪو به هنڌ اهڙو نه هو، جتي جلاوطن سنڌي نه پهتا هئا. ساري سنڌ کي وڃائي، سنڌي جاتي ساري ڀارت کي پنهنجو وطن بڻايو هو.

هونءَ بہ سنڌي جاتي هڪ وشال دل واري ۽ ساري دنيا ۾ ڀارت جي ڪاريگري ۽ سڀيتا جو جهنڊو جهولائيندڙ جاتي آهي. اهڙو هنڌ روءِ زمين تي مشڪل ٿيندو، جتي سنڌي واپاري پنهنجي ديش جي ڪاريگريءَ جو نماءُ پيش ڪندو نظر نہ ايندو. مگر ديش کان دور، هو نڪو پنهنجي ماتر ڀوميءَ کي وساريندو، نڪو پنهنجي ماتري ڀاشا سنڌيءَ کي. هوءَ ڳائي رهي هئي: منهنجي دل پڻ ڳائي رهي هئي: ساري سنڌي جاتي ڳائي رهي هئي:

”مان زندهہ رکنديس ٻولي، جنهن ۾ ماءُ ڏني مون کي لولي.“

جيئن ئي هوءَ ڳائي رهي هئي، منهنجي اکين اڳيان، چٽرن جي روپ ۾ سامهون اچي نچي رهيا هئا، انهن ڪوشش جا پدرشيہ، جيڪي سنڌين راڄڌاني ۾ سنڌيءَ جي تسليم ڪرائڻ لاءِ وقت بوقت پئي ورتا ۽ جن ۾ مون کي پڻ، هڪ سنڌيءَ لاءِ لگن هئڻ واري جي حيثيت ۾، ڀاڱ وٺڻ جو موقعو پئي مليو هو.

**چتر پهريون:** راڄڌانيءَ ۾ پارليامينٽ هائوس ۾ 1951ع ۾ ڪوٺايل هو ساهتيا سميلن، ڀارتي سرڪار پاران، ساري ڀارت ورش جي چونڊ ساهتيڪارن جو. هر هڪ ٻوليءَ جي ساهتيہ جا عيوضي پارليامينٽ هائوس ۾ رونق افروز هئا، سميلن تعليم کاتي پاران ڪوٺايو ويو هو. شروعاتي تقرير تعليم کاتي جي وزير مولانا ابوالڪلام آزاد جي هئي. ان بعد سميلن جي ڪارروائي شري تارا چند تعليم کاتي جي منتري جي زير صدارت هلي. سنڌي ٻولي ۽ ساهتيہ جا ڪي بہ عيوضي ڪوٺايا ڪو نہ ويا هئا، مگر سنڌيءَ کي پيار ڪرڻ وارا بہ سنڌي، هڪڙو شري تيرٿ وسنت ۽ ٻيو هي ليکڪ خاص موڪل وٺي، ان سميلن ۾ حاضر رهيا. ليکڪ کي خاص موڪل ڏني ويئي تہ ڀل هو سميلن جي ڪارروائيءَ ۾ ڀاڱ وٺي، جو هن بخوبي ورتو. نتيجو اهو ٿيو تہ جدا جدا پرانتن مان آيل ساهتيہ جي عيوضين جي همدردي حاصل ٿي، ان مقصد لاءِ تہ سنڌي ساهتيہ جي عيوضين کي پڻ سندن اهو واجبي حق هئڻ گهرجي تہ هو اهڙي قسم جي ڀارتي ساهتيڪارن جي سميلن ۾ هڪجهڙائيءَ جي حيثيت ۾ شامل ٿي سگهن.

**چتر ٻيو:** ان جو اٿر يڪدم پيو منهنجي اکين اڳيان ٻيو چتر چمڪڻ لڳو. لعل قلعي ۾ اکل ڀارت ساهتيڪ سميلن، شري ڪنعيا لعل منشي جي ڪوشش جو ڦل. راشٽر پتي ڊاڪٽر راجيندر پرساد پڻ ان سميلن ۾ شامل ٿيو هو. سميلن 1951ع ۾ تعليم کاتي جي ڪوتاپل ساهتيڪ سميلن واري ساڳئي وقت تي ڪيو ويو هو. سميلن ۾ ساڳي ئي ڪمي هئي. سنڌيءَ جي عيوضين کي ڪوتايو ڪو نه ويو هو، مگر ٻه، سنڌيءَ جو جهنڊو جهولائڻ وارا، هڪڙو شري تيرٿ وسنت ۽ ٻيو هي ليکڪ هن سميلن ۾ به شامل ٿيا ۽ جڏهن سميلن جو شام جو اجلاس شري ڪاليداس ناگ جي پرڌانپڻي هيٺ ٿي رهيو هو، تڏهن شري وسنت کي موقعو ڏنو ويو ته سنڌي ساهتيه تي ڪجهه روشني وجهي. سنڌي ساهتيه تي شري وسنت سميلن ۾ ڪجهه روشني وڌي جا ريڊيو تان به پڌري ڪئي ويئي.

**چتر ٽيون:** آل انڊيا ريڊيو اسٽيشن، دهلي. شري تيرٿ وسنت، ڊاڪٽر هرو سدارنگاڻي ۽ ليکڪ، اسٽيشن جي ڪن آفيسرن سان گڏيا، تعليم ۽ ريڊيي جي وزير کي دهلي جي سنڌي نواسين پاران تهراءُ موڪليو ويو ته دهلي مان ڪجهه سنڌي پروگرام ريڊيو تان چالو ڪيو وڃي. اختياري وارن همدردي سان ان گهر تي ويچار ڪيو ۽ ان بابت خط رستي دهلي جي سنڌي پئنچائتين کان سهڪار جي طلب ڪئي.

**چتر چوٿون:** دهلي يونيورسٽي، فئڪلٽي آف آرٽس جي پرڌان، ڊاڪٽر وي. ڪي. آر. وي. راءُ جو ڪمرو. شري ڪرمچند هنگوراڻي، رٽائرڊ ايڊيوڪيشن انسپيڪٽر، سنڌ، شري تيرٿ وسنت ۽ ليکڪ، ڊاڪٽر هرو سدارنگاڻي جي صلاح سان ڊاڪٽر راءُ کي گڏيا ۽ ان تي زور رکيائون ته سنڌي، دهلي يونيورسٽيءَ ۾، وڌيڪ وقت لاءِ هلائي وڃي ۽ ان کي بنگالي ۽ پنجابي وانگر تسليم ڪيو وڃي. ڊاڪٽر راءُ سنڌي سان همدرد ٿيو. ساڳي سفارت دهلي يونيورسٽيءَ جي ٻولين جي پروفيسر کي پڻ گڏي. ڪانئس به سنڌيءَ لاءِ همدرديءَ ۽ پنيرائي ونڻ لاءِ ۽ ان گڏجاڻي جو سٺو اثر پيو.

**چتر پنجون:** سرڳواسي پرنسپال نانڪرام ٿڌاڻي جو بنگلو. سنڌيءَ جي پيار وارن، جن ۾ ڊاڪٽر هرو سدارنگاڻي ۽ ٻيا ليکڪ هئا، پرنسپال ٿڌاڻيءَ

ڪي وينتي ڪئي تہ جڏهن وڏان جو ٻولين وارو حصو بحث هيٺ آهي، تڏهن توهين سنڌيءَ کي 15 ٻولي ڪري شامل ڪرائڻ لاءِ پنهنجو شخصي اثر، ڊاڪٽر راجيندر پرساد جيڪو ان وقت وڏان سڀا جو پرڌان هو ان تي وجهو. مگر سرڳواسي جو واجبي عذر هو تہ ڊاڪٽر راجيندر پرساد ڪانئس يڪدم پڇندو تہ آچاريا ڪرپالاڻي ۽ شري جيرامداس ڪٿي؟

**چٽر ڇهون:** ڪانسٽيٽيوشن ڪلب ۾ آل انڊيا نرواسي ڪانفرنس پروفيسر گهنشام جي صدارت هيٺ ٿي رهي هئي. سرڳواسي ڊاڪٽر چوئٿرام پڻ ان جو هرتا ڪرتا هو ۽ حاضر هو. ڪافي خانگي بحث مباحثي کان پوءِ شري لڇمڻ کوبچنداڻي ۽ ليکڪ جي زور تي، قبول ڪيائين تہ پيل ڪانفرنس ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تسليم ڪرائڻ جي گهر جو ٺهراءُ پاس ڪيو وڃي، جو پوءِ اُتي پاس ڪيو ويو.

**چٽر ستون:** پنڊارا روڊ تي ليکڪ جي گهر ۾ شري تيرٿ وسنت، شري حشو ڪيولراماڻي، شري ڪيول ملڪاڻي، ڊاڪٽر هرو سدا رنگاڻي، وريو وريو گڏجي (1948_1955ع)، ان ئي ڳالهہ تي ويچار ڪندا ٿي رهيا تہ ڪيئن دهلي ۾ ڪو سنڌين جي سپيتڪ جيون جو پرڪاش ڪندڙ ڪيڊر ڪڙو ڪيو وڃي، ڪيئن اهڙي ڪا سنڌين جي سنسٿا شروع ڪجي، جا سندن سپيتڪ جيون قائم ۽ روشن رکي. راجيندر نگر ۾ پروفيسر لڪاڻيءَ جي گهر اهڙي هڪ ميڙ ۾ فيصلو ڪيو ويو تہ شروعات يڪدم ڪجي ۽ سنڌو سماج جاري ڪيو ويو. 15 ميمبرن سان، جن ۾ پروفيسر ايم . پي لڪاڻي، حشو ڪيولراماڻي، ڪيول ملڪاڻي، پروفيسر ديارام ڪاڪا، پروفيسر جهانگياڻي، ليکڪ ۽ ٻيا هئا.

**چٽر اٺون:** لوڌي روڊ هاءِ اسڪول ۾ ميڙ. شري گوبند رام هيڊ ماستر، شري سٽناڻي، شري لڇمڻ کوبچنداڻي، شري ڪرمچنداڻي، شري گرسهاڻي، ليکڪ ۽ ٻيا حاضر هئا. سنڌي ساهتيہ منڊل برپا ڪيو ويو جنهن جو مکيہ ڪاريہ هو اسڪولن لاءِ جو سنڌي ڪتاب ديوناگري لپيءَ ۾ تيار ڪرائڻا هئا، تن جو مسئلو حل ڪرڻ. جو مسئلو جلدي اجمير ۽ بمبئيءَ سان لکپڙهہ ڪرڻ سان حل ٿي ويو.

**چتر نائون:** خاص ميڙ ۾ فيصلو ڪيو ويو تہ سنڌي ساهتيہ منڊل جو نالو ۽ ڪاريہ بدلائي وشال ڪجن. نالو سنڌو سماج ۽ ڪاريہ سنڌي ٻوليءَ جو تسليم ڪرائڻ. پرڌان ساڳيو هي ليکڪ رهيو ۽ سيڪريٽري ساڳيو شري سئناڻي رهيو. جنهن سان گڏ شري لڇمڻ کوبچنداڻي بہ شامل هو. پهريون سنڌو سماج، جنهن جا 15 ميمبر هئا، نئين ۾ سمايو ويو.

سنڌو سماج، دهلي جي جدا جدا ڪالونين، لوڌي روڊ، لجپت نگر، راجيندر نگر، سبزي منڊي، فتح پوري ۾ ميلاپي ميڙ ڪوٺايا ۽ ست پرشن ۽ ساهتيہ جي ستارن جون ورسيون ملهايون. راجيندر نگر ۾ ساڌو واسواڻيءَ جو جنم ڏينهن ملهايو ويو. لوڌي روڊ ۾ شاهہ جي ورسي ملهائي ويئي، پئنچاتون ۽ سنڌي ساهتيہ سڀائون جتي بہ هيون، تن جو سهڪار حاصل ڪيو ويو. ائين سنڌو سماج جي پيڙهہ پختي ٿيندي ويئي، ڇو تہ ان جو سنڌي جاتيءَ جي ماتري ڀاشا سنڌيءَ جي تسليم ڪرائڻ جي هلچل جو هڪ مکيہ واهڻ يا وسيلو بڻجڻ، ايشور کي منظور هو.

ايشور جڏهن اڏي، تہ از خود ڪارج راس. سنڌو سماج سان بہ ائين ئي ٿيو. ايشور سنڌي سانگي ان کي اڏي عرش ڪيو. ڪيئن جو سنڌو سماج جي سهاري هيٺ، شاهہ عبداللطيف جو فوٽو هندي يون ۾ رکڻ جو املهہ ويچار سنڌو سماج جي ڪار پردارن کي آيو.

**چتر ڏهون:** اهو موقعو مور نہ وسرندو، اتهاسڪ ٿي رهندو، اڃا بہ ياد اٿم ان موقعي تي سرڳواسي ڊاڪٽر چوئٿرام جا اکر، جي هن ڳوڙها ڳاڙيندي چيا، شري ڪرشنا مورتي راءِ راجيا سڀا جي ڊپٽي اسپيڪر اڳيان، جو ان فوٽي کولڻ جو مهورت ڪرڻ آيو هو. چيائين، سنڌي جاتي هڪ اها جاتي آهي، جنهن جي اوچ صوفي سپيتا جو پرتڪيہ مثال هي آهي تہ جيتوڻيڪ ڪين مسلمانن پنهنجي ماتر ڀومي سنڌ کان جلاوطن ڪيو تہ بہ هو ڀارت ڀوميءَ ۾ هن هندي يون ۾ شاهہ عبداللطيف مشهور سنڌي شاعر جو فوٽو باعزت لڳائڻ ۾ فخر ٿا وٺن. جيتوڻيڪ هو مسلمان هو، پر هو ايڪتا جو حامي ۽ دوئيءَ جو دشمن هو. ماتر ڀومي سنڌ جي ياد ايندي، ڊاڪٽر جا ڳچ ڳرڻ لڳا ۽ ڳوڙها وهڻ لڳا. ڪجهہ منٽ ماٺ ٿي ويو، جو اکر زبان مان نٿي اُڪليس. هندي

پون، جو سچو ڪچاڪچ ڀريل هو. ان ۾ مشڪل ڪي اکيون هيون جي آليون نہ هيون. جيئن هندي جي مشهور ۽ پارليامينٽ جي ميمبر شري بنارسيداس چترويدي پنهنجي ان وقت جي تقرير ۾ چيو تہ هن هندي پون ۾ ايتري عام جي ڀيڙ ڪڏهن ڪو نہ ڏٺي هئي ۽ هن خاطري ڏني تہ هو سنڌي تسليم ڪرائڻ جي ڪاريہ ۾ دل و جان سان پاڻ بہ مدد ڪندو ۽ ٻين پارليامينٽ جي ميمبرن جي پٺڀرائي بہ وٺي ڏيڻ ۾ ڪافي مدد ڪندو. شري ڪرشنا مورتي راءِ، راجيا سڀا جي ڊپٽي پرڌان بہ پنهنجي دلي همدردي ظاهر ڪري سنڌو سماج جو اتساهہ وڌايو ۽ جڏهن ان ميڙ جي ڪارروائي اخبارن ۾ ڇپي تہ سنڌي ٻوليءَ جي تسليم ڪرائڻ جي هلچل ۾ هڪ نئي جان اچي ويئي، هڪ تيز رفتار اچي ويئي. ان ميٽنگ ۾ ئي مون کي سنڌو سماج جي پريزيڊنٽ جو ڪاريہ ڪندي اهو ويچار آيو تہ آيل اڳواڻن کي هار پائڻ جي بدلي هڪ نئين نرالي ريت جاري ڪجي تہ سنڌو سماج جي ميڙن ۾ آيل اڳواڻن کي هار پيش ڪري ڪانئن اهي شاهہ جي فوٽي تي چڙهائجن. جا ريت هاڻ سنڌو سماج جي ميڙن ۾ هلندي اچي.

**چتر يارهون:** راڄڌانيءَ ۾ ايسٽرن ڪورٽ ۾ ايشيائي ليکڪن جي ٿيندڙ ڪانفرنس جي تياري ڪندڙ ڪاميٽيءَ جو ميڙ ڪاڪا ڪاليانڪر جي پرڌانگيءَ هيٺ ٿي رهيو هو. بمبئي مان ان ميڙ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ ”ڪهاڻي“ ماهوار رسالي جو سمپادڪ شري جڳت آڏواڻي آيل هو ۽ دهلي مان ليکڪ شامل ٿيو ۽ ليکڪ جي سندس تقرير ۾ زور پرڻ تي سنڌيءَ کي ٻين ٻولين جيان هڪجهڙائي جو حق ڏنو ويو ۽ جيڪا رپورٽ ميڙ جي ڪارروائي ۾ ڇاپي ويئي، ان ۾ سنڌيءَ جو نالو بہ شامل ڪيو ويو. ليکڪ کي ايشيائي ليکڪن جي ڪانفرنس وقت، ڪانفرنس جي Indian Steering Committee ۾ سنڌيءَ پاران عيوضي ڪري ڪنيو ويو. انهيءَ نموني جيئن ٻين ٻولين جا عيوضي هئا، جن ۾ پروفيسر همايون ڪبير پڻ هو.

**چتر ٻارهون:** پنڊت جواهر لعل جي سيڪريٽري شري ڪول Kaul جي ڪمري ۾ ساڻس ملاقات: سنڌي ٻوليءَ کي تسليم ڪرائڻ بابت شامل هئا پروفيسر ايم. پي لڪاڻي، ڪيول ملڪاڻي، ليکڪ، شري ڪرمچنداڻي،

پروفيسر ڪاڪا ۽ ڪماري منسکاڻي. سنڌين جي مشڪلاتن ڏانهن ڌيان ڇڪائيندي، شري Kaul جي همدردي حاصل ڪئي ويئي.

**چٽر تيرهون:** ساهتيہ اڪاڊمي جي سيڪريٽري شري ڪرشنا ڪرپالاڻي جي ڪمري ۾ ميٽنگ ٿي. جنهن ۾ ڪيس گڏيا، پروفيسر ايم. پي.لڪاڻي، ڊاڪٽر هرو سدارنگاڻي ۽ ليکڪ سنڌو سماج جي پريزيڊنٽ جي ناني، ان مقصد لاءِ تہ يونيسڪو ڪانفرنس جي موقعي تي ٿيندڙ پارٽي ٻولين جي پستڪن جي نماءُ ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ نڪتل پستڪ پڻ شامل ڪيا وڃن. اها رٿ ڪامياب ٿي ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ نڪتل پستڪن کي پڻ ان نماءُ ۾ شريڪ ڪيو ويو. بمبئي مان پروفيسر اجواڻي ۽ ايم. يو ملڪاڻي ۽ پڻ اجمير مان سنڌين وٽان هن ڪاريہ ۾ ڪافي مدد ملي.

**چٽر چوڏهون:** ايشيائي ليکڪن جي ڪانفرنس راڄڌانيءَ ۾ وگيان ڀون ۾ ٿي رهي هئي. ان ۾ اڇي شامل ٿيا، ٻين ٻولين جي عيوضين جيان، سنڌين جا عيوضي ۽ ڊيليگيٽ ۽ جڏهن ٻين پارٽي ٻولين وارا پنهنجي ڊيليگيٽن جي اڳواڻ چونڊڻ ۾ متڀيد ڪري دير وجهي رهيا هئا، تڏهن سنڌي يڪمشت ٿي منٽ ۾ پروفيسر ايم. يو ملڪاڻي کي اڳواڻ چونڊي پاڻ کي سرخرو ڪري سگهيا ۽ جڏهن ڪن اعتراض اٿاريو تہ سنڌيءَ کي وڏان ۾ نہ هوندي بہ ڇو هڪجهڙائيءَ جهڙو حق ڏيئي، ٻين ٻولين جيترا عيوضي ڏنا ويا آهن تہ پروفيسر همايون ڪبير، جو ايشيائي ليکڪن جي ڪانفرنس جو پريزيڊنٽ چونڊيو ويو هو، جواب ڏنو تہ سنڌي وڏان جي 15 ٻولي ئي سمجهڻ گهرجي.

**چٽر پندرهون:** راشٽرپتي ڀون ۾ ايشيائي ليکڪن جي ڪانفرنس ۾ آيل ڊيليگيٽن جي مرحبا جو ڪانو. سنڌي ڊيليگيٽ پڻ شامل هئا ۽ پروفيسر ايم. يو ملڪاڻي، رام پنجواڻي ۽ ليکڪ کي جڏهن شري ملڪ راج آنند دواران راشٽر پتي بابو راجيندر پرساد سان گڏ ويهڻ جو موقعو مليو تہ سندس ڌيان ڇڪايو ويو تہ سنڌي ليکڪ بہ ڪٿان ڪٿان ڪهي اچي، هن ڪانفرنس ۾ شامل ٿيا آهن ۽ سنڌي ساهتيہ ڪافي اهميت رکي ٿو.

مان چٽر ڏسندو ٿي رهيس ۽ هوءَ ڳائي رهي هئي. سارو هال هو جنهن ۾ هوءَ ڳائي رهي هئي. ڏٺم تہ اتي وينل هئا شري جيرامداس دولترام،

ڊاڪٽر چوئٿرام، پروفيسر نارائڻداس ملڪاڻي، شريمتي سچيئا ڪرپالاڻي سنڌين جي راڄنيتي  ڪيتر ۾ سرڪردا پڻ پهتل هئا. اتي سنڌين جي ساهتيڪ سنسار جا ڪي ستارا، پروفيسر ايم. يو ملڪاڻي، شاعر پرسرام (ضيا) ارجن (شاد) جنهن جي ڌرم پتني شريمتي موهني ئي هئي، جا اهي سندس نئين شعر جون تڪون ڳائي سوين سنڌي دليون اٿاري رهي  هئي. اتي هيون نيون ليکڪائون سندري اتمچنداڻي  ۽ ڪلا پرڪاش ۽ سندن جوڙيدار اتم ۽ موتي پرڪاش جي سپ بمبئي مان خاص ڪهي آيا هئا. سنڌي تسليم ڪرائڻ جي تحرڪ کي زور وٺائڻ لاءِ دهليءَ ۾ ٿيندڙ ايشيائي ليکڪن جي ڪانفرنس ۾ ڀاڱ ورتو، جيئن ان ڪانفرنس ۾ پڻ سنڌي ليکڪن جي شامل هئڻ ڪري سنڌي ٻوليءَ جو نالو ٻين ڀارتي ٻولين سمان شايع رهي. پڻ حاضر ڀاتم اتي سنڌي راڳ جو پارکو ۽ ان جي پرتاب ڪي پڌرو ڪندڙ پروفيسر رام پنجواڻي، پنهنجي ڳائيندڙ وڄائيندڙ لڪائيندڙ ۽ رئاريندڙ ڪلاڪارن  جي پارٽيءَ سان ۽ شري ڄيٺانند ناگراڻي ڪلائيندڙن ناٽڪن جو جيئرو جاڳندو ابو. سنڌي ساهتيہ جا پراڻا پوڄاري  منوهر داس ڪوڙو مل ۽ شري ٻولچند راجپال پڻ سامهون ڏنم ۽ شاعر نارايڻ ”شيام“ ۽ سنڌين ۽ سنڌيءَ جو نشڪام شيوڪ شري پيسو مل چانڊواڻي، هوڏانهن نظر آيم شريمت سئناڻي ۽ خوبچنداڻي ۽ حشو ڪيولراماڻي، ڊاڪٽر هرو سدا رنگاڻي، پروفيسر ايم. پي. لڪاڻي، گوبند سنگهہ منسڪاڻي، ڪيول ملڪاڻي، پروفيسر ڪاڪا  ۽ شري چرنداس گرسهاڻي. ڀهريان ٻہ دهلي سماج جا سيڪريٽري ۽ ٻيا هرتا ڪرتا  جن جي دل و جان سان ڪوشش جو ڦل هو سنڌي ٻولي تسليم ڪرائڻ جي تحرڪ ۾ اڪٿ ترقي.

سنڌو سماج جي پرڌان هئڻ جي ناتي نمسڪار ڪري مون وينتي ڪئي سوامي رنگا ناٿ آنند کي تہ سنڌي ٻولي تسليم ڪرائڻ جي تحرڪ کي پنهنجي پوتر جيون  جي ٻل ڀري آسيس ڪري تہ جيئن ڪراچيءَ ۾ سنڌين جي شيوا جو فخر ڪيس حاصل هو.  تيئن راڄڌاني (دهلي) ۾ ڪيس ساڳيو ئي شرف جڙيو ئي رهي، چو تہ سنڌي جاتيءَ جي ماتري ڀاشا کي جيوت رکڻ کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي سنڌي جاتيءَ جي سچي شيوا ٿي سگهي ٿي؟

۽ سوامي رنگا ناٿ آنند آسيس ڪئي ۽ ان جي پوتر جيون جي ٻل واري آسيس جي اثر ڪري ۽ سنڌي جنتا جي سچي دل جي ڇڪ ڪري ۽ ڪي قدر سنڌو سماج جي هل ۽ هلچل ڪري، راڄڌانيءَ ۾ پوري هڪ سال کان پوءِ ڊسمبر 1957ع ۾ ڪئي ويئي اکل ڀارت سنڌي ٻولي سميلن، جنهن ۾ يڪراءِ بحال ٿيو نهراءُ گهر ڪرڻ جو ته سنڌي ٻوليءَ کي ٻه ڀارت جي وڌان ۾ 14 ٻولين سان گڏ پندرهين ٻولي شماري شامل ڪئي وڃي. هي سميلن سنڌو سماج جو سڏايل سچ پچ ساري ڀارت جي سنڌين جو سميلن ٿي گذريو جو ان ۾ شامل هئا. سنڌي ڀارت جي هر ڪنڊ ڪڙڇ منجهان شري هوند راج (دکايل) گانڌيڌام مان آيو هو ۽ پڻ ڀائي پرتاب ۽ بمبئي مان پروفيسر گهنشام، پروفيسر اجواڻي ۽ ناگراڻي ۽ رام پنجواڻي. اجمير مان تيرٿ وسنت ۽ ٻيا ۽ راجستان ۽ ناگپور، آگري، جبلپور مطلب ته ڪٿي ڪٿي جا سنڌي شامل هئا، جن ۾ پڻ هئا مشهور سنڌي هاسانند جادوگر ۽ ڪلائيندڙ "فلم ستارو" پڌو آڏواڻي.

جيئن ڀيڻ شانتي رامچنداڻي جو تحسين جوڳو ڀاڱ نوري نماڻي جي روپ ۾ ڏسي رهيو هوس ته ائين سمجهم ته اسين سنڌي ٻه هيءَ سنڌي ٻوليءَ جي تسليم ڪرائڻ جي بازي نياز ۽ نوڙت سان ڪٽنداسين ۽ نه اجائي ڇڪتاڻ ڪرڻ ۽ ڪرائڻ سان يا ترشي وڌائڻ سان، ڇو ته اسان جي گهر حقي واجبي، انساني، بنيادي گهرجن ۽ قبول ڪيل حقن تي ٻيٺل آهي ۽ جڏهن پنڊت جواهر لعل نهرو اڳ ۾ ئي ساهتيه اڪاڊمي جي پرڌان جي حيثيت ۾ ان جي ميٽنگ ۾ سنڌيءَ کي ساهتيڪ ڪارين لاءِ تسليم ڪرڻ ۾ ڪا ارچڻ نه سمجهي آهي ته ڪافي اميد رکي ٿي سگهجي، ته باقي هيءَ آخري ضروري قدم کڻي، سنڌيءَ کي وڌان ۾ 15 ٻولي ڪري شامل ڪرڻ ۾ ٻه هو ڪا ٻه ارچڻ يا روڪ سنڌين کي سندن بنيادي حق کان وانجهو رکڻ لاءِ واجبي نه سمجهندو. البت سنڌين جي گهر اڳي اهڙي زوردار نه پئي رهي آهي، هاڻ جڏهن اها زوردار ٿي آهي ته يقين آهي ته اها حقي گهر قبول ڪئي ويندي ۽ سنڌي ٻه ڀارت جي ٻين ٻولين سان ڀينرن جيان ساڳي قطار ۾ شمار ڪئي ويندي ۽ راشٽريا ڀاشا کي مالا مال ڪرڻ ۾ ڀليرو ڀاڱ وٺندي.

جيئن اهو ويچار ڪري رهيو هوس تہ اکين اڳيان درشيہ اچي ويہ، سنڌين جي هڪ، مالويہ نگر ۾ ميڙ جو جو 15 آگسٽ، 1957ع جو صبوح جو هو قومي جهنڊي جي سلامي ڪرائي، سنڌي ٻالڪن جو راندين ۾ چٽا ڀيٽين جو پروگرام پوروٿي چڪو هو. سنڌي شيوڪ سڀا وارن انعام ڏيڻ جو شرف مون کي بخشيو هو جو سنڌو سماج جو پهريون پريزيڊنٽ ٿي رهيو هوس. جيئن انعام ورهائجي رهيا هئا تہ ننڍڙي چمپا، جنهن سڀ کان گهڻا انعام کٽيا هئا، نعرو هنيو "سنڌي ٻولي!" سيني ٻالڪن توڙي وڏن گونجايو "امر رهي!"

"سنڌي ٻولي! امر رهي!" چو تہ ٻولي آهي جاتيءَ جو آواز ۽ جياپو. جيئن ساهتيہ آهي جاتيءَ جي جيون جي آرسي ۽ ان جي آتما ۽ اوچتا جو روپ ۽ سروپ. جي سنڌي ٻولي ۽ ساهتيہ جو خزانو اسين سنڌي هٿان نہ ڇڏينداسون، اسان جي سنڌي جاتي ۽ جيوت زندهہ رهندي ۽ پڻ ڀارت جي سڀيتا کي وڏيڪ رنگين ۽ روشن ڪندي.

# سنڌي جاتي زنده ڪيئن ٿي رهي سگهي؟

لڇمي ڪلاڻي

اهو اسان جي هن موجوده پيڙهيءَ تي دارومدار آهي، جي اسين شدت سان چاهيون ٿا ته سنڌي جاتي زنده رهي ته اُها ضرور اڳتي هلي ڌرتيءَ تي زنده رهندي. اسان جي اندر ۾ پنهنجي جاتيءَ ۽ پنهنجي ٻوليءَ لاءِ ڪيتري چڪ آهي. ڪيتري حب آهي، ڪيتري لگن آهي. اسين ان لاءِ ڪيتري قرباني ڪري سگهون ٿا، اهو سوال هر هڪ سنڌيءَ کي اول پاڻ کان پڇڻ گهرجي.

سنڌي جاتيءَ کي زنده رکڻ سان هت مطلب رڳو سنڌين جا نالا ڪرپالاڻي ۽ ملڪاڻي، آڏواڻي ۽ پنجواڻي برقرار رکڻ سان ناهي. سنڌي ٻولي، سنڌي سنگيت، ناچ ۽ ناٽڪ جهڙن لطيف فنن، دستڪاريءَ جو فن، ڪاڌو پيتو پهراڻ، ڏڻ وار، روايتون، سڀ کان مکيه آهي، اسان جي آچار وهنوار پٺيان لڪل فڪر، سوچ ويچار. جنهن کي مجموعي طور سڀيتا (سنسڪرتي/تهذيب) چيو ٿو وڃي، ان سنڌي ڪلچر کي هزارن سالن کان شاه، سچل، ساميءَ سميت ڪيترن ئي شاعرن، فنڪارن ۽ مفڪرن سجايو سنواريو هوندو. اُن جي پرورش ۽ حفاظت ڪئي هوندي.

انساني وجود جيڪڏهن هڪ گل آهي ته ڪلچر ان جي خوشبوءِ آهي. فرق رڳو اهو آهي ته گل اندر اها پيدائشي طور موجود آهي، پر انسان يا جاتيءَ کي پنهنجي ڪلچر جي اها خوشبوءِ پاڻ پيدا ڪرڻي ٿي پوي. پاڻ خلقڻ جي اها ڪرت ئي انسان جي وجود کي معنيٰ ڏئي ٿي. ڪنهن ماڻهوءَ پاڻ وٽ ڪيترا دنيوي وسيلا ميڙيا آهن، اهو اهم ناهي. هن پاڻ کي ڇا بڻايو آهي. اهو ئي اهم آهي. سندس پرايل ”بوءِ بهار جي“ هن جي هستيءَ (Existance) جو جوهر يا تت (Essence) آهي.

هن ڌرتيءَ تي انيڪ جاتيون رهنڊڙ آهن. هر ڪنهن جاتيءَ کي پنهنجو مخصوص رنگ ۽ بوءِ آهي، ڪائنات کي به پنهنجي اها گوناگونيت پسند آهي. قسمين قسمين جا گل پنهنجي رنگ ۽ هٻاءُ سان هن زندگيءَ کي هڪ ڪرائيءَ (Monotony) کان بچائي دلچسپ ٿا بڻائين.

هندستان هڪ وڏي ندي آهي، جنهن مان ڪيترين ئي ڌارائون ڦٽن ٿيون. هر هڪ ڌارا جا ڪنارا مختلف آهن. ڪٿي پهاڙ تہ ڪٿي لسا پٽ، ڪٿي ريگستان تہ ڪٿي ساوا چراگاهہ. ايامن ڪان هتي ڪيترين جاتيون پلجنديون رهيون آهن ۽ پنهنجي علحدي ڪلچر جي سونهن سوڀيا قائم رکنديون آهن. سنڌي جاتي (سنڌي ڪميونٽي/سنڌي هندو برادري) بہ پنهنجي خاص سرهاڻ وارو سهڻو گل آهي، جنهن جي حفاظت ڪرڻ بہ هر هڪ سنڌيءَ جو فرض آهي.

## موجودهہ حالتون:

اڄ جي ائٽمي دور ۾ انسان ذات مٿان ائٽم بم جهڙو ئي هڪ ٻيو بہ خطرو لهرائي رهيو آهي. ماديت پرستيءَ جي فلسفي مان جنم ورتل سائنس پنهنجي تيز تکڙي رفتار سان انسان جي چهري تي ليپو پائي ماڻهوءَ کي اَ- ماڻهوءَ ۾ تبديل ڪرڻ جا سانباها ڪري رهي آهي. سموري انسان ذات لاءِ هڪ ٻولي، هڪ لپي، هڪ پوشاڪ، هڪجهڙين رهائش جي جڳهين، هڪجهڙي کاڌي، هڪ جهڙي اُٿ ويهہ، آچار وهنوار، سوچ ويچار عطا ڪري، هزارن سالن جي جهونين تهذيبن جي گوناگونيت کي ختم ڪري، انسانن کي مشينن ۾ بدلي، ڪين ڪانڪريٽ جي جهنگلن ۾ ڦٽو ڪري رهيو آهي. ايندڙ صديءَ ۾ لڳي ٿو اهو مشين بڻجي ويل انسان پنهنجي وجود جو لاش ڍوئيندو نظر ايندو. هن زهريلي بڻجي ويل ماحول ۾ آڪسيجن ماسڪ مان ساهہ کڻندو، گورين جو کاڌو کائيندو، ڪمپيوٽرن سان همبستر ٿي نوان ڪمپيوٽر ڄڻيندو نظر ايندو.

مغرب ۾ تيزيءَ سان ايندڙ ان چهري بدل جو اسين سنڌي نقل ڪرڻ ۾ ٻين جاتين کان وڌيڪ اڳرا آهيون، ڪنهن بہ تخليقي ڪرت کان وانجهيل اسان جي نون شاهوڪار سنڌين جي زندگي ڪيتري هڪڪري آهي! مرد سڄو ڏينهن پنهنجي دڪان ۽ ڪارخانن ۾ گهاٽي جي ڊور جيان وهن ٿا، رات جو جوئا، شراب، ڪلبن يا ويڊيو جي صحبت ۾ پنهنجي سرير کي ڍلو ڪن ٿا. سندن زالون رميءَ راند ۾ پوريون يا پاڻ کي ولايتي ويس وڳن ۽ زيورن ۾ ڍڪي چڪي، پنهنجي نمائش ڪرڻ ۾ رڌل ۽ سندن ننڍڙا ٻار

انگريزي راڳ آلاپي، انهن جي تيز وحشاني ڌنن تي پنهنجي جسم لوڏڻ ۾ مگن آهن. زندگي کيئن نہ کين پاسيرو ڪري وهي ٿي وڃي، ان جو سچي عمر کين ڪو احساس ئي نٿو ٿئي.

وچولي درجي وارا ڪئمپن، ڪالونين ۽ ننڍين شهرن ۾ رهندڙ سنڌي بہ وڏن شهرن ۾ جلد شاهوڪار ٿي ويل سنڌين سان ريس پچائي ڏينهن رات پئسو ڪمائڻ لاءِ ڳهي رهيا آهن. ٿورو پئسو ايندي ئي سڀ کان اول پنهنجي ٻارن کي سنڌي اسڪولن مان ڪڍي انگريزي اسڪولن ۾ داخل ڪن ٿا. وڌيڪ پئسو ايندي ئي ٻئرڪ چڙي، شهر جي ڪبوتر خانن ۾ اچي پاڻ کي سجائي ويهن ٿا. جلد از جلد ڪا نہ ڪا ڪلب جوائن ڪري ڪاڪٽيل پارٽي ڏيئي، پنهنجو نالو بہ شهر جي شاهوڪار ’ماڊرن‘ سنڌين جي فهرست ۾ درج ڪرائين ٿا. انهن ”ماڊرن سنڌين“ کي پوءِ هر ان شيءَ کان نفرت آهي، جنهن تي ’سنڌي‘ ليبل لڳل آهي ۽ هر اُن شيءَ سان محبت آهي، جنهن تي ’فارين‘ جي ليبل لڳل آهي. رڳو سندن چمڙيءَ کي ڇهندڙ اها ’ماڊرنٽي‘ سندن قيمتي فرنيچر سان سجايل فلئٽن تائين، سندن مغربي پوشاڪن تائين ۽ هڪ خاص لهجي ۾ انگريزي ڳالهائڻ تائين ئي محدود آهي. سندن ذهنيت اڄ بہ اُها ئي اَڌوهي لڳل جهوني آهي. ان کي ڳوناٽي چوڻ پنهنجي نيڪ سڀاجهڙن ڳوناٽن جي بيعزتي ڪرڻ آهي.

اهڙن سنڌين جو بس اهو هڪ ئي شغل، هڪ ئي شوق، هڪ ئي زندگيءَ جي منزل ۽ مقصد آهي گهڻي کان گهڻو پئسو ڪمائڻ. پئسو کين سلامتيءَ جو احساس ٿو ڏئي. پاڻ کان وڌيڪ شاهوڪارن سان مائٽيون ڳنڍي، سماج ۾ کين عزت، ناموس ۽ ”وڏ ماڻهپو“ ٿو عطا ڪري. ان ڪري اسان جا سنڌي پئسي ڪمائڻ لاءِ ڪو جائز ناجائز طريقو اختيار ڪرڻ روا ٿا سمجهن. زندگيءَ جا ٻيا ڪي بهتر ملهہ ماڻ ٿي سگهن ٿا، جيڪي انسان کي دائمي سڪون، شانتي، اطمينان بخشين ٿا. انهن تي مٿو کپائڻ لاءِ کين وقت ئي ڪونهي.

هت اهو چوڻ جو مقصد اصل ناهي تہ اسان کي زماني سان بدلجڻ نہ کپي، يا پنهنجي ترقيءَ ڏانهن وک وڌائڻ نہ کپي يا ماضيءَ جي دقيانوسي ريتن

رسمن، تعصبي، ڪٽر، مدي خارج سوچ ويچار سان ڇهتي پئجي. بدل سدل تہ ڪائنات جو اڻ تر نيم آهي. اسان کي بہ پنهنجي چند ڦوڪ ڪري، پاڻ کي نت نئون رکڻ لاءِ هر وقت جتن ڪرڻ کپي. مهاتما گانڌيءَ جو قول آهي تہ ”پنهنجي گهر جا در دريون هميشہ کليل رکو. ٻاهران دنيا جي تازي صحتمند هوا ۽ روشنيءَ کي گهر اندر اچڻ ڏيو جيئن صدين کان جميل دز ڄارا ۽ پوسل ڏوڀجي صاف ٿي وڃي. البت پنهنجي پيرن تي پختا بيهو. ائين نہ ٿئي جو زماني جي هوا طوفان بڻجي، توهان کي اکوڙي پاڻ سان گڏ کڻي وڃي.“

اڄ جتي بنگالي، گجراتي، مراٺي ۽ ٻيا پنهنجن پيرن تي پختا بيٺا آهن، اُتي اسان سنڌين کي مغربي هوا پاڻ سان گڏ اُڏائي کڻي وئي آهي. اسان جي پيرن هيٺان زمين کسڪي وئي آهي. اسين ڪکن ڪانن جيان دنيا ۾ هيڏانهن هوڏانهن اُڏامون ٿا. ڪا بہ ڏاري ڌرتي اسان کي پنهنجا پير کپائڻ جي جڳهہ نہ ڏيندي، پوءِ اها نائجيريا هجي، هانگ ڪانگ هجي، سينگاپور، دبئي، لنڊن، نيويارڪ يا شڪاگو ۽ بمبئي هجي، اڄ نہ سڀاڻ هر هنڌان، سنڌين کي ڌاريو مڃي، اُتان تڙي ڪڍيو ويندو. اسين ڪيترو وقت ولين جيان انهن وڻڻ جي چوگرد وڪوڙجي، سندن زمين جو ڪاڏو چورائيندا رهنداسين.

## سنڌين لاءِ سنڌي ٿي رهڻ ڇو ضروري آهي؟

اُن سوال جو جواب تيستائين اسان کي پوريءَ طرح سمجهہ ۾ نہ ايندو، جيستائين اسان جي دماغ ۾ اها هڪ ڳالهہ ئي گهر ڪري ويٺي آهي تہ هن دنيا ۾ پئسو ئي سڀ ڪجهہ آهي ۽ سڀ ڪجهہ ئي پئسو آهي.

پئسو بيشڪ اسان کي جسماني طور زندهہ رکڻ لاءِ ضروري آهي. ليڪن رڳو سريري طور زندهہ رهڻ ڪافي ناهي، آدمي ڄائو پڙهي لکي وڏو ٿيو پئسو ڪمايائين، موج مستي ورتائين ۽ اولاد کي ٿائنڪو ڪري پنهنجو فرض پورو ٿيل محسوس ڪري مري ويو ڇا اسان جي اها ئي هڪ سٺ واري ڪهاڻي آهي؟

اسان جا شاستر، ڌرمي گرنٿ، عالم ۽ مفڪر ٻڌائين ٿا تہ پنهنجي اکين تان مايا جي انڌ جو پڙدو هٽائي، پنهنجي اندر موجود روح سان ملاقات

ڪرڻ ئي اسان جي زندگيءَ جو مقصد آهي. مغربي فيلسوف اها ئي ڳالهہ ٿوري ڦيرائي چون ٿا تہ هر هڪ انسان کي پنهنجي ضمير ۽ عقل جي اوسر ڪري، پنهنجي ’ماڻهپي‘ جو پاڻ نرماڻ ڪرڻ کپي. ان طريقي سان ئي انسان پنهنجي اصلوڪي سچاڻپ حاصل ڪري ٿو. پاڻ سڃاڻي، پنهنجي اندر مان ئي سچو دائمي سک يا روحاني آنند ماڻي ٿو جنهن جي ڀيٽ ۾ جسماني سک عارضي تچ ۽ پس پيش پيڙا ڏيندڙ آهي.

هي سنسار مايا، ڪوڙ، ڀرم ناهي. مايا اسان جي اکين تي چڙهيل ’اوديا‘ (جهالت) جو پڙدو آهي. اهو ئي انسان ۾ دنيائي ڏوهہ ٿو پيدا ڪري، جنهن سبب نوڙي نانگ ٿي ڀاسي ۽ پٽل جهڙيون چمڪندڙ شيون سپ سون ٿيون نظر اچن. هر ڪو ڌرم/ مذهب صحيح پس منظر ۾ ڏسڻ سيکاري ٿو. جيڪو ڌرم/ مذهب هن دنيائي ڏوهہ کي دور ڪرڻ بجاءِ ان ۾ اضافو آڻي، ماڻهوءَ کي سچو بڻائڻ بجاءِ انڌو بڻائي، اهو ڌرم ناهي، ڪوڙ ۽ پاکنڊ آهي.

اسان جي ويدڪ فلاسافيءَ تي اڪثر اهو الزام مڙهيو ٿو وڃي تہ اها هن سنسار کي پوريءَ طرح ناڪاري، رڳو ٻئي سنسار لاءِ توشو ناهڻ جو علم ٿي ڏئي، يا هن سرير کي تسيا ڏيڻ سان ئي نجات جي حاصلات ٻڌائي ٿي، اهو پرچار ٿي ڪري، اهي ٻئي سراسر غلط ۽ بي بنياد تاويلون آهن.

انسان هن سنسار ۾ رهي، پنهنجي سرير جي ڏاڪڻ ذريعي ئي ڌرم، گيان (ڄاڻ)، سرم (محنت) ڪرم (عمل) وارن جا جدا جدا مرحلن جا ڏاڪا چڙهي، سڀ کان مٿاهين ’سچ‘ جي اُتاهين منزل تي هن جنم ۾ ئي پهچي نرواڻ، نجات يا روحاني آنند جي منزل کي رسي سگهي ٿو. ٿي سگهي ٿو تہ تمثيلي طور هن سچ منزل (Atmic plane) کي ڪنهن گياني (عالم)، رشي منيءَ ”پرلوڪ“ سڏيو هجي. ’اهم لوڪ‘ معنيٰ انسان جي هيٺاهين سريري منزل ۽ ’پرلوڪ‘ معنيٰ انسان جي مٿين روحاني منزل.

پنهنجي هن مٿاهين پد کي رسڻ لاءِ سرير جي هيءَ ڏاڪڻ ئي ڪم ڏئي ٿي. البت انسان کي پنهنجي اها منزل وساري ڏاڪڻ کي ئي ياڪر پائي ويهي رهڻو ناهي، سرير سچ آهي، اهو انسان جو مندر آهي، جنهن ۾ ڪيس

پنهنجي روح جي مورتي پاڻ گهڙي تراشي برجمان ڪرڻي آهي. تنهنڪري ان مندر کي صاف سٿرو ۽ پوتر رکڻو آهي. ان کي گندو، غليظ، بيمار نہ رکڻو آهي، هن پاڪ پوتر مندر جو نرماڻ ڪرڻ لاءِ ئي هر هڪ انسان کي پنهنجي جاتيءَ جي سڀيتا ۽ تهذيب جون سرون، واري، سيمينٽ، لوهہ ميسر ڪري ڏئي ٿي.

ورهاڱي بعد اسين سنڌي (هندو) پنهنجي سموري ملڪيت سنڌ ۾ ئي ڇڏي آياسين. ليڪن پاڻ سان هڪ سچي پونجي کڻي آياسين. اُها آهي پنهنجي ڪلچر ۽ ٻوليءَ جي پونجي، ڪيسي ۾ ٽڪو ڪو نہ هو. پير اُگهاڙا هئا. انهن جي هيٺان زمين بہ ڪا نہ هئي، پر اها پونجي اسان وٽ جهجهي انداز ۾ هئي. اها ئي پونجي اسان هانگ ڪانگ، دبئي ۽ بمبئيءَ ۾ سيڙائي لکا پتي ڪروڙ پتي ٿي وياسين. صبر ۽ قناعت، نياز ۽ نوڙت، سچ ٻولڻ ۽ پنهنجو ڏنل قول پالڻ، ڪوڙ کان پاسو ڪرڻ، دان پُڄ (خير خيراتون) ڪرڻ، سري پير ۾ ٻين کي جاءِ ڏيڻ، روٽي ٽڪر ۽ چنو بہ ٻين سان ونڊڻ ورهائڻ، ڪانوَ جو گرهہ ۽ ڳئون جو ڦلڪو ڪڍڻ، پکين پسن کي بہ نہ وسارڻ، مهمان نوازي ۽ سچيءَ صاف دل سان ٻوليل مٺا ٻول، ان ئي سيڙپ جو اسان مٺو ڦل ماڻي رهيا آهيون.

’اڊائي گهرن جو خير گهرندڙ‘ اسان سنڌين جي ذهنيت ٺپي ٺاهي، تراشي، اسان جي سڳورن شاعرن، گهوٽ پٽائي شاهہ عبداللطيف، سچل سرمست، سامي ۽ ٻين جا قول اڳ هر سنڌيءَ جي زبان تي هڪيا ٽڪيا حاضر هوندا هئا ۽ هر مصيبت جي سمي سندن مددگار ٿيندا هئا.

تتي ٿڌيءَ ڪاهہ، ڪانهي ويل وهڻ جي،
متان ٿئي اونداهہ پير نہ لهين پريِنءَ جو.

---

ڪم ڪمندن ڪٿيو، هارايو هوڙن،
چکيو نہ چوندن هو جو ساءُ صبر جو.

---

سائينمر! سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سڪار،
دوس! مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

---

مذهبن ملڪ ۾ ماڻهو منجهايا،
اوڏا ڪين آيا، عقل وارا عشق ڪي.

---

ڪلپت ڪروڙي، ڪيا جيءَ جهان جا،
سيتل رهي سياءَ ۾، ٻانڀڻ ڪو ٻوڙي،
گرگم جنهن سوڙي، ڪايا پرچي پانجهي.

پر صد افسوس! اسين سنڌي پنهنجي ٻوليءَ ڪلچر جي اها ساڃهه ۽ ساڳاهي، پنهنجي ٻارن کي ورثي ۾ نه ڏيئي، هنن سان ڌوهه ۽ ويساهه گهاتي ڪري رهيا آهيون. ڪلچر جي بجاءِ اڄ هنن لاءِ چڙي وجي رهيا آهيون. پاپ جي ميڙيل مايا، بنگلا ۽ فلئٽون، سون، هيرا ۽ جواهرات! سنڌن زندگي ۾ اها ٿوهه جي ول پوکي ٿا وجون، جنهن جو زهريلو ميوو اڄ نه سڀان سنڌن رڳن کي صفا ساڙو ڪري، کين صفحي هستيءَ تان سدا لاءِ مٽائي ڇڏيندو. موٽرن، بنگلن، ڪارخانن جي ان ڪوڙي مايا، نه اسان سان سنڌ کان پڇڻ مهل ساٿ ڏنو نه وري هانگ ڪانگ، لنڊن ۽ بمبئيءَ کان پڇڻ مهل ساٿ ڏيندي.

انسان جو هر وقت ساٿ ڏيندي، ته صرف ’ودیا‘ (علم) جي پونجي، جيڪا هن جي ساهه ۾ سمايل هوندي آهي. ’ودیا‘ (علم) ان انگريزي تعليم يا ڊاڪٽري انجنيري تعليم کي نٿو چئجي، جيڪا وري مايا ميڙڻ لاءِ وڪڻي پوي ٿي. وديا (علم) انسان جي ان اندر جي سُوجهي يا شناس کي چئجي ٿو جيڪا شاهه عبداللطيف جهڙي بظاهر ”اُميءَ“ جي اندر ۾ اُهاءُ ڪري ٿي. اها وديا هر انسان کي پنهنجي امڙ/ جيجل پنهنجي منڙي ٻولي، پنهنجي ڌرتي ماتا ۽ پنهنجي ٿڃ سان عطا ڪري ٿي.

ان ڪري ئي انهن مائرن (جيجل ماءُ، ٻولي ماءُ ۽ ڌرتي ماءُ) جو انسان لاءِ وڏو اعزاز آهي. هي انسان کي ڇاتيءَ سان لڳائي، ٿاتين پالين ٿيون. گود ۾ پرورش ڪن ٿيون. پينگهي ۾ لولي ڏين ٿيون. آڱر پڪڙي پنڌ ڪرڻ سيکارين ٿيون. ننڊپڻ ۾ ئي سٺن وهنوارن جي سُتي ڏيئي، ساڃاهه ۽

شناس بخشي ماڻهو بڻائين ٿيون. انسان جو پنهنجي ڌرتيءَ سان جڙيو هئڻ يعني حقيقت شناس بڻجڻ لازمي آهي. پوءِ اهو شاعر هجي، ليکڪ هجي، ڪلاڪار ، چترڪار، فلاسفر يا سياستدان هجي، ڪا به ڌاري ڌرتي ڌاري ٻولي ڌاري آيا جيان ماڻهوءَ کي ماڻهو بڻائڻ جو اهو اهم رول ادا ڪري نٿي سگهي، اها کيس مٿي هوا ۾ اُڏائي، آپو (انا) اهنڪار (تڪبر)، ايمان (غرور) ڏيئي پئسن ڪمائڻ جي مشين اوس بڻائي ٿي.

اڄ به انگريز پنهنجي انگريزي زبان ذريعي اسان کي ذهني طور غلام بڻائي ويٺا آهن. اسان جي ملڪ مان تيستائين اها جسماني خواهه ذهني غريبي دور نه ٿيندي، جيستائين اسان انگريزيءَ کي پنهنجي ذهن تي سوار بنائڻ ڇڏيندا سون. ٻيون ٻوليون سکڻ نهايت ئي سٺي ڳالهه آهي، پر ڌاري ٻوليءَ کي پنهنجي مادري ٻوليءَ جو درجو ڏيڻ عظيم گناهه آهي.

## سنڌين جي ذهنيت ۾ ڦيرو آڻڻو آهي:

جيڪڏهن ٻيءَ ڌرتيءَ تي سنڌي جاتيءَ کي زنده رکڻو آهي ته سڀ کان اول اسان سنڌين جي ذهنيت ۾ ڦيرو اچڻ کپي. سنڌي ئي رهڻ اسان لاءِ ڇو ضروري آهي. ان جو چٽو احساس هئڻ گهرجي. ريساري گدڙ جيان پاڻ کي لعل لوهه سان ڏنپ ڏيئي، چيتو بڻائڻ جي اسان جي اها ڪوشش ڪلڻ هاب آهي. سنڌي پڙهو ته اسان کان ڇڏائجي ويندو پر انگريزي پڙهو به هٿ نه ايندو. ٻنهي جهانن کان نڪري ويندا سين. ”وئي سڱن کي، ڪن به ڪپائي آئي“ وارو پهاڪو اسان سنڌين سان تز نهڪي ٿو اچي.

جيستائين اسان سنڌين ۾ پاڻ سنڌي ٿي رهڻ جو ۽ ٻارن کي، سنڌي بڻائڻ جو جذبو نٿو جاڳي، تيستائين ٻيون سموريون ڪوششون وئرٿ آهن. گهوڙي کي پاڻيءَ تائين ته گهلي وٺي اچي سگهجي ٿو پر کيس زوري پاڻي نٿو پيئاري سگهجي. پاڻي پيئڻ نه پيئڻ سندس مرضيءَ تي منحصر آهي.

اسين سنڌي آهيون ڏنڏوڙي قوم، پنهنجو نفعو نقصان تورڻ بعد ئي ڪو قدم کڻندا آهيون. اڄ پنهنجي ماءُ ۽ ٻوليءَ مان ڪو اُپراسو نه ٿيندو ڏسي، اسان انهن کي گهر مان لوڏي ڪڍيو آهي ۽ انهن جي جڳهه

تي انگريز سريت کي آٽي ويهاريو آهي، ڇو تہ اها گرهاڪن کي پنهنجي هاوَ ڀاوَ سان خوش ڪري سگهي ٿي ۽ نوٽ جلد کنا ڪري ڏيڻ ۾ واهر ڪري ٿي.

ڪاش! اسين اهو محسوس ڪريون تہ ڌاري ٻولي اپنائي اسان پنهنجو وڏو نقصان ڪري رهيا آهيون ۽ چند چمڪيلن سون جي ٽڪرن جي لالچ تي پنهنجي هيري جهڙي وجود کي ناڪاري رهيا آهيون. ان سريت مان پيدا ٿيندڙ سَپَ، جن کي پنهنجو مڃي اسين ڇوڄ مان کير پيئاريون ٿا. سياڻي وڏا ٿي اسان کي ئي گهر مان ڌڪائي ڪڍندا. لکين روپيا قرض کڻي جن کي وڏي تعليم ڏئي، آمريڪا موڪليون ٿا. اُهي اُتي ئي شادي ڪري وسي ويندا.

اڄ هر گڏيل ڪٽنب جو ڀاتي، سوڙ پاڻ طرف ڇڪي، رڳو پاڻ لاءِ جيئڻ چاهي ٿو. پنهنجي ئي فائدي کي اڳرائي ڏئي ٿو. منهنجو پيءُ پرجي، پل تہ گهر جا ٻيا ڀاتي بکيا ئي سمهن. نہ تہ اسان جي سنڌي ڪلچر جو شاهہ صاحب جي لفظن ۾ مول متو هو تہ:

پاڇاهي نہ پاڙيان، سرتيون! سئيءَ ساڻ.
ڍڪي اُگهاڙن کي، ڪين ڍڪيائين پاڻ.

ان سئيءَ جيان ئي اسان جي امڙ، منڙي جيجل، پيار، قربانيءَ واري معما ڀريل مورت، پنهنجي وات مان گرهہ ڪڍي اول ٻچڙن جو پيٽ ڀريندي هئي، ماءُ جي پيار کي ان ڪري ئي اعليٰ درجي جو مڃيو ويو آهي، ڇو تہ اهو خود ڪنهن بہ خود غرضيءَ کان آجو آهي. دنيا جا جيڪي بہ وڏا ماڻهو ٿيا هوندا، انهن پنهنجي ماءُ جي ضرور شيوا ڪري، سندس آشيرواد حاصل ڪئي هوندي.

اسان سنڌين کي اهو چڱيءَ طرح ذهن نشين ٿيڻ گهرجي تہ وڏو ماڻهو اهو ناهي، جنهن وٽ گهڻي کان گهڻو پئسو آهي، جنهن وٽ عهدا، لقب، تمغا آهن يا جيڪو گورنر ۽ منسٽر جو پد ماڻي رهيو آهي. وڏو ماڻهو اهو آهي، جنهن وٽ سيني ۾ پيار ڪندڙ حساس دل آهي. سندس اُسريل شخصيت جي اها نازڪ هستي ئي آهي، جنهن ذريعي هو ٻين جي دک سک

۾ شريڪ آهي. شاخ ڪان گل ڇِنيندي به ڪيس ايذاءُ ٿو اچي، پسن پکين ۽ گگدامن تي به ڪهڪاءُ ٿو اچي.

اسان جي سنڌي جاتيءَ پوئين صديءَ ۾ ڪيترائي قداور انسان پيدا ڪيا، جن پنهنجي ٿنهي مائرن (جيجل، ٻولي ۽ ڌرتي) جي ٿڃ کي نه لڄايو. راڄ رشي ڏيارام گدومل، ساڌو هيرانند، سنت ڪنور رام ۽ ساڌو ٽي ايل واسواڻي جهڙا انمول رتن ا سان جي جاتي لاءِ فخر جو باعث آهن.

ماءُ جي ٿڃ بجاءِ، ولايتي کير جي ڌٻن تي پلجندڙ اڄ جا سنڌي ٻار قداور نه ٿيندا، ڇامڙا ئي رهجي ويندا. اهو سوچي پنهنجي بدبختيءَ تي ارمان ٿو ٿئي. ڇا اڄا به اسين پنهنجي سنڌين جي ذهنيت ۾ ڦيرو آڻي ڪين اهو احساس نٿا ڏياري سگهون ته انسان رڳو سرير ناهي، هو پنهنجي جذبن جو جوڙ به آهي، جنهن کي اسين 'دل' ٿا چئون. احساسن سان پُر اها دل جڙي ٿي، ادب، سنگيت، ناچ، ناٽڪ جهڙين لطيف فنن کي ترقي وٺائڻ سان هڪ ڪلاڪار بڻجڻ سان يا ٻين جي شيوا ڪرڻ سان اسان جي سنڌي ٻارن کي سنگيت ۽ ناچ جي ڪا قدرتي ڏات ملي ٿي ته اسان جا گمراهه ٿيل مائٽ، ادب ۽ فن جي ملهه کان بيخبر، ان جو پورو قدر نه ڪري، ان کي ڪچيءَ ۾ ئي ڪچلي ٿا ڇڏين. ڇوڪرين کان ناچ گانو ڇڏائي، شادي ڪرائي ٿا ڇڏين ۽ ڇوڪرن کي ڌنڌي ۾ رنيائي ٿا ڇڏين. اسان سنڌين جي نگاهه ۾ رڳو پئسي ڪمائڻ کي ئي اهميت آهي. اسان جي ڌنڌوڙي جاتيءَ جا ڪي ليکڪ ڪلاڪار پنهنجو اهو شوق قائم رکن ٿا، ته به سندن ذهنيت اُها ئي پيشيور آهي. ڪلا کيتر ۾ به پنهنجا هٽ کولي، وٽ تارازي کڻي ويهن ٿا.

اڄ جتي هر هڪ بنگاليءَ جي گهر ۾ هارمونيم جو آلاپ ۽ گنگهرن جي ڇم ڇم ٻڌڻ ۾ اچي ٿي، اتي سنڌين جي وڏي ۾ وڏي بستي الهاس نگر جي ڪنهن به اسڪول ۽ ڪاليج ۾ ناچ ۽ راڳ سيکارڻ جو بندوبست ڪونهي، نه ئي سندن ساليانن جشنن ۾ ڪو سنگيت ناچ جو پروگرام ئي شاگردن طرفان پيش ڪيو ويندو آهي.

ان ڪري ئي لطيف فنن بابت هر سال ورهائجندڙ انعامن ۾ ڪڏهن ڪنهن سنڌيءَ جو نالو نظر نه آيو آهي. روس، آمريڪا، فرانس ۾ پيش ٿيندڙ

ميلن ۾ هڪ به سنڌي ڪلاڪار شامل نه ڪيو ويو. ملڪي سطح تي ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ سنڌي ڪلاڪار آهن. پر اهي پاڻ کي سنڌي سڏائڻ کان ڪيٻائين ٿا. ڪن اتساهي سنڌي ڇوڪرين، جن پنهنجو فني جيون جاري رهڻ جو فيصلو ڪيو آهي، انهن غير سنڌين سان ئي شادي ڪئي آهي، ڇو ته اسان جا سنڌي مڙس (هڪ ٻن مثالن کي ڇڏي) ايترا فراخدل ناهن جو شاديءَ بعد پنهنجي زالن کي عام جلسن ۾ نچڻ ڳائڻ جي اجازت ڏين. وقت آيو آهي جو اسان سنڌين کي به اهو پليءَ پٽ پروڙڻ گهرجي ته فن ئي هر قوم جو شعور آهي. خوشبوءِ آهي، اهو انسان جو دشمن نه پر سڄڻ آهي. اهو ئي ماڻهوءَ کي ماڻهو بڻائي ٿو. ان جي ترقيءَ ۾ نقصان بجاءِ فائدو ئي فائدو آهي، جي اسان جي اکين جو دنيائي ڏوهه نيڪ ٿي وڃي ته پوءِ اسين خود محسوس ڪرڻ لڳنداسين ته سيٺ ۽ شاهوڪار بڻجڻ کان هڪ ڪلاڪار بڻجڻ لک دفعا بهتر آهي.

## سنڌي احساس ڪمتريءَ جو شڪار:

ڀارت جي آئين ۾ سڀني ڌرمن، قومن ۽ ٻوليوار فرقن کي هڪجهڙائي برابريءَ وارا حق ڏنا ويا آهن. هر ڪنهن کي پنهنجو مذهب، ٻولي، لپي، سڀيتا، تهذيب محفوظ رکڻ جي مڪمل آزادي حاصل آهي.

ٻيون ٻوليون ۽ جاتيون جن کي پنهنجا پنهنجا صوبا آهن، آئين جي ڏنل انهن حقن کي پوريءَ طرح ماڻين ٿيون. پر اسين سنڌي پنهنجي زمين يا سياسي سگهه نه هئڻ سبب ۽ سڄي هندوستان ۾ ٽڙيل پکڙيل هئڻ سبب، نه اهي حق ماڻي سگهون ٿا، نه ئي ڪو گڏجي اثردار آواز اُٿاري ٿا سگهون. ڪا به پنهنجي پٺ نه هئڻ سبب اسين ڇڙوڇڙ سنڌي احساس ڪمتريءَ جو شڪار ٿي ويا آهيون. ديس ڇڏي پرديس ۾ پٽڪندڙ ڪٿي اسين هنن سرڪاري ماڻهن جي ڏمر جو نشانو نه بڻجون. ان ڪري اسين پنهنجو الڳ نظر ايندڙ سنڌي پٽو لڪائي، مڪاني زبان، مڪاني پوشاڪ، مڪاني طور طريقا اپنائي، هنن جهڙا ئي نظر اچڻ چاهيون ٿا. جيئن هو سُري پري اسان کي پنهنجيءَ پير ۾ جاءِ ڏين. عربيءَ جهڙي سنڌي لپي پڙهندو ڏسي،

اسان کي مسلمان نہ سمجھن. اسين سندن راضپو حاصل ڪرڻ لاءِ هر ممڪن طريقي سان سندن خوشامد ڪريون ٿا. ڪنهن بہ جلسي ۾ هڪ بہ غير سنڌي حاضر آهي تہ جلسي جي سڄي ڪارروائي هندي يا انگريزيءَ ۾ هلايون ٿا. اڻين پڇ لوڏيندي، اسين پنهنجي خودداري ۽ ماڻهپو ڪوهيندا، ڪُبڙا بڻجندا ٿا وڃون. پنهنجو اهو ڪُبُ ۽ پڇ، سُوٽ ڪوٽ، ٽاءِ يا انگريزي زبان سان ڍڪڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا.

ننڍي ٿهيءَ ۾ اهو اثر ويهي رهيو آهي تہ سنڌي پنتي پيل قوم آهي، جنهن کي پنهنجي ڪا سڌريل ٻولي ۽ ڪلچر ڪونهي. اسان سنڌين جي اُٿ ويهہ جو طريقو جهونو ڳوٺاڻو آهي، جنهن مان جلد بہ جلد نجات پائي، کين سڌريل ’ماڊرن‘ بڻجڻو آهي.

ڪاش ڪير اسان جي انهيءَ ٿهيءَ جي من ۾ ويهي ويل اُن احساس ڪمتريءَ جي سوچ کي دور ڪري، کين ٻڌائي تہ اسان جي سنڌي ٻولي ۽ تهذيب تہ آڳاٽي ۽ وڏيڪ سڌريل آهي. هندوستان جي ناميار لسانياتي ماهر ڊاڪٽر سنيتي ڪمار چٽرجيءَ موجب سنڌي اُتر پارت جي ٻين پنجن ٻولين (هندي، گجراتي، مراٺي، بنگالي ۽ پنجابيءَ) جي وڏي ڀيڻ آهي. شيڪسپيئر ۽ ٽئگور جي درجي جهڙو شاعر شاهہ عبداللطيف جنهن ٻوليءَ ۾ هجي، اُن تي هر ڪو سنڌي ناز ڪري سگهي ٿو. اها ٻولي ڳالهائڻ ۽ ڳائڻ ۾ فخر محسوس ڪري سگهي ٿو.

اسان کي پنهنجي نئين ٿهيءَ جي اها لاغرضي دور ڪري، منجهن پنهنجائپ جو احساس پيدا ڪرڻو آهي. انهن گمراهہ ٿيل سنڌين کي بہ دڳ لائڻو آهي، جن لاءِ سنڌي لپي، مسلمانڪي لپي آهي ۽ شاهہ مسلمان شاعر آهي.

## لپيءَ جو سوال:

لپيءَ جي سوال اسان جي سنڌي تعليم ۽ ادب کي وڏو ڇيهو رسايو آهي. هندستان جي سنڌي جاتيءَ کي ٻن فرقن ۾ ورهائي، نفاق جو ٻج ڇٽي هڪٻئي لاءِ نفرت پيدا ڪري ڇڏي آهي. ان بحث کي هينئر بلڪل بند ڪرڻ کپي ۽ لپيءَ کي ڇڏي ٻوليءَ کي بچائڻ لاءِ اڳرائي ڪرڻ کپي.

سرڪار ٻنهي لپين (عربي سنڌي ۽ ديوناگريءَ) کي تسليم ڪيو آهي. اسان جا ڪي ڏاها جيڪڏهن ديوناگريءَ کي ئي سنڌي لاءِ موزون لپي مڃين ٿا ته کين پنهنجي ويچار ڌارا جي ڦهلاءُ ڪرڻ جو هن جمهوريت ۾ پورو حق آهي. هو ديوناگريءَ ۾ ڪا روزاني اخبار ڪا ماهوار ادبي مخزن شروع ڪري سگهن ٿا. سني سهڻي گيٽ اپ وارا, شاهه جي رسالي سميت هڪ هزار کن چونڊ آڳاٽا سنڌي ادب جا ڪتاب ديوناگريءَ ۾ ڇپائي لپيءَ طور پنهنجي صداقت واري جذبي جو ثبوت ڏئي سگهن ٿا. ديوناگري لپيءَ ۾ اسڪول کولڻ کان اڳ شاگردن لاءِ سڀ درسي ڪتاب اُن لپيءَ ۾ ميسر ڪري سگهن ته بهتر!

هر ڪو فراخدل اديب نه رڳو پنهنجي ٻوليءَ ۽ لپيءَ سان پيار ڪري ٿو پر ٻين ٻولين ۽ لپين کي به عزت جي نگاهه سان ڏسي ٿو.

ليڪن جهڳڙو تڏهن ٿو شروع ٿئي ۽ نفاق پيدا ٿئي. جڏهن لپي جي اوٽ وٺي, ڪي سياسي شخص پنهنجي طبقاتي مقصدن ۽ مفادن لاءِ ديوناگريءَ کي استعمال ٿا ڪن ۽ سرڪار جي پٺڀرائي حاصل ڪري سنڌي لپيءَ کي شهرن ۽ اسڪولن مان زوريءَ ٻاهر ڪڍائڻ جون سازشون ٿا ڪن.

اديبن جي لڳ ڀڳ سموري طبقي جي پٺڀرائي موجوده سنڌي لپي (عربي لپيءَ) کي ئي حاصل آهي, جيڪا گذريل ڏيڍ سئو سالن کان استعمال پئي ٿيندي آئي آهي ۽ هينئر پوريءَ طرح اسان جي زندگيءَ جو حصو بڻجي چڪي آهي. اُن ۾ ئي شاهه جي رسالي سميت سڀ سنڌي ڪتاب موجود آهن. بنا ان ادبي ورثي جي اپياس ڪرڻ جي, ڪو به شخص اديب بڻجي نٿو سگهي. سڀ کان وڏي ڳالهه ته سنڌ ۾ رهندڙ ڪروڙين سنڌين جي اها ئي تسليم ڪيل لپي آهي. اسين هند ۽ سنڌ جا سنڌي اديب (سياستدانن جي ابتڙ) پنهنجي سنڌي ٻولي, لپي ۽ ادب جو ورهاڱو ڪرڻ نٿا چاهيون. اسان جي ادبي ڏي وٺ اڄ به جاري آهي. هندستان جا سنڌي ليکڪ اڄ هتان کان وڌيڪ سنڌ ۾ مقبول آهن.

سنڌي ٻوليءَ ۾ هزارين لفظ عربي, فارسي ۽ اردوءَ جا اسان جي زبان جو حصو بڻجي چڪا آهن, جن کي لکڻ لاءِ موجوده عربي سنڌي لپي ئي وڌيڪ ڪارگر آهي.

باقي جيڪي شخص ٻولي لپي ۽ ادب ۾ بہ مذهب کي ترپائي آڻڻ ٿا چاهين، اهي غليظ فرقي پرست ذهنيت جا شڪار آهن. ڪين بنگلاديش جي مسلمانن کان سبق سکڻ کپي. هنن پنهنجي ٻوليءَ ۽ ڪلچر کي مذهب تي ترجيح ڏئي، ٻن قومن واري اصول کي رد ڪري ڇڏيو هو. پنهنجي بنگالي لپيءَ کي ڪڏهن بہ ”هندو“ لپي نہ ٿا سڏين.

**بي زمين سنڌي:**

هند ۾ اسان سنڌين کي ٻين قومن وانگر آئين ۾ سڀ برابريءَ وارا حق عطا ٿيل آهن. پر عملي طور سڄي هندستان ۾ ٽڙيل پکڙيل هئڻ سبب اسين اُهي حق ماڻڻ کان قاصر آهيون. سيني شهرن ۾ اسين سنڌي ٻارن کي سنڌي ميڊيم ذريعي  تعليم نٿا ڏيئي سگهون نہ ئي ٻارن لاءِ سنڌي ماحول خلقي ٿا سگهون، جنهن ۾ سندن ذهني پرورش ٿئي. نتيجي ۾ ئي من ۾ پوکيل پنهنجي ٻولي ۽ ڪلچر جو جذبو، وڏي هوندي وڻ  ٿئي ٿو، فطري طور اُن طرف لاڙو ٿئي ٿو.

سنڌي هند ۾ بي زمين آهن، ان ڪري سنڌي ٻولي ۽ ڪلچر جي واڌاري طرف پورو ڌيان نہ ڏئي سگهيا آهن. راندين جي ميدان ۾ سنڌي رانديگرن کي همٿائي اسٽيڊيم  نهرائي، ناٽڪ شالائون کولارائي، فلم اسٽوڊيو نهرائي، سنڌي فلمن تان ٽئڪس معاف ڪري، گرانٽ ڏئي، سنڌي اديبن، ڪلاڪارن، رانديگرن، تعليمدانن جو هر سال سنمان ڪري، وظيفا ڏئي، ٻين ملڪن ڏانهن ويندڙ سفارتن  ۾ سندن نالا تجويز نہ ٿا ٿين. اڄ جتي ٻيون ٻوليوار قومون پنهنجي سرڪارن جي مدد سان تيزيءَ سان پنهنجي جاتيءَ جي هڪ مخصوص سڃاڻپ کي اُڀاري رهيا آهن، اتي سنڌي جاتيءَ جو چهرو وڃي ٿو ڏينهون ڏينهن ڌنڌلو ٿيندو.

ٽي. ويءَ جي پڙدي تي ڪڏهن دهليءَ ۾ جواهر لعل نهرو اسٽيڊيم ۾ قومي راندين جو منظر نظر ايندو آهي. هر رياست جا رانديگر ’مارچ پاسٽ‘ ڪندا نظر ايندا آهن. هي بنگال جي فوٽ بال ٽيم آهي. هيءَ مهاراشٽر جي باسڪيٽ بال ٽيم آهي. هيءَ ڪرناٽڪ جي عورتن جي والي

بال ٽيم آهي، پر سنڌي ٻارن کي ٽي وي ءَ تي تہ ڪڏهن بہ سنڌين جي ڪرڪيٽ ٽيم، ترڻ جي ٽيم نظر نہ ايندي آهي. ساڳي حالت قومي سطح تي ٿيندڙ ناٽڪن جي ميلن جي آهي. فلمي ميلن جي آهي، پرڏيهہ ويندڙ ليکڪن ۽ ڪلاڪارن جي سفارتن جي آهي. اسان جي ٻارن کي ڪڏهن بہ ڪو سنڌي ليکڪ، ڪلاڪار، رانديگر نظر نہ ايندو. اسين سنڌي ڏنڌوڙي پنهنجي سنڌي اڳواڻن ۽ سرڪاري منسٽرن جي ان تعريف تي خوش ٿي ٿا وڃون تہ سنڌي سچي معنيٰ ۾ پارٽ واسي آهن. هند جو نالو ئي سنڌ تان پيو. هر هڪ هندي، سنڌي آهي. سنڌي، هندي آهي. پر اڄ اسين خود محسوس ڪريون ٿا تہ سنڌي جتي ڪٿي هوندي، اڄ ڪٿي ڪونهي.

پئسي ڪمائڻ واري هڪ ميدان کي ڇڏي (ان ڪري ڪيس ڪارٽون ٻڌائي سندس بد زيبو چهرو ٿي. وي سيريل ۾ پيش ڪيو ٿو وڃي) ٻين سيني ميدانن ۾ جيستائين نظر وڃي ٿي. اڻ ڪٽ، ويران، پڙپانگ، وارياسو پٽ ئي پٽ نظر اچي ٿو. ڪٿي هڪ بہ آسائش ڏيندڙ وڻ ڪونهي، جنهن جي ڇانوَ ۾ اسان جي نئين سنڌي ٿهي آسائش وٺي سگهي. جنهن کي آدرش ٻڌائي، قومي سطح تي سياست ۾، سنگيت ۽ ناچ ۾ ايڪٽر پيڪٽر شخصيتون آهن. پر انهن کي سنڌي سڏائڻ ۾ عار آهي. سنڌين سان ميل ڪندي ئي سندن پنو ميرو ٿي ويندو. هو اهڙو خام خيال پالين ٿا. ڪاش اهڙن سنڌي هستين کي ستيہ جيت ري جو مثال ڏئي سگهجي. هو هندوستان جي اندر اڳيان بہ بنگالي آهي، پويان بہ بنگالي آهي، اهو اسان کي ياد رکڻ کپي تہ جنهن شخص کي پنهنجي گهر ۾ پنهنجن جو پيار ۽ عزت حاصل ناهي، ان جو دنيا بہ ڪڏهن قدر نہ ڪندي.

مرڪزي خواهہ صوبائي سرڪارين طرفان سنڌي ٻولي ۽ ادب جي ترقيءَ لاءِ ڪي اڪادميون ۽ ادارا برپا ڪيا ويا آهن. هڪ اڪادميءَ کي ڇڏي، جيڪا خودمختيار ادارو آهي، باقي سرڪاري ادارن مٿان سياسي ڄڻون حاوي آهن. سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ الاٽ ٿيندڙ رقم تي هو پنهنجي شخصي ترقي ڪرڻ ۾ رڌل آهن.

سنڌي جاتيءَ جي ٻوٽيءَ کي جيڪڏهن هند جي ڌرتيءَ تي زنده رکڻو آهي ته ان جون پاڙون راجستان ۽ ٻني (ڪڇ) ۾ رهندڙ سنڌين (مسلمانن توڙي هندن) سان ڳنڍيٽيون پونديون، ڇو ته سنڌي ماحول، موافق هوا، پاڻي ۽ گهربل ڪيميائي پاڻ ئي سنڌي جاتيءَ جي ٻوٽيءَ کي هتي زنده رکي سگهي ٿو. سنڌين جي وڙن تي چونديل سنڌن عيوضين کي، سنڌين جي گڏجي ڪيل مطالبن کي مڃڻو ئي پوندو. ڪيس سنڌين لاءِ ريڊيو، ٽي. وي اسٽيشنون، فلم اسٽوڊيو، ناٽڪ گهر، يونيورسٽي، اڪاڊميون برپا ڪري ڏيڻيون پونديون. راڄ ڪاروبار ۽ ڪورٽ ڪچهرين ۾ معاملا ۽ مقدما سنڌي ٻوليءَ ۾ هلائڻا پوندا. اهو بخوبي سمجهڻ کپي ته استعمال کان سواءِ سنڌي ٻولي زنده نه رهي سگهندي ۽ سنڌي ٻوليءَ کانسواءِ سنڌي جاتي زنده رهي نه سگهندي.

ورهاڱي وقت اڪثر هندن کي پنهنجي ڌرتيءَ کي خير آباد چئي، هن طرف لڏي اچڻو پيو ۽ شرڻارٿي (پناهگير) سڏجڻ جي ذلت سهڻي پئي. جيڪا اڄ تائين پنهنجو ڪو گهر گهاٽ نه هئڻ سبب اسين سهي رهيا آهيون.

گجرات جي جهنگلن ۾ شينهن جي حفاظت لاءِ، آسام ۽ اُتر بنگال ۾ هڪ سنڱ وارن گينڊن جي تحفظ لاءِ ڪروڙين روپيا خرچ ڪري الڳ لوڙها ڏنل ايراضيون محفوظ رکيون ويون آهن، جيئن قدرت جا اهي ناياب نمونا، ناس نه ٿي وڃن، ته پوءِ سنڌي جاتيءَ جي نسل کي به ناس ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ اُپاءَ وٺڻ جي ضرورت آهي.

## سنڌي يونيورسٽي جو قيام:

پريداس تولاڻي فائونڊيشن وارن آديپور (ڪڇ، گجرات) ۾ ڪيترائي آرٽس، ڪامرس ۽ ٽيڪنيڪي ڪاليج کوليا آهن. سنڌي يونيورسٽيءَ لاءِ ان ئي ڪامپليڪس ۾ وڏي شاهي زمين ميسر ٿي سگهي ٿي. سنڌي مخير/دان وير اڪيلي سر هڪ اسپتال ٺهرائڻ لاءِ پنجونجاهه ڪروڙ خرچي سگهن ٿا. اسپتالن، ڌرمشالائن ۽ مندرن کان وڌيڪ اهميت رکندڙ هن علمي درسگاهه لاءِ ڪين اڳتي اچڻ گهرجي.

سنڌي يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ۽ سنڌي فن جي ترقيءَ جا شعبا قائم ٿيندا، جيڪي ٻوليءَ، ادب ۽ فن جي جدا جدا موضوعن تي کوج ۽ تحقيق ڪرائيندا. سنڌي ڊڪشنري، انسائيڪلوپيڊيا، ڪمپائيليشن ترجما وغيره. سنڌي يونيورسٽيءَ طرفان سڄي دنيا ۾ ڦهليل سنڌين کي سنڌي سيکارڻ جا ٽپال ۽ ڪمپيوٽر رستي ڪورس هلائي سگهجن ٿا. ملڪي سطح تي اسڪولن ۽ ڪاليجن لاءِ درسي ڪتاب تيار ڪرائي سگهجن ٿا ۽ سنڌي ٻولي سيکاريندڙ ماسترن ۽ پروفيسرن کي به عمدي تربيت ڏئي سگهجي ٿي.

اڄ هند ۾ پنجابي، تامل ۽ تيلگو يونيورسٽيون پنهنجي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ ڪم ڪري رهيون آهن. تڏهن سنڌي يونيورسٽيءَ جي قيام جو بار اسان کي پنهنجن ڪلهن تي کڻڻو پوندو.

## سنڌي تهذيبي مرڪز:

يونيورسٽي ڪولڻ ۾ ڪجهه سال لڳي ويندا، پر ”سنڌي تهذيبي مرڪز“ گانڌيڌام ۾ کولي سگهجي ٿو جتي سنڌي ناٽڪ، ناچ ۽ سنگيت جي سکيا ڏني وڃي. هن مرڪز طرفان ڪلاڪارن جون ٽوليون شهر شهر ۾ موڪلي، معياري سنڌي سنگيت، ناٽڪ ۽ ناچ جا پروگرام پيش ڪري سنڌيت جو ڦهلاءُ ڪري سگهجي ٿو. هڪ مرڪزي لائبرري به هن مرڪز ۾ قائم ڪري سگهجي ٿي، جنهن ۾ هندستان مان سمورا سنڌي ڪتاب ۽ قلمي نسخا گڏ ڪري سگهجن ٿا، ته جيئن کوجنا ڪندڙن کي سمورو مواد هڪ ئي هنڌ ميسر ٿي ملي. هن مرڪز ۾ هڪ ميوزم به برپا ٿيڻ کپي، جنهن ۾ سنڌي ثقافت سان واسطو رکندڙ سڀ ناياب شيون، سنڌي سنگيت جا ساز، سنڌي پوشاڪون، چترڪاري، سنگتراشي، مٽيءَ جا برتن وغيره نمائش لاءِ ميڙي رکيا وڃن ته جيئن اُهي اسان جي تهذيبي ورثي جي دنيا کي ڄاڻ ڏئي سگهن.

اڄ به سنڌي گهرن ۾ سنڌ جا ڪتاب ۽ ٻيون شيون موجود آهن، جن کي هٿ ڪري لائبرري ۽ ميوزم ۾ گڏ ڪري سگهجن ٿا، ڇو ته سالن کان پوءِ سنڌ سان واسطو رکندڙ پراڻيون شيون ڳوليون به نه لڀنديون.

تهذيبي مرڪز پاران ناياب ڪتابن کي وري ڇپائي سگهجي ٿو. انهن قلمي دستخطن کي بہ روشنيءَ ۾ آڻي سگهجي ٿو جيڪي اڄ تائين ڪٻٽن ۾ بند رهيا آهن. هڪ معياري ادبي مخزن جي مرڪز طرفان اشاعت ڪري سگهجي ٿي.

## ملڪي سطح تي اپاءَ:

سنڌي جاتيءَ کي هند ۾ زنده رکڻ لاءِ هيٺين ڪمن جو خاڪو تيار ڪري، سرڪار کان ان کي منظور ڪرائي، عمل ۾ آڻائڻ گهرجي:

1. ’سنڌي ترقي بورڊ‘ جو ترت قيام، ساهت اڪاڊميءَ جي طرز تي خودمختيار اداري جي روپ ۾ ڪيو وڃي، ڪنهن بہ سياسي شخص کي اُن ۾ دخل ڏيڻ جو موقعو نہ ملي.
2. سنڌي ٻارن کي سندن مادري ٻوليءَ جي ميڊيم ۾ تعليم ڏيارڻ لاءِ هڪ سينٽر (سنڌي اسڪول بورڊ) جو قيام عمل ۾ آندو وڃي. سڄي هندوستان جي سنڌي شاگردن لاءِ هڪجهڙا درسي ڪتاب هجن. سنڌي ماسترن ۽ پروفيسرن لاءِ هڪ ئي مرڪزي ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج هجي.
3. هند جي سيني ٽي. وي ۽ ريڊيو اسٽيشنن تان سنڌيءَ ۾ پروگرام ڏيڻ جو وقت مقرر ڪيو وڃي.
4. سيني سنڌي مهان هستين جون مناسب موقعن تي ٽپال ٽڪليون جاري ڪيون وڃن.
5. سيني شهرن ۾ ڪن چونڊ رستن جا نالا، سنڌ جي مهان سنڌي شخصن جي پٺيان رکيا وڃن ۽ سندن پتلا بہ کڙا ڪيا وڃن.
6. سنڌي فلمن تان وندر ٽئڪس معاف ڪئي وڃي.
7. سنڌي سنگيت ناٽڪ ۽ ناچ بابت اڪاڊمي مرڪزي سطح تي قائم ڪئي وڃي.
8. پرڏيهن ڏانهن ويندڙ تعليمي، تهذيبي ۽ ادبي سفارتن ۾ سنڌي اديبن، ليکڪن ۽ ڪلاڪارن ۽ صحافين کي بہ شامل ڪيو وڃي.

9. سنڌ ۽ هند جي ليکڪن ڪلاڪارن جي ڪلچرل سفارتن جي اچ وڃ جاري ڪئي وڃي.
10. گانڌيڌام کي سنڌين جو 'هوم ٽائون' تسليم ڪيو وڃي.
11. سرحدي علائقن (راجستان، ڪڇ وغيره ) ۾ سنڌيءَ لاءِ خاص ٽي. وي ۽ ريڊيو پروگرام نشر ڪيا وڃن.

## شهري سطح تي اپاءَ:

سرڪار کان مٿيون گهرون قبول ڪرائڻ سان گڏ اسان جي سنڌي تنظيمن کي بہ پنهنجي پنهنجي شهر ۾ هيٺيان ڪم ڪرڻ گهرجن:

1. پنهنجي شهر ۾ سنڌي اسڪول يا سنڌي ڪلاس ۽ رات جا ڪلاس کولڻ.
2. ليکڪن لاءِ ادبي ڪلاس کولڻ ۽ ورڪشاپن جو انتظام ڪرڻ.
3. سنڌي لائبريريون ۽ اپياس گهر هلائڻ.
4. ادبي رسالا، هفتيوار اخبار يا روزاني اخبار شروع ڪرائڻ. سنڌي ادب جي وڪري جو بندوبست ڪري، عوام ۾ پڙهڻ جو چاهہ جاڳائڻ.
5. ناٽڪ منڊليون برپا ڪرڻ. هڪ فصلا يا ٽہ فصلا ناٽڪ خاص موقعن تي پيش ڪرڻ، اسڪولن ۽ ڪاليجي سطح تي بہ چٽاپيٽي ڪرڻ ۽ ان ۾ شاگردن جي شرڪت حاصل ڪرڻ.
6. سنگيت ۽ ناچ سيکارڻ جو انتظام ڪرڻ ۽ چٽاپيٽيءَ جو بندوبست ڪرڻ: خاص طور اسڪولي ۽ ڪاليجي سطح تي جيئن ننڍي ٿهيءَ ۾ ڪلا طرف رجحان جاڳي.
7. مڪاني اديبن ۽ ڪلاڪارن کي اسڪول ۽ ڪاليجن ۾ گهرائي، شاگردن سان سڃاڻپ ڪرائڻ، تہ جيئن شاگردن ۾ ادبي سمجهہ پيدا ٿئي.
8. سنڌي ماسترن ۽ پروفيسرن ۾ پنهنجي سنڌي ادب ۽ فن لاءِ چاهہ پيدا ڪرڻ، جيئن اُهي موٽ ۾ پنهنجي شاگردن ۾ بہ ساڳيو لاڙو پيدا ڪري سگهن.

9. پنهنجي شهر ۾ ’سنڌو پون‘ کولڻ، جيڪي سنڌي ادب ۽ فن جي سرگرمين جو مرڪز بڻجي پون.
10. سال ۾ ٻه چار سنگيت، ناٽڪ ۽ ناچ جا پروگرام پيش ڪرڻ ۽ سنڌي ڏڻ وار ملهائڻ.
11. مکيه سنڌي هستين جو سنمان ڪرڻ.

## گهرو سطح تي اپاءَ:

مٿي تيار ڪيل سموري مانداڻ جي پهرين سر، هر هڪ سنڌيءَ کي پنهنجي گهر ۾ اول پاڻ رکڻي پوندي، اها آهي پنهنجي ٻارن سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائڻ ۽ کين سنڌي لکڻ پڙهڻ سيکارڻ . اسان جو پنهنجو پاڻ تي پاڙي، کنيل اهو قدم ئي اسان جي سنڌي ٻوليءَ طرف صدق ۽ سچائيءَ جو اظهار ليکيو ويندو. هن سٽيل سموري ڍانچي جو اهو ئي ڏکئي ۾ ڏکيو قدم آهي. باقي سمورو سفر نهايت ئي آسان آهي.

اڪثر اسان جا مائٽ اهو عذر ڏيندا آهن ته اسان جا ٻار گهر ۾ ماءُ جي صحبت ۾ ته ٿورو وقت ٿا رهن. باقي سمورو وقت هو پاڙي اوڙي ۾ ٻين غير سنڌي ٻارن سان راند روند ڪندي يا اسڪول ۾ گذارين ٿا. ان ڪري اسين جڏهن به هنن سان سنڌي ۾ ڳالهايون ٿا. هو جواب هنديءَ ۾ ٿا ڏين. ان ڪري لاچار اسان کي به هنن سان هنديءَ ۾ ئو ڳالهائڻو پوي.

اهو عذر بي بنياد ۽ مٿاڇرو پنهنجو شرم لڪائڻ وارو آهي. سنڌين جيان بنگالي، گجراتي، مراٺي ۽ تامل به پنهنجي پنهنجي صوبي کان ٻاهر وڏن شهرن ۾ ۽ ولائت ۾ شهرن ۾ رهن ٿا. انهن جون حالتون به بلڪل ساڳيون سنڌين جهڙيون آهن. پوءِ به انهن جا ٻار پنهنجي صاف سٿري مادري ٻوليءَ ڳالهائين ٿا.

اسين سنڌي نه رڳو پنهنجي ٻارن جي تعليم طرف لاپرواهه آهيون، پر پنهنجي ٻوليءَ ۽ ڪلچر طرف به اسان وٽ ساڳي بي رخي آهي. اسان اڃا پاڻ ۾ اهو شعور پيدا نه ڪيو آهي، جو اسان کي پنهنجي مادري ٻوليءَ جي عظمت جي پوري ڄاڻ پوي. اهو چوڻ سراسر غلط آهي ته ٻارن مٿان سندن

مادري ٻولي، انگريزي، هندي ۽ مقامي ٻولي سکڻ بعد هڪ وڏيڪ ٻوجهہ وجهڻ آهي.

پنهنجي مادري ٻولي ٻار لاءِ ڪڏهن بہ بار نہ بڻجندي آهي. اها تہ بلڪل مفت ۾ بنا ڪا محنت ڪئي، يا مٿو کپائڻ جي پنهنجو پاڻ ماءُ پيءُ وٽان ٽج سان گڏ ورثي ۾ ملي ويندي آهي. ائين بہ ٻار جي چوگرد ان عمر ۾ هڪ نهايت وسيع Electro-magnetic field خلقيل ٿئي ٿو. ان عمر ۾ هڪ چا ڏهہ ٻوليون ٻار، سؤلائيءَ سان جهٽي سگهي ٿو. ننڍي هوندي، جي ٻار سنڌي سکي نہ سگهيو تہ وڏي هوندي هن کي سيکارڻ محال آهي.

وڏا ٿيڻ بعد نوجوان نہ سنڌي ناٽڪ سمجهي ٿا سگهن، نہ ئي سنگيت ۾ لطف ماڻي ٿا سگهن. سنڌي ادب پڙهڻ تہ درڪنار شاهہ جا ڪلام، سنڌي لوليون ۽ اوراٽا سندن ٻوڙن ڪنن تي ٿا پون ۽ هو لاچار هال ڇڏي ٿا وڃن ۽ هميشہ لاءِ سنڌيءَ کان ڪنارو ڪري وڃن ٿا. ان ڪري هند ۾ سنڌين جو تعداد ڏينهون ڏينهن گهٽجندڙ آهي. مائٽ ان طرح پنهنجي ٻارن کي سنڌي ٻوليءَ کان محروم رکي، هنن سان ڌوهہ ٿا ڪن. سندن سڃاڻپ کسي، ڇهري تي ليپو ٿا پائي ڇڏين. شاگردن کي ٻين جاتين جي هم ڪلاسين اڳيان ڏنو ٿو ٿيڻو پوي. ٻين جاتين جا ٻار پنهنجي پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڳالهائي سگهن ٿا. لکي پڙهي سگهن ٿا، گانا ڳائي سگهن ٿا، پنهنجي ٻوليءَ جي ليکڪن ۽ شاعرن جا نالا ٻڌائي سگهن ٿا. اتي سنڌي شاگرد گونگا ٻڌيا وينا رهن ٿا. خبر ئي ڪانهي تہ هو ڪهڙي گرهہ کان هن ڌرتيءَ تي آيا. هو من ئي من ۾ پنهنجي ماءُ پيءُ کي پِٽين ٿا، جن سندن سموري سڃاڻپ کسي ورتي آهي. اڄ اسين سنڌي، جي سچ پچ ئي سنڌيءَ کي زندهہ رکڻ جا خوا آهيون تہ اچو تہ ٻين کي وعظ ڏيڻ کان اڳ، پهرين وک پنهنجي گهر مان کڻون. انگريزي ”ٻيبي فوڊ جا ڏبا“ پاسيرا رکي، ٻارن کي پنهنجي ماءُ جي ”سنڌي ٽج“ پياريون، کين وڏيڪ صحتمند ۽ سگهارا بڻايون!

# سنڌي ٻوليءَ جي عربي لپي

منوتولارام گدواڻي

پروفيسر ملڪاڻيءَ منڍ ۾ لکيو هو "ٻوليءَ جي سڌاري بابت سچا اهم مسئلا آهن: آئيوپتا، اچارن، جنسن، عدد ۽ ٻين وياڪرڻي صورتن بابت، جن تي مون زياده زور ڏنو هو. مون سمجهيو ته اعرابن جو سوال، جنهن تي پروفيسر ڄيٺمل 1940ع ۾ طوفان کڙو ڪيو هو سو ماٺو ٿي ويو، پر تازو جو پروفيسر پيرومل انهيءَ مسئلي جي باقاعدي ۽ تفصيلوار ڇنڊڇاڻ ڪئي، تنهن وري ان وشيه تي ڌيان ڇڪايو." مسٽر رحيم بخش ميمڻ وري لکيو "جڏهن سنڌ سرڪار جي تعليم کاتي جي پاران نئون پهريون سنڌي ڪتاب شايع ڪيو ويو هو، تڏهن ان جي خلاف اعتراضي مضمونن ۽ ليکن جو وڏو جهاد جاري ٿي ويو هو. انهن ڏينهن ۾ گليءَ گليءَ ۾ هر ڪنهن جي وات ۾ اها ئي ڳالهه هوندي هئي ته هاڻي سنڌي ٻوليءَ جو خير ڪونهي، اخبارن لاءِ ته هڪ ڏنڊو کلي پيو هو. سنڌ ته سنڌ، پر هندستان ۾ به انهيءَ ڳالهه جو چرچو ٻڌو ويو. خود بمبئي ۽ مدراس ۾ مون کان اتي جي ماڻهن ڪيترا سوال ڪيا ته اوهان جو تعليم کاتو هاڻي سنڌي ٻوليءَ جي بجاءِ عربي ٻولي ٿو شروع ڪري ڇا؟ مون ان کي مئل ۽ دفنيل سمجهيو هو، مگر تازو مسٽر پيرومل جي اَعرابن بابت شايع ٿيل مضمونن منهنجو توجهه ان طرف ڇڪايو آهي."

مسٽر ميمڻ به مسٽر پيرومل وارو دليل دهرايو آهي ته "اِي ۽ اَو" جي حالت ۾ ڏگهي اچار ناهڻ لاءِ ٻتي زير ڪم آڻڻ جي عيوض زير ۽ ي ڪم آيون آهن ۽ ٻتي پيش جي عيوض پيش ۽ و حرف ڪم آيا آهن، يعني انهن آوازن ۾ زير ۽ پيش جي عيوض وري به اهي ساڳيا حرف وڌا ويا آهن، جن مان شروعات ۾ اُهي پاڻ نهيا هئا. هاڻي ڏسون ته انهن ڏگهن اچارن ناهڻ وقت اسين زير يا پيش حرف صحيح تي ڏيون يا حرف علت تي، درست طريقو ڪهڙو آهي؟ "پيهون" لفظ ۾ اسان پ ۽ هه جا ڏگها آواز ڪيا آهن. پ حرف سان هڪ زير ۽ ي حرف گڏي هڪ ڏگهو آواز ناهيو اٿئون ۽ هه حرف سان، هڪ پيش ۽ و

گڏي هڪ ٻيو ڏکيو آواز ٺاهيو اٿئون. هاڻي جيڪڏهن ”پيہ“ اچار ۾ زير ”ي“ حرف علت هيٺان ڏبي تہ درست نہ ٿيندو. ڇو جو ”ي“ ڪي حرف علت هئڻ سبب پنهنجو اچار اڳ ۾ ئي آهي. باقي ڪيس زير ڏيئي سندس مراد ۽ خاصيت ڦيرائي ڇڏڻي پوندي. اهو درست نہ آهي. ساڳيءَ ريت ”هون“ اچار ۾ جيڪڏهن اسين پيش ”و“ حرف علت تي ڏينداسين تہ بہ غلط ٿيندو. ڇو جو ”و“ حرف علت آهي ۽ ان ڪي بہ اڳ ۾ ئي پنهنجو اچار آهي.

ٻيو دليل آهي: اسان ڏٺو آهي ا، و، ي حرف علت آهن. جي حرف صحيحن سان گڏجي اچار ٺاهين ٿا. مگر اهي حرف فقط حرف علت طور ڪم ڪو نہ ٿا اچن. ليڪن حرف صحيح طور بہ ڪم ايندا آهن. مثال طور: ”وڪر“ لفظ ۾ ”و“ حرف صحيح آهي. اهڙيءَ طرح ”الاجي“ لفظ ۾ پهريون الف حرف صحيح آهي ۽ ٻيو اَلف حرف علت آهي. ”پيهون“ لفظ ۾ ي ۽ و حرف علت آهن ۽ مٿن ڪا بہ اَعراب ڪانهي. پر جيڪڏهن ڏجي ڪٽي، تہ حرف علت مان ڦري حرف صحيح ٿي پوندا. سندن موجود اچار بہ انهيءَ اَعراب مطابق بدلائڻو پوندو. ۽ هڪ عجيب بي معنيٰ لفظ ٺهي پوندو. پيہ هہ- ون. انهن سببن ڪري پيهون لفظ ۾ زير ”پ“ جي هيٺان ۽ پيش ”هه“ تي ڏيڻ ئي درست ٿيندو ۽ اصول موجب بہ اِئين ئي درست آهي.“

جنوري 1941ع ۾ مسٽر ڏيارام ميرچنداڻيءَ پنهنجو رايو ڏنو هئو تہ ”جڏهن کان وٺي سنڌي ٻولي عربي آئيوٽا ۾ لکڻ ۾ آئي آهي، تڏهن کان وٺي ٻڪري لفظ جي هجي زباني طرح ”ٻ زبر ٻ، ڪ زبر ڪ، ري“ ڪندا آيا آهيون. اِن ڪري زير ”ي“ جي هيٺان ئي اچڻ گهرجي ۽ نہ ”ر“ جي هيٺان. شايد عربيءَ ۾ اهو نمونو استعمال ۾ ايندو هجي، پر سنڌي ٻولي عربي نہ آهي. سنڌيءَ فقط عربي نموني جي آئيوٽا اختيار ڪئي آهي، ان جو بنياد ۽ گهاٽ سنسڪرتي ۽ پراڪرتي آهي.“ مسٽر پيرو مل اپريل کان ڊسمبر 1945ع تائين هن باري ۾ لکندو رهيو. بس، پوءِ تہ ڪنهن ڪيس جواب ئي ڪو نہ ڏنو ۽ هيڪاري مارچ 1945ع جي تعليم اخبار ۾ ميمڻ صاحب جي ليک جو جواب رهيل هئو تہ ٺٽي مان 1945ع ۾ ئي مون، دائود پوٽي جي حمايتين ڪي هڪ گڏيل جواب اخبار تعليم ڪي

ئي ڏياري موڪليو. چو تہ منهنجو ان سان رستو 1926ع کان ئي هئو ۽ ٻيو تہ هي هڪ تعليمي مسئلو هو جنهن لاءِ اها ماهوار مناسب هئي. نہ رڳو مون کي ان جي پهچائي ڪا نہ ڏني ويئي، پر خط جو جواب بہ بس. تنهنڪري اهو ليک مون کي هفتيوار کي موڪلڻو پيو، هتي جڏهن ٻين جا دليل هن بنسبت ڏنا اٿم تہ پنهنجا بہ ڏيڻ واجب ٿو سمجهان.

عربي سنڌي لپيءَ ۾ سڄا سارا ٻاونجاهہ اکر آهن، جيڪي مڙيئي بي آواز يعني ٻجها آهن. پنهنجي سِر، انهن کي ڪو بہ آواز، سُر يا اُچار ڪو نہ آهي جئن ديوناگري يا گرمکي لپين ۾ آهي، اتي جيسين ڪنهن اکر کي ڪا ماترا يا لاڪنا نہ لڳائبي، تيسين ان اکر کي ”مڪفو“ چوندا آهيون ۽ هن جو اچار ”زبر“ سان ٿيندو. بس، هيءُ ئي آهي بنيادي نقص عربي سنڌي لپيءَ ۾، جنهن ۾ ٽن اکرن، ا، و ۽ ي کي حرف علتن وانگر بہ استعمال شروع ڪيائون ۽ هيڪانديون اعرابون آندائون، تڏهن بہ لکڻ جي ٻولي، ڳالهايل ٻوليءَ جي صداقت سان عڪاسي ڪري نہ سگهي. توهين عربي لپيءَ ۾ لکيل ڪو اهو ٽڪرو پڙهو جنهن کي بلڪل ٺيڪ اچارڻ لازمي آهي تہ ان ۾ ڏسندا تہ گويا ڪنهن سوناري ويهي جڙت جڙي آهي. ڇاڪاڻ تہ اسلام ۾ چترڪلا حرام آهي تہ ان جي ڪسر هن لکڻ جي هنر (ڪلڪ ڪلا (Calligraphy) ۾ ڪڍي ويئي آهي. لکڻ جا مکيہ ست نمونا آهن، جنهن کي هفت قلم چئبو آهي. وري انهن نمونن اندر بہ نمونا آهن، توهين فقط ”خوش آمديد“ يا ”ڀلي ڪري آيا“ جون چيپيل تختيون ڏسو تہ انهن ۾ ڪيتريون اعرابون آهن، پر جي ڪٿي اعراب گهربل نہ هوندي تہ فقط ميزان رکڻ لاءِ ڪو گل يا مکڙي ڪڍي ڇڏيندا. اها حالت آهي لٿو ڇاپي ۾.

مٿي مون اڳيئي چٽو ڪيو آهي تہ عربي سنڌي ٻوليءَ جا ٻاونجاهہ ئي اکر ڪيئن بي آواز آهن، يعني انهن مان آواز يا اُچار تڏهن نڪرندو، جڏهن هنن سان اعرابون يا ماترائون لڳنديون، تنهن جي معنيٰ تہ اهي سڀ اکر نہ فقط حرف صحيح آهن، پر نوٽ آهن. رومن لپيءَ ۾ بہ اکر ٻجها آهن، جن مان پنج اکر AEIOU مخصوص سُر آهن، يعني اُهي صرف حرف علتون آهن. ڇاڪاڻ تہ براهمي لپي وچ ايشيا مان ٿيندي پوءِ يورپ ۾ ويئي تہ رومن

لپيءَ ۾ ٻہ ٻہ اکر اھڙا آهن، W ،Y. جيڪي حرف صحيح ۽ علت ٻئي آهن.
اھي حرف صحيح فقط تڏهن آهن، جڏهن ڪنهن پد جي مهڙ ۾ نتا اچن.
اهڙيءَ صفائيءَ سان وصفون ٿيل آهن تہ بہ انگريزي وياڪرڻ ويتا اِن ميڄڻ ۾
ڪو عار ڪو نہ ٿا ڪن تہ "انگريزي آئيويتا تمام ناقص آهي."
(New manual of English Grammar P.4) هيڏانهن عربي سنڌي لپيءَ ۾
جيڪي لڪ ۾ ٽي حرف علتون آهن، سي حرف صحيح پڻ آهن. منش
ڪيترا سُر (Vowels) ڪيئي سگهي ٿو، تنهن جو بحث هتي نيڪ نہ ٿيندو.
ڏاڪٽي انگريزي ٻوليءَ ۾ 14 علتي آواز ٿيندا آهن (ص 42)، اهڙي طرح سنڌ
جي جدا جدا ڀاڱن ۾ بہ سُر گهٽ وڌ آهن. . مگر سراسري سنڌي ٻوليءَ ۾ ڏهہ
آهن، جنهن کي ڏهہ اکري ڪڪ چوندا آهن. آ، اَ، اِ، اي، اِوُ، اي، اَي، او ۽ اَو.
سنسڪرت ۾ بہ وڏيڪ آهن. اَڳ ۽ اَهہ، پر اهي اڄڪلهہ رواج ۾ گهٽ آهن.
انهيءَ پوئين سُور "اَهہ" کي عربي ٻوليءَ ايترو تہ پڪڙيو آهي، جو ان جا چار
نمونا تہ سنڌيءَ ۾ پهچائي ڇڏيائين، مثال: هميشهہ، هميشة، هميشہ ۽ هميشہ،
جيتوڻيڪ سنڌي تہ ڇا پر خود عرب بہ انهن جو اڄڪالهہ امتياز پورو ڪو نہ
رکندا آهن، سواءِ عربستان جي ڪن ڀهراڙين جي. پاڪستان ٿيڻ بعد اخبار
تعليم جي جنوري 1949ع جي پرچي ۾ هڪ هيڊ ماستر حل طلبي تہ، ماٺهو
ڳاڙهو، سوڙهو، ٿالهہ وغيره لفظن جي هجي ڪيئن ڪرائجي؟ (ص 7).
عربيءَ ۾ ايترا سر ڪڏهين، ڪيئن ۽ ڇو ٿيا آهن؟ تنهن جي اپٽار بہ هتي
ڪو نہ ڪندس، پر هڪ ٻيو "تهه" بہ ٻڌايان، جيڪو سنڌيءَ ۾ گهسڻ جي
پيو ڪري، مثال صورة، صلواة، جنهن کي سنڌيءَ ۾ سنئون سڌو صورت ۽
صلوات ڪري ڇڏيو آهي. سچ تہ اهو آهي تہ اڄ بہ عربي ٻوليءَ جي ڪيترن
لفظن جي هجي مختلف نمونن ۾ ٿيندي آهي ۽ هيڏانهن ڊاڪٽر دائودپوٽي
عربي اَعرابون، وغيرهہ ڪري عربي سنڌي لپيءَ کي درست (؟) ڪرڻ ٿي
چاهيو. قرآن شريف ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڪنهن بہ سبب ڪري ڪا ڦير
ڦار نہ ٿي سگهي، تنهن لاءِ هن ۾ هر هڪ اکر وغيره جو جوڙ لڳايو ويو آهي.
جئن مٿي ٻڌايو اٿم تہ ننڍي هوندي ئي ان عربي سنڌي اَلف ب تي
شنڪائون ٿيم تہ ان ۾ لڳاتار منهنجو حرص لڳندو آيو. جيئن ويد منترن

پڙهڻ لاءِ سر، سنڌي، پد، accent، وغيره تي اهميت رکيل آهي، تيئن قرآن شريف کي بلڪل ٺيڪ درست اچارن ڪرڻ وارا ڪي ٿورا هوندا آهن. انهن کي ”قاري“ چوندا آهن. ”علم المخارج“ جو تعلق فن ”قرائت و تجويد“ سان آهي، جو ڪنهن استاد ماهر قاريءَ کان ٻڌبو ۽ سکبو آهي. رواجي وياڪرڻ ۾ فقط لفظي مختصر تعريفون هونديون آهن. (قليچ بيگ 2: ص 11) سنڌ ۾ اهڙا آڳرين تي ڳڻڻ جيترا هئا. ٺٽيءَ ۾ اسان جي گهر جي پٺيان ٺي دائودپوٽي صاحب جو گهر هئو. ان جي پرسان مسجد هئي، جتي صبوح ٿيندي ئي آيتن جو ورد شروع ٿي ويندو هو. اج تائين اهي آواز منهنجي ڪنن ۾ ٻرن پيا. مان ڏسندو هوس ته عربي اکرن کي نرالي ڍنگ ۾ اچارڻ لاءِ زبان، حلق، وغيره کي آسپاويڪ وٽ ڏيڻو پوندو هو. صورت ياسين ٻڌي هيم ۽ ان جي مهما پڙهي هيم. وڏي هوندي اها ياد ڪئي هيم ۽ ان جو گرئموفون رڪارڊ ورتم جو اڄا تائين اٿم. عربي اچارن جي ڪي قدر خبر ته پتا جن وٽان ملي هيم، پر مون کي انهن عربي. سنڌيءَ جي 52 ئي اکرن جي اَصلي درست اچارڻ جو خود شوق هئو.

آخر 1943ع ۾ ڪراچيءَ جي پرسان ڪڏي ۾ هڪ مولوي صاحب جو ڏس مليم، جنهن ٻڌايو ته عربي عالمن قرآن شريف کي درست پڙهڻ لاءِ عربي اکر ٺيڪ اچارڻ لاءِ تفصيل ۽ باريڪيءَ سان قاعدا ۽ قانون ٺاهيا آهن ته، هر هڪ اچار جو وات ۾ تز هنڌ ڪٿي آهي ۽ ڪٿي چپ وغيره کي ڪيئن ۽ ڪيتري قدر موڙ جهوڙ ڪرڻي آهي. اهڙو مون کي عربيءَ ۾ هڪ ڇڱو ڪتاب هن ڏيکاريو جنهن ۾ شڪلين سان ڳالهيون سمجهايل هيون. انهن مان هڪ مکيه شڪل جو نقل ڪيم، جنهن جي سمجهاڻي هن مون کي عربيءَ مان ترجمو ڪري ٻڌائي. اهي نوٽ 30 ڊسمبر تي ڊائريءَ ۾ لکيا اٿم، جيڪو پنو پنهنجي ڪتاب Human Speech ۾ لڳل هئڻ سبب اڄ تائين سلامت اٿم. ڏسان ٿو ته ان ۾ به عربيءَ جا ڪي ٽڪنيڪي لفظ ڪم آندل آهن. مطلب ته ائين سکيا وٺندي مان به ڪي قدر عربي اچار ٺيڪ ڪرڻ سکيس، يعني ذ، ز، ض ۽ ظ جي اچارن ۾ تفاوت رکي سگهيس. پوءِ ته استعمالي جي ضرورت هئي، پر گهٽ ۾ گهٽ ايتري ته سڌ پيم ته ح جو اچار

ھہ کان وڏيڪ لنبي ساھہ کڻڻ سان ڪرڻو پوي ٿو وغيره ۽ اسين سنڌيءَ ۾ بيضو ۽ بيدو ٻئي چو چوندا آهيون. يا عثمان کي انگريزيءَ ۾ Othman چو لکندا آهن وغيره. اهڙيءَ طرح ديوناگريءَ ۾ श ۽ ष کي ٺيڪ اُچارڻ وارو مون کي ٺٽي ۾ هڪڙو براهمڻ مليو جنهن کان سنسڪرت سکندو هوس. عربي اچارن جي امتياز جو گهڻو حرص تہ مسٽر قريشي ماسٽر صاحب ٽئي لاڙڪاڻي ۾ جاڳايو هوم. جيڪو پارسي پاڙهيندو هو. اسان شاگردن کي هن جي انهن نرالن اُچارن تي دل ۾ کل ايندي هئي. جو اُهي عجيب ۽ اَسپاويڪ لڳندا هئا. مسٽر ڪانگو جو لکيل پارسي گرامر تہ ڪورس ۾ رکيل هئو پر ان ڪانسواءِ مون پيا بہ پارسي گرامر پڙهيا هئا ۽ پوءِ پنهنجو سليس نموني سنڌيءَ ۾ پارسي گرامر لکيم. جو اڃا تائين اڻ ڇپيل پيو اٿم. گرامر جون مارڪون تہ پڪيون ٿيون ٿين. جو مئٽرڪ ۾ پارسيءَ ۾ پهريون نمبر آيس. ائين انگريزيءَ ۾ ٻڌاياٺون تہ نيسفيلڊ جو گرامر هڪ سند آهي. تنهنڪري پيا گرامر بہ اپياس ڪيم. پر گهڻو زور هن تي رکيم. جنهن ۾ پوري ماهيت. مون کي مسٽر ڪشنچند گدواڻيءَ کان ملي. هن جون ان تي ڏنل فهمائشون اڃا تائين انهن نيسفيلڊ جي گرامرن ۾ نوٽ اٿم. اڄ مان ميشرس گريئرسن. مئڪس ملر وغيره جا پاري ڪتاب. انهن جي سهاري پوريءَ طرح سمجهي ٿو سگهان. جيڪڏهن لپي روح آهي پاشا جو تہ گرامر جان آهي پاشا جي. اڄ بہ عربي سنڌيءَ جو اسين مثال طور ”۽“ ۽ ”۾“ شبد لکون ٿا. سي چيناين جي پاو لپيءَ جيان. آئين ۽ مين جا فقط پرتيڪ آهن. جئن رومن لپيءَ ۾ And لاءِ & آهي.

چون ٿا تہ جيتري انگريزي ٻوليءَ جي اِملا (Spellings) کي خاص پاڪائي (Sanctity) ملي ويئي آهي. اوتري ٻي ڪنهن ٻوليءَ کي ڪانهي. مسٽر پئجيٽ چوي ٿو تہ ”شيڪسپيئر جي ڏينهن تائين بہ انگريزيءَ ۾ اِملا جو تز وگيان ڪو نہ هئو. پر جنهن کي جيئن وڻندو هو تيئن پيا لکندا هئا. (Human Speech- P.265) ٻوليءَ ۾ حرف صحيح آهن گونگا اکر. جي پنهنجو پاڻمرادو اچار ڏيئي نہ ٿا سگهن. تنهنڪري انهن سان حرف علت. جن کي پنهنجو اُچار آهي. سي ملائڻا ٿا پون تہ منجهائن ڪو اُچار نڪري. وري

عربي سنڌي آئيويٽا ۾ حرف علت آهن ئي ٿي: ا، و ۽ ي، جن مان سڀ اُچار نڪري نٿا سگهن، تنهنڪري ٿي ٻيون اچارن ڪيڻ جون نشانيون ڏاهيائون، جن کي ماترائون يا اَعرابون ٿا چئون. انهن ٽن اعرابن مان فقط ننڍا يا هلڪا اُچار ٿا نڪرن، جنهنڪري انهيءَ تي ڊگهن اُ- اَن ڪيڻ لاءِ ا، و ۽ ي حرف علتن جي سهائتا ورتي ويئي. انهيءَ ۾ شڪ نہ آهي تہ جيسين اچارن جو سوال آهي تيسين (آ) ڊگهو (د يرگهه) آواز برابر آهي اَ+اَ جي، (ٻن زبرن جي). مثال: پرم + آنند = پرمانند، ۽ ٻہ اِ گڏجي "اي" ٿيون، يعني زيرون برابر آهن، هڪ اِي جي. ان جو سهڻو مثال مسٽر پيرو مل ڏنو آهي. آتيت، جيڪو واقعي قابل تعريف آهي. وري ٻہ پيش ملي "اوُ" ٿيا، ديوناگري پيش جي نشاني عربي لپيءَ مان کنئي وئي آهي ۽ چاڪاڻ تہ زبر مٿان ڏني ويندي آهي تہ زير هيٺان، جنهن ڪري انهن مان ٺهيل لفظ 'زبردست ۽ زيردست ' موجود آهن. وري پيش بہ مٿان ڏبو آهي ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ پڇاڙي اکر تي زير وارا لفظ مونث ٿيندا آهن، مگر پيش وارا مذڪر. پيش وارن لفظن جو عدد جمع پيش کي زبر سان بدلائڻ ۾ ٿيندو آهي وغيره. اسان تي اثر ويهجي ويو آهي تہ زبر ۽ پيش ڏاڍا آهن زير کان، تہ زبر وري پيش کان بہ ٻلوان آهي. مان هن وقت انهن اَعرابن جي مشرقي خواهہ مغربي يا پارتي وويچنا ۾ وڃڻ ڪو نہ ٿو چاهيان، ٿوري ۾ تہ انهن ٽن ننڍين اَعرابن کي ڪٺي بہ ڪيائون تہ ٽي ڊگهيون اَعرابون (دو علتون) (Dipthong) ٺهي پيون. اَ، اي ۽ اوُ هي سان برهامنڊ ائين ٻٽي ٿيڻ سان ٺهيو آهي. جنهن ڪري خود منش جو شرير بہ ڪنهن محور (Axis) پٺيان سمروپ (Symmetrical) آهي. (Scientific Religion by Principal Go Gokhale) انگريزي ۾ اڌ حرف علتن جون وري عجيب عادتون آهن جو W تہ حرف علت ٿي نٿو سگهي، جيستائين ان کي ڪنهن ٻيءَ حرف علت جو سهارو نٿو ملي. مثال: Sew ۽ Sow، U. Saw، Swim ۽ I حرف علتون W کي حرف علت بنائڻ کان قاصر آهن، ليڪن Y بنا ڪنهن ٻيءَ حرف علت جي سهاري جي ئي پنهنجو پاڻ حرف علت آهي. مثال: By، پر هن ۾ فقط I حرف علت قاصر آهي ۽ ٻيون چار حرف علتون سگهاريون آهن. مثال: Boy, Key, Say ۽ Buy. اهڙيءَ طرح انگريزي ورڻ

مالا وگيان يا گرامر ۾ جيڪي ڪوجنائون ڪيون اٿم، تن ۾ هن وقت ڪو نہ ويندس، در حقيقت انگريزيءَ ۾ دو علتن جا بہ بہ نرالا نمونا آهن، جنهن مان هڪڙي ۾ بہ حرف علتون بلڪل گڏي لکبيون آهن. مثال: oe, ae، وغيره. هن جو ذڪر اڳيان هلي ڪرڻو پوندو.

هاڻي ڊاڪٽر دائود پوٽي جيڪو معاملو ڪاهي وڌو هئو، سو تہ نندين اعرابن بنسبت ۽ نڪي ڊگهي اعراب "آ" بنسبت، ڇاڪاڻ تہ اُهي سڀ هڪڙي ئي حرف صحيح مٿان يا هيٺان سڌيون سنواٽيون ڏيئي سگهجن ٿيون، پر جهيڙو متو هئو پڇاڙيءَ وارين ٻن ڊگهين اعرابن اي ۽ اوُ تان، جيڪي ٻن اکرن کي ڏنيون ٿيون وڃن، سو فيصلو ڪرڻو هئو تہ اُهي پهرئين اکر کي ڏجن يا ٻئي کي ۽ عربيءَ ۾ اي (ए) ۽ او (ओ) جا اُچار آهن ئي ڪو نہ، تنهن جي ڪري انهن جي اُچاريندڙ "ي" کي (ي) مجهول (اَڻ ڇاتل) چوندا آهن. نئين سڌاري ڪندڙن جي رٿ هئي تہ عربي سنڌيءَ ۾ معروف لاءِ (ي) نقطن سان ۽ مجهول لاءِ (ي) بنا نقطن جي ٺاهجي، جيئن اڙدو لپيءَ ۾ آهي، پر ڇاڪاڻ تہ واؤ کي نقطو آهي ئي ڪو نہ، تہ انهيءَ رٿ بہ سچو مونجهارو ڪو نہ لاٿو. انهن وصف ٻڌائي تہ ا، و ۽ ي حرف صحيح تڏهن آهن، جڏهن سندن مٿان يا هيٺان اعراب اچي ۽ جي اَعراب نہ ايندي تہ حرف علت آهن، يعني ٻڪريءَ ۾ جي "ي" هيٺان اَعراب ايندي آهي تہ "ي" حرف علت ئي نہ رهندو، پر خود حرف صحيح ٿي پوندو. هيءَ سمجهاڻي يا وصف 20 ڊسمبر شام جو مسٽر قاضي، چيئرمن صاحب صلاحڪار بورڊ جي بنگلي تي مسٽر لالچند اَمر ڏني مل، مسٽر جيٽلي کي ٻڌائي هئي، پر ان کي جيڪڏهين "اَلف" سان ٺهيل اَعرابن، اَ، اي، او ۽ اَي جي ڪسوٽيءَ تي لڳائي ڏسبو تہ تنگ ڪٽي بيهندي . مثال "يار" لفظ ۾ پهرئين (ي) تي ڪا بہ اعراب ڪانہ آهي، تنهنڪري اها حرف علت ٿي ڇا؟ جيڪڏهن ان جو جواب مسٽر لالچند اهو ڏئي نہ انهيءَ "يا" کي پٺيان وارو 'الف' ڊگهي اعراب وارو اچي ٿو، تنهنڪري پهرين 'ي'، حرف صحيح ٿيو. اِئين دليل ڏيڻ سان ڪين مڙٿو پوندو تہ ا، و ۽ ي اعرابون بہ آهن، يعني حرف صحيح جي وصف وڃي بيهندي، "جڏهن سندن مٿان يا هيٺان يا

پٺيان ڪو بہ حرف علت يا اعراب اچي.“ ساڳئي بنگلي تي چيئرمن صاحب مسٽر جيٺلي کي اهو بہ ٻڌايو هو تہ ”اسان جي سنڌي الف بي عربيءَ تان ورتل آهي، تنهن ڪري اعرابن جو سرشتو بہ اسان کي عربيءَ وارو ئي اختيار ڪرڻو آهي.“ ونوانهيءَ ڳالهہ کي تہ عربيءَ ۾ ”يا“ هن طرح لکبو آهي، يعني ي، تي زبر ڏيئي ان کي حرف صحيح بڻائي، پوءِ پٺيان الف ڳنڍبو آهي، پر سنڌيءَ ۾ اچا بہ ’يا‘ هيئن لکڻ قائم رکيو ويو آهي، تڏهن صاف ظاهر آهي تہ عربي وارو اَعرابن جو سرشتو سؤ فيصد سنڌيءَ ۾ اختيار نڪي ڪيو ويو آهي ۽ نہ ڪري ٿو سگهجي.

# عربي سنڌي لپي

موتيرام. ايس راسواڻي

ڪاڪو ڀيرومل مهرچند آڏواڻي سنڌي ٻوليءَ جو ودوان، عالم ۽ ڄاڻو هو. ڪاڪي صاحب "سنڌي ٻوليءَ جو وڏو وياڪرڻ"، "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ"، سنڌ جي اتهاس تي "قديم سنڌ" ۽ "سنڌ جي هندن جي تاريخ" (ٻه ڀاڱا) وڏا شاهڪار لکيا آهن. ڪاڪو صاحب عالم، ڄاڻو ۽ ماهر هو. سياست سان سندس واسطو ڪو نه هو. هن صاحب، سنڌ ۾ اُن وقت جي نامدار ۽ ناليري "سنڌو" ماهوار مخزن جي جنوري 1934ع واري پرچي ۾، هڪ عالماڻو مضمون لکي ڏيکاريو آهي ته سنڌي ٻوليءَ لاءِ هاڻوڪي عربي سنڌي لپي غير سياويڪ آهي ۽ نقصانڪار آهي ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ سياويڪ سرل لپي ديوناگري آهي.

ڀيرومل مهرچند لکي ٿو: لپي يا آئيوبيٽا ناهڻ لاءِ ڀرين ۾ مک ڳالهه هيءَ آهي، ورڻ مالا (آئيوبيٽا) جا سڀ اکر پوريءَ ترتيب سان بيهارجن، مثال لاءِ ديوناگري آئيوبيٽا ڏسو جنهن ۾ ڀريائين ڪنٺ ۽ نڙيءَ جي اُچار وارا، پوءِ تارونءَ جي اُچار وارا، پوءِ ڄڀ، ڏندن ۽ چپن جي اچار وارا اکر آهن. اِنسان، جيڪي اکر وات مان ڪڍي ٿو تن جا اُچار اُهي ئي واٽُون وٺي، ٻاهر نڪرن ٿا، تنهن ڪري چئبو ته ديوناگري آئيوبيٽا بلڪل "سائنٽيفڪ" يا وگيانڪ ريت ٺهيل آهي.

عربي لپي ٻه پوريءَ ترتيب تي نه بيٺل آهي، ويتر انهي ۾، نهايت بيڪار ۽ بيهوديون ڦير ڦاريون ڪري، هاڻوڪي عربي سنڌي آئيوبيٽا جوڙي آئن، ته اسان جي سنڌيءَ جي ورڻ مالا (آئيوبيٽا) ڳڙ ڱڙڏاٽي ڪري ڇڏي اٿن. اکرن کي درجيوار يا ترتيب بيهارڻ ته پنهنجي جاءِ، پر رڳو اکرن کي نقطن ڏيڻ جي ترتيب ٻه، ساندهه هڪجهڙي هلائڻ نه آئي اٿن.

عربيءَ يا پارسيءَ ۾، ڪي اکر بنا نقطن ۽ ڪن تي هڪ يا ٻه نقطا، نهايت ئي ٽي نقطا آهن، پر سنڌيءَ ۾ ڀ، ٺ، ڦ، ڇ اکرن ۾ چار چار نقطا ڇو رکيا اٿن؟ انهن اکرن کي ويچار ڪرڻ سان جهٽ سمجهي سگهجي ٿو ته

اهي ”وسرگ“ اڪر آهن. يعني منجهن ”ه“ جو ڳرو اُچار سمايل آهي، تنهنڪري انهن کي وڏيڪ نقطا ڏنا اٿن، هر ڪو آسانيءَ سان سمجهي، تہ انهن ۾ ”ه“ جو اُچار سمايل آهي، تنهن ڪري، اهي ڀريل ساهہ سان اُچارڻ گهرجن.

پر اسان جي ٻوليءَ ۾، ٻيا بہ ڪيترا وسرگ اکر آهن ۽ انهن تي بہ چار چار نقطا ڏين ها، تہ پوءِ هر ڪو اُهي چار نقطا ڏسي، پهريائين سهي ڪري سگهي ها، تہ اِهو وسرگ اکر آهي، پر جن آئيويتا ٺاهي، تن کي نقطن ڏيڻ جي ترتيب بہ، ساندهہ هڪجهڙي هلائڻ ڪا نہ آئي. ڏسو تہ ڪيو ڇا اٿن! ”ب“ ۾ ٽي نقطا گڏي وسرگ اکر (ڀ) ٺاهيو اٿن. ”د“ تي بہ نقطا ڏيئي ”ڏ“ اکر ٺاهيائون، ”ڊ“ ۾ فقط هڪ نقطو گڏي ”ڍ“ اکر بنايو اٿن ۽ ”ٿ“ مان پاڻ هڪ نقطو گهٽائي ”ٺ“ اکر جوڙيو اٿن!

مطلب تہ نقطن ڏيڻ مهل، پڳ جو پيچ جتي آيو اٿن، اُتي ورايو اٿن ۽ هڪ ترتيب تي نہ هليا آهن. ڪٿي ڏسو تہ ”جنسي ”ه“ اکر ڪم آندو اٿن، جئن اُرڊوءَ ۾ آهي. مثلاً ”ج“ ۽ ”ه“ گڏي ”جه“ اکر، ”گ“ ۽ ”ه“ گڏي ”گه“ اکر جوڙيو اٿن. انهيءَ ڪري چئبو تہ فورٽ وليم (ڪلڪتي) جي ڪاليج جي پروفيسرن  کي شاباس آهي، جن اُرڊو آئيويتا چڱي ترتيب سان جوڙي آهي، باقي هتي سنڌ ۾، جن عربي آئيويتا ٺاهي، تن اُهي ۽ ٻيون ڪيتريون چڪون ڪري، اسان جي آئيويتا اهڙي ردي نموني ۾ جوڙي آهي، جو نهايت افسوس سان ظاهر ڪرڻو ٿو پوي، تہ هن سڌريل  زماني ۾، اَهڙي اڻنگيءَ طرح نهيل آئيويتا، اسان جي منهن تي ٺئي نٿي پوي. اِها بيڪار آئيويتا، جا رڳو آزمائش طور مقرر ٿي، تنهن جي پوئواري تعليم کاتي وارن وري ڪا نہ ڪئي، جنهن ڪري اسان تي هميشہ لاءِ، اها مڙهجي ويئي ۽ اَج تائين هلي اچي.

”وچ ۾، هندن گهٽو ئي پڪاريو ۽ ٻي آئيويتا جوڙڻ جون تياريون ڪيائون، پر سندن سڀ ڪوششون اَجايون ٿيون ۽ پوءِ تہ ٿڌا ٺڪر ٿي ويهي رهيا. هن وقت تائين، سنڌيءَ ۾، نظم نثر جا هزارها ڪتاب، هاٺوڪي آئيويتا ۾ ڇپجي ظاهر ٿيا آهن، تہ بہ آئون جيڪر چوان، تہ انهيءَ ڳالهہ جو ڪو بہ خيال نہ ڪري، هاٺوڪي عربي سنڌي آئيويتا کي عربي سمنڊ ۾ لوڙهي، وڏيءَ دل سان ديوناگري اکر ڪم آڻڻ گهرجن.

هن وقت، ڪي هندو شايد ائين چوندا ته ”ڏڏو ڪير ٽڻين ڪو نه پوندو“ ۽ هاريل ڪير لاءِ ارمان اجايو آهي، تنهن ڪري پلي ته هاٺوڪي آئيوپٽا چالو رهي. ڪي مسلمان پائر، شايد، هن قسم جا ليڪ پڙهي چوندا، ته هندو رڳو پنهنجي ڌرمي ٻوليءَ (سنسڪرت) وارا اکر هلائڻ ٿا چاهين، پر هيءَ ڳالهه ياد رکڻ گهرجي، ته ديني يا ڌرمي خيال ڌاري، صورتخطيءَ تي ضد ڪرڻ عبث آهي ۽ اکرن تي اٽڪڻ محض ناداني آهي.

اکر ان دي وچ جو ڪوئي اڙيا،
عشق دي چاڙهي مُور نه چڙهيا.

”دين ايمان، سڀ ڪنهن جو پنهنجو پاڻ سان آهي، هندو جيڪڏهن عربي اکر سکندا، ته ڌرم ڌوٻي ڪو نه ويندن، نڪي ديوناگري اکر سکڻ ڪري، مسلمانن جي مذهب کي ڪو لوڏو ايندو، تنگدلي ۽ ديني تعصب کي دور ڪري، هتي رڳو هندن ۽ مسلمانن کي اِها ڳالهه ڳڻڻ گهرجي، ته اسان جي پيارن ٻچڙن جو اسان جي پرڳڻي جو ۽ اسان جي پرڳڻي جي ٻوليءَ جو ڀلو ڪهڙي آئيوپٽا اَختيار ڪرڻ سان ٿيڻو آهي. اَچو ته اِهي ڳالهيون جاچيون ۽ پوءِ سوچي ويچاري اهڙو قدم کڻون، جنهن ۾ هندن توڙي مسلمانن جو ڀلو ۽ پرڳڻي جو مان ۽ مهت مٿي ٿئي.

هاٺوڪي عربي سنڌي آئيوپٽا فائديمند نه آهي، هندن توڙي مسلمانن کي، هڪ ڇيهو جو انهيءَ مان رسيو آهي ۽ اجا به رسندو سو هيءُ آهي، ته سندن ناز مان پاليل ٻچڙن جي ٻي ٻها حياتيءَ جو سڄو سارو هڪ ورهيه انهيءَ اَنڌيءَ آئيوپٽا سکڻ ۾ اَجايو وڃي ٿو. انگريزيءَ ۾ آئيوپٽا ۾ چوويهه اکر، عربيءَ ۾ اٺاويهه. پارسيءَ ۾ ٻٽيهه، هنديءَ ۽ مراهٽيءَ ۾ پنجٽيهه. پر اسان جي سڳوري عربي سنڌيءَ ۾ ٻاونجاهه اکر!!!

نه رڳو ٻين ٻولين جي آئيوپٽائن کان اسان وٽ ٻيڻا اکر آهن، پر ٻيو به هڪ وڏو آزار اَسان وٽ آهي. ڪيترا اکر منڍ ۾ هڪ طرح، وچ ۾ ٻيءَ طرح، پڇاڙيءَ ۾ ٽئين طرح لکجن ٿا. اسان وٽ ٻاونجاهه اکر اڳيئي، ويتر هڪ هڪ اکر جون ٽي ٽي صورتون ته ٻارن جو مٿو ئي ويو! مطلب ته، هندن توڙي مسلمانن جي ٻارن کي، جڻ ته، آئيوپٽا جا ڏيڍ سئو کن اکر سکڻا آهن. آهي ڪو ٻيو ملڪ، جنهن ۾ ٻارن لاءِ آئيوپٽا جو هيڏو آزار آهي.

انهي آزار سان گڏ، ٻي هڪ وڏي ذلت اسان وٽ آهي. ب، ٻ، پ، ت، ٺ، ٿ، ٽ، ث، ڀ اکرن جي صورت ساڳي، پر ڪنهن اکر تي هڪ نقطو ڪنهن تي ٻه، ڪنهن تي ٽي ته ڪنهن تي چار.اِهي نقطا به ڪي هيٺيان، ته ڪي مٿان، ڪي سنوان ته ڪي پاسيرا. اوهين پاڻ ئي چئو ته هن آئيوِيٽا سڪندي، ويچارن ٻارن جو دماغ چڪر کائيندو هوندو يا نه؟

سيڪو قبول ڪندو، ته گرمکي اکر ماڻهو ٿورن ڪلاڪن ۾ سکي سگهي ٿو ۽ ديوناگري اکرن سکڻ لاءِ هڪ هفتو ڪن ڪافي آهي، پر اسان وٽ، ويچارن انهن کي سڄو سارو هڪ ورهيه ٻاراڻي ڪلاس جو ڪشٽ ڀوڳڻو پوي ٿو. هاڻ پڙهندڙ پاڻ ويچار ڪري ڏسن. ته اَجايو ديني يا ڌرمي خيال ڌارجي، سو چڱو يا معصومن جو خيال ڌارجي، ته اهو چڱو.

سنڌي ٻوليءَ کي به، هڪ وڏو صدمو عربي سنڌي آئيوِيٽا مان پهتو آهي. ڊاڪٽر ايڇ. ايم. گربخشاڻي، جو ڊي. جي. سنڌ ڪاليج جو وائيس پرنسپال ۽ پارسيءَ جو پروفيسر آهي. تنهن پنهنجي ٺاهيل شاهه جي رسالي ۾، شاهه صاحب جي سنڌيءَ جو بيان ڪندي، انهيءَ ڳالهه جو ٿورن لفظن ۾، هن طرح بيان ڪيو آهي:

”هاڻوڪي صورتخطيءَ ڪري، هڪ وڏو صدمو جو سنڌي ٻوليءَ کي رسيو آهي، سو هيءُ آهي، جو ماڻهو ان جي اَصل ۽ بنياد کان اڻواقف رهجي ويا آهن. عربي سنڌي صورتخطيءَ جي واقفيت ڪري، شاگردن کي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾، عربي ۽ فارسي ٻولين جي تحصيل ڪرڻ ۾ سهوليت ٿئي ٿي، ۽ ديوناگري اکرن جي سکڻ جي خطري کان، سنسڪرت ٻولي، جنهن مان اصل سنڌي ڦٽي نڪتي آهي، تنهنجو ڪو به اڀياس ڪيو نٿو وڃي. انهيءَ بيپرواهيءَ جو نتيجو اِهو ٿيو آهي، جو سنڌيءَ ۾ ڪو به خاطر خواهه سڌارو نه ٿيو آهي. علم لغات، جنهن جي رستي، اِها ترقي ممڪن آهي، تنهن جو ڪنهن به سياءُ نه لڌو آهي وغيره.“

# سنڌي ٻوليءَ جي پنهنجي اصلوڪي لپيءَ کي بحال ٿيڻ گهرجي

پريم تنواڻي

سنڌي ٻوليءَ مَٽ مَٽ دورن ۾ مَٽ مٽ لکتن ۾ جيئندي پئي آئي آهي. جيئن سومرن جي دؤر ۾ خدا آبادي لکت استعمال ڪئي ويندي هئي، جڏهن آرين اچا هن پونءِ تي پير نہ پاتا هئا. تڏهن بہ هن ڌرتيءَ تي سنڌي دراوڙي ٻوليءَ جي ڪنهن شاخ ۾ لکي ويندي هئي. اها مهين جي دڙي واري لکت جيڪا هاٽوڪن ياشا وگيانڪن کي بہ سمجھ ۾ نٿي اچي.

اصل ۾ سنڌي ٻوليءَ کي سمجھڻ کان پهريان اسان کي سنڌ جو اتهاس سمجهڻو پوندو. سرجان مارشل پنهنجي ڪتاب ”مهين جو دڙو“ ۾ لکي ٿو تہ ”سنڌ ڌرتي سمنڊ مان پيدا ٿيل پانئجي ٿي. اٽڪل 10 هزار ورهيہ پهريان هاٽوڪن ڪولهين، پيلن، جوڳين، سوڍن، اوڏن ۽ سنٿالن جي وڏڙن اچي اهي واريا سا پَٽ وسايا. جيڪي سمنڊ (سمندر) هٽڻ ڪري نروار ٿيا. اهي ماٺهو اسٽرڪس قوم جا سمجھ ۾ اچن ٿا. ڇاڪاڻ تہ سندن ڊي اين اي آسٽريليا ۽ نيوزيلينڊ جي اصلوڪن ماڻهن سان ملي ٿي ۽ انهن جي ٻولي پڻ آسٽريليا ۽ نيوزيلينڊ جي مقامي ٻولين سان هڪجهڙائي رکي ٿي. انهن ماڻهن جون ٻوليون مارواڙي، ٿري، جوڳي ۽ اوڏڪي وغيره سنڌ ۾ ڳالهايون تہ وڃن ٿيون. پر آئيوڙا بابت ڇٽائي سان ڪجھ نٿو چئي سگهجي. ان کان پوءِ نوان حملي آور دراوڙ جيڪي مصري يا سامي تهذيب کان آيل پانئجن ٿا. سمنڊ رستي سنڌ ۾ داخل ٿيا. سنڌ تي مصرين جي ڪاھ جي باري ۾ سميرامس راجا جو نالو ايندو آهي. انهن دراوڙن سنڌ ۾ زرعي انقلاب سان گڏوگڏ ٻيا ڪيترا سڌارا آندا. جيئن ميون جون جنسون، ڦيٿي جي ايجاد، شهري زندگي، شطرنج ۽ تاش جي ايجاد، ٿئيٽر ۽ موسيقيءَ جا ساز ۽ ٻوليءَ جي نئين لکت جو بنياد وڌائون. دنيا جا قديم ترين ڪتاب هن واديءَ سنڌ ۾ لکيا ويا.

پوري مڪينيڪل فزڪس گراڙيءَ تي ٻيٽل آهي ۽ اها گراڙي ڦيٿي کي ڪٽي ناهي وئي، جيڪو دراوڙن جي ايجاد آهي. ڏهائي عدد سرشتو (Decimal Number System) سنڌ کان عرب دنيا ڏانهن ويندي يورپ ۾ به رائج ٿي ويو. اهڙيءَ ريت علم فلڪيات جو ويدن وارو علم، پڻ پهرين سنڌ کان مسلمان ٿيندڙ سنڌي سائنسدانن وسيلي عرب مسلم دنيا ڏانهن ويو جتان يورپ سميت سموري دنيا ۾ پکڙجي ويو. ان ڳالهه ۾ ڪو به شڪ ناهي ته دراوڙ هن ڌرتيءَ جو سڀ کان وڏيڪ ڏاهو نسل آهي. هنن هتان اڳين وارثن ڪولهين، جوڳين ۽ اوڏن جي نسلن کي هلڪي ڦلڪي لڙائيءَ کان پوءِ اوپر طرف ڌڪي ڇڏيو ۽ ڳچل عرصي تائين دنيا سان وڻج واپار قائم ڪري پنهنجي بينڪ قائم رکيائون. هنن جو مذهب سنتالي ڌرم (هندومت) هو. اهو ديوتائن جو ٽمورتي وارو دؤر هو. برهما، وشنو ۽ شو هنن جا معتبر ديوتا ليکيا ويندا هئا. سنڌ ۾ دراوڙن جا نسل ميد ماڇي، مهاڻا ملاح، جوڳي ۽ بروهي اڄ به موجود آهن. ان دؤر ۾ سنڌ موجوده پاڪستان جيتري هئي، جنهن کي ويدڪ دؤر جي سنڌ سڏيو ويندو آهي. هنن دراوڙن ٽيڪسيلا يونيورسٽي برپا ڪئي. بلوچستان ۾ مهر ڳڙهه شهر ۽ سنڌ ۾ مهين جو دڙو ۽ پنجاب ۾ هڙاپا سندن يادگار شهر رهيا. مهين جي دڙي واري لکت شايد ان دؤر جي يادگار آهي.

ان کان پوءِ آريا قوم اتر کان ڪاهيندي شهرن کي باهيون ڏيندي حملي آور ٿي، (پر ڪجهه اتهاسڪارن (تاريخدان) موجب آريا، يا آريئن جو ڪو به وجود نه هو. اهي اصل هتان جا ئي مقامي ماڻهو هئا، جن پاڻ کي آريا سڏايو). آريا لفظ جي معنيٰ سڌريل آهي. آريا هئا ته پاڻ جاهل، پر پاڻ کي سڌريل ۽ هتان جي مقامي وارثن کي اڻ سڌريل يا اڻ آريو سڏيائيون. دراوڙ آرين جي اچڻ کان پهرين ٽي ويد لکي چڪا هئا. يجرويد، اٿرويد ۽ سام ويد باقي آخري ويد رگويد اچا لکجي پيو ته آريا اچي ڪڙڪيا. رگويد ۾ آرين ۽ اڻ آرين جي وچ ۾ جنگ جو ذڪر آهي. پائنجي ٿو ته دراوڙن سولائيءَ سان آرين جو هٿي اچڻ قبول نه ڪيو هوندو، پڪ ساڻن جنگ ڪئي هوندائون. نه ته پوتر (پاڪ) ويد ۾ جنگ جو ذڪر نه اچي ها. دراوڙ جيئن ويڙهه جي حرفت

ڪان اڻواقف هئا، ڇاڪاڻ تہ مهين جي دڙي مان ڪو بہ هٿيار ناهي مليو. هوڏانهن آرين وٽ لوهہ جا ڀالا، تير، تلوارون وغيرهہ هيون ۽ عملي طور هو حيواني صفت سان سرشار هئا ۽ لوهہ ڪان واقف هئا، تنهن ڪري انهن دراوڙن کي اوپر طرف ڀڄڻ تي مجبور ڪيو ۽ باقي جيڪي طاقت جي بنياد تي آرين سان مهاڏو اٽڪائي ڌرتي تي ويٺا رهيا، تن کي بہ آرين پاڻ ۾ رلي ڇڏيو.

موجوده سنڌي ٻولي انڊو آرين ٻولين جي ڪٽنب مان ڳڻي وڃي ٿي. آريا دراوڙن واري رائج ڪيل سنڌي ختم تہ نہ ڪري سگهيا، پر هنن دراوڙن واري سنڌي لکت مٽائي، پنهنجي سنسڪرت وغيره جيڪا آرين جي مذهبي ٻولي پڻ هئي، سا رائج ڪري سنڌيءَ ۾ پنهنجي ٻوليءَ جا لفظ جوڙ ڪري، سنڌيءَ کي مٽائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي. انهن دراوڙن وڃي ڏکڻ هندستان وسايو. اڄ بہ تامل، تليگو، ڪنڙ، ملايلم وغيره ڏکڻ هندستان جون قومي ٻوليون آهن. هنن جا شهر بينگلور، حيدرآباد دکن، چنائي، ڍاڪا (شري لنڪا) وغيره دنيا جي سيڙپڪارن جي ڌيان جو مرڪز آهن. هنن جي فلم انڊسٽري دنيا جي بهترين انڊسٽرين مان هڪ آهي، سڄي دنيا کي بهترين ڪمپيوٽر اهي دراوڙ بينگلور مان مهيا ڪندا آهن. پاڪستان ۾ رڳو بروهي ٻولي دراوڙن جي نشاني بچي آهي. جيڪا پڻ ختم ٿيڻ تي آهي. 712ع ۾ عربن جي حملي وقت محمد بن قاسم سنڌيءَ جي ڪابي پاسي واري لکت ختم ڪري عربي لپي رائج ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هو ان ۾ ناڪام ويو. پر سندس ڪم 11 سئو سالن ڪان پوءِ 1853ع ۾ فرنگين جي آشيرواد سان، سندس نسلن پورو ڪيو ۽ نہ رڳو سوين سالن تائين قائم لکت تبديل ڪئي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي آئيويٽا عربي ڪان ورتي، پر لسانياتي سامراج جو مظاهرو ڪندي، سنڌي ٻوليءَ ۾ عربي ۽ فارسيءَ جا لفظ جبري طور مڙهي، ان جو هزارين سالن جي سڃاڻپ (تشخص) ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هڪ شاهوڪار ٻوليءَ جي اها خوبي هوندي آهي تہ اها ٻاهران آيل هر لفظ پاڻ ۾ ضم ڪري ڇڏيندي آهي ۽ سنڌيءَ ۾ اها خوبي سندس مٽيءَ جي ڪري آهي. عربي ۽ فارسيءَ سڳورين جي لفظن سان اسان

ڪي ڪا بہ نفرت ناهي، پر اهي ئي عربي فارسي لفظ سنڌيءَ جي اصل لکت (لپي، رسم الخط) ۾ پڙهيا لکيا ۽ ڳالهايا وڃن تہ واهہ جي ڳالهہ ٿي ويندي، سو بہ سيني سنڌين جي هڪ راءِ سان. باقي جيڪڏهن اڪثريت کي هي لکت (پرشو عربڪ) پياري آهي تہ ڪو وڏو مسئلو ناهي. هونئن موجوده سنڌي بہ گهٽ ناهي، هر روز ڪيترائي رسالا، اخبارون ۽ ٻيو مواد ڇپجي ٿو پر جيڪڏهن نرالا ۽ منفرد نظر اچڻ چاهيو ٿا تہ پوءِ اصل لکت (ديوناگري لپي) آڻيو.

پر سنڌي ختم ٿيڻ بدران هڪ عام (جنرل) ٻولي ٿيڻ وڃي رهي آهي، عربي ۽ فارسيءَ جا لفظ سنڌي پنهنجا ڪري ڇڏيا آهن ۽ اهي مختلف شڪليون مٿائي استعمال ۾ آهن، جيڪي هاڻي نڪرندا بہ ڏکيءَ ريت، نہ نڪرن تہ بهتر آهي. باقي سنڌيءَ جي ڪاٻي پاسي واري لکت سو بہ جيڪڏهن سڀ سنڌي ان تي متفق هجن تہ واپس ورائي سگهجي ٿي، جنهن سان عربن ۽ سندن سنڌ ۾ پونئيرن، عربي ۽ اسلام کي ڪو بہ خطرو نہ هوندو، ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن چيني زبان ۾ قرآن سڳوري جو ترجمو ٿي سگهي ٿو تہ شاهہ جا بيت ۽ قرآن شريف بہ ان لکت (ڪاٻي پاسي واري لکت يعني ديوناگري لپي) ۾ تبديل ٿي ويندا.

سنڌي ٻولي هڪ جهوني ترين ٻولي آهي، جنهن جو سڌو سنئون واسطو سنسڪرت جي وراچڊ نالي شاخ سان ڄاڻايو ويندو آهي. اهڙي ريت هندي ٻولي بہ سنسڪرتي ڪٽنب مان آهي. تنهنڪري سنڌي ۽ هندي ذري گهٽ ڀينرون وڃي ٿين. هندي زبان ۾ 51 اکر ۽ سنڌيءَ ۾ 52 ، هندي تہ روايت مطابق ڪاٻي پاسي کان ئي لکي ويندي آهي. 1853ع کان پهريان سنڌي بہ ڪاٻي پاسي کان ديوناگري لپي ۾ لکي ويندي هئي، جنهن کي هاڻي ٻيهر ورائي آڻجي تہ جيئن سنڌي ٻوليءَ جي پنهنجي عالمي نرالي سڃاڻپ بحال ٿي سگهي ۽ گڏوگڏ اها گڏيل قومن جي پنجن سرڪاري ٻولين ۾ ڇهين سرڪاري ٻولي طور پڻ شامل ٿي سگهي.

# واڻڪي: هڪ وسري ويل سنڌي لپي

راڪيش لڪاڻي

سنڌ جي اصلوڪي براهمڻي پراڪرت لپيءَ جي ڳولها گهڻو ڏکو واڻڪي توڙي خداآبادي تائين اچي نبرندي آهي. جيتوڻيڪ البيرونيءَ عربن جي ڪاهه کان اڳ ٽن لپين: مثلن هندوي، مالواڙي ۽ ارڌناگري جو ذڪر ڪيو هو پر سنڌ ۾ لپين جا پختا ثبوت ڪو نه لڌا ويا آهن ته آخر انهن لپين جو براهمڻو لکت سان ڪيئن ۽ ڪنهن ريت ڦيرو آيو. ان جو هڪ وڏو سبب آڳاٽين لپين جو اتهاسڪ ثبوت نه ملڻ ئي آهي. 1958ع ۾ ڪراچي کان 40 ڪوهه پري ڀنڀور جي کوٽائيءَ مان جيتوڻيڪ ڪي اڳوڻي لپيءَ جا ثبوت ضرور مليا آهن، پر اهي ثبوت توڙي نمونا ايترا ته ٿوري تعداد ۾ هٿ آيا آهن، جو انهن جي مدد سان لپيءَ جي پختي ڄاڻ نٿي ملي. سنڌ ۾ براهمڻي لپي جو ڪو به نشان نه هجڻ جا وڏا سبب ٿي ٿا سگهن. هڪ ته مهاراجا ڏاهرسين کان پوءِ سنڌ ۾ ساڌو توڙي رشين جو قتل ڪيو ويو هو. اتهاس گواهه آهي ته اهو رڳو هڪ اڌ جو نه، پر پوري ساڌو سماج جو قتل ٿيو هو ان قتلن جو زور ايترو ته زبردست هو جو سنڌ مان سموري ساڌو سماج جو صفايو ٿي ويو. جڏهن تعليم ڏيندڙ تعليم جي رهنمائي ڪندڙ ساڌو توڙي رشين جو وجود ئي نه رهيو ته لپي ڪٿان پنهنجو وجود قائم رکي سگهندي؟

لپيءَ جي نسبت سنڌ ۾ اتهاس ٻن ڀاڱن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. هڪڙو عربن جي ڪاهه کان اڳ وارو ۽ ٻيو ان ڪاهه کان پوءِ وارو. عام طور تي اهو ڏنو ويو آهي، ته هندستان جون ٻيون اڻ سنڌي لپيون جيڪي براهمڻي کان ڦير گهار نموني اتهاسڪ ثبوت سان موجود آهن ۽ اُهي ثبوت ڪاميابيءَ سان پيش ڪجن ٿا، پر سنڌ اهڙي خوش قسمت ناهي رهي، ان جا ڪي اهم سبب به آهن، مثلن:

1. عربن جي ڪاهه مهل يا ان کان ٿورو وقت پوءِ سنڌ ۾ رشين جو وڏي پيماني ۾ قتل ٿيڻ، جڏهن پڙهيل ڳڙهيل رشي نه رهندا ته گيان جي رواج توڙي ٻولين ۽ لپين جو نقصان ٿيڻ لازمي آهي ۽ ائين ئي ٿيو.

2. عربن جي ڪاھ بعد سموري ھندو ثقافت جو وجود متائڻ جي پوري ڪوشش ڪئي وئي.
3. ڪشمير، پنجاب، ڏکڻ ڪشمير (جمون) ۾ جتي جتي ھندن وري حڪومت ھٿ ڪئي، ھندو لپيءَ جو واھپو وري ڪان وڏي ويو پر سنڌ ۾ ائين ڪين ٿيو. ھت جن ھندئن بہ اسلام قبولڻ بعد حڪومت ھٿ ڪئي، تن ڪڏھن بہ سنڌي ٻوليءَ کي ڪين ھمٿايو لپيءَ جي ڳالھ تہ ڏاڍي پري ٿي.
4. سنڌي ھندن ۾ پنھنجي اتھاسڪ ثقافت جي بچائڻ جي دلچسپي نہ جي برابر رھي آھي.
5. سنڌي مسلمان ايئن تہ مھين جي دڙي جو فڪر ڪن ٿا، پر عربن جي ڪاھ کان اڳ واري ثقافت کي سانڍي رکڻ ۾ ھو بہ دلچسپي تمام گھٽ ٿي وٺندا آھن.

پاشا جي عالمن ۾ ھاڻي ھڪ ئي رايو آھي تہ، نہ رڳو ننڍي کنڊ جي، پر سموري ڏکڻ ايشيا جي لپين جي ماءُ براھمڻي لپي آھي. جدا جدا لپيون انھي براھمڻي لپيءَ جي ڦير گھير مان ئي نڪتيون آھن. سنڌ ۾ لپين جي واڌ انھن پاشا جي ماھرن موجب ڪجھ ھن ريت آھي: 1958ع ۾ ڪراچي کان 40 ڪوھ پري ڀنڀور مان جيڪي لپيءَ جا نمونا لڌا ويا، تن سان ان ڳالھ جي تہ پڌرائي ٿئي ٿي تہ سنڌ ۾ براھمڻي لپي لکي ويندي ھئي، پر اھڙا مثال ڳٽپ ۾ ايترا تہ ٿورا آھن جي لپي بابت پوري ڄاڻ ڪا نہ ٿي ملي. اسان کي اڄ بہ ان ڳالھ جي پڪ ناھي تہ سنڌ ۾ براھمڻي لپي، ديوناگري واري واٽ ورتي يا ڪشمير جي شاردا واري. ان جو مطلب اھو نڪتو تہ 712ع کان ڏھين صديءَ تائين سنڌ ۾ لپيءَ جي راھ اڄ بہ اسان لاءِ ھڪ وڏي ڳجھارت ئي بڻيل آھي. 1843ع ۾ جڏھن انگريزن سنڌ فتح ڪئي تہ سندن ڌيان نہ رڳو سنڌي ٻوليءَ ڏانھن ويو پر ھنن لپيءَ ۾ بہ دلچسپي ورتي. انگريزن جي ڏينھن ۾ سنڌي لپيءَ ۾ وڏي محنت ڪيپٽن جارج اسٽئڪ ڪئي ۽ ھن 1849ع ۾ سنڌي گرامر توڙي لغتون جوڙيون. گريئرسن (لنگوئسٽڪ سروي آف انڊيا) ۽ وليئم ليٽنر (A Collection of Specimen of Commercial and other Alphabets) جو ذڪر ڪيو آھي.

گريئرسن سنڌ ۾ براھمڻي لپيءَ جي ڪل 13 قسمن جو ذڪر ڪيو ھو پر وڏي ڳالھ اھا ھئي تہ اھي سيئي قسم ھڪٻئي سان ملندڙ جلندڙ ھئا. سنڌ ۾

واڻڪي لپيءَ جا ايترا وڏيڪ نمونا هجڻ جا، هڪ ڪان وڌيڪ سبب ٿا پائنجن.
1. 712ع کان پوءِ وارين حڪومتن پاران سنڌي ٻوليءَ جي نسبت ڪا به دلچسپي نه ورتي. سنڌي عربن جي ڪاهه بعد بلڪل نڌڻڪي ٿي پئي.
2. واڻين پاران لپيءَ جي تمام گهڻي ڦير گهار ڪرڻ (ممڪن آهي، هنن پنهنجا حساب جا ڪاتا ڳجها رکڻ نسبت ائين ڪيو هجي.)
3. ٻانيڻ يا استادن پاران واڻڪيءَ ۾ ماترائن جي چڪن ڪي سڌارڻ جي ڪا به ڪوشش نه ڪئي وئي هوندي.
4. هندن پاران ساهت ان لپيءَ ۾ نه هجڻ سبب ان لپي ۾ غلطين بابت ڪنهن جو به ايترو ڌيان نه ويو هجي، سنڌ ۾ انگريزن کان اڳ دفتري ٻولي عربي توڙي فارسي هئي، هندن مان جن کي نوڪريون ڪرڻيون هجن، سي عربي فارسي پڙهن. رهيا واڻيا ته هن لاءِ واڻڪي ئي سٺي. ائين به سندن لاءِ لپي جيتري ڳجهي هجي اوترو ئي سٺو. پر جڏهن سنڌ ۾ مسلمانن جو دور ختم ٿيو ۽ سنڌي ٻولي تسليمي ٿي ته صحيح لپيءَ جي ضرورت محسوس ٿي. تن ڏينهن ۾ سنڌ سنسڪار سيا پاران سنڌي واڻڪيءَ بابت جام جدوجهد ڪئي وئي، سندن پاران اها ڪوشش ڪئي وئي ته واڻڪي کي ئي سنڌي ڀاشا جي ٻولي تسليم ڪجي. 1867ع ۾ جڏهن سنڌ اجا بمبئي پريزيڊنسي جو حصو هئي ته انگريز سرڪار پاران هڪ لپي پڻ تيار ڪئي وئي، جنهن کي هندو سنڌيءَ جو نالو ڏنو ويو هو ان لپيءَ جو جوڙائيندڙ شري نارائڻ جگناٿ ويديه هو جيڪو حڪومت ۾ تعليم کاتي جو نائب انسپيڪٽر هو هن ئي سنڌي واڻڪيءَ جي خدا آبادي ۽ شڪارپوري لهجي جي مدد سان هڪ لپي به تيار ڪرائي، جنهن سان سنڌي صحيح ريت لکي سگهجي، سنڌ ۾ ان لپيءَ ۾ نه رڳو ٻاراڻي تعليم ڏيڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويو پر عدالت جا رڪارڊ يا دستاويز تائين رکجڻ لڳا. ان بعد هوريان هوريان ان لپيءِ ۾ سنڌي ادب پڻ شايع ٿيڻ لڳو. ان لپيءَ ۾ سيني کان اڳواٽ دودي چنيسر جي لوڪ ڪٿا شايع ٿي. 1899ع ۾ سنڌي ادب جو پهريون ادبي رسالو سوکڙي پڻ شايع ٿيو. اهو ئي نه پر عيسائي ڌرم وارن پنهنجي ڌرمي پرچار لاءِ به واڻڪيءَ جو استعمال ڪيو.

بدقسمتيءَ سان واڻڪيءَ جا سنهرا ڏينهن ڪو گهڻو وقت ڪو نہ هلي سگهيا. ڪشمير جي اصلوڪي لپي شاردا جو، جنهن ريت اتان جي مسلمانن وروڌ ڪيو، ساڳي ريت سنڌ ۾ مسلمان پڻ واڻڪي لپيءَ جي خلاف هئا. عجب جهڙي ڳالهہ تہ اها آهي تہ ٻنهي صوبن ۾ هندو لپيءَ جو هڪڙو ئي وروڌ ڪيو ويو تہ مسلمانڪا اکر ان لپي سان نٿا لکي سگهجن!! مطلب تہ ڪشميري مسلمانن وانگر سنڌ جي مسلمانن بہ لپيءَ جي نسبت دين ڌرم کي ئي اهميت ڏني. اها ڳالهہ ناهي تہ واڻڪي توڙي خدا آبادي رڳو هندن جي لپي هئي. سنڌ ۾ اسماعيلي برادري جي مسلمانن واڻڪيءَ جي لوهاڻڪي لهجي کي ٿوري ڦير گهار سان خوجڪي نالي سان استعمال ڪيو پر ان کان بہ وڏي ڳالهہ تہ هنن ان کي ڌارمڪ ڪتابن لاءِ بہ استعمال ڪيو!! چاڪاڻ تہ اهي اسماعيلي پوئلڳ ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ سنڌ ۾ جام هئا، ان لپي کي هڪ وڏي علائقي ۾ پنهنجا پير پائڻ جو موقعو مليو.

خوجڪي نج سنڌي لپي هئي، جيڪا لوهاڻڪي لپيءَ جي ڦير ڦار سان تيار ڪئي وئي هئي. ان ۾ هر اکر توڙي ماترائن جو پورو ڌيان رکيو ويو هو. ڪل ملائي اها سنڌي لپيءَ جي حوالي سان هڪ نهايت بهترين لپي هئي، يا آهي. خوجڪي لپيءَ ۾ هرو پرو عربي سنڌي وانگر هر عربي فارسي اکر کي شامل نہ ڪيو ويو هو پر رڳو انهن عربي فارسي اکرن کي ڌار نشاني ڏني وئي آهي، جيڪي نندي کنڊ جا ماڻهو صحيح صحيح اچاري سگهن. ڪل ملائي خوجڪي سنڌيءَ جي هڪ سهڻي ۽ صحيح لپي ٿي ابري، پر چو تہ سنڌ جا هندو ۽ مسلمان پنهنجي دين ڌرم کان اڳتي وڌي ڪو نہ سگهيا، سو خوجڪي لپي تسليم ئي ڪو نہ ٿي سگهي. جيستائين واڻڪي جي پيڙهہ جي ڳالهہ ڪجي تہ اهو مڃيو ويو آهي تہ واڻڪي لنڊا مان نڪتل آهي، جنهن جا بہ لهجا ٻڌايا پيا وڃن. هڪڙي پنجابي لنڊا ۽ ٻي سنڌي لنڊا. پنجاب ۾ سکن سورهين صديءَ ۾ لنڊا کي ڦيري گرمکي ڪيو پر سنڌ ۾ لنڊا لڳ ڀڳ پنهنجي پهرين ڏاڪي تي ئي رهجي وئي. دلچسپ ڳالهہ اها آهي تہ لنڊا ڄمون ڪشمير، هماچل پرديش ۽ ذڪڻ ڪشمير جي جابلو (پهاڙي) ٻولين لاءِ استعمال ٿيندڙ ٽڪري لپيءَ سان واڙو ڪندڙ

هڪجهڙائي پئي رکي، اها بہ ڳالھ وسارڻ جهڙي ناهي تہ مهاراجا ڏاهرسين جي ڏينهن تائين سنڌ جي سرحد ڪشمير تائين ڦهليل هئي ۽ ملتان سنڌ جو حصو هو. ممڪن آهي تہ سنڌ ۽ پنجاب ۾ لنڊا ۽ ڏکڻ ڪشمير ۾ ’ٽڪري‘ هڪ ئي وقت شارڊا لپيءَ مان ڌار ٿيون هجن.

هاٽوڪي سنڌ، عربن جي ڪاھ کان اڳ واري سنڌ کان بلڪل ڌار آهي. اڳوڻي سنڌ ملتان، ڪڇ ۽ ڪانياواڙ سوڌو سنڌ ڪوٺبي هئي، اڳوڻي زماني ۾ ’خوجڪي‘ ڪڇ جي بہ لپي هئي ۽ ملتان ۾ استعمال ٿيل لنڊا ۾ ۽ سنڌ ۾ استعمال ٿيندڙ واڻڪيءَ ۾ هڪجهڙائي پسبي آهي.

جيستائين هندستان جا سنڌي سنڌ ۾ رهيا. هو واڻڪي (يا خوجڪي) کي هڪ سنڌي لپيءَ جي روپ ۾ تسليم ڪو نہ ڪرائي سگهيا. ائين ٿيڻ بہ مشڪل هو. سنڌي مسلمان ڪڏهن بہ ان کي تسليم ڪو نہ ڪن ها. جيڪر انگريز حڪومت سنڌي و اڻڪيءَ کي تسليم بہ ڪري ها تہ بہ مسلمان پنهنجي بگڙيل عربي فارسي لپيءَ جو ئي استعمال ڪندا رهن ها، يا اهو بہ ممڪن آهي تہ هو بہ پنجابي توڙي ڪشميري مسلمانن وانگر اردوءَ کي هڪ وڏي معيار جي ٻولي تسليم ڪندي، ان کي سنڌ ۾ بہ دفتري ٻولي تسليم ڪرڻ جي گهر ڪن ها . خير جيستائين سنڌ جي هندن جي ڳالھ آهي تہ سنڌ ۾ حال سندن وس کان ٻاهر هيو. هو ڪڏهن مسلمانن کي واڻڪيءَ تي مڃائي ڪين سگهن ها، پر غلطي هندن هندستان ۾ اچي ڪئي، اسين هندستان ۾ پنهنجي لپيءَ کي پاڻ ئي پاسيرو ڪندي، هڪ ڌاري لپي عربيءَ تي فخر ڪرڻ ۾ ڪا بہ شرمندگي ڪو نہ محسوس ڪئي!!!. لپيءَ جي نسبت سنڌ توڙي پنجاب ۾ فرق نہ جي برابر هئا، هڪ پاسي جڏهن پنجاب جي لنڊا گرمکيءَ جو روپ اختيار ڪيو. سنڌ ۾ سنڌي پنهنجي پهرين ڏاڪي تي ئي ڦاسي رهجي وئي. عجب جهڙي ڳالھ تہ اها آهي تہ سنڌي هندو لنڊا مان نڪتل گرمکيءَ ۾ بہ سنڌي لکڻ ۾ حجاب ڪو نہ ڪندا هئا، پر واڻڪيءَ کي اها اهميت ڪو نہ ڏئي سگهيا. جيڪو مان سکن گرمکيءَ کي ڏنو. سنڌي هندن جي هندستان لڏي اچڻ بعد هڪ اهڙو موقعو مليو. لپيءَ جي نسبت، جنهن سان سندن لپيءَ بابت صحيح فيصلو

ڪرڻ ڪان ڪو بہ روڪي نہ پيو سگھي. مھاراشٽر جي پوني شھر جا رھواسي پنڊت ڪشنچند جيٽلي واٽڪيءَ تي وڏي محنت ڪئي، تہ جيئن اھا سنڌيءَ جي لپيءَ ڪري تسليم ڪري سگھجي. ھنن جي ڪوشش ھئي تہ سنڌي ٻوليءَ کي بہ لپي جي معرفت ھڪ ڊار سيٽاٽپ ھٽ ملي. ان ڪم جي نسبت پنڊت ڪشنچند جيٽلي نہ رڳو واٽڪيءَ مان غلطين کي سڌاريو پر واٽڪي ءَجي واٽ ”مھين جي دڙي“ جي لپيءَ سان بہ ثابت ڪئي.

اھو ياد رکڻ گھرجي تہ ھندستان جي ڪن ڀاشا وگيانن مثلن شري سنيتي ڪمار چيٽرجي موجب براھمڻي جا اکر اڳوٽي ھندن مھين جي دڙي واري لپي مان ئي ورتا آھن. اھو ان لاءِ ممڪن مجيو ويندو آھي، ڇاڪاڻ تہ مھين جي دڙي جي سڀيتا وڏي علائقي ۾ پکڙيل ھئي ۽ ان سڀيتا تمام گھڻا پڙاءَ پار ڪيا ھئا. اِھو ممڪن آھي ڇو تہ آريا سڀيتا بہ سنڌو سرسوتي ندين جي پيڪ ۾ اسرڻ سبب براھمڻي جا شروعاتي اکر مھين جي دڙي جي اکرن جا نڪتل ھجن!!! پلي ٻنھن سڀيتائن ۾ سون سالن جو فرق ڇو نہ ھجي. اھو ممڪن آھي تہ اڳوٽن ھندن کي ڪتي نہ ڪتي، اھي اکر ھٿ ضرور آيا ھوندا!!! بدقسمتيءَ سان ھندستان جا سنڌي ليکڪ ان ڪم کي مان ڏيڻ لاءِ اصل ئي تيار ڪو نہ ٿيا ۽ پنڊت جيٽلي جي محنت اجائي وئي!!! جيڪر اسين سنڌي واٽڪي اپنايون ھا تہ شايد ھندو سنڌين لاءِ گھٽ ۾ گھٽ اھي لپيءَ جا وڳوڙ ھميشہ لاءِ نبري وڃن ھا. اسين چئي سگھون ھا تہ واٽڪي ئي اصلوڪي سنڌي لپي آھي، پر افسوس، اھو ممڪن ٿي ڪين سگھيو!!. اسان ھندو سنڌي ئي پنھنجي لپيءَ جا ويري ٿي بيناسين، ان لپيءَ کي ھيٺ ڪري ڏيکارڻ جو ڪو بہ موقعو پنھنجي ھٿن مان وڃائڻ ڏوھہ پئي سمجھيوسين. ويجھڙائيءَ ۾ اھڙيون ڪوششون ٿين پيون تہ سنڌ جون اڳوٽيون لپيون بہ ڪمپيوٽر جي معرفت لکي سگھجن. آمريڪا جو رھواسي شري انگشومن پانڊي جام ڪوششون ڪري پيو تہ ننڍي کنڊ جي اڳوٽين لپين کي يونيڪوڊ جي دائري ۾ آڻجي. خوشيءَ جي ڳالھہ اھا آھي تہ ان ڏس ۾ خوجڪي ۽ واٽڪيءَ جو خدا آبادي لھجو يونيڪوڊ جي پنج ڏاڪڻن مان چار ڏاڪڻون پار ڪري چڪو آھي. اميد پئي ڪجي تہ جلد ئي واٽڪي ۽ خوجڪي پڻ يونيڪوڊ ۾ تسليم ٿي ويندي.

سنڌ ۾ هندن پاران ديوناگري استعمال ڪئي ويندي هئي، ڇاڪاڻ ته هندن جا سڀ ڌرامڪ گرنٿ سنسڪرت جي لپي ديوناگريءَ ۾ هئا. سنڌ ۾ هندو ڌرامڪ ڪتاب سنڌي ڀاشا ۾ لکڻ جو رواج پوءِ پيو. سنڌ ۾ ديوناگريءَ جي معرفت سنڌي لکڻ جو رواج  انگريزن وڌو ان ۾ ڪو به شڪ ناهي ته ديوناگري سنسڪرت جي لپي هئڻ سبب ان سڀني ٻولين لاءِ هڪ بهترين لپي آهي، جن جي واٽ پراڪرت سان رهي آهي، پر ان جو مطلب اهو ناهي ته پنهنجي لپي وسارجي. لپيون رڳو ٻولي لکڻ جو هڪ ذريعو ئي  نه پر ٻوليءَ جي سڃاڻپ پڻ ٿينديون آهن. هڪ لڳي ڏسجي ته هندي توڙي اردو جي لڙائي لپيءَ تي ئي هئي نه ته ٻنهي ٻولين ۾ ورلي ئي ڪو فرق آهي. وري 1950ع ڌاري هندي لاءِ به سجهاءُ ڏنو ويو هو ته هندي به رومن ۾ لکجي، پر هندي ڳالهائيندڙ ان سجهاءُ کي مڃڻ کان ڪتو جواب ڏنو هو. هنن پنهنجي سنسڪرتي  توڙي ثقافت سان ڪو به سمجهوتو نه پئي ڪرڻ چاهيو.

بدقسمتيءَ سان سنڌين  ڪڏهن به لپيءَ جي مسئلي تي سنجيدگي نه ڏيکاري آهي. جڏهن به سنڌين ۾ لپيءَ جي ڳالهه آئي آهي ته  اسان ثقافت کي نه پر لپيءَ جي واهپي کي اهميت ڏني آهي، اهو ئي سبب آهي جو اسان جي جند عربيءَ مان اجا ڇٽي ئي ناهي، جو رومن جي ڏڇي کي منهن ٿا ڏيون. اهڙي ڳالهه ناهي جو ٻولين جون لپيون ڪو نه مٽبيون آهن. هندستان ۾ مراٺيءَ توڙي گجراتيءَ جو مثال. اسان جي اڳيان آهي. هنن لپيون مٽايون، پر اهو به ڌيان رکيو ته ان سان نج اکرن تي ڪو به اثر نه پوي. عربي توڙي رومن پنهنجي پنهنجي ٻولين لاءِ معياري لپيون ٿي سگهن ٿيون، پر سنڌيءَ لاءِ هن لپين جي ڪا به اهميت ناهي.

سنڌين لاءِ مسئلو اهو آهي ته ڇا اسين پنهنجي ثقافت سان ڳنڍجڻ لاءِ تيار آهيون؟ ڇا اسين پنهنجي اتيت (ماضي) کي سوگهو ڪرڻ لاءِ تيار  آهيون؟ هندستان توڙي پرڏيهه ۾ سنڌين جي وهنوار کي ڏسي ايئن ٿيندي ڏسڻ جي ذري جي به اميد نظر نٿي اچي. اسان جو لپي ڏانهن وهنوار بلڪل به نٿو لڳي ته اسين دين ڌرم کان اڳتي وڌي به ڪجهه ڪرڻ جي خواهش رکون ٿا!!!

# سنڌي ٻوليءَ جي لپيءَ جو اتهاس

قيمتمل ہريسنگھاڻی

## اوائلي دور: سنڌي ٻوليءَ جي لپيءَ جو بنياد

لپيءَ جو ٻوليءَ سان گھاٽو سنٻنڌ آهي. لپي اُن ٻولي جي پرچار ۽ پرسار جو مکيہ ذريعو آهي. اهڙيءَ ريت لپيءَ جو ٻوليءَ تي لازمي طور اثر پوي ٿو يا ائين چئجي تہ لپي ئي ٻوليءَ جو روح آهي.

پراچين سنسڪرت سڀ کان اوائلي ٻولي مڃي وڃي ٿي، جا براهمي لپيءَ ۾ لکي ويندي هئي، پراچين سنسڪرت مان ٻہ شاخون ڦٽيون، هڪ پالي (جنهن ۾ ٻڌ ڌرم جو پرچار ڪيو ويندو هو) ۽ ٻي پراڪرت (عام ٻول چال جي ڀاشا، جا سنسڪرت جي ڀيٽ ۾ ڪافي سرل هئي). اهي ٻئي ٻوليون ناگري لپيءَ ۾ لکيون وينديون هيون. ٻوليءَ جيان هر لپي پڻ رفتي رفتي ڪمين ڀيشين ۽ درستين جو مقابلو ڪندي، پنهنجو روپ ۽ نالو ڦيرائيندي آئي. اڄ جي ديوناگريءَ سان پڻ ساڳيو اتهاس جڙيل آهي. (جهڙوڪ: براهمي، ناگري، ارڌ ناگري، ديوناگري وغيره). اڄڪلهہ چالو خود مختيار سنڌي ٻولي اپڀرنش پراڪرت جي براچڙ مان 10 يا 12 صدي ڌاري نڪري نروار ٿي. 11 صدي عيسويءَ ڌاري البيروني هند اندر آيو هو ۽ 1017ع کان 1030ع تائين هندستان ۾ رهي سنسڪرت جو گيان حاصل ڪيو هئائين. هو ڀارت واسين جي لپيءَ بابت لکي ٿو تہ "ڀارت واسي کاٻي کان ساڄي لکندا آهن، هنن جا اکر هڪ ليڪ جي هيٺان گويا لٽڪيل هوندا آهن. ليڪ جي مٿان اکرن جي اُچار جون نشانيون ڏينديون آهن." (M G's History of Script of Sindhi Language-36)

ڀارت ۾ مروج 11 لپين جو ذڪر ڪيو اٿس ۽ سنڌ اندر ٽي لپيون ڪم ايندڙ ڄاڻايون اٿس. جهڙوڪ: اتر ۾ ارڌ ناگري، وچولي ۽ سئنڌو ۾ ڏکڻ ۾ ملواري، ٽيئي ناگريءَ سان ملندڙ جلندڙ هيون. سنڌ ۽ پنجاب جون حدون هڪٻئي سان گڏيل هيون ۽ ٻنهي پرانتن جا لوڪ هڪٻئي هنڌ پيا ايندا ويندا هئا. سنڌ اندر سک پنٿ جو پرچار ٿيڻ لڳو، جنهن ڪري گرمکي لپي پڻ سنڌ اندر شروع ٿي ويئي. باقي هندن جا ٻيا ڌرم گرنٿ تہ ناگريءَ لپيءَ ۾ هئا ئي، جنهن ڪري ان کي

شاستري لپي بہ سڏيو ويندو هو. وقت پئي وڃ، واپار ۽ حساب ڪتاب ۾ ناگريءَ مان ئي نڪتل هندو سنڌيءَ جو رواج وڌي ويو. ڪلهوڙن جي صاحبي ۾ تہ هن لپيءَ جو ڪافي بول بالا هو ۽ هن لپيءَ کي چوندا ئي خدابادي لپي هئا، ڇاڪاڻ تہ ڪلهوڙن جي گادي جو هنڌ خدا باد (ضلع دادو ۾) هو. هن لپيءَ کي واڻڪي يا هٽڪائي بہ سڏيو ويندو هو. انگريز تہ ان لپيءَ کي سنڌي لپي ئي ڪري سڏيندا هئا. ڊپٽي ڪليڪٽر ڪئپٽن اسٽئڪ جي شبدن ۾:

"The Sindhi Character (Script) like the language, springs from Sanskrit and for that reason is in the form and power of letters very much all aied to that of the Punjabi, Gujrati and other such cognate tongues."

شروع ۾ مسلم جنتا بہ هن لپيءَ کي خوشي سان پئي ڪم آندو پر پوءِ وقت پڄاڻا لپين کي فرقيوار رنگ ڏنو ويو. مولوين مٿيون لپيون فقط هندن جون ٻڌائي مسلم جنتا لاءِ قرآن شريف واري لکيل عربي لپيءَ جي آڌار تي ڪنهن آئيوپتا جي نرماڻ تي زور ڏنو. اهڙي ريت عربي فارسي جي ملاوٽ ۽ ڪجھ حرفن جي ڦير گهير سان لکاوٽ جون آزمائشون شروع ٿي ويون، جن مان ابوالحسن جي لپي چڱي روشنائيءَ ۾ آئي. "سنڌي نثر جي تاريخ" ۾ پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ لپيءَ بابت ذڪر هن ريت ڪيو آهي: "17 عيسوي صديءَ جي آخر ۾ ٺٽي واري مولوي ابوالحسن خانگي طور عربي فارسي حرفن جي ملاوٽ سان هڪ عارضي الف. بي ٺاهي هئي، جنهن کي عام طور ابوالحسن جي سنڌي سڏيندا هئا، پر ڪارگر ڪا نہ ٿي. اهو سمورو عرصو توڙي سنڌي ٻوليءَ جو ذخيرو دنيا جي ٽن مشهور قديم ٻولين: سنسڪرت، عربي ۽ فارسيءَ جي ملاوٽ سان، مالا مال ٿيو ويو هوندو. تنهن هوندي بہ صورتخطي جنهن شخص کي جيڪا ايندي هئي، تنهن ۾ پيو لکندو هو. سرڪاري ڪاروبار فارسيءَ ۾ هلندو هو. مسلمان باشندا سنڌي ٻولي عربي اکرن ۾ لکندا هئا ۽ هندو جنتا ديوناگري، گرمکي يا هندو سنڌي (اعرابن يا ماترائن بنا واڻڪن) اکرن ۾".

## وچون دور: عربي لپيءَ جو بول بالا

چارلس نيپيئر 1843ع ۾ سنڌ فتح ڪئي ۽ ان بعد سنڌ هند جو انگ مڃيو ويو. انگريزن کان اڳ ميرن جي صاحبيءَ ۾ سرڪاري ڪم ڪار جي ٻاشا پارسي هئي، سنڌ جي ڪمشنر سر بارٽل فريئر کي مٿان حڪم آيو تہ ٻين ملڪن جيان سنڌ ۾ بہ سرڪاري لکپڙهہ اتان جي ديسي ٻولي سنڌيءَ ۾ شروع ڪئي وڃي. سنڌي ٻوليءَ لاءِ علحدا قسمن جون چالو لپيون هئڻ جي حالت ۾ هڪ لپي تسليم ڪرڻ لاءِ تعليم کاتي جي نگهبان اسسٽنٽ ڪمشنر ايلس جي زير صدارت هڪ ڪاميٽي مقرر ڪئي ويئي. عربي لپيءَ جو حمايتي مسٽر برٽن، مسٽر ايلس جو ساڄو هٿ هو جنهن جي چوڻ تي ان ڪاميٽيءَ تي عربي لپيءَ جي حمايتي شخصن کي اڪثريت ۾ کنيو ويو. ان ڪاميٽيءَ ۾ برک ودوان راءِ بهادر نارائڻ جڳننات عربي لپيءَ جي زوردار اکرن ۾ مخالفت ڪئي. جهڙوڪ: سنڌيءَ لاءِ عربي لپي ڪري، توهين کيس وچ ايشيا جي عرب رياستن ۽ مصر سان ڳنڍي رهيا آهيو، پر سنڌي جنهن جي سنسڪرت ماءُ آهي، تنهن کان ڇني رهيا آهيو. اهڙو ناحق نڪي ٿيو نہ ٿيندو ، جو توهين عربي لپي ڪري سنڌي ٻوليءَ جو شاهاڻو ۽ شاندار بڻ ۽ نسل گم ڪرڻ ٿا چاهيو. منهنجو سخت اعتراض (Vote of Dissent) آهي. جيڪو هن ڪارروائيءَ (Minutes) ۾ داخل ڪيو وڃي".(M G's History of Script of Sindhi Language) . ٻئي پاسي سنڌ جي سڀني ضلعن جي عملدارن کان لپيءَ بابت رايا گهرايا ويا. گهڻائيءَ ۾ رايا عربي لپيءَ خلاف هئا، سنڌ جي ڪمشنر ان قسم جي سفارش بمبئي سرڪار ڏانهن موڪلي جا هند سرڪار کان ٿيندي لنڊن موڪلي ويئي. مسٽر برٽن عربستان ۾ رهي آيو هو ۽ عربيءَ لاءِ خاص پيار هئس. هن ان سفارش جي زوردار مخالفت ڪئي ۽ آخر ۾ پاڻ ڪهي لنڊن چڙهي ويو. سنڌ اندر سندس ڪار گذارين مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ هن اُتي هينيان عذر پيش ڪيا هوندا:

1. سنڌ ۾ مذهبي ڪتاب ئي جججهي انداز ۾ موجود آهن، جيڪي عربيءَ ۾ لکيل آهن، جن جي مخالفت ڪرڻ وس کان ٻاهر ٿي ويندي ۽ مسلمانن جو مذهبي ڪٽرپڻو خطرناڪ ثابت ٿيندو. قرآن جون آيتون عربيءَ ۾ لکيل آهن، ان

ڪري قرآن ڇپا. پر ان قسم جي عربي لکاوٽ لاءِ مسلم جنتا ڪي ڏاڍي حب آهي ۽ وقتي ان قسم جي لکاوٽ اڳيان ڪيترا عزت وچان سجدو ڪندا آهن.

2. سرڪاري ڪاروبار ۾ تعليم يافتا ملازم پارسي ڄاڻن. جيڪي ديوناگريءَ جي پيٽ ۾ عربي جلد سکي ويندا ۽ سرڪار اڳيان ان قسم جي ڦير ڪري ڪا بہ تڪليف درپيش نہ ايندي.

3. سنڌ اندر مسلم جنتا جي اڪثريت آهي. ان لاءِ هنن جي گهر ڪي ئي وڏيڪ وزن ملڻ گهرجي.

ٻئي طرف ڪئپٽن اسٽئڪ سنڌي ٻولي پارتي پاشائن جي نسل جي هئڻ ڪري ان جي ترقيءَ لاءِ فقط ديوناگري لپيءَ جي حمايت ڪئي. پر حقيقت کي نظر انداز ڪيو ويو. نيٺ انگريز سرڪار مسلم زور بار هيٺ 1853ع ڌاري عربي لپيءَ جي حمايت ۾ فيصلو ڪري 1854ع ۾ ان قسم جو فرمان جاري ڪيو. لپيءَ کي برابر فرقيوار رنگ چڙهندو ويو. هندو مسلم ڇڪتاڻ هلندي رهي ۽ لاچار انگريز سرڪار کي هندو سنڌيءَ جا اسڪول کولڻا پيا ۽ وقت پڇاڙا وري ديوناگري ڪتاب وجود ۾ آيا (1890ع کان 1928ع تائين ديوناگريءَ ۾ ڇپيل پستڪ اڄ بہ موجود آهن) پر انگريز سرڪار جو ديوناگريءَ سان ماٽيلو وهنوار جاري رهندو آيو. سرڪاري نوڪري ۽ اعليٰ عهدن تي عربيءَ کي لازمي ٺهرايو ويو. ٿورائيءَ کي، حڪومت ۾ گهٽائيءَ واري فرقي اڳيان جهڪڻو پيو جيئن سنڌيءَ ۾ چوٽي آهي ”ڏاڍي جي لٺ کي بہ مٿا ٽيندا آهن“.

## سنڌي ٻوليءَ لاءِ عربي لپيءَ جي جوڙجڪ جو اتهاس:

عربستان ۾ چالو عربي لپيءَ جو بنياد عبراني Hebrew مان مجيو ويو آهي، جنهن ۾ ڪل 22 اکر هئا. جهڙوڪ: ا ب ج د هہ و ز ح ط ي ڪ ل م ن س ع ف ض ق ر ش ت“. انهن جي ترتيب هن ريت هئي. ”اَبجد، هوز، حطي، ڪلمن، سعفض، قرشت“. عربن مٿين عبراني اکرن ۾ ٻيا ڇهہ اکر ”ث خ ذ ض ظ ۽ غ (ثخذ ۽ ضظغ) جوڙي عربي الف بي 28 اکرن ۾ تيار ڪئي، جن ۾ ڪجهہ وقت پڇاڙا همزو (ء) پڻ جوڙي عربيءَ ۾ 29 اکر شمار ڪيا ويا. جي هئا: ”ا ب ت ث ج ح خ د ذ ر ز س ش ص ض ط ظ ع غ ف ق ڪ ل م ن و هہ (ه) ي ء (همزو)“

سنڌي زبان مان نڪرندڙ اُچارن انوسار ڪل 42 اکر هئڻ گهرجن. سنڌي ٻوليءَ جي 24 اکرن مان مٿي ڄاڻايل اصلي عربيءَ مان سنڌيءَ لاءِ ڪل 19 اکر ڪارائتا هئا ۽ باقي ڏهه اکر جهڙوڪ: ث ح ذ ص ض ط ظ ع ق ء. اهڙا هئا جن جو اُچار ڪنهن به سنڌيءَ کي ڪو نه ايندو هو ۽ نه اڄ تائين ڪنهن کي اچي ٿو. انهن اکرن کي فقط اهو ئي انسان اُچاري سگهندو، جيڪو عربستان جو رهواسي هوندو يا اُتي رهي آيو هوندو. جيئن اسان جي سنڌي زبان ۾ پنج اکر ”ٻ ڄ ڏ ڙ ڳ“ اهڙا آهن، جو هتان جا مڪاني ماڻهو ڪو نه اُچاري سگهندا آهن ۽ انهن لاءِ اهي اکر بيڪار آهن ۽ ان ڪري هتان جي ديوناگري لپي ڪم آڻيندڙ باشندن انهن اکرن جو ديوناگري لپيءَ ۾ ڪو به بندوبست ڪو نه رکيو (سنڌ ۾ ڪم ايندڙ ديوناگريءَ ۾ انهن اکرن جو جوڙجڪ موجود آهي) پوءِ ڪٿان جو انصاف ٿو چوي ته اهي بيڪار مونجهه پيدا ڪندڙ اصلي عربيءَ تان ڪنيل ڏهه اکر اسان جي سنڌي ٻوليءَ جي لپيءَ ۾ زوريءَ چو مڙهيا ويا؟ ان جي پٺيان راز آهي. مسٽر ايلس جنهن جي نگهبانيءَ هيٺ نئين عربي لپي تيار پئي ڪئي ويئي، انهن ڏهن اکرن کي سنڌيءَ لاءِ تيار ٿيندڙ عربي لپيءَ ۾ شمار ڪرڻ جي خلاف هو، پر مسلمانن ان لاءِ ضد ڪيو ته قرآن شريف عربيءَ ۾ لکيل آهي ۽ انهن ڏهن اکرن کي سنڌيءَ لاءِ تيار ٿيندڙ لپيءَ مان الڳ ڪرڻ سان هنن کي قرآن پڙهڻ لاءِ عربي سکڻ جو وڏيڪ ٻوجهو سهڻو پوندو. نيٺ مسلم زور بار هيٺ انهن جو بوجهو هلڪو ڪري هندن مٿان زوري مڙهيو ويو. عام جنتا ٻاڪاريندي رهي ۽ چند مولوين جو عربي قافلو وڏندو هليو ۽ اُهي ڏهه ئي اکر جيئن جو تيئن سنڌيءَ لاءِ تيار ٿيندڙ لپيءَ ۾ رکيا ويا.

سنڌي زبان لاءِ 42 اکرن مان عربي لپيءَ منجهان فقط 19 اکر ڪارائتا مليا، اچا 23 اکرن جي کوٽ هئي، جنهن لاءِ پشچمي ملڪن جي لکاوٽن مان ڳولها ڦولها شروع ٿي ويئي، پر فقط پارسيءَ مان ٽي اکر ”پ چ گ“ ڳولهي ڪنيا ويا. باقي 20 اکر لاچار عربي ۽ پارسي حرفن جي هينان مٿان ٽٻڪا يا نشان هڻي ٺاهيا ويا، جيڪي هئا: ”ٻ ڀ ٽ ٿ ٺ ڦ ڄ ڃ ڇ جهه ڊ ڌ ڏ ڍ ڙ ڪ ڳ گهه ڱ ڻ.“

اهڙيءَ طرح سنڌي ٻوليءَ لاءِ 52 اکرن واري عربي الف - بي تيار ڪئي ويئي. (29 عربي + 3 پارسيءَ تان + 20 سنڌيءَ لاءِ نوان تيار ڪيل).

مٿئين ذڪر مان ان نتيجي تي پهچجي ٿو تہ (1) عربيءَ جي 29 اکرن مان فقط 19 اسان لاءِ ڪارائتا هئا (2) باقي عربيءَ جي بنا مطلب مونجهہ پيدا ڪندڙ 10 اکرن جو بوجهو سر تي هموار ڪرڻو پيو (3) عربي ۽ فارسيءَ جي آڏار تي سڄا سرا 23 اکر ناهڻا پيا، جڏهن ڪ ديوناگريءَ جي حالت ۾ سنڌيءَ جي 42 اکرن مان 37 خودمختيار اکر ديوناگريءَ ۾ موجود هئا، باقي فقط پنج اکر جهڙوڪ: ٻ ڄ ڏ ڙ ۽ ڳ گهربل هئا. جن جو پڻ بندوبست ٿيل هو هڪڙي پاسي (عربي لاءِ) 23 اکر ناهڻا هئا ۽ ٻئي پاسي (ديوناگريءَ لاءِ) فقط 5 اکر گهربل هئا، اسين پنهنجي وويڪ کان پڇون تہ واجب ڇا هو؟

برک بزرگ ودوان چوهڙمل هندوجا ”سنڌيت جو ننگ“ ۾ لپيءَ بابت سنڌين لاءِ هن ريت پيغام ڏنو آهي: ”جيستائين عربي لپي نهڻ جو اتهاس موجود آهي، جيستائين سندس اها بناوٽ سلامت آهي، جيستائين هوءَ ٻن ٻولين (عربيءَ ۽ سنڌيءَ) جي گڏيل لپي آهي، جيستائين سندس شڪل صورت عربي آهي، جيستائين منجهس چور جي ڏاڙهي ۾ تنڪي مثل سنڌيءَ جي اُچارن کان 10 عربي اکر فالتو پيا آهن، جيستائين سنڌين کي انهن جا اُچار نٿا اچن، تستائين ڪو بہ سمجهو يا سالم دماغ سنڌي، نہ اُن کي پنهنجي لپي سڏي سگهي ٿو نہ سنڌي لپي. اها عربي آهي، عربستاني آهي، عربيت آهي، جيستائين سنڌيت، جيستائين سنڌي، انهن اکرن کي ٻارن جي تعليم جو ذريعو ڪري ڪم آڻيندا رهندا، تيستائين مٿائن اهو غلامي جو ڪلنڪ نہ لهندو.“

## چالو دور: ديوناگريءَ جي حمايت جو دور

هند ۽ پاڪ جي ورهاڱي لپيءَ جي سوال کي وري زنده ڪري ڇڏيو سنڌي ساهتيڪارن جا ستا سور سجاڳ ٿي ويا. اسان جي عربي لکاوٽ ڏسي هتان جا مڪاني ماڻهو عجب کائڻ لڳا، ڇي سنڌي پنهنجو ڌرم بچائڻ خاطر ابن ڏاڏن جا اجها ۽ مال ملڪيت قربان ڪري، هند اندر آيا تہ بہ سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ اڄ بہ هو عربيت ۽ اسلاميت جي نشاني عربي لپيءَ کي چو چهٽيا پيا آهن! ان ڏس ۾ ڀارت ۾ قهليل سنڌي ساهتڪارن ۽ نيتائن هڪٻئي ۾ شخصي ۽ اخبارن وسيلي ويچارن جي ڏي وٺ شروع ڪري

چڙي. ان وشيہ تي خلاصي روشني وجھڻ لاءِ سنڌي ساهتيہ سڀا ۽ سنڌي هندو سيوا سمتي بمبئي جي سهاري ڊسمبر، 1948ع ۾ بمبئيءَ يونيورسٽي هال اندر دهلي هندو ڪاليج جي پرنسپال نانڪرام ٽنڊاڻيءَ جي زير صدارت ڀھريون اکل ڀارت ساهتيہ سميلن سڏيو ويو. جنھن ۾ ڀارت جي انيڪ استانن تان تعليمي ماهر، اخبار نويس ۽ انيڪ ساهتيڪار شريڪ ٿيا. سميلن جو روح روان آسانند مامتورا هو. سميلن جو ادگھاٽن برهم لين ساڌو ٽي. ايل. واسواڻي ڪيو هو. ان سميلن ۾ رٿ هن نموني منظور ڪي ويئي: سميلن جو رايو آهي تہ سنڌي اڳتي شاستري يا ديوناگريءَ ۾ هلائي وڃي ۽ سنڌي ٻارن کي تعليم اڳتي ديوناگري اکرن ۾ ڏياري وڃي.

مٿين ٺهراءَ کي عملي روپ ڏيڻ لاءِ آگسٽ 1949ع ۾ ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻيءَ جي زير صدارت بمبئي ۾ آل انڊيا سنڌي ڪنوينشن ڪوٺائي ويئي. ديوناگري لپيءَ جي فائدي ۾ ٺهراءُ اعليٰ اديب لالچند امر ڏني مل پيش ڪيو جو تمام گھڻائيءَ سان پاس ڪيو ويو. ان قسم جو بحال ٿيل ٺهراءُ پرانتيہ سرڪارن جي اچڻ بعد هند سرڪار بہ قبول ڪيو پر پنھنجي قوميت ۽ سنڌيت کان بي مُک ڪجھہ سڄڻن سرڪار پاران ان ٺهراءَ کي عملي جامو پھرائڻ جي وروڌ ۾ ريڙهہ پيڙهہ شروع ڪئي. اها چڪتاڻ 1967ع ۾ ٻولي تسليم ٿيڻ بعد بہ جيئن جو تيئن قائم رهي ۽ موٽ ۾ سنڌي جاتي ساهتيڪ ۽ سانسڪرتڪ واڌاري لاءِ سرڪار کان گھربل مدد حاصل ڪرڻ کان محروم رهي. ان ڳالهہ جو انت اتي نہ ٿيو پر نومبر 1970ع ۾ عام پليٽ فارم تي ديوناگري ۽ عربي لپيءَ جي پنيرائي لاءِ دهليءَ ۽ الور ۾ سميلن سڏايا ويا. ٻنهي اجلاسن کي نظر مان ڪڍڻ جو موقعو هن بندي کي حاصل ٿيو هو. ائين ڏٺي حال جو اندازو هن ريت آهي:

اجلاس ۾ هاو ڀاو ۽ شريڪ ٿيندڙ شخصيتن مان اندازو لڳائي سگھجي ٿو تہ ٻنهي ڌرين پنھنجو پڙ ڀاري ڪرڻ لاءِ جيءَ جان سان ڪوشش ڪئي هئي. پنھنجي پنھنجي سميلن کي اثرائتو بڻائڻ لاءِ ڀارت ۾ ڦھليل مشهور تعليمي ماهرن، اديبن، برک هستين کي ڀاڻ ڏانهن ڇڪي سميلن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ڪنهن ڌر وسان ڪو نہ گھٽايو. ديوناگري لپيءَ جي سمرٿن

۾ دهلي سميلن ۾ شريڪ ٿيندڙ اعليٰ شخصيتن منهنجي من تي گهري ڇاپ ڇڏي. عجب ۾ وجهندڙ ڳالهہ اها هئي تہ اُهي اعليٰ اديب جن زندگيءَ ڀر عربي لپيءَ ۾ ساهتيہ جي شيوا پئي ڪئي، سي دل و جان سان ديوناگريءَ جي حمايت ۾ حقيقتن تي ٻڌل اثرائتا بيان پيش ڪري رهيا هئا.

دهلي سميلن ۾ شريڪ ٿيندڙ مکيہ ساهتيڪار، تعليم دان ۽ بزرگ هستيون هيون: پنڊت ديودت شرما، بولچند راجپال، پروفيسر نارائڻداس ملڪاڻي، چيتن ديو ورما "يمراج"، گنگارام سمراٽ، چوهڙ مل هندوجا، پريداس برهمچاري، تاوڪچند، ڊاڪٽر نارائڻ سامتاڻي، ڊاڪٽر منو گدواڻي، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، پروفيسر موتي لال جوتواڻي، جهمٽمل ڀاوناڻي، پريتم يمناڻي، ٽي. ايل خوبچنداڻي، ليلو رچنداڻي، هيرو ٺڪر، آسنداس هيمراجاڻي، سيتا سامتاڻي، ڪماري ڪرشنا ڀمپاڻي، جيرامداس دولترام، ويرومل، خوشحالداس، هوند راج دکايل، ڪيئلداس فاني، ٻلديو گاجرا (سمپادڪ ڀارتواسي) شيواند، شيوڪرام، پرسرام روهڙا نماڻو نارائڻ ڀارتي، ڪرشن لال ٻجاج (سمپادڪ: يگ ڌارا)، موهن لال شرما (سمپادڪ: مکريون)، چندرو گربخشاڻي (سمپادڪ: نرمل جوت)، چندر رائسنگهاڻي (سمپادڪ: چاڻڪيہ ۽ جهاز راني)، هاسارام (سمپادڪ: سنڌو ديپ).

عربي لپيءَ جي حمايتي شخصن جو ميڙ سميلن جي روپ ۾ الور اندر سڏايو ويو. جنهن ۾ شريڪ ٿيندڙ ميمبرن جو تعداد تمام ٿورو نظر پئي آيو. اڪثريت ترقي پسند نظرئي جي نوجوان طبقي جي هئي، مکيہ سڄڻ هئا: پروفيسر ناگراڻي، تيرٿ وسنت، پروفيسر پوپٽي هيراننداڻي، اُتم، ڪيرت، موتي پرڪاش، ارجن حاسد، شرمتي سندري، واسديو نرمل، وشنو ڀاٽيا، موهن ڪلپنا، سندر اگناڻي، واشديو سنڌو ڀارتي، لڇمڻ ڀمپاڻي وغيره.

اڄ اسان کي ساري ڀارت ۾ ٽڙيل پکڙيل سنڌي سماج جي اسرندڙ نئين ٽهي کي سنڌي ٻوليءَ جي ساهتيہ کان واقف ڪرڻ جي لحاظ کان عملي طرح ڪارگر لپيءَ جي باري ۾ پنهنجي حالتن ۽ حقيقتن تي ڌيان ۾ رکي فيصلو ڪرڻو آهي. ان ڳالهہ کي بہ سوچڻو آهي تہ اسان جي ڀاشا جو لاڙو ڀارتي ڀاشائن ڏانهن هئڻ گهرجي، يا وديشي عربستان ۽ فلسطين

ڏانهن؟ انهن ٻنهي مان ڪهڙو عزت ڀريو فائديمند ٿيندو؟ سنڌي ٻوليءَ لاءِ صحيح لپي، محمد صديق ميمڻ ’سنڌي ادبي تاريخ‘ ص 28 ۾ لکيو ته ”عربي سنڌي لپيءَ ۾ صحيح لکڻ لاءِ پارسي ٻولي سکڻ لازمي آهي، ورنه اها غلط لکبي.“ ديوناگريءَ جي باري ۾ مشهور ڀاشا وگياني ان نتيجي تي پهتا آهن ته ان جهڙي ڪامل لپي ساري سنسار ۾ ٻي ڪا به نه آهي. اها هڪ وگيانڪ لپي آهي، جنهن منجهان انسان ذات جون ساريون گهربل وصفون پوريون ٿين ٿيون. عربي لپي اڌپوري آهي. ڀلا اها لپي ڪنهن ڪم جي آچا، جنهن ويچار لاءِ لکي وڃي ته ان کي صحيح نموني هجي ڪرڻ ۾ خود لکندڙ شخص به غلطيءَ وچان هڪ جي ٻي اُچاري وڃي! ٻوليءَ جو حقيقي روپ سلڻ ئي لپيءَ جو ڌرم ٿيندو آهي. ان ڪميءَ سببان ترڪن، پنجابين، مرهٽن ۽ ٻين ڪيترين جاتين عربي لپيءَ کي هميشه لاءِ الوداع ڪيو.

## سنڌ اندر مروج ديوناگريءَ جا اوائلي اهڃاڻ:

• ويد سنڌ ۾ رچيل مڃيا ويا آهن جن جي لپي براهمي (ديوناگري) آهي.

• مهين جي دڙي جي کوٽائي مان پٿرن ۽ سڪن تي اُڪريل اکر ديوناگريءَ سان مشابهت ڪندڙ ملن ٿا.

• مسٽر بلسز کي دلوراءِ جي ڀرسان برهمڻ آباد مان پٿرن ۽ سڪن تي ديوناگريءَ جهڙا اکر مليا آهن.

• 1854ع ۾ سنڌ اندر پراڻن کنڊرن جي کوٽائيءَ جو ڪم شروع ٿيو. جنهن مان مليل سڪن ۽ ٻين شين تي ديوناگريءَ جهڙا اکر مليا. (گزيٽيئر آف سنڌ 1874ع، ص- 128).

• تازو ڀنڀور شهر جي کوٽائي ڪندي ، ديوناگري لپيءَ وانگر لکيل سڪا هٿ آيا آهن. کوٽائيءَ جي اهڃاڻن مان ان تهذيب کي به هزار ورهيه کن اڳ جو اوائلي سمجهيو وڃي ٿو.

• مشهور ڀاشا وگياني سنيتي ڪمار چٽرجيءَ جي کوڄ مطابق سنڌ اندر جهوني ۾ جهونو پستڪ راجا راول جي منتري سپريا سگر جو لکيل ”راجائن لاءِ سکيا“ ٿو ڏسڻ ۾ اچي، جو عيسوي سن کان اٽڪل ٽي صديون اڳ جو

لکيل آهي. مشهور تاريخ نويس گنگارام سمراٽ انوسار عيسوي سن کان پوءِ جهوني ۾ جهونو پستڪ ”ديول سمرتي“ چيو وڃي ٿو. انهن ٻنهي گرنٿن جي لکاوٽ ديوناگريءَ جي، اوائلي روپ ۾ آهي.

• ستين صدي ڌاري چيني ياتري هيو سانگ سنڌ ۾ آيو هو ۽ پنهنجي ياترا ۾ ذڪر ڪيو اٿس تہ ان وقت سنڌ ۾ برهمڻن ۽ ٻڌ ڌرم جو ٽڪر هو جيڪي ديوناگري لپي ڪم آڻيندا هئا.

• 17 صدي ڌاري لکيل سوامي پراڻ ناٿ جا سلوڪ هٿ آيا آهن، جيڪي ديوناگريءَ ۾ لکيل آهن.

• چچنامي مان پتو پوي ٿو تہ راجا چچ چار ئي ويد ڄاڻندو هو جيڪي ديوناگريءَ ۾ لکيل هئا.

• ڀائي چٿنراءِ ٻچو مل لنڊ سامي پنهنجا سلوڪ ڪاغذ جي ٽڪرين تي ديوناگريءَ ۾ لکي مٽ ۾ وجهندو هو جيڪي سندس پٽ گڏ ڪري گرمکيءَ ۾ لکيا: پوءِ ديوان ڪوڙيمل عربي لپيءَ ۾ ڇپايا.

• اسان سنڌين ۾ جنم جون چٺيون شروع کان اڄ تائين اڪثر ديوناگريءَ ۾ پئي لکيون ويون آهن.

# سنڌي ٻوليءَ جي عربي آئيويتا

چيتن مايوالا

سنڌي ٻولي اڄ ٻه وچتر لپين ۾ لکي سگهجي ٿي، جيتوڻيڪ هن وقت سنڌي ٻوليءَ جو واهپو عربي آئيويتا رستي آهي. سو سال اڳي سنڌيءَ لاءِ عربي لپي هئي ئي ڪا نہ. جنهنڪري سنڌي ٻولي اڪثر هٽائي اکرن ۾ لکبي هئي، يا تہ ديوناگريءَ لپيءَ جو استعمال ٿيندو هو. مگر جنهن صورت ۾ راڄ دربار ۾ فارسي ٻولي ڪم پئي آئي ۽ سرڪاري دفتر بہ فارسيءَ ۾ رکيو ويو هو، تنهنڪري سنڌي ٻوليءَ جو واهپو فقط گهرو خانگيءَ طرح ٿيندو هو ۽ انهيءَ سبب ئي لکڻ ڪرڻ ۾ ٻوليءَ جو استعمال گهٽ محدود هو. ڪامورا وغيره سڀ فارسيءَ جي مهارت ۾ فخر وٺندا هئا، جنهن ڪري پرڳٽي جي اصلوڪي زبان جي واڌ کي چڱو گهاٽو رسيو.

اها ڳالهہ عالم آشڪار آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جو اصل نسل پراڪرت ۽ پراچي ٻولين سان وچيو لڳي. تڏهن تہ عجب پيو لڳي تہ انهيءَ ٻوليءَ جي حاضر لپي هندوستان جي اڪثر لپين کان علحدي ڇو بڻي آهي!

هن حقيقت کي سمجهڻ سولو آهي، جڏن مٿي ڄاڻايو ويو آهي تہ انگريزن کان اڳ راڄ ۾ سرڪاري ڪم فارسي ٻوليءَ ۾ هلندڙ هو. هن ڏس ۾ منشي ننديرام ميراڻي سن 1861ع ۾ لکي ٿو ته: سنڌ ڏيهہ ۾ اڳين حاڪمن جو سرڪاري ڪم پارسي علم ۾ هلندو هو. هن سرڪاري ڪم کي پارسي وائيءَ ٿيندي صديون ٿيون.

مطلب تہ جڏهانڪر سنڌ ۾ مسلمانن جو راڄ قائم ٿيو، تڏهانڪر عربي ۽ فارسيءَ جو واهپو ڏيهہ ۾ وڌيو. تان جو ٻوليءَ جو جڙ ٻوٽ ٻڏجي ويو. ڪلهوڙن ۽ ميرن وٽ فارسيءَ کانسواءِ ڪي هليو نٿي.

سن 1843ع ۾ سنڌ انگريزن جي ور چڙهي، شروعات ۾ سرڪاري گاڏو هلائڻ لاءِ انگريزن بہ اڳيون سرشتو قائم رکيو جيئن منشي ننديرام لکي ٿو: هاڻوڪي سرڪار جو ڪم پڻ مٿئين (فارسي) علم ۾ 1862ع تائين هليو.

مگر انگريزن هندستان جي ٻين حصن جي آزمودي مان ڏٺو هو تہ جيڪڏهن سرڪاري لکپڙهہ رعايا جي مادري ٻوليءَ ۾ ٿي ڪجي تہ ڪم تحسين جوڳو ٿئي ٿو. ڇاڪاڻ تہ پوءِ سرڪاري ۽ رعيت جي وچ ڪا بہ اٽڪ ڪا نہ ٿي رهي. جيڪي سرڪار چوڻ ٿي چاهي، سو ماڻهو بنا ڪنهن شڪ، ڪٽڪي ۽ اٽڪاءِ جي سمجهي سگهن ٿا. اهڙين حالتن هيٺ ئي ملڪ جو انتظام سوڌو رهي سگهي ٿو ۽ سولو هلي سگهي ٿو.

انهيءَ ڪري منشي ننديرام جي لکڻ موجب: جڏهن سنڌ جي اختياري، ڪم جي ڇوڙڻ ٻڌڻ جي واڳ، قدر ڄاڻندڙن، اهل قلم صاحبن (انگريزن) جي هٿ ۾ آئي. تڏهن ڄاتائون ٿا تہ جهڙي طرح انگريز سرڪار جي ٻين ڏيهن ۾ مادري زبان سان سهنجائيءَ ۽ خوبي ڪري، سڀ ڪو سرڪاري ڪم هلندڙ آهي. تهڙي طرح هتي (سنڌ ۾) پڻ رواج ڏيون تہ ڪم ۾ پڻ صفائي رهي ۽ عام کي بہ فائدو رسي، پر هيءَ ڪو اهڙو سنهنجو ڪم ڪين هو جو ڪو بہ عملدار ڪاميابيءَ سان ڪري سگهي، قسمت سان سنڌ جون واڳون انهيءَ ويل هردلعزيز ڪمشنر سر بارٽل فريئر جي هٿ ۾ هيون. ڄاٽپ وارن ڪان لڪل ڪونهي تہ ڪهڙي طرح هن ڪمشنر جي ايامڪاريءَ ۾ سنڌ هر ڏس ۾ واڌ پاتي. ڏيهہ ۾ تعليم جي پوري پايي تي شروعات، ملڪ ۾ پڪن رستن جو بنياد، شهرن ۽ ضلعن ۾ راڄ ڏي جوابدار ماڪني انتظام جو پايو، سرڪاري ڪاتن جي مقرر ڍنگ تي ڪارگذاري، پرڳڻي ۾ ريلوائي وغيره جون سهولتون هن صاحب جي سرجوشي ۽ شخصي چاهہ سبب سنڌ ۾ ميسر ٿي سگهيون. تنهنڪري سرڪاري دفتر جي لکپڙهہ جو سوال پڻ هيءَ صاحب ئي سولائيءَ سان حل ڪري ٿي سگهيو. ماڻهن لاءِ سهولتون ۽ سهنج حاضر ڪرڻ ڪري سر بارٽل سنڌ جي ماڻهن جو لاڏلو بڻجي چڪو هو. تنهن ڪانسواءِ سرڪاري ڪم ۾ شخصي چاهہ ڏسي، سندس نائب ساٿس وٽندڙ ورت هلندا هئا ۽ سندس چڳي واهر ڪندا هئا. خاص ڪري ان وقت جو نائب ڪمشنر مسٽر بي. ايچ. ايلس، هر ڏس ۾ سندس ٻانهن ٻيلي هو. سرڪاري لکپڙهہ جي سوال حل ڪرڻ ۾ ڪا خاص مشڪلات پيش ڪا نہ ٿي آئي. ڇو تہ جيڪڏهن ٻين پرڳڻن جي رعيت جي

ٻولي سرڪاري دفتر ۾ استعمال ٿيڻ ڪري انتظام کي هٿي ڏيندڙ ثابت ٿي هئي تہ پوءِ سنڌ ۾ سنڌي ڪم آڻڻ ۾ ڪهڙو حرج هو.

سنڌ جي سرڪاري سوال جواب لاءِ فقط لپيءَ جي روليءَ رنڊڪ منهن ڪڍيو. ٻولي سنڌي ڪم آڻٽي هئي، تنهن ۾ رعايا مان ڪنهن کي بہ ڪو اعتراض ٿي نٿي سگهيو. مگر مشڪلات هئي لکيل ٻوليءَ کي پڙهڻ جي. عام ريت سنڌ جا پڙهيل ماڻهو اڪثر فارسي ڄاڻندڙ هئا، ڇو تہ سرڪار ۾ ان ٻوليءَ جو واهپو هو. پر انهن مان ڪن هندن کي هنديءَ سنسڪرت جي ڄاڻ هئي. جيتوڻيڪ اهڙا ماڻهو ڇڊا هئا. هونئن تہ مسئلو آسان هو. سنڌي سنسڪرت ۽ پراڪرت مان نڪتل هئي. انهيءَ ڪري ان جي آئيوپتا پڻ ان نسل جي هئڻ گهربي هئي، پر اهڙي حالت ۾ ڏيهہ جا اڪثر ڄاڻو ماڻهو سرڪاري لکپڙهہ سمجهڻ کان رهجي پئي ويا. سرڪار نون سڌارن آڻڻ لاءِ تيار هئي، مگر اهڙا نہ جنهن مان هرويرو اعتراض اٿن. سر بارٽل فريئر انهيءَ ڪري واجب سمجهيو تہ هن حالت ۾ ملڪ جي بزرگ ڄاڻن جي رايي پٺاندڙ هلڻ ٿي سرڪار لاءِ سهڻو ٿيندو، نہ تہ خواهہ مخواهہ ماڻهن ۾ ناراضپو جاڳندو. نيٺ رايو اهو بيٺو تہ سرڪاري طرح سنڌي ٻوليءَ جي لکڻ لاءِ عربي لپي اختيار ڪجي. منشي ننديرام لکي ٿو تہ پهريائين ۽ لپي جناب (مسٽر ايلس) رڳو سنڌي الف بي جي ٺهرائڻ جو ڪم، جيئن تہ گهٽي بحث، ڇڪاس، هوڏ ۽ ڏيهي ماڻهن جي صلاح ۽ هن وقت جي ناظمن صاحبن جي راءِ ساڻ متفق ٿي، هن حقير جي مدد ساڻ سنڌي الف، بي ٺاهي ۽ ڇپارائي سرڪاري ڪم ۾ ٿورو ٿورو رواج ڏنو.

هن مان ظاهر آهي تہ سنڌي ٻوليءَ لاءِ عربي آئيوپتا اختيار ڪرڻ لاءِ مسٽر ايلس ۽ منشي ننديرام جوابدار هئا. جيتوڻيڪ ان ڏس ۾ سنڌ جي عالمن جي متفق راءِ پڻ ورتي وئي هئي.

مسٽر ايلس تہ ٿيو سرڪاري عملدار، سنڌ جو نائب ڪمشنر، پر هيءُ منشي ننديرام ڪير هو؟ يعني ننديرام سيوهڻ جو وينل هو ذات جو ميراڻي (مهتي مهيرو لعل شهباز قلندر جي موديءَ جو اولاد) آهي. انهي وقت ڪنهن خاص نوڪريءَ ۾ لڳل ڪو نہ هو. مگر سندس گذر جو مدار خانگي تعليم ڏيڻ تي هو. پاڻ لکي ٿو ته: تن ڏينهن ۾ فلڪ زندگيءَ کان ۽ ڪنهن

ٻسيب نہ ڪيڻ احتياج جي، يعني هٿ ٺنگڻ کان عارنہ هوم. رڳو فارسي، اردو ۽ سنڌي تعليم جو ڪم خاني طور ڪندو هوس. مليل حقيتن مان ظاهر آهي تہ هو چڱو جوان ۽ هلنديءَ وارو مڙس هو. نہ تہ هوند ٻين عالمن کي ڇڏي آئيوپٽا ٺاهڻ جو ڪم ڪيس ڇو سونپيو ويجي ها؟ فقط واقفيت جي لحاظ ۽ زور سان منشي صاحب کي هي ڪم خير ملي ها. تنهن مان ظاهر آهي تہ پنهنجي سر بہ هو ٻولين جو چڱو ماهر هو نہ تہ جيڪر فريئر ۽ ايلس جهڙا پنهنجي سر قابل عالم ۽ عملدار سندس ڪم مان راضي ڪو نہ ٿين ها.

بس، هن ڪم، منشي ننديرام جي قسمت جو نئون ورق ورايو. سرڪاري نوڪريءَ تي ڪا خاص دلڙي هيس. لکي ٿو ته: پر سڌ رهيم ٿي تہ من ڪنهن ڏينهن فلڪ جي گردش جي چنبي کان ڇوٽڪارو لهي، هڪ جيڏن ۽ پاڻ جهڙن سرڪاري نوڪرن وانگي ٿيان.

منشيءَ جي اها منشا بہ جلد پوري ٿي. گورا عملدار نئين آئيوپٽا تيار ڪرائي، ويهي ڪو نہ رهيا. ڪيس خبر هئي تہ جيستائين ٻوليءَ جي واهپي کي سرڪاري پشتي نہ ايندي، تيستائين ورتل ڪوشش پوري طرح صاب نہ پوندي. تنهن ڪري سنڌيءَ کي زور وٺائڻ خاطر هڪ نمونو اختيار ڪيو ويو. مسٽر ايلس جي خيال ۾ آيو تہ ڇو نہ سنڌ جي لاءِ فارسي توڙي عربي ٻولين ۾ لکيل ڪتاب اصطلاحي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرائجن ۽ بهترين ترجمي لاءِ انعام ڏجن. انعامن ڪري عالم جو پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾ لکڻ لاءِ اتساهہ جاڳندو ۽ عام کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ پنهنجي ئي پرڳٽي بنسبت ڪتابن پڙهڻ ۾ شوق ٿيندو. جنهن ڪري هر ڏس کان سنڌيءَ جو واهپو وڌندو. هن خيال کي عملي جامي پهرائڻ جو بہ مسٽر ايلس جلد اپاءُ ورتو.

ڏارئي ٻوليءَ ۾ لکيل ڪتاب جو سنڌيءَ ۾ ترجمو پهريائين پهريائين تاريخ معصومي جو ٿيو. انهيءَ لاءِ سرڪار پاران هڪ سئو رپين جو انعام اشتهار ذريعي ظاهر ڪيو ويو. انهي ڪانسواءِ مسٽر ايلس پنهنجي هڙون بهترين ترجمي لاءِ ڏيڍ سئو رپيا ڏيڻا ڪيا. انهيءَ انعام جي لالچ ۽ ادبي دنيا ۾ نالي ڪيڻ لاءِ شوق ڪن ڳچ چونديل مفتين، قاضين ۽ قابل منشين کي ترجمي ڪرڻ تي لالچايو. منشي ننديرام بہ منجهائن هڪ هو ۽ مقرر تاريخ اندر ڳچ جيترا ترجما سرڪار اڳيان پيش ٿيا. جن جي

چڪاس لاءِ سرڪار ڪن خاص ماڻهن کي مقرر ڪيو. جن کي فيصلو ڪرڻو هو تہ انعام ڪهڙي ترجمي کي عطا ڪجي.

هاڻ ترجمي موڪليندڙن ۾ هيٺيان چند مشهور عالم پڻ هئا: قاضي غلام علي ٺٽوي، منشي گيمسنگهہ حيدرآبادي ۽ غلام حسين سبزپوش ٺٽي وارو.

اهڙن مشهور ڄاڻن جي ترجمن موڪلڻ ۽ ٻي ريا منصفن جي جاچ لاءِ مقرري منشي نند يرام کي البت ڊلو ڪيو. ڪيس خاص انديشو هو تہ ڇاڪاڻ تہ جاچيندڙن مان ڪُڇ نئين الف - بي کان اڻ ڄاڻ آهن تہ هو شايد سندس ترجمي جو پورو قدر نہ ڪري سگهن. پر منشي صاحب اجايو دل لوڏي رهيو هو. مقرر ٿيل صاحبن ويهي ڇڳي پر، امتحان ۽ بحث ۽ تڪرار ڪري آخر ڪلام سڀ ڪنهن جي علم جي ڪسوٽيءَ منشي نند يرام جي ڪتاب کي پهرين نمبر ۾ آندو ۽ ترجمي ڪندڙن مان هن جي نالي سبقت جي گوءِ کٽي. ۽ ڪيس ٻوليل انعام سان مرڪندڙ ڪيائون.

خانگي باسيل انعام تہ منشي صاحب کي هڪدم مليو، مگر سرڪاري طرح منظور ڪيل انعام ۾ البت دير پيئي. سندس چوڻ موجب حاصل ڪيل رقم تہ منشي نند يرام جلد ئي ڪائي ڪپائي ڇڏي، جنهن ڪري هاڻ هو سرڪاري انعام ملڻ لاءِ واجهائڻ لڳو، مگر جيتري وڏيڪ انتظاري ٿي ڏيکاريائين، اوتري دير ۾ دير ٿي پئي. تنهن وچ ۾ منشي صاحب کي هرو پرو هٿ ٽنگن کان بچائڻ لاءِ سرڪار سندس علميت جو قدر سڃاڻي، ڪيس تعليم کاتي جي منشيءَ جو عهدو ڏنو. سرڪار اها ڳالهہ بيشڪ منشيءَ صاحب جي دل وٽان ڪئي، نہ تہ منشي سڏجڻ جي ڪيس خير ڪا اميد هئي. تنهن کانسواءِ سندس چاهنا پڻ خاص سرڪاري نوڪريءَ تي هئي، جا حاصل ڪري هو بيحد گد گد ٿيو. انهيءَ ٽاڻي، اندر جو حال اوريندي، منشي صاحب لکي ٿو تہ اُٺي پروڙيم تہ فلڪ گردش زمين جي گردش ساڻ مٿيون آهن، جيئن ته: هاڻ زمين جي ڦرڻ جي ٽاپٽائيءَ سڀ ڪنهن نئين سڪيل جي اڳيان بہ سبب خوبي ڏڙڪ علم جي سج وانگي چمڪي ٿو.

وقت گذرڻ سان سرڪاري انعام ملڻ جي امڪان البت گهٽ ٿيڻ لڳو، پر منشي صاحب جي تقدير زور هئي، جو مسٽر گولڊ سبد، مدراس جو

ناظر، سنڌ ۾ بدلي ٿي آيو ۽ جهونن ترجمن جي ڳولا ڪري، منشي ننديرام واري ترجمي جي ڇپائڻ جو حڪم ڏنائين ۽ ڪيس ڪتاب جو حقدار ٺهرايائين. تنهن ڪانسواءِ مترجم کي باسيل سرڪاري انعام کان پيا به هڪ سئو رپيا وڌيڪ وٺائي ڏنائين.

مطلب ته ان وقت جي حالتن کي خيال ۾ رکي، سر بارٽل فريئر، سنڌ جي ڪمشنر، سرڪاري دفتر لاءِ سنڌي ٻولي منظور ڪرائي ۽ ٻوليءَ جي آئيوٽا عربي بحال ڪئي. جيتري قدر معلوم ٿي سگهيو آهي ته هن سنڌي لپيءَ ۾ پهريون لکيل ۽ ڇپايل ڪتاب منشي ننديرام ميراڻي جو ’تاريخ معصومي‘ جو سنڌي ترجمو آهي. ترجمو سن 1856ع ۾ تيار ٿيو ۽ پنجن سالن بعد سن 1961ع ۾ پٿر واري ڇاپي ۾ عام اڳيان نڪري نروار ٿيو. انهيءَ وقت جي ٻوليءَ ۽ ان جو ڍنگ مٿي ڪم آندل منشي ننديرام جي ڪن ٽڪرن مان ظاهر آهي، تنهن هوندي به حقيقت کي چٽيءَ طرح پيش ڪرڻ خاطر منشي صاحب جي مٿين ڪتاب جي ديباچي جو پويون حصو جنسي ڏجي ٿو:

”هن ڪتاب جي سڀ ڪنهن پڙهندڙ ۽ ڏسندڙ جي خدمت ۾ التماش هيءُ ته جا ڀل ۽ چوڪ اوهان جي نظر ۾ اچي ته هن قول ڪري، ته انسان خطا جو گهر آهي، تنهن کي ڪرم جي نگاهه سان ڏِکجو ۽ صلاح جي ڪلڪ سان سوار جو.

بيت: جي اچي تنهنجي ڏسڻ ۾ ڪا به ڀل،
معاف ڪج، جو پاڻ آهين تون ڀليل.

# هندن جون لپيون

مورمل چينداس ’بيوطن‘

## الف: هٽ واڻڪي سنڌي لپي

ٻولي ايشوري ڏات آهي، لپي بہ مول تت ۾ ايشوري ڏات آهي، باقي اُن جو روپ ماڻهوءَ جي ٻڌيءَ جو ڦل آهي. لپي ڀاشا جو شرير آهي ۽ ڀاشا اُن جي آتما. لپي ماڻهو جاتيءَ جي اُتم اوستا جو سوچڪ آهي. لپيءَ جو هئڻ اُتم اُنتي جو اهڃاڻ آهي. لپيءَ جي مهانتا فقط ان ۾ آهي تہ ”جيڪي چئجي يا ڳالهائجي، ائين ئي لکجي، جيڪي جيئن لکجي تيئن ئي هوبهو شڌ ۽ صحيح پڙهيو وڃڻ گهرجي.“ اها مهانتا دنيا جي ڪنهن بہ لپي (رسم الخط) ۾ توهان کي نظر ڪا نہ ايندي، سواءِ برهمي لپيءَ جي، جنهن جو موجوده روپ هندي ديوناگري لپي آهي. جنهن مان ئي انيڪ ڀيون روپ بدلائي جڙيون آهن.

هٽائي، هٽ واڻڪا، هندو سنڌي، واڻڪي لپي، اهي اُن جا چارئي نالا آهن، جيڪي مول براهمي لپيءَ جو وڪرت روپ آهي. هيءَ لپي تہ بلڪل براهمي ڍنگ ۽ شڌ ماترائن سان لکي ويندي هئي. 19 صديءَ تائين هٽ واڻڪا اکر شڌ براهمي (ديوناگري) ۾ لکيا ويندا هئا. ايتري قدر جو اسڪولن جا سنڌي درسي ڪتاب بہ اُن هندو سنڌي، هٽائي ۾ ڇپبا ۽ پڙهايا ويندا هئا. بمبئي سرڪار جي لئبرري ۾ اُهي ٽيڪسٽ بوڪ اڄا بہ موجود هوندا. عربي لپي نهڻ بعد هاڻي اکرن مان ماترائن جو پريوگ آهستي آهستي ڇڏي ڏنو. سڀ ڇوٽا اکر ٻُٽا اکر سڏجڻ ۾ آيا. سنڌي هندو ڪروڙن جا ڏنڌا ڪندا هئا ۽ پنهنجون وهيون انهن اکرن ۾ لکندا هئا ۽ هنڊيون بہ ان لپي ۾ لکندا هئا، پر ڪڏهن بہ پائيءَ جو فرق نہ ٿيو. حساب ڪتاب ۾ ڪڏهن بہ پل چُڪ نہ ٿي. مٿن مائٽن کي چنيون اُن لپيءَ ۾ ئي لکندا هئا. شڪارپور جي هٽائي اکرن جي لپي ٻين ضلعن ۾ جهڙوڪ دادو، لاڙڪاڻو، حيدرآباد، نواب شاهہ جي گڏيل لپي ۾ بہ فرق هوندو هو. ڇو تہ اُن لپيءَ جا ڪل 17 نمونا هئا، جو هر هڪ نموني ۾ ڪي نہ ڪي اکر ڦريل هوندا هئا. واپاري بنديون هٽائي اکرن ۾ لکيل انڪم ٽئڪس کاتي ۾ پيش ڪندا هئا ۽ آفيسر شڪايت نہ ڪندا

هئا ۽ انهيءَ لپيءَ ۾ لکيل بنديون جاچيندا هئا. هن لپيءَ ۾ ڪل 40 اکر هئا، ماترائون جيڪي هنديءَ جي نموني هيون، سي ڇڏي ڏنائون ته ٻه ٻنا ماترائن جي پڙهي سگهبيون هيون. وري سکڻ ۾ تمام سولي آهي. اُن جا انگ جيڪي هئا سي ٻه اکرن مان نڪتل هئا. جيئن هڪ ججي وانگر، ٻه ددي وانگر، ٽي ڪڪي وانگر، چار ڪکي وانگر، پنج پپي وانگر اهڙي طرح هئا. هن جهڙي سولي لپي دنيا ۾ ٻي ڪا ٻه مِلي ڪانهي. هٽائي اکرن جي برڪت سان ماڻڪ موتي هنڊين جي ڪرامت سان آڻيندا هئا. هٽائي اکر سنڌيءَ جي شارٽ هئنڊ آهن.

## ب: سنڌي کتري لپي

سنڌي برهم کترين جي لکڻ لاءِ هڪ الڳ لپي هئي. جنهن کي سنڌي کتري لپي کوٺ بو هو. هن لپيءَ جا اکر گهڻي ڀاڱي هٽ واڻڪي سنڌي لپيءَ سان مشابهت رکندڙ هئا ۽ ڪي ٿورا اکر هندي ديوناگري لپيءَ جي اکرن جهڙاهئا. هن ٻوليءَ جون ماترائون ساڳيون هندي ديوناگري جهڙيون هيون. هن لپيءَ ۾ ڪل 40 اکر هئا. هن جا انگ هن لپي اکرن مان ئي نڪتل هئا. جيئن هٽ واڻڪي لپيءَ جا انگ ورتل آهن. هيءَ لپي کاٻي کان ساڄي لکي ويندي هئي. ڏيري ڏيري هٽ واڻڪي لپيءَ وانگر هن لپي لکندڙن ٻه ماترائون ڏيڍ ڇڏي ڏنيون. ڪي جزوي ماترائون ڏيندا هئا. هن لپيءَ ۾ لکيل ڪتاب مون يعني ليکڪ ننڍي عمر ۾ ڀڳت ڪيمي وٽ ڏٺا هئا، جو هوءَ هيءَ لپي ئي لکڻ ۾ ڪتب آڻيندو هو. سرڳواس ٽيڻ کان ٿورو اڳ ڪيمي ڀڳت سندس هٿ جا لکيل چار ڪتاب سنڌي کتري لپيءَ ۾ لکيل ٽنڊي فضل جي تلاءَ ۾ اُڇلي ٻوڙي ڇڏيا. هن وقت هيءَ لپي عدم پئدا آهي، جڻ الوپ ٿي وئي.

## ديوناگري لپي ۽ سنڌي ٻولي

اصل سنڌي ٻوليءَ جي ڪا مقرر لپي ڪا نه هئي. هٽ واڻڪي لپيءَ ۾ لکندا هئا، ڪي ديوناگري لپيءَ يعني شاستري لپيءَ يا هندي لپيءَ ۾ لکندا هئا. اصل ڪتابن جو پتو ئي ڪونهي ته ڪهڙيءَ لپيءَ ۾ لکيل هئا. جو مسلمان سنڌ تي ڪاهون ڪندي انهن جون لئبرريون ۽ پستڪ جلائي ڇڏيا.

مسلمانن جي اچڻ بعد سڄي لکپڙهہ پارسي ٻوليءَ ۽ لپيءَ ۾ ٿيندي هئي. پر هندو مٿيون ٻئي لپيون يعني (1) هٽ واڻڪي (2) ديوناگري چالو رکندا آيا. پوءِ انگريزن جي حڪومت ۾ هنن نئين لپي تيار ڪرائي، جنهن ۾ اصل سنڌي اکر، ڪي عربي ۽ پارسي اکر گڏي 52 اکرن جي الف بي تيار ڪرائي، جنهن کي عربي سنڌي لپي سڏيو وڃي ٿو. جا 1853ع کان چالو ٿي ۽ سرڪاري دفترن ۾ بہ اُهائي لپي لکي ويندي هئي، جا اڄا تائين چالو آهي. 52 اچارن ڪري سيني ٻولين جا اُچار ڪري سگهجن ٿا ۽ ٻيون ٻوليون جلد سکي وڃڻ ۾ اچن ٿيون.

# سنڌي زبان ۽ ادب تي سرسري نظر

ڪليڻ آ واڻي

اسان سنڌين کي پنهنجي مادري زبان تي ناز هئڻ گھرجي. مغربي عالم به سندس حسن ۽ خوبي ڏسي، اُن جي عشق ۾ گرفتار ٿي پيا. جيئن گريئرسن، ٽرمپ، برٽن، سٽئڪ، سورلي ۽ ٻين عالمن جي راين ۽ سخنن مان عيان آهي. اسان کي انهن صاحبن جو دل و جان سان شڪرگذار ٿيڻ گھرجي، جو هنن محنتون ڪري، سنڌيءَ جي اصل نسل، شاعرانه خزاني، نحوي خوبصورتين ۽ ادبي سرفرازيءَ کي روشن ڪيو آهي ۽ اهڙي طرح، ڪيترن ئي سنڌي عالمن ۽ فاضلن ۾ وجداني جذبو جڳايو آهي. گربخشاڻي، پرمانند ميوارام، قليچ بيگ، ڀيرو مل مهر چند ۽ ٻين عالمن انهن جي نقش قدمن تي هلي، اسان جي ادب ۽ ٻوليءَ کي هڪ ممتاز درجي تي رسايو آهي. اُهي علم لغات، ٻوليءَ جي اصليت ۽ اونهائيءَ جا رازدار ثابت ٿيا آهن. اهي صاحب، اسان جا ادبي مربي آهن، ڇو جو انهن ئي انهيءَ ڏس ۾ اوائلي سرجوشي ڪري، ٻين عالمن جي راهه روشن ڪئي.

اِها هڪ مڃيل حيثيت آهي ته سنڌي هڪ سهڻي، سباجهي ۽ سريشت ٻولي آهي ۽ هندستان جي ڪيترين ئي ٻولين کان پراڪرت کي وڌيڪ ويجهي آهي. دنيا جي ٻرک ٻولين وانگر سنڌي به ماڻڪن ۽ موتين سان سرشار هڪ سمنڊ آهي. البت، سچن غواصن (ٽوٻن) جي هينئر قلت آهي ۽ پارکن پاڻ لڪائي ڇڏيو آهي. انهيءَ جي معنيٰ اِها ناهي ته منجهس سوپيا نه رهي آهي. جيئن عمر جي محل ۾ مارئيءَ جو منهن ميرو ٿيو هو پر حيثيت ۾ هوءَ هئي ”پکن منجهه پدمڻي، ڪو ڏئي وارڪا وڄ“. تئين سنڌي ٻولي به آهي.

”سونهن وڃايم، سومرا! ميرو منهن ٿيوم،
وڃڻ تت پيوم، جت هلڻ ناهه حسن ري“.(شاهه)

دنيا جي ٻولين ۾، سنڌي جي منزل به اُتي آهي، جتي حسن ئي حسن آهي. عمر اسين آهيون، جن هتي جي محل ۾ اڃي مٽس مر چاڙهي آهي. سچ نيٺ سچ آهي پوءِ ڪٽي مٽس ڪجهه وقت لاءِ اونداهي اچي وڃي.

دنيا جي ڪنهن بہ ملڪ جي ادب تي نظر وجهبي تہ معلوم ٿيندو تہ ان جي شروعات شعر سان ٿي آهي ۽ اڪثر انهيءَ شعر ۾ ڪي قديم ڪهاڻيون ۽ قصا ورتن ڪيل هوندا آهن، جي چارڻن، جاجڪن ۽ مڱڻهارن پئي ڪچهرين ۽ درٻارن ۾ ڳايا آهن. سنڌ ۾ ’دودو چنيسر‘، ’مومل راڻو‘ وغيره جا مثال مشهور آهن. پندرهين صديءَ کان اڳ، سنڌي شعر جي گهڻي پروڙ نہ ٿي پوي، پندرهين ۽ سورهين صديءَ جي ڪن شاعرن جا نالا مير علي شير قانع جي ڪتاب ”تحفة الڪرام“ ۾ اچن ٿا: مثلاً حماد، اِسحاق، آهنگر، درويش راجو ۽ ٻيا.

انهيءَ ڪانسواءِ دوهن جي صورت ۾ ستن درويشن جا ست بيت بہ موجود آهن، جي ”ماموئيءَ جا بيت“ جي نالي سان مشهور آهن. انهن ۾ سنڌ جي حڪمرانن جي زوال ۽ مغربين جي حڪومت بابت اڳڪٿيون ڪيل آهن. انهن جو ذڪر ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ ۽ ڊاڪٽر دائود پوٽي بہ ڪيو آهي، جو شايد برٽن ۽ هيگ جي سندن تي مدار رکندڙ آهي. عالمن جي رايو اڪثر اهو پئي رهيو آهي تہ قاضي قاضن (قادن) جا صرف ست اصلوڪا بيت ئي سنڌ جي روحاني ۽ صوفياني شعر جو بنيادي پٿر آهن. قاضي صاحب 15 صديءَ جي پڇاڙيءَ کان 16 صديءَ جي اڳياڙيءَ تائين ٿي گذريو آهي. اِهي بيت سنڌيءَ ۾ نج موتي آهن، جن جو ذڪر ٺٽي جي محمد رضا بن واسع جي ڪتاب ’بيان العارفين‘ ۾ آيل آهي. محمد رضا کي ’مير دريائي‘ بہ چوندا آهن. هو صاحب شاهہ ڪريم جو مريد هو. مٿئين فارسي ڪتاب ۾ هن صاحب شاهہ ڪريم جي زندگي ۽ شعر تي روشني وڌي آهي. شاهہ ڪريم، قاضيءَ جا بيت وڏي شوق سان ڪچهرين ۾ چوندو هو.

قاضي صاحب وڏو عالم هو پر پوءِ جڏهن قلب ڪليس، تڏهن ديني ۽ دنياوي علم دل تان ميساري ڇڏيائين. چوي ٿو:

”جوڳيءَ جاڳايوس، ستو هوس ننڊ ۾،
تهان پوءِ ٿيوس، سندي پريان پيچري.“

قاضي صاحب جهڙي مسلم عالم ’جوڳي‘ لفظ ڪم آندو آهي، جنهن جو سچ پچ مطلب آهي ”الله يا ايشور سان هڪ ٿيل.“

شاهہ لطيف وانگر، شاهہ ڪريم (1536_1623ع) بہ اڻ پڙهيل هو. مرزا قليچ بيگ پهريون عالم هو جنهن شاهہ ڪريم جو رسالو ڪيو ۽ پوءِ 1937ع ۾ ڊاڪٽر دائود پوٽي اُن کي مڪمل طرح روشنيءَ ۾ آندو. ڇو تہ اُن ۾ 'بيان العارفين' جو سارو سرمايو بہ اچي ٿو وڃي. شاهہ ڪريم اشاري طور ليلا، سسئي ۽ سهڻيءَ وغيره جو ذڪر ڪيو آهي. جن کي شاهہ لطيف پنهنجي ڪلام ۾ عروج تي رسايو آهي. شاهہ ڪريم پنهنجي ڪلام ۾ صوفياڻو پيغام پيش ڪيو آهي، جو آهي اندر ۾ جهاتي پائڻ ۽ ساري سرشتيءَ جي جزوي جزي ۾ ايشور يا حق پسڻ. صوفين جي نسبت ۾ چوي ٿو:

"قرب ۽ ڪبرياءُ، ماءِ! ملاقي نہ ٿئي،
صوفيءَ جي صلح ۾، پورو اي پرياءُ."

ڏٺيءَ لاءِ عشق (قرب) ۽ خودي يا وڏائي (ڪبرياءُ) ٻئي گڏ (ملاقي) نہ ٿا رهن. صوفياڻي سلوڪ ۾، اهو پڪو رايو (پرياءُ) آهي.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي (1689_1752ع) دنيا جي عظيم شاعرن جي صف ۾ شمار ٿيل آهي ۽ سندس رسالو ساري عالم جي مهاگرنٿن مان هڪ آهي. اِها اسان جي خوش قسمتي آهي، جو اهڙي لافاني شاعر جي وجود اسان جي ادب کي ڪماليت جو درجو ڏنو آهي. شاهہ جي ڪلام ۾ ساري عالم جا راز ۽ مشاهدا موجود آهن. حسن، حق، عشق، موسيقي (سنگيت)، نصرف، ويدانت، وحدت، جوڳ ۽ ويراڳ جهڙن موضوعن تي بي بها جوهر ان ۾ هرجا موجود آهن. ٻوليءَ جي لحاظ کان، سندس رسالو هڪ لاثاني لغت آهي. جنهن ۾ هر ڪنهن شيءَ لاءِ ڪيئي اسم ٿا اچن. شاعراڻي فن جي نڪتي نظر کان ڏسجي تہ اهڙي ڪا صنعت ناهي، جنهن سان سندس ڪلام سينگاريل ناهي. تجنيس حرفي (Alliteration) تہ ان جي خاص زينت ۽ زيب آهي، پر تشبيهن، اِستعارن، تمثيلن، ابهامن وغيره جي بہ حد ئي ڪانهي. ڪائنات ۾ جيڪي بہ نظر ٿو اچي، تنهن جو مشاهدو سندس رسالي مان ٿو ملي. شمس ۽ قمر (سج ۽ چنڊ) ستارا، سارنگ، وڻ ٽڻ، نديون، نهرون، چشما ۽ ساگر، پهاڙ ۽ ريگستان، گل ڦل، باغ بوستان، پسون ۽ پرندا، سون ۽ چاندي، جواهر ۽ موتي، هيرا، لعلون ۽ ماڻڪ، بلڪ ڪپهہ، لوهہ، اڳرن ۽ ٽامي کي بہ نہ وساريو اٿس.

سنڌ جي مڙني پيشن مان حقيقي معنائون ورتيون اٿس ۽ ساڳئي وقت انهن کي وڏو شرف بہ ڏيئي ڇڏيو اٿس. ملاح ۽ مهاڻا، اوڏ ۽ ڪنير، لهار ۽ واڍا، ڪلال ۽ ڪوري، چارڻ ۽ جاجڪ کي محلن مٿان شرف ڏنو اٿس. سندس نگاهہ اميرن جي محلن، شربتن ۽ طعامن، عطرن ۽ عنبيرن، پلنگن ۽ پٽرڻين، هارن ۽ سينگارن، پالڪين ۽ گاڏين، مطلب تہ هر نوع جي عشرتي سامان کي بہ پنهنجي آغوش ۾ آندو آهي. هر قسم جو شعر چيو اٿس: مجازي، حقيقي، وطني، ناصحانو عارفانو تمثيلي، طبيعي، رزمي وغيره. ويدانيت ۽ تصوف جا رسالي ۾ خزانا سمايا پيا آهن. عام طرح خلق تي رڳو اهو ئي اثر ويٺل آهي تہ سورمين ۽ سورمن جي وسيلي حقيقي جستجو (ڳولها) ۽ جفائن جو ذڪر ڪيو اٿس ۽ نيٺ انسان ۽ ايشور کي هڪ ڪري نروار ڪيو اٿس. سالڪ (حق يا ايشور جو ڳولهائو) ڪٿي مومل آهي تہ ڪٿي ليلا، ڪٿي سهڻي تہ ڪٿي سسئي، ايشور ڪٿي راڻو آهي تہ ڪٿي چنيسر، ڪٿي ساهڙ تہ ڪٿي پنهون، مرشد ڪامل (پورن گرو) ڪٿي سراڻي يا لهار آهي تہ ڪٿي ڪاسائي، ڪٿي ڪلاڙ آهي تہ ڪٿي طبيب ۽ جراح، ڪٿي ملاح يا ڪشتيبان آهي تہ ڪٿي صراف-طالب (ڳولهائو)، ڪٿي وڻجارو آهي، ڪٿي ٻيڙياتو ڪٿي ڏوڏو آهي تہ ڪٿي پياڪ. مطلب تہ:

ڪوڙين ڪيائون تنهنجيون، لکن لک هزار،
جيءُ سپ ڪنهن جيءَ سين، درسن ڏارون ڏار،
پريتم! تنهنجا پار، ڪهڙا چئي ڪيئن چوان.(شاهہ)

سچل (1739ع-1829ع) تيرهن سالن جو هو جڏهن شاهہ وفات ڪئي. سندس ڪلام ۾ ’حلاجي حيرت‘ ۽ ’منصوري مستي‘ آهي. سندس ڪلام سنڌي، هندي، اردو، پنجابي، سرائيڪي، پارسي ۽ عربيءَ ۾ آهي، جنهن ڪري کيس ’شاعر هفت زبان‘ (ستن ٻولين جو شاعر) چوندا آهن. هن صاحب کي شرف اِهو آهي، جو ڪي سنڌي غزل ۽ ڪافيون، پارسي علم عروض مطابق چيائين، جنهن جو پوءِ سنڌي شعر ۾ عام واهپو ٿي ويو. سندس اِهو عاشقاڻو رنگ ۽ روحاني خيال هڪ ئي بيت ۾ پيش ٿو ڪجي:

”حسن تنهنجو ٿو اڇي طرحون طرح ڏيکار ۾،
هڪ هئين آئين وري ڪنهن شوق ڪؤن شمار ۾“.

حقيقت ۾ ڪافين جو باني شاهه آهي، ڇو تہ هر هڪ داستان ڪان پوءِ جيڪي وايون چين اٿس، سي ڪافين جو روپ آهن. سچل، منصور وانگر اناالحق جو نعرو هنيو. روحاني مستيءَ کي ”ميخانو“ سڏيائين ۽ ساري ڪائنات کي حق جو جمال:

”ادب اٿي اوٿ، اوٿ تہ اڳاهون ٿئين،
مار نغاري چوٽ، عاشق! اناالحق جي،

❋

مسجد ڇڏي ميخاني اندر، حاصل ڪيف ڪياسين،
هي سڀ حسن جمال اسان جو، جنهن ۾ پاڻ پياسين.“

جيٺمل پرسرام ”شاهه جون آڪاڻيون “ ۽ ”سچل سرمست“ ۾ شاهه ۽ سچل جي فيلسوفي نهايت سهڻي انداز ۾ واضح ڪئي آهي آغا صوفيءَ واري سچل جي رسالي ۾ بہ سچل جي خيالات جو گهڻو وستار آهي. لال چند امر ڏني مل ’شاهاڻو شاهه‘ ۽ ’سر ڏاهر‘ ۾ شاهه جي شعر ۽ خيالات جي نزاڪتن ۽ رونقن جو بخوبي ورتن ڪيو آهي. ڊاڪٽر گربخشاني وارو رسالو علميت جو بي بها خزانو آهي.

تصوف جو دؤر هليو ئي پئي تہ ويدانت جو وارو آيو. جنهن جو پرڪاش سامي (1743_1850ع) ۽ دلپت (1746_1832ع) ۾ ٿا ڏسون. جي سامي صاحب جي ديهانت جي تاريخ صحيح آهي تہ چئبو سندس آورجا 107 سال رهي ۽ انگريزن جي حڪومت (1843ع) شروع ٿيڻ ڪان پوءِ بہ ست سال زنده رهيو. شاهه جي وفات وقت ساميءَ جي عمر نو سال هئي ۽ دلپت جي ٽي سال . شاهه ڪلهوڙن جي زماني ۾ هو ۽ سچل، سامي ۽ دلپت ميرن جو دور ڏٺو. سامي تہ انگريزن جي اوائلي وقت تائين بہ هو. ساميءَ مانک جنم جي املهہ بها، پورن ستگرو ۽ سنتن جي وڏائي، سنسار جي ناسولت هستي، من ۾ آپي جي زهري رنگ، مايا جي ڇل ول ۽ پربلتا ۽ جوڳ ۽ ويراڳ جي مهما ڪان اسان کي آگاهہ ڪيو آهي. سندس ٻاڻيءَ ۾ گيتا، ويدن ۽ شاسترن ۾ سمايل سموري

سڪيا موجود آهي. سامي اسان جو ويدانتي گرو آهي. سندس سلوڪ ويدانت جو سار آهي.

جنهن ڪن ڏيئي ٻڌو گيان گروءَ جو
پڙهي تنهن پورا ڪيا شاستر سيئي.
(سامي)

دلپت جي ٻاڻيءَ ۾ تصوف جو جوش ۽ جولان بہ آهي. ويدانت جو سنتوش ۽ سيتلتا بہ. پاڻ پنهنجي ٻاڻيءَ بابت چوي ٿو:

”واسطو هن وچن جو سمجهي ڪو سچيارو.
ويدن جي واڻيءَ ۾ هوندو جو هوشيار.“

مطلب تہ اهو تصوف ۽ ويدانت جو عروجي دؤر، ڪلهوڙن ڪان وٺي ميرن ۽ انگريزن جي اوائلي زماني تائين هليو. فقير بيدل، جو سچل جو طالب هو. سو 1814ع ۾ ڄائو ۽ 1872ع ۾ وفات ڪري ويو. هن بہ انگريزي حڪومت جا 15 سال ڏٺا، ڄائو بہ 43 سال اڳي هو. سندس ڪلام ۾ ساڳي سچل واري مستي ۽ جوش و خروش آهي.

گل ڦهريون شاعر هو جنهن سنڌيءَ ۾ ديوان لکيو. هو 1810ع ۾ ڄائو ۽ 1857ع ۾ وفات ڪري ويو. اهڙي طرح گذريل صديءَ ۾ عروضي يا موزون شعر جي مڪمل طرح شروعات ٿي. گل جي سنڌي نيٺ آهي ۽ سندس گهڻا محاورا، مثال ۽ تشبيهون بہ نج سنڌي رنگ جون آهن، جن کي سمجهڻ ۾ رواجي طرح تڪليف ٿي محسوس ٿئي. سندس رديف ۽ قافيا بہ گهڻي قدر نيٺ سنڌي مان کنيل آهن. پوءِ قاسم، فاضل، سانگي، خاڪيءَ جهڙا شاعر پيدا ٿيا، جن سنڌي ادب کي پنهنجن ديوانن سان سينگاريو. قليچ بيگ جو ’رباعيات عمر خيام‘ نازڪ خياليءَ جو هڪ سهڻو مثال آهي. قليچ نہ رڳو رباعيون چيون، پر ڪافيون ۽ غزل بہ. انهن مڙني شاعرن جي شعر جو رنگ گهڻي قدر مجازي ۽ اخلاقي آهي.

مثال:

ملائڪ ڪان بهتر ٿيو انسان بڻجڻ.
مگر ٿي ٿئي ان ۾ محنت زياده.
(قليچ)

موجوده صديءَ ۾ بيوس نون موضوعن تي طبع آزمائي ڪري، گھڻن ئي شاعرن جي رهبري ڪئي. عزيز اڳيون رنگ به قائم رکيو ۽ نون خيالن جي به ترجماني ڪئي. هتي تفصيل سان سندس ۽ موجوده شاعرن جو ذڪر ڪري نٿو سگھجي، ڇو ته دائرو محدود آهي. صرف ڪن مثالن مان ئي سندس ويچار ڌارا ۽ شعر جي جھلڪ پيش ڪري ٿي سگھجي. اڄوڪي شعر ۾ آزاد نظم، غزل، رباعي، ترائيل، سانيٽ، هيڪو دوهي وغيره جون مڙيئي صنفون موجود آهن ۽ گوناگون وشين تي ڇيو پيو وڃي، ڇو ته زندگيءَ جا مسئلا وڌندا پيا وڃن.

"برڪتي تاثير صحبت سان ڪري جو لوهه زر،
پرت جو پارس پھڻ سر قرب ڪيمياگر ڪٿي؟"

(ڪشنچند بيوس)

"ڪر مون خزان نصيب ئي خندو نه اي حبيب!
آهي عزيز باغ وطن جو ئي عندليب"

(ليکراج عزيز)

ضبط جو ناهي زمانو آهه کي ظاهر ڪبو،
آسمان کي اي ضيا! هاڻي چتايون ٿا اسين."

(پرسرام ضيا)

"سرڳ ستين ۾ آهه ستل هو پڳڙن کي جاڳايون،
کيس به مزدورن جي بستي، نگر و نرڪ پسايون"

(هري دلگير)

"سي سر نه اڳيان، تانئون نه اڳيون
سي ساز اڳوڻا شيام متيا
اڄ راڳ پراڻا ڳائڻ ڇڏ
ماحول نئين ۾ ڪيئن ٺهندا."

(نارائڻ شيام)

"ڪٿ اهل چمن، راز سليان جن سان؟
ڪيئن ياڳ وطن ۾ مان پٽي وات کلان؟

ڪوماڻو ڏسي گل کي، هر پاسي ڪان،
ٿيو وات ڪليءَ جيان، پر دل جي رت سان.“

(هرومل خادم)

”ڪنهن کي رهبر نہ ٿا دنيا ۾ ملن؟
فيض پائن ٿا ڪي پائڻ وارا.“

(سڳن آهوجا)

ٻيا بہ شاعر، شاد، راهي، وفا، سڪايل، دکايل، حاسد، ديال آشا، ٽيڪچند مست، آنچل وغيره پنهنجي تند تنواريندا ٿا رهن. هر گل کي پنهنجو رنگ ۽ خوشبوءِ آهي.

سنڌي نثر جي باري ۾ تفصيل ڏيڻ آسانيءَ جو ڪم ناهي. بهرحال اسان جي ادب ۾ نثر جون مڙيئي شاخون موجود آهن: تنقيد، مضمون، ڪهاڻي، ناول ۽ ناٽڪ. هر تنقيد کي پنهنجي طرز آهي ۽ هر مضمون کي پنهنجو موضوع، هر ڪهاڻيءَ جي ڪيفيت نرالي آهي، هر ناول ۽ ناٽڪ جي نوعيت پنهنجي. انهيءَ ڪري انهن جي باري ۾ اُبتار ڪرڻ نہ ممڪن آهي، نہ لازم. جن صاحبن سنڌي نثر جي باغ کي بهاريو آهي، تن جو مشاهدو هن ڪتاب جي ورقن مان ئي ٿو ملي. جن صاحبن کي بيحد شوق هجي، سي ملڪاڻي صاحب جي ’سنڌي نثر جي تاريخ‘ جي ورق گرداني ڪن. مٿي ڪن نثر جي بانين جو اڳيئي ذڪر ڪيو ويو آهي. جن سان گڏ ڪيولرام، ڪؤڙمل، ديارام گدومل ۽ صاحب سنگهہ شاهاڻيءَ کي بہ سجدو ٿو ڪجي. ٿوروئي وقت اڳي نارائڻداس ملڪاڻي، اجواڻي ۽ عزيز اسان کي وڇوڙي جو داغ ڏيئي ويا آهن. ملڪاڻيءَ جو ’انارداڻه‘، اجواڻيءَ جو ’اُڇل‘ ۽ عزيز جو ’ادبي آئينو‘ پنهنجي پنهنجي پر ۾ مضمون نگاريءَ جي فن جا اڻ وسرندڙ ڪرشما آهن. خوش قسمتيءَ سان اسان وٽ هينئر بہ منگهارام ملڪاڻي، آسانند مامتوراءِ، تيرٿ بسنت، رام پنجواڻي، گوبند مالهي، ڪيرت ٻاٻاڻي، ڄڳت آڏواڻي، پوپٽي هيرانندڻي، اُتم، سندري اُتمچنداڻي، چيتن ماڙيوالا جهڙيون هستيون ڏڻيءَ جي فضل سان موجود آهن. اهي پنهنجي پنهنجي فن ۾ جلوه گريون ڏيکاريندا ٿا اچن.

ارمان رڳو اهو آهي جو نہ سنڌي ادب ۾ اديبن جو قدر رهيو آهي، نہ انهن جي سرجوشيءَ جو ڪو اثر! سنڌ ۾ حالت نرالي هئي، ڇو تہ اسان جي ٻولي ۾ اسين اتي ڄاواسين. شهر، معلم ۽ مڪتب ساڳيا. هتي ڀون ڀون جي گت نياري آهي. هاڻوڪو نسل ڪو هڪ ئي راڄيہ ۾ جنم نہ ٿو وٺي. راڄيہ راڄيہ جي ڀاشا ٻي ۽ سکيا جي طرز نرالي. وڏن شهرن ۾ بہ داخلائون مختلف، اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ ٿين. ڪن تعليمي سنٿائن ۾ سنڌي ڪي جزوي، رهڻ جون ڪالونيون بہ مختلف، جتي جدا جدا شهرن جا ماڻهو ٿا رهن، جنهن ڪري سنڌيءَ ۾ رڳو گفتگو ڪرڻ ئي مشڪل. اعليٰ تعليم لاءِ بہ ڪي جوان ڪٿي تہ ڪي ڪٿي، بلڪ ولايتن ۾ وڃيو نڪرن. مائٽن کي فرصت ئي ڪانهي، جو ٻارن جي پوري پرورش ڪري سگهن ۽ پنهنجي مٺي ٻوليءَ ۾ ساڻن لاتون ڪن. سارو اختيار وڃي فقيرن ۽ نوڪرياڻين جي حوالي ٿيو آهي. اديب بہ ڪي ڪٿي، ڪي ڪٿي! صحبتون ۽ مجلسون ڪن، سو ڪيئن ڪن! گوهر نشان (موتي پکيڙيندڙ) ۽ گوهر شناس(موتي پرکيندڙ) اڃا بہ آهن. پر ويچارا نظر سودي نہ هئڻ ڪري حيران آهن. پوءِ ادب تي ڪيئن نہ مانائيءَ جو رعب رهندو!

# ڀارت ۾ سنڌي ٻولي

اڪريه ولالواڻي

سنڌي ننڍي کنڊ جي جديد اُسريل ٻولين مان هڪ آهي. هن کي پنهنجو اعليٰ ادبي ۽ تهذيبي ورثو آهي. سنڌي شاهوڪار ۽ وسيع ٻولي آهي. جنهن جو تعليم، ادب، ميڊيا (ماڌيم) ۽ دستوري کيترن (Fields) ۾ استعمال ٿئي ٿو. سنڌي ٻولي، انيڪ نج ٻوليائي خوبين سان ڀرپور آهي، جيڪا انيڪ عالمي سطح جي اپياس جو ذريعو بڻي آهي. سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي وسعت سنڌو نديءَ جي ڪري آهي. سنڌو هميشہ پنهنجو وهڪرو متائيندي پئي رهي آهي، جنهن سبب سنڌي ٻوليءَ جي واهپي جو کيتر پڻ وشال آهي.

سنڌي، سنڌ صوبي جي تسليم شده ٻولي آهي. ڀارت وڌان (آئين) ۾ پڻ ٻين ڀارتي ٻولين جيان هن کي 10 اپريل 1967ع تي اٺين شيڊيول ۾ ڀارت جي (سنڌين جي) هڪ ٻوليءَ جي روپ ۾ قبول ڪيو ويو آهي. اِن سبب هن کي اِهي سڀ سهوليتون خود بہ خود ملي وڃن ٿيون، جيڪي ٻين مکيہ ٻولين کي حاصل آهن.

تاريخي حقيقت آهي تہ 1947ع ۾ ورهاڱي جي واقعي سنڌي قوم جي سموري تمدني سرشتي کي ئي ٽوڙي ڇڏيو. اندازي موجب 10 لکي سنڌي پنهنجي پوميءَ سنڌ جي يڪ ڀاشي (هڪ ٻوليائي) ماحول کان اُکڙجي، هندستان جي ٻهو ڀاشي (گھڻ ٻوليائي) ماحول ۾ ٽڙي پکڙجي ويا.

چوڻي آهي تہ ’ٻارهين ڪوهين ٻولي بدلجي‘، پر ڀارت ۾ سنڌي ٻوليءَ جو واسطو ڪوهن، ميلن ۽ ڪلوميٽرن سان نہ آهي ۽ سنڌي ڪنهن خاص علائقي يا صوبي جي ٻولي بہ نہ آهي، ڀارت ۾ سنڌي ٻوليءَ 26 صوبن ۽ مرڪزي سرڪار جي حڪومت هيٺ علائقين ۾ رهندڙ سنڌين جي ٻولي آهي. ڀارت ۾ سنڌي ٻولي غير صوبائي ۽ ٻوليوار ٿورائيءَ واري ٻولي آهي، جنهن جي وڪاس (ترقيءَ) جي مڪمل جوابداري مرڪزي سرڪار جي آهي.

آدمشماريءَ جا انگ اکر ٻڌائين ٿا تہ سنڌ ۾ سن 1933ع ۾ 99 سيڪڙو ۽ سن 1947ع ۾ نوي سيڪڙو سنڌي يڪ ڀاشي (هڪ ٻوليءَ وارا) هئا. اڄ ڀارت ۾ سڀ سنڌي ٻہ ڀاشي (ٻہ ٻوليائي) يا ٻهوڀاشي (گهڻ ٻوليائي) بڻجي چڪا آهن. ڀارت ۾ سنڌين جي آدمشماريءَ جا انگ اکر سرڪار جي ڳڻپ مطابق هن ريت آهي. 1971ع ۾ 1,676,875: 1981ع ۾ 2,044,389: 1991ع ۾ 2,122,848: 2001ع ۾ 2,535,485, آدمشماريءَ ۾ ڏهاڪي جي واڌ هن ريت آهي. 81_1971ع ۾ 91. 21 سيڪڙو 91_1981ع ۾ 84. 3 سيڪڙو ۽ 2001_1991ع ۾ 44. 19 سيڪڙو.

ڀارت ۾ سنڌي ٻوليءَ ڳالهائيندڙن ۾ 1,694,061 سنڌي, 823058 ڪڇي ۽ 18366 ڀيون قومون آهن. ڀارت ۾ تعليمي قبوليت جي لحاظ کان تہ ٻوليائي فارمولا رائج آهي, جنهن جي تحت گجرات ۾ سنڌي ٻولي ٽين ٻوليءَ طور ڳالهائي وڃي ٿي. سنڌيءَ کي ڀارت جي ڪنهن بہ صوبي ٻي ٻوليءَ طور تسليمي/ مڃتا نہ ڏني آهي. ان ڪري اُها سرڪاري ڪاروبار جي ٻولي ڪٿي بہ نہ ٿي سگهي آهي.

آدمشماريءَ جي لحاظ کان ڀارت جي جن صوبن ۾ سنڌي ججهي انداز ۾ رهن ٿا. اُهي آهن: گجرات, مهاراشٽر, راجستان, مديہ پرديش, دهلي ۽ اُتر پرديش. گجرات ۾ 9,58787 سنڌي رهندڙ آهن. سرڪاري, انگن اکرن کان سنڌي وڌيڪ ئي (لڳ ڀڳ 60 لک) ارت ۾ رهندڙ آهن. چاڪاڻ تہ ڳڻپ وقت ڪيترا سنڌي (احساس ڪمتريءَ جي ڪري) پنهنجي مادري ٻولي سنڌي نہ لکائيندا آهن. ان ڪانسواءِ ڳڻپ ڪندڙن جي لاپرواهي پڻ ان ڏس ۾ آڏي اچي ٿي.

1991ع جي آدمشماريءَ مطابق 28 سيڪڙو سنڌي گجرات جي ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ علائقن ۽ راجستان جي جيلسمير ضلعن ۾, جيڪي سنڌ جي سرحد سان جڙيل علائقا آهن, رهن ٿا. هڪ حقيقت اِها بہ آهي تہ ڀارت ۾ گهڻا سنڌي شهري آهن, جيڪي ٻهوڀاشي ڪيترن (گهڻ ٻوليائي علائقن) ۾ رهن ٿا, پر گجرات ۽ راجستان جي ديهاتي علائقن ۾ رهندڙ سنڌين جو تعداد ٻين صوبن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ آهي.

ڀارت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي استعمال جا ڏيان ڇڪائيندڙ ڪيتر, جتي سنڌي

لهجن جو استعمال وڌيڪ ٿئي ٿو. اُهي آهن: ڪڇ، ڪاٺياواڙ گجرات ۽ راجستان.
ڪڇ، تاريخي، جاگرافيائي، تجارتي، سماجي، ثقافتي ۽ لساني لحاظ کان قديم زماني کان وٺي سنڌ جو حصو رهيو آهي. مذهب، وڻج واپار، سماجي ڳالهين، لاڳاپن، ميلن ملاکڙن، قومن ۽ قبيلن جي اچ وڃ ۽ علم ادب (شاعري ۽ لوڪ ادب) جي ڪري ڪڇُ، سنڌ سان جڙيل پئي رهيو آهي. ڪڇ جي "ٻني" علائقي ۾ اڄ بہ قديم سنڌي قبيلا ۽ ذاتيون- سما، سومرا، جت، ڪولهي، ميگهواڙ نڪر، هاليپوٽا، متوا، ٿيٻا وغيره رهن ٿا، جيڪي پنهنجي ٻوليءَ ۽ ثقافتي ورثي کي ۽ نج سنڌي لهجي کي سانڍي ويٺا آهن.
گانڌيڌرام، آديپور، ڀُڄ ۽ ٻين ايراضين ۾ بہ سنڌي رهن ٿا. 1971ع جي هند پاڪ لڙائيءَ وقت ڪيترا سنڌي ٿرپارڪر مان لڏي اچي ڪڇ جي ڪيترين ايراضين ۾ رهيا، جيڪي بہ سنڌي ٻوليءَ جو واهپو ڪن ٿا.
سر گريئرسن، ڪڇي ٻوليءَ کي سنڌي زبان جو لهجو (اپ ڀاشا) سڏيو آهي. ڪڇي لهجي ۾ وچولي ۽ لاڙي لهجي جا ڪيترا تنتو (اُچار) سمايل آهن. ٻنيءَ ۾ سنڌيءَ جا سوڍڪي، جتڪي ۽ ميگهواڙي لهجا بہ هلي چليءَ ۾ آهن.
گجرات صوبي جا جملي ٽي حصا آهن: ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ گجرات، ڪاٺياواڙ جي اُتر واري ڀاڱي ۾ سنڌي ڳالهائي ويچي ٿي. روزمرهہ جي واهپي ۾ ڪڇي لهجو ڪاٺياواڙي، ميمڻي ۽ جهوناڳڙي ڪم ٿي آندي ويچي.
سنڌي ٻوليءَ جي ڦهلجڻ جو هڪ ڪارڻ غير فطري لڏپلاڻ بہ آهي، جيڪا وقت بہ وقت سنڌ ۾ سازگار حالتون نہ هئڻ ڪري بہ ٿيندي پئي رهي آهي تہ وري واپار خاطر سنڌ مان گجرات جي جدا جدا ضلعن ۾ ماڻهو ايندا رهيا آهن. جن ۾ ميمڻ، خواجہ، لوهاڻا، ڀاٽيا، پڃارا، سونارا، کتري، جت، اوڏ، ملتاني ۽ ٻيون ذاتيون، گجرات جي سامونڊي ڪنارن وارن ڳوٺن ۽ شهرن ۾ اچي رهيون آهن. هنن جي گهرو وهنوار جي ٻولي سنڌي آهي.
راجستان ۾ ججهي انداز ۾ سنڌي رهن ٿا، جيڪي نج سنڌي جو استعمال ڪن ٿا. پر اُلهندئين راجستان جو علائقو ورهاڱي کان اڳ سنڌ پرڳڻي سان مليل هو. جنهن ۾ جيلسمير ۽ ٻاڙمير خاص آهن. هن علائقي جا اڪثر

رهاڪو سنڌي زبان جو استعمال ڪري رهيا آهن. هتي جا رهاڪو اڄ بہ پنهنجي زبان کي ”سنڌي“ ۽ ”ڍاٽي“ يا ”ڍاٽڪي“ چوندا آهن، جيڪو راجستاني ٻوليءَ جو هڪ قسم آهي. هتي ڳائجندڙ سنڌي داستانن ۾ سنڌي زبان سان گڏ ڍاٽڪي ٻوليءَ جي لفظن جو بہ استعمال ڪيو ويندو آهي. لنگها ۽ مڱڻهار، هندو ڍولا، ڍولا ميراثي، چارڻ ۽ ٻيا سنڌي پريم ڪٿائون ڳائين ٿا. اولهہ راجستان ۾ مينگهواڙ ٻروچ (ڪوسا، چانڊيا)، ميمڻ وغيره رهن ٿا ۽ سنڌي ڳالهائين ٿا.

ٻوليءَ جو واهپو ڪاروبار، تعليم، ميڊيا ۽ ادب ۾ ٿئي ٿو ۽ ٻولي وڪاس(ترقي) پائي ٿي.

ڀارت ۾ سنڌي ڪنهن صوبي جي سرڪاري ٻولي نہ هجڻ ڪري اُن جو ڪاروباري واهپو نٿو ٿئي. پر صوبائي سرڪارن ۽ مرڪزي سرڪار سنڌي ٻوليءَ جي وڪاس (ترقي) لاءِ جدا جدا صوبن، گجرات، مهاراشٽر، راجستان، دهلي، مديہ پرديش، اُتر پرديش، ڇتيس ڳڙهہ ۾ سنڌي اڪادمين (Academies) ۽ ڀارت سرڪار ”راشٽريہ سنڌي ٻولي وڪاس“ (NSPSL) جي اسٿاپنا (قائم) ڪئي آهي. اهي ادارا پنهنجو ڪاروبار سنڌي ٻوليءَ ۾ هلائيندا آهن.

تعليمي ڏس ۾ سنڌي ماڌيم (Medium) سان سرڪاري چاهي خانگي پرائمري، هاير ۽ هاير سيڪنڊري اسڪول جدا جدا صوبن ۾ کليا. اليجن ۾ بہ سنڌي وشيہ (مضمون) پاڙهيو ويو. ممبئي ۽ اجمير يونيورسٽيءَ ۾ بي. اي، ايم. اي، ايم. فل، پي. ايچ. ڊي سنڌيءَ ۾ ڪرڻ جون سهولتون ميسر آهن. شروعات ۾ خانگي پبلشر سنڌي درسي ڪتابن جي اشاعت ڪئي، بعد ۾ گجرات ۽ مهاشتر سرڪار ۽ ٻون صوبائي سرڪارون سنڌيءَ ۾ درسي ڪتاب شايع ڪنديون رهيون آهن. لغتون بہ شايع ٿيون آهن. پر سنڌي تعليم لاءِ جديد دؤر ۾ ماڌيم (ميڊيم) طور پڙهائيءَ لاءِ حالتون سازگار نہ آهن. سنڌي ماڌيم جا اسڪول تڪڙا تڪڙا بند ٿي رهي ااهن. ڪن هنڌ سنڌي صرف هڪ وشيہ (مضمون) طور وڃي بچي آهي. ان جا انيڪ ڪارڻ آهن. ڀارت ۾ سنڌيءَ جي ٻن لپين سنڌي- لپي(عربي- سنڌي) ۽ ديوناگري لپيءَ کي قبوليت ملي آهي. غير سنڌي، سنڌي سکن، اُن لاءِ ديڪن ڪاليج پونا ۾ بندوبست ڪيل آهي.

فوجين کي بہ سنڌي سيکاري ويندي آهي. غير دستوري سطح تي سنڌي سيکارڻ جون ڪوششون جاري آهن. ماس ميڊيا جي کيتر ۾ سنڌيءَ جو ڪافي استعمال ٿي رهيو آهي. سنڌي اخبارن ۽ رسالن سنڌين کي جوڙي رکيو آهي. ”سينٽر فار ڪلچرل رسورسز ائنڊ ٽريننگ انفارميشن“ انڊيا جي سال 2002ع جي انگن اکرن مطابق ڀارت ۾ رجسٽرڊ سنڌي اخبارن ۽ مخزنن جو تعداد 110 هو. ان کان سواءِ انگريزي هندي، مراٺي ۽ گجراتيءَ ۾ پڻ سنڌيءَ سان واسطو رکندڙ ڪي اخبارون ۽ مخزنون شايع ٿيندڙ آهن. البت سنڌي اخبارن ۽ مخزنن جو پڙهندڙ طبقو گهٽجندڙ آهي.

الڪيٽرانڪ ميڊيا ۾ انقلابي ڦيرو آيو آهي. ريڊيي، ٽيليويزن ۽ ڪمپيوٽر جهڙن ساڌنن (ذريعن) جو استعمال، وندر، ڄاڻ ۽ تعليم جي کيتر ۾ وڏي پئماني تي ٿي رهيو آهي. آل انڊيا ريڊيو تان هفتي ۾ 16 ۽ 17 ڪلاڪ سنڌي پروگرام نشر ڪيو ويندو آهي. روزانو صبح شام سنڌيءَ ۾ خبرون جاري ڪيون وينديون آهن. ٽيليويزن تان سنڌي ڪاريہ ڪرم (پروگرام) ايندو آهي. ڀارت ۾ سنڌين جي پنهنجي سرڪاري چاهي خانگي، سنڌي چينل نہ آهي، البت ڀارت جا سنڌي ڪي ٽي اين، سنڌ ٽي وي، ڪشش ۽ مهراڻ وغيره چينلن تي سنڌي پروگرام ڏسن ٿا. ماس ميڊيا جي وسيلن، هند، سنڌ جي زمين تي ڀاتل سرحد جي ليڪن کي آڪاس ۾ ميساري ڇڏيو آهي.

ادب جي لحاظ کان سنڌيءَ ۾ لکت چاهي زباني ساهت (ادب) جي پختي روايت آهي. سرڪاري ادارن، ساهت سڀائن (ادبي جماعتن)، ادبي رسالن ۽ پبلشرن، سنڌي ساهت سرجڻ جو سلسلو جاري رکيو آهي. شروعاتي ٽي ڏهاڪا ڪافي زوردار رهيا سنڌي پاٺڪن (پڙهندڙن) جو تعداد بہ وڌيو پر رفتہ رفتہ نج سنڌي ٻوليءَ جي ادب کان ڪٽجندا ويا آهن. ٻين ٻولين جو ساهت وڌيڪ پڙهيو پيو وڃي. اِن ڪري اجوڪين حالتن ۾ سنڌي اديب ۽ ادب پريمي ئي سنڌي ادب جا پڙهندڙ آهن.

ٻولي هڪ وهندڙ ندي آهي، جيڪا سدائين وهندي رهي ٿي. اُن ۾ هميشہ زمان، مڪان ۽ ماحول مطابق ڦيرو ايندو رهي ٿو جيڪو سڀاويڪ آهي اِهو ڦيرو/بدل ئي ٻوليءَ (ڀاشا) جي زندهہ ۽ نت نئين رچنا جو اُهڃاڻ آهي.

سنڌي ٻولي ڀارت ۾ جدا جدا صوبائي ٻولين جي اثر، دٻاءَ، گهڻ ٻوليائي ماحول، مختلف مالي، سياسي، سماجي، دٻاون ۽ مرتبي ڪري، اُن ۾ ڪافي تيزيءَ سان تبديلي اچي رهي آهي. ڳوناٽي زندگيءَ ۽ ڪيتي ٻاڙيءَ جا هزارين لفظ، اصطلاح، چوٽيون ۽ پهاڪا اڄ استعمال نٿا ڪيا وڃن. ٻين ٻولين جا هزارين لفظ سنڌيءَ ۾ شامل ٿي ويا آهن. جڄها لفظ گم ٿي ويا آهن زندهہ ٻوليءَ ۾ نون ۽ پراڻن لفظن ۾ لڳاتار ڇٽا ڀيٽي هلندي رهي ٿي. سنڌي ٻوليءَ جي لفظن- جن ۾ روز مره جا لفظ، ڪاڏي ڀيٽي، هار سينگار، ميون، ڀاڇين، ڀيشن، اوزارن، مهينن، ڏڻن/ تهوارن، جسم جي عضون، نالن، آڪهين، رشتيداريءَ وغيره لفظ ۾ تبديل ۽ انهن جي اُپار، ويڪارڻي سطح ۽ جملي جي رچنا (جوڙجڪ) جي سطح سان گڏ معنيٰ جي سطح تي پڻ تبديلي آئي آهي. تيزيءَ سان ايندڙ تبديليءَ جا خاص سبب آهن: ٽڙيل پکڙيل ٿورائيءَ واري قوم، شهري ٻهو ڀاشي (گهڻن ٻوليائي) تعليم يافتہ قوم، ماحول ۾ آيل ڦيرو، پيڙهين جو فرق، مڪاني ٻولين جو وڌندڙ اثر.

سنڌ نج ٻولي قائم رکڻ لاءِ هيٺيان اُپاءُ وٺي سگهجن ٿا:

سرڪاري، ڪاروبار کيتر، سنڌي ثقافتي، سماجڪ، ڌارمڪ سرگرمين، تعليم جي کيتر، ماس ميڊيا، اخباري ۽ ادبي کيتر ۾ ان جو واهپو وڌائڻ.

اها خوشيءَ جي ڳالهہ آهي تہ ڀارت جا سنڌي، سنڌي ٻوليءَ جي نج واهپي ۽ پنهنجي ثقافت لاءِ سجاڳ آهن ۽ اُن کي برقرار رکڻ لاءِ ڪافي جوش خروش کي عملي ڪوششون وٺي رهيا آهن ۽ نئين ٿهيءَ کي پنهنجو ورثي طرف مائل ڪري رهيا آهن. ان ڪري اسين نااميد ڪو نہ آهيون.

# سنڌو ماٿريءَ جي لپي عرف سنڌي لپي!

سيتل لاورما

”موهن جو دڙو“ جڏهن کوٽيو ويو، تڏهن ان مان نڪتا هئا سگهڙ ۽ سهڻا ”سنڌو ماٿريءَ جي سڀيتا“ جا اُهڃاڻ، انهن اهڃاڻن ۾ ڪي هيون هزارين مهرون (شِڪا ۽ سليون)! جن تي اُڪريل هئا ڪي اکري نشان ۽ پکي، پئسن جا خاڪا(چِتر) عالم ۽ قديم آثارن(آرڪيالاجي) جي ڄاڻن اندازو لڳيو تہ اهي اکري نشان ۽ پکين پئسن جا چِتر شايد ”سنڌو ماٿريءَ جي“ لپي ۾ ئي لکيل يا اُڪريل هجن. هنن انهن نشانن ۽ چِترن کي پڙهي مطلب ڪڍڻ جي اڻٿڪ ڪوشش پئي ڪئي آهي ۽ ڪن عالمن ”سنڌي لپيءَ“ جي ڳجهارت ٻجي پنهنجو پنهنجو حل بہ پيش ڪيو آهي، پر اهڙي ڪنهن بہ حل کي اڃا تائين يا دستور تعليم ڪيو ويو آهي.

1960ع ۾ مڌيہ پرديش (ڀارت) جي داموه شهر جي هڪ عالم ”شريف نارائڻ مهاديو سپري“ پنهنجو هڪ ڪتاب ”سنڌو ماٿريءَ جي لپي“ ڇپائي شايع ڪيو هو، جنهن ۾ هن لکيو آهي تہ ’موهن جي دڙي‘ مان مليل مهرن کي جيڪي نشان ۽ چِتر اُڪريل آهن سي مان پڙهي سگهان ٿو. مان ڇاتي ٺوڪي ٿو ٻڌايان تہ ”سنڌو ماٿريءَ جي لپي“ بنديل کنڊ (مڌيہ پرديش) جي ’هندي-لپي‘ ئي هئي، جا اُن زماني ۾ هزاريہ ورهيہ سڄي ڀارت ورش ۾ مروج هئي، پوءِ ڀل اها ڪٿان ۽ ڪهڙي نموني ۾ آئي هجي!‘سندس چوڻ آهي تہ ’بنديل کنڊ جي هندي ڀاشا ’ٻا-ٻا‘ سان ٿي شروع ٿئي ۽ سنڌو ماٿر جي لپي پڻ ”ٻ“ سان ٿيني پئي آهي!“

1962ع ۾ وري هڪ ٻئي عالم سديش ڪمار پنهنجي دعويٰ پيش ڪئي تہ ”مون 35 سال ساندهہ مٿا ڪٽ ڪري موهن جي دڙي مان نڪتل مهرن تي اکريل نشانن ۽ چِترن جو مطالعو ڪري اهو نتيجو ڪڍيو تہ ’سنڌو-لپي‘، ’براهمي لپيءَ‘ مان نڪتل هئي، جا موريا گهراڻي جي وقت ڀارت ۾ مروج هئي، جنهن جو اها (سنڌو- لپي) سراسر نقل هئي.

ساڳئي وقت سري ايم. بي. اين ڪرشن راؤ نالي هڪ عالم وري اڳ ۾ ئي پنهنجو رايو ظاهر ڪيو هو سو هو تہ ”سنڌي- لپي“ ’ويدڪ ڀاشا هئي يا ان جي شروعاتي روپ ريکا‘ سان مشابهت رکندڙ لپي هئي. جا وقت جي چڪر ۾ ’چتر لپي‘ مان بدلبي مورتي لپي (Pictographic) ٿي پيئي‘ هن عالم تقريباً 400 کن مهرن جو مطالعو ڪري ٻڌايو تہ انهن مهر تي راجائن، واپارين، ايلچين، شهرن، ديون ۽ ديوتائن جا نالا اُڪريل آهن ۽ هڪ مهر تي (سندس خيال موجب) جيڪو ”پشو پتي“ (ڍڳي) جو چتر چٽيل آهي، ان جي هيٺان ’مکنا ايش‘ لکيل آهي، جو در حقيقت ’اِندر ديو‘ جو نالو آهي.
’مک يا مکيش‘ نالي هڪ دئيتن جو اڳواڻ هو، جنهن جو اندر ديوتا خاتمو ڪيو هو.
اڄ ڪلهہ وري تازي خبر شايع ٿي آهي تہ شري آر. راءُ، جيڪو ڀارت سرڪار جي سروي کاتي جي پينشن بردار عملدار آهي ۽ قديم آثارن جي علم جو ڄاڻو آهي، سو موهن – جي دڙي مان نڪتل مهرن (سيلن) مٿان اکريل سنڌو- ماٿرن جي لپيءَ کي ٺيڪ پڙهي سمجهڻ ۾ سڦل ٿيو آهي.
هن عالم سن 1952ع ۾ سنڌو ماٿريءَ جي سروي ڪندي هڪ جڳهہ ’لوٿل‘ نالي ڳولي لڌي هئي، جنهن جي گرپ ۾ سنڌو سڀيتا جا اهڃاڻ لکل هئا.
شري آر. راؤ جي دعويٰ آهي تہ ”مون موجن جي دڙي“ مان لڌل ٽن هزار مهرن مان اٽڪل 180 مهرن جو مطالعو ڪيو آهي ۽ دماغ لڙائي انهن تي اکريل اکرن کي پڙهي، انهن مان مطلب ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهيان منهنجي خيال ۾ ’سنڌو- ماٿريءَ جي لپي نشانن ۽ چترن جي خاڪن جي مرڪب آهي ۽ اهي خاڪا مول روپ ۾ فقط 42 آهن ۽ نہ 400، جيئن ڪن ٻين ودوانن چيو آهي تہ درحقيقت مشترڪ نشانن وارن اکرن کي بہ انفرادي اکر ڪري شمار ڪيو ٿو ڏسجي ۽ اها انهن جي غلطي آهي.“
هن صاحب جي رايي موجب سنڌو لپيءَ جا مٿيان اهڃاڻ (نشان) ”ڀاوائيڪ“ نہ ٿي ڪري ’آواز‘ ياڏونيءَ يعني ’سُر‘ تي مشتمل آهن. جهڙيءَ طرح برهمي يا ديوناگري لپيءَ ۾ ’حرف صحيح‘ (consonant) مان

حرف عِلت (vowel) جوڙي اچار ڪبو آهي يا ’پ‘ سان ’ن‘ حرف گڏي پ کي هضم ڪري پن جو اچار پڙهبو آهي. تهڙيءَ طرح اهڙيءَ پر ڪريا جي شروعات ”سنڌي لپيءَ کان ئي مروج آهي.“
شري راؤ جي ڄاڻ جو طريقو ”ڄاتل“ کان ”اڻ ڄاتل“ کي سمجهڻ وارو رستو آهي: يعني هن پنهنجي دماغ ۾ اول ويٺل سامي يا ’سميٽڪ لپيءَ‘ جي فهم جي آڌار تي اڻ ڄاتل سنڌو لپيءَ جي ستر في صد مهرن تي اکريل اکرن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ انهن کي ڙهڻ ۾ ڪامياب ٿيو. سندس چوڻ آهي تہ مهرن تي اڻڄاتل اکرن ۾ جيڪي نالا اکريل آهن، سي ’رگويد‘ جي وقت ۾ ’پوجنيه‘ يا مانائتا نالا هوندا هئا: جيئن تہ ”اَنر“ (انري)-سپت رشين مان هڪ رشيءَ جو نالو ’ڪشپ‘ (ڪيشب رشي) ’من‘ (منو رشي) وغيره وغيره. ان کان سواءِ ان سان گ جيڪي ’پد نام‘ (پدويءَ يا رتبي جا نالا) اکريل آهن. انهن جو مطلب آهي ”پالڪ“ (پالڻ هار) ”سر ڪيڪ“ (رکيا يا حفاظت ڪندڙ) راجپال (راجيپال) يعني راجا ۽ ’شاسڪ‘ (حڪومت ڪندڙ) يعني حڪمران. هن عالم جو اهو بہ رايو آهي تہ ’سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب ’دراوڙ‘ نہ هئي. نہ ئي ان جي زوال لاءِ ’آريہ قوم جوابدار هئي، بلڪ ان جو انت قدرتي ڪارڻ ڪري ٿيو هوندو.

## سنڌو لپيءَ جا روپ ۽ لکٽيءَ جي نوعيت:

سنڌو لپيءَ کي اڪثر عالم ’تصويري (Pictographic) لپي‘ (مورتي لپي) ڪري ٿا چون ۽ اهڙيءَ لپيءَ جي بنيادي الفابيٽ 20 حرفن جي نهيل آهي ۽ ٻيا جيڪي بہ حرف آهن، سي مددگار ماترائون آهن. انهيءَ لپيءَ جي جيڪڏهن ڪا مشابهت سامي، پروٽو هٽي، مصري، ڪريٽي، سائپرسي، چيني وغيره ملڪن جي لپين سان ڪٽي آهي تہ اها سياويڪ طور آهي، ڇاڪاڻ تہ انسان، پکين-پسن، اوزارن، سج، چنڊ وغيره جسمن جي جوڙ يا نقش نگاري قدرتي طور ساڳي ئي ٿيندي آهي ۽ کين هر هنڌ لوڪ جهڙي روپ ۾ ڏنو ويندو آهي يا تصور ۾ آندو ويندو آهي. لحاظا لپين جي ڪنهن نموني هڪجهڙائي ڳولڻ حق بجانب آهي.

اهڙي منطق جي ڪري رائبهادر ڪي. اين. ديڪٽ نالي هڪ عالم جو چوڻ آهي تہ سنڌي لپيءَ جي اوسر سچ تہ هند سنڌ جي سرزمين تي ئي ٿي هئي. بنگال ۾ ڪالي- باغان(بئنگن) ۾ ڪوٽائي ڪندي لڌل مٿيءَ جي باسڻن جي آڏار تي هڪ ٻئي دانشور بي. پي. لعل وري اهو نظريو ڏنو آهي تہ ’سنڌي لپيءَ‘ جي لکائي ساڄي کان کاٻي شروع ڪئي ويندي هئي يعني مروڻ جي منهن کان سندس پچ جي طرف!

ڪيترن عالمن، سنڌي لپيءَ کي ’دراوڙ‘ ڀاشا جي نزديڪ مڃيو آهي: سر جان مارشل ۽ فادر هيرام وري هن ڳالهہ تي زور ڏنو آهي تہ سنڌي لپي کاٻي کان ساڄي پڙهي ويندي هئي ۽ کيس ”پروٽو دراوڙ“ مڃي. ’تامل‘ لپيءَ جي پيڙهہ ڪري تسليم ڪيو آهي، پر سندس اهڙي سوچ سائنسي آڌار تي نہ هئڻ ڪري وشواس جوڳي نہ ٿي سمجهي وڃي.

ٻئي طرف وري اسڪئنڊ نيويا جي ”ايشين اسٽڊيز جي انسٽيٽيوٽ ۾ ڪم ڪندڙ فنلنڊ واسي، روسي ۽ ڀارتي تحقيق ڪندڙ عالمن ڪمپيوٽر جي سهاري سان سنڌو لپيءَ جا 30 کان 400 نشان (حرف) ڳولي لڌا آهن. مگر اهو مڃڻ غير مناسب ٿيندو تہ اڄ کان پنج هزار سال اڳ ’تامل‘ بہ ڪا ڀاشا هئي.

ڊاڪٽر اي. ڊي پڪالڪر جو بہ اهو رايو آهي تہ سنڌي لپيءَ جو دراوڙ ڀاشا سان ڪو بہ تعلق آهي ئي ڪو نہ. جي ڪو اهڙو ثبوت ٿو ڏئي تہ اهو ’اڏارو‘ آهي.

ڊيوڊ ميڪلين جو وري هيءُ رايو آهي تہ هڪ ”ايلمو دراوڙ“ نالي ٻولي ڏکڻ ايران مان ڏکڻ-ايشيا جي اولهہ ڀاڱي ۾ اچي ڦهلي، جنهن کيتر ۾ ’سنڌو ماٿري‘ بہ اچي ٿي وئي.

هڪ ٻيو عالم ’باديل‘ وري هيئن ٿو چوي تہ ’سنڌو ماٿريءَ‘ تي ڪنهن وقت ۾ ’سميري قوم‘ جو تسلط (راڄ) هو ۽ ان ڪري سنڌي لپيءَ ۾ سميري راجائن جا ئي نالا آهن، جي هو پڙهي سگهيو آهي. ڊاڪٽر پراڻناٿ بہ اهڙي خيال جي پنيرائي ڪئي آهي تہ هڪ آمريڪي عالم ماوس. ڊي سڌڪا ئوڪ وري هڪ عجيب سر آلاپيو آهي تہ موهن جي دڙي جي لڌل مهرن تي هن ’بائيبل‘ ۾ ڏنل تصويرون ۽ ڪهاڻيون پڙهيون آهن!

اهڙيءَ طرح شريف آر. راءِ يا ان کان اڳ جن جن عالمن سنڌو لپيءَ بابت رايا يا حل پيش ڪيا آهن، سي هڪ ٻئي کان مختلف آهن: ڪنهن جو خيال يا حل صحيح آهي، سو چوڻ هن وقت عبث ٿيندو. پر وقت پري ڪونهي، جڏهن هر هڪ جو 'حل' دليلن جي ڪسوٽيءَ تي پرکيو ويندو.

خير! نتيجو کهڙو به نڪري پر جڏهن 'سنڌو لپي' عام ماڻهن جي 'فهم' جي لپي بڻجي پڙهي ويندي، تڏهن اهو سڀڳورو ڏينهن ٿيندو جو اهڙي لپيءَ ۾ هند سنڌ جو اتهاس ٻيهر لکيو ويندو!

# Forgotten Sindhi Script – Waranki

By Rakesh Lakhani

The search for any indigenous Brahmi based scripts often starts & terminates at Hat-Wanaki. This despite that fact that Sindhu-Saraswati civilization of Sindh had the very nucleus of not only Indus valley civilization but of Vedic civilization as well. Arabic Writer Al- Beruni in his writings on ancient Sindh did mentioned three scripts to be in vogue before the Arab invasion of Sindh viz. Malwari, Hinduvi & Ardhanagri. Yet confusion remains. One of the reasons of such confusion had been lack of historical evidences to counter verify the usage of Brahmi based scripts in Sindh. In 1958 a team led by researchers led by Dr.F. A Khan did find some sort of evidences of the scripts used in ancient Sindh city of Bhanbhor which was approximately 40Miles from the Sindh's capital Karachi. Unfortunately the volume of such evidence is too little to construct the entire script as it existed in ancient Sindh. One of the main reasons needless to say had been the massive Arab Invasion of Sindh which swept all traces of Hindu culture. What Arabs destroyed never got rebuild.

In the context of Writing Systems in Sindh one can conveniently divide Sindh's History in two parts. Viz. One before the Arab invasion and the other that followed after the massive upheaval that changed Sindh in all possible manner – culturally, socially and politically. Needless to say while almost all the North and west Indian Scripts could easily be traced to its brahmi, Sindhi never been that much fortunate. A close analysis revels more than once reason for loss of Historical loss of archeological evidence viz:

A. Post Arab Invasion there was an virtual slaughter of Sindhi Hindu Sadhus- the custodian of Learning in ancient India – Such void had a disastrous effect on Sindh which never could be reversed.

B. Post Arab invention every attempt was made to wipe out Hindu civilization & Culture including language from Sindh

C. In Kashmir & Punjab where even Hindus regained power from Muslims, the contemporary rulers reintroduced Brahmi based scripts but in Sindh Post Dahir Hindus never to could settle themselves and even those who did settle themselves after accepting Islam never bothered to reintroduce Sindhi Language in Sindh leave apart the Brahmni scripts

D. Ever since the massive Arab invasion Hindus were in a bitter struggle of existence. Astruggle that continues even today in post-partition Sindh

E. Despite Sindhi Muslim pride for Mohen Jo Daro civilization there had been very few instances where they had been interested in preserving pre Islamic Hindu culture of Sindh.
There had been a near unanimous consensus based on hard archaeological proofs that almost all of the scripts of South Asia including those of Indian subcontinent have their origin in Brahmi script. It had been conclusively proved that a gradual transformation did take place spanning thousands of years for the present day scripts to develop as they are today. The figure below depicts the most likely path that Brahmni took in Sindh, Punjab & Kashmir.




**Figure 1: Family tree of Landa and related scripts**

Path of Waranki from Brahmi to Present Day

In the year 1958 a research team headed by Dr. F. A Khan while looking for ancient civilization in Southern Sindh did traced some ancient script. Apart from this there had been very few traces which would clearly establish the link which would conclusively proves that path that Sindhi script might have taken to reach Waranki Script – A form of Landa scripts. Moreover there is still a mystery as how and when Brahmi in Sindh drifted towards Sharda script- The general believe is that the script of Ancient Kashmir Sharda is to be the mother of Northwestern Indo-Aryan Languages.
In 1843 with the advent of British in Sindh, Sindhi Language got back it official status after 1500 years of Islamic rule. Among those westerners who worked on contemporary scripts were Garrison (Linguistic Survey Of India), Captain George Stack (Writer of Sindhi Grammar& Dictionary in Devanagari Script) and William Litnenar

(1882) A collection of specimen of commercial and other Alphabets .The scripts that were in vogue at time of advent of British are as follows as collected by Grierson:



Scripts of Sindh by Grierson




Scripts of Sindh by Grierson

In total Grierson suggested 13 scripts being used in various parts of Sindh but an insight into the scripts show striking similarity among them. An close analysis of Socio-Political conditions prop up multiple reasons for the variations of the Landa based Waranki scripts.

A. Ever Since the fall of Maharaja Dahir Sindhi Language was shunted out for Arabic or Persian Languages. Even Arabic Sindhi Scripts used by Muslims till the advent of British lacked consistency, with practically no support from Muslim rulers Sindhi was reduced to almost a Spoken Language. Hindus in Sindh used to write in Sindhi only to the extent of maintaining business accounts.

B. There was a tendency among Sindh's Business class to modify the script as they wished as Hindu Businessmen tend to modify it in order to codify the language a bit as it is normally done today for secrecy

C. Hindus pundits who used us teach Warenki made very little attempt to implement some form of standardization in Scripts across Sindh.

D. Since no literature used to be written in this script, it was merely reduced to an Mercantile script in the Pre-British days, Arabic was the official language. Among Hindus who used to work under Muslim rulers had to learn the Arabic & Persian mandatory. The business class however continued with the home grown scripts and lac of knowledge of these scripts among ruling Muslim class if fact benefited them. Among the various reasons on why Muslim rulers started the policy of recruiting Hindus was latter knowledge of Hindu scripts as it was called in those days. Situation in the context of script however changed once British occupied Sindh and Sindhi was reinstated as sole official Language of Sindh. Under British rule all Government officers (both British & non Sindhi Indians) to clear an exam on Sindhi mandatorly before being recruited to work in Sindh. As expected Script become an issue in Sindh. Although Hindus in committee set up for the standardization of Script opted for Devanagri a parallel movement started to recognize Warenki/Khudabadi as the standard Sindhi Script. Sindh Sanskar Sabha, Hyderabad Sindh had been the frontal organization leading the moment for acceptance of such script, Coincidentally in 1867 while Sindh was still a part of Bombay Presidency a Script based of Waranki was put forward. The creator of the script was none other than deputy Inspector of Education Mr Nayayan Jagarnath Vaidya. The script was a modified version of Khudabadi version of Warenki and some admixture of Shikarpuri version. Termedas Hindu-Sindhi or Hindi Sindhi, the script cleared the issue with vowels – a major drawback of its previous versions.



Waranki Script by Mr Nayayan Jagarnath Vaidya

The British Government not only initiated Primary Education in this script but even started maintaining lower court records in the script. In the days & months even Sindhi Literature started to appear in this script. The first book in modified Hindu Sindhi was of Folk tale of Dodo Chaneser and in 1899 the first sindhi literary magazine “Sukhi” came up. The popularity of the script could be measured by the fact that Sindh Bible society, published its sermons of St. Matthew too in this script.



e 4: Cover of a book containing the epic *Dodo Chanesar* written in Standard Sindhi (
Michel Boivin).



Figure 10: Cover and first page of St. Matthew in Standard Sindhi (from British and Foreign Bible Society 1911)

Unfortunately the golden days of the Hindu-Sindhi Script did not last long. The way Shard script was opposed in Kashmiri Muslims Waranki too was bitterly opposed by Muslims in Sindh. Coincidently for the same reason that so called Brahmi based scripts cannot accommodate Muslim vocabulary. Muslims in Sindh oppose not only Waranki but Devanagrias well based on same logic.

A close analysis of script vin a viz Sindhi communities as existed in Sindh however brings to fore a different prospective. Another Brahmi based scripts was in vogue in Sindh, which haven't been talked about significantly viz Khojki. The word Khojki comes from Persian word "Khwaja" meaning Master. This script was a modified version of Lohanki script with additional marks to express Persian / Arabic words. Compared to Khudabadi or any other formats which were used for Business purpose, Khojki was used for writing religion teaching of Ismali sect among Muslims. Spread across Sindh, Kutch & Kathiawar (in present day Gujarat) this script was widely employed to spread

religions teaching and have found its way across multiple states. Legend says writings of Ismali Muslims were kept secret and the access was limited to few followers for years and that is how this script eventually survived the Islamic rule in Sindh. This script only showed up in latter part of 19 & early 20th Century.An Comparative study of Khojki with Warenki/Khudabadi, Gurumukhi & Devanagri proves that the script was much ahead of Waranki and had the potential to even replace however that never happened and Sindhi Language remain captive of foreign scripts.




Table 3: A comparison of consonant letters of Sindhi, Khojki, Gurmukhi, and Devanagari.




Table 4: A comparison of vowel letters and signs of Sindhi, Khojki, Gurmukhi, and Devanagari.

The Figures below clearly demonstrates the power of Khojki





Khojki Script

As regards the Status of Landa depended Brahmi based script in Sindh & Punjab, the scripts that comes closest of all non Landa scripts in Takri. Takri was initially widely used in Southern Kashmir & Himachal Pradesh for writing the so called Pahari (Mountain) Languages before being eventually replaced by Devanagri. The study of Takri clearly demonstrated its similarity with Landa especially its Vowel signs. Moreover since till the time of Maharaja Dahir the border of Sindh touch Southern Kashmir which make one believe that in ancient times Sindhis & Kashmiri might had a very close relationships.




Till 1947 Hindus could not convince Muslims to agree of Khojki or Khudabadi scripts. One prime reason being that Muslim always see any Indian brahmni based scripts as “Hindu” Scripts. It was even difficult in Sindh considering that Muslims had been using a form of corrupted Arabic- Persion Script. Although not perfect the script had a large following and it was unlikely that they would have accepted. The Socio-Political conditions in British Sindh too did not support such acceptance considering that in Sindhs Muslims as community drifted towards what is referred as their Arabic roots.

A close analysis of Landa script had a remarkable feature in Sindh & Punjab. Both the flavors might have a common origin but when it came to

development have been on different angles. Another major difference has been the case of Gurumukhi. Which Sikhs in Punjab transformed Punjabi Landa into Gurmulki, in Sindh Landa remain in the first stage and could not proceed much. Incidentally in Northern Sindh Gurumukhi was even used to Write Sindhi. Popularity of Gurumukhi in writing Sindhi was such that even Capt. George Stack even considered as to be more adaptable to Sindhi words than Devanagri. However surprisingly it may seem but Sindhis never used their version of Landa but were open to the use of Punjabi Landa aka Gurumukhi

A close analysis of Landa (both of Sindh & Punjab), Takri and Sharda shows remarkable similarity between the scripts which re-established the fact that Sindh, Punjab & Kashmir including Jammu & Himachal Pradesh shows close proximity to with each other and significantly it reinforces the belief that Both Sindhi script (Warenki) and Gurumukhi might have a common ancestry in Sharda.

Takri-Gurumukhi- Landa comparision

In Sindh Warenki (or Khojki) could not make any return to glorious days. Some linguistic believe it could never been possible though. Majority Muslim Sindh would never have accepted any Brahmni based script. Needless to say even if British had accepted Warenki or Devanagari Script as an official script of Sindhi Language, there was a real likelihood of Muslims in Sindh of accepting Urdu (considered de-facto language of Muslims in British days) as sole official Language of Sindh just as Muslims did in Pre-Partition Punjab & Kashmir.

For the Hindus in Sindh they hardly any other choice then to accept a modified Persio-Arabic script for Sindhi. Had they not accepted there was near certain likelihood that Sindhi language would have suffered in Sindh massively but Sindhi Hindus made huge blunders in India by insisting upon Arabic script as the official script of Sindhi Language. Post migration Sindhis got a excellent opportunity to clean up the mess regarding the script but internal divisions among sindhis in the name of Scripts insured that they lost the opportunity. The irony is that sindhis fought among themselves on the scripts viz Arabic & Devanagari while their own indigenous languished in the sidelines.

While Hindu Sindhis got entangled in an Pitch battle there was an parallel movement to revive Khudabadi Script as the sole script of Sindhis in India. Pandit Kishan chand Jetley of Pune not only devoted himself for the propagation of Waranki script and had devoted both time and effort to remove the imbalances in terms of vowel errors in Warenki/Khudabadi Script. He was the pioneer in equating Warenki script to that of Script of Harrapa & Mohen-jo-daro . One may recall the fact that Mohen Jo Daro script having some sort of link with the ancient Brahmi Script have been collaborated by well know linguistic Mr Suniti Kumar Chatterjee.




Pandi Kishan Chand Jetley Script



Pandi Kishan Chand Jetley Script

Had Sindhi Hindu community accepted either Khudabadi or even Khojki it would have said goodbye to all wangling on the script issue. Sindhis could have put to rest the issue of script controversies and more significantly it would provided very clear direction to its younger

generation the way to go and an understanding to feel their roots. But unfortunately that never materialized and conclusively insured that Sindhis younger generation continue have to drag on with a legacy (Arabic Script) which most feel has been thrust upon them. One may say Sindhi community last a golden opportunity to clear the mess created by 1300 years of Islamic Rule ever since the fall of Sindh to Arab Muslim Invaders.

Contrary to the popular belief among many Devanagari sympathizers, Devanagari was never used for writing Sindhi till the advent of British. Despite the fact that Hindus in Sindh were well aware of Devanagari Script. Devanagari in Sindh till the advent of British always considered a script exclusively for reading Hindu religious scriptures. Writings of Hindu scriptures in Vernacular Sindhi started late after the advent of British and an end of Islamic rule in Sindh.

By the time British occupied Sindh most of the British officers were fully aware of Devanagari. Both Earnest Trump & George Stack wrote in Devanagari and promoted it too. Incidentally among the various script employed for Sindhi Devanagari need just to add for additional four letters peculiar to express Sindhi Sounds. Sindhi being the genuine daughter of Prakarit/Sanskrik hardly needs any major changes to write Sindhi. However it is the strive of separate identity of the scripts that had prompted many and continue to promote Khudabadi script as has the base of Gujarati and Gurumukhi languages these days.

Unfortunately there had been a Indian Sindhi reluctance in embracing their roots when it comes to Script. Ever since the script crysis way back in 1843 with the advent of British both Hindus and Muslims tend to pick up already know script which implied that neither Arabic nor Devanagri could permanently settle the script issue once for all. In the last 65 years which Sindhi Arabic users in India have gone down rapidly there haven't been the Prosponal rise of Devanagri users which implies that never generation have been avoiding Sindhi to a great extent although Devanagri remains a popular script among Hindu Sindhis in India.

To counter the rapid rise of Devanagri Sindhi yet another script is put forward & promoted bya group of Sindhi writers who previously being the vocal critic of Devanagri Sindhi. There had been some well-orchestrated programmes to Promote Sindhis in Roman Script citing the reason that Sindhis stay in more than 60 countries although India is the only country where Sindhi is recognized an officially language. This despite the fact that such attempt among migrated Kashmini Pundits have failed miserably. In fact in India none of the attempt of writing any Indian Language every succeeded the reason being that Roman characters are largely considered unfit for expressing Sanskrit based words in Indian Language.!!!

Fortunately the case of Warenki is not lost. With Unicode giving a new life to vernacular Languages world-wide significant work had been

done in almost forgotten South Asian Script by Angshuman Pandey. Both the Sindhi scripts of Khudabadi & Khojki have made significant progress in their pursuit of being eventually coded for Unicode. The coding once eventually implemented is likely to give a new lease of life and will bring up the issue invariable.

If Sindhi Language has to survive among Hindu Sindhis then the script tangle has to be resolved. Languages don’t survive with multiple scripts. Multiple scripts among to close kit communities creates confusions which ultimately leads to confused new users/ generation and that is what invariably happened to Sindhi. Among the various scripts being used for Sindhi only Khudabadi or for that matter Khojki enjoys the distinction of not only expressing all the sindhi sounds in its original form but provide a sense of distinct Sindhi identify who no other scripts but the question remains for Sindhis in India and abroad is are we ready to take the plunge ??